شاه سائين جو رسالو

ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل رسالي ۾ بيتن تي شامل پهرين اليڪٽرانڪ انٽرنيٽ ايڊيشن

ترتيب ۽ پيشڪش

عبدالماجد ڀرڳڙي

13 نومبر 2004

ٻانهن ٻيلي ۽ مددگار

احمد چنڊ

شاهنواز سومرو

محمد حبيب سنائي

عبدالرحيم نظاماڻي

فقير اسلح علي قلباڻي

عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ڀرڙو

---

majidbhurgri@yahoo.com

عرض حال

الحمدلله شاه سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ ۽ ورلڊ وائيڊ ويب تي اليڪٽرانڪ اشاعت جو ڪم، جيڪو مون چند مهينا اڳ شروع ڪيو هو، سو ڏٽي جي ٻاجه، شاه سائين جي روحاني فيض، بزرگن، وڏڙن ۽ گهٽگهرن جي دعائن، ۽ ٻانهن ٻيلين جي همت ۽ محنت سان پائيهٔ تڪميل کي رسيو.

مون اڄ کان سترهن سال اڳ سن 1987ع ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سلسلي ۾ ڪم شروع ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ پهريون پيرو سنڌي ڊيسڪ ٽاپ پبلشنگ وجود ۾ آئي ۽ اخبارون، ڪتاب، رسالا ايپل جي مئڪنٽوش ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ۽ ٽائيپسيٽ ٿيڻ لڳا. سال 2001ع ۾ مون سنڌي کي ونڊوز ۾ يونيڪوڊ جي انٽرنيشنل معيار موجب آندو ۽ انهي کي پوءِ مون سنڌي جي

انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي استعمال ۽ ترويج (واڌاري) لاءِ وِتَ آهر پئي ڪوشش ورتي آهي. مونکي پنهنجي هن ٻن ڏهاڪن تي محيط ڪوشش ۽ محنت جو ڪجھ اجورو شروع ۾ ان خوشي جي روپ ۾ مليو، جڏهن مون اخبارون ۽ ڪتاب ڪمپيوٽر ذريعي ڪمپوز ٿي شائع ٿيندي ڏٺا. پر مونکي مڪمل اجورو اڄ مليو آهي جڏهن شاه سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ تي هي اليڪٽرانڪ اشاعت ممڪن ٿي آهي.

پوين چند مهينن دؤران، شاه سائينءَ جي بيتن جي اينٽري ڪندي، ۽ دوستن جي ڪيل اينٽري جي پروف ريڊنگ ڪندي، مونکي سائينءَ جي ڪلام جي مطالعي جو موقعو مليو. مان ان سعادت جو مُلهه بيان نه ٿو ڪري سگهان. سائينءَ جي ان سٽ، "جي تو بيت ڀانيا..."، جي لفظي نه بلڪ معنوي مطلب جي هلڪي چاشني جيڪا مون کي چکڻ لاءِ ملي، اها ئي منهنجي محنت جو وڏي ۾ وڏو ثمر آهي. سندن ڪلام دانش ۽ ڏاهپ جو هڪ املهه خزانو آهي ۽ اها اسان جي وڏي بدنصيبي آهي جو ان جي هوندي به اڻهوندا آهيون.

جيئن ته هي اليڪٽرانڪ ايڊيشن ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل شاه سائين جي رسالي جي آڌار تي جوڙيو ويو آهي، تنهنڪري ان ۾ سائينءَ جا سڀ بيت شامل نه آهن. انهي ايڊيشن جي استعمال جو مکيه سبب هي هو ته مون وٽ آمريڪا ۾ ٻيو ڪو غلطين کان آجو ڇاپو ڪو نه هو ۽ مون پاڻ ۾ ايتري اهليت ڪانه پئي ڀانئي جو ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي مستند ايڊيشن (جيڪو ٻيو واحد ڇاپو مون وٽ هو) جيڪو سنڌ ثقافتي اداري ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڇپرايو هو، ان ۾ موجود بيشمار غلطين کي درست ڪري سگهان. ان ڪري مون اهو ئي فيصلو ڪيو ته في الحال مختصر ايڊيشن سان ئي سهي ابتدا ته ڪجي ۽ پوءِ اڳتي هلي ان ۾ واڌارو آڻي سڀ شعر شامل ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي مستند ايڊيشن کي انٽرنيٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪبي.

هن رسالي جي سموري اينٽري اهڙن دوستن ڪئي آهي، جن جو (هڪ يا ٻن کي ڇڏي) پيشو ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ نه آهي. پر انهن ايتري نه محبت ۽ محنت سان اينٽري ڪئي آهي جو غلطين جو امڪان تمام گهٽ رهيو آهي. مون پنهنجي طرفان انهن جي پروف ريڊنگ ۽ غلطين دور ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، پر ته به غلطين جو امڪان پنهنجي جاءِ ته آهي. ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا: آڏواڻي صاحب جي غلطي، جنهن ڇاپي کي مون استعمال ڪيو آهي ان جي ڪمپوز ڪرڻ وارڻ جي غلطي، ۽ اينٽري جون اهي غلطيون جيڪي منهنجي نگاه کان رهجي ويون، انهن سڀني جو امڪان ۽ احتمال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. منهنجي سڀني دوستن کي

گذارش آهي ته غور سان مطالعو ڪن ۽ جيڪي به چُڪون ۽ غلطيون ڪين نظر اچن انهن جي نشاندهي ڪن تاڪِ انهن کي درست ڪيو وڃي.
مون هن رسالي جي طباعت لاءِ خاص ٽائپ فيس ترتيب ڏنو آهي جنهن ۾ مون اعرابن ۽ نشانين جي بيهڪ جي لحاظ کان موزونيت تي خصوصي توجه ڏني آهي. پر ان ۾ به اوڻاين جي گنجائش رهي ٿي جن مان ڪي مڪمل طرح سان ته ڪي ڪنهن حد تائين درست ڪري سگهجن ٿيون. ان لاءِ به اوهان دوستن جي راءِ ۽ مشورن جي لاءِ مون کي انتظار رهندو. توهان هن رسالي جا ڪجهه صفحا ليزر پرنٽر تي پرنٽ ڪري ۽ ٽائپ فيس جي باري ۾ پنهنجي رايي کان مطلع فرمائيندا.
هن رسالي جي انٽرنيٽ تي اشاعت هڪ خواب ئي رهي ها جيڪڏهن دوست هن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي رسالي جي اينٽري جي اينٽري ۾ منهنجي مدد نه ڪن ها. ٽيهن مان ٽي سر مون اينٽر ڪيا، باقي ستاويهه سُر انهن دوستن جي مهرباني سان مڪمل ٿيا. سڀني کان وڌيڪ مان محترم احمد چنڊ صاحب جو ٿورائتو آهيان جنهن رسالي جو تقريباً اڌ حصو اڪيلي سر ڪمپيوٽر تي لکيو. جن ٻين دوستن بنا اجوري جي اهو محبت جو پورهيو ڪيو ۽ جيڪي اسان سڀني جي بيشمار نيڪ تمنائن ۽ بيحساب دعائن جا حقدار آهن سي آهن:

شاهنواز سومرو صاحب

محمد حبيب سنائي صاحب

عبدالرحيم نظاماڻي صاحب

فقير اسلح علي قلباڻي صاحب

عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ڀرڙو صاحب

هن رسالي جي مواد کي استعمال ڪرڻ، ڇاپڻ، ورهائڻ وغيره جي سڀني کي اجازت عام آهي. رڳو ايترو عرض آهي ته جن محبت جو پورهيو ڪري هن رسالي کي ترتيب ڏنو آهي، انهن جا نالا يا ذڪر انهي مان حذف ڪيا يا ڪيا نه وڃن، ته جيئن پڙهندڙن وٽان انهن کي اجر دعائن جي صورت ۾ ته ملي.
هڪ ڀيرو وري آءٌ الله پاڪ جو ٿورو ادا ڪرڻ جي مُڏي ڪوشش ٿو ڪيان جنهن جي مرضي کان سواءِ هڪ پن به ڇُري نه ٿو سگهي ۽ جنهن هي قابل قدر ڪم مون هِيڻي جي نصيب ۾ لکي منهنجي هٿان ڪرايو. پٽ جي سائين، جنهن جو ڪلام مون هن ريت دنيا جي هر ڪنڊ

۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن جي فيض جي شامل حال هجڻ جي اها نشاني آهي ته اهو ڪم ممڪن ٿيو. هن ڪم جي پايه تڪميل تي پهچڻ لاءِ مان پنهنجي والدين جو بيحد شڪرگذار آهيان ڇا لاءِ ته سندن دعائن کان بغير مان ڪجهه به نه آهيان ۽ نه ئي مان ڪجهه ڪري سگهڻ جو اهل آهيان. مان پنهنجي اهليه ۽ پنهنجي ٻارن جو به شڪرگذار آهيان جن منهنجي هر لمحي تي همت افزائي ڪئي ۽ مون کي اهڙو ماحول مهيا ڪيو جنهن ۾ هي سڀ ممڪن بڻيو. مان پنهنجي پٽن عبدالمصور، عبدالباسط ۽ عبدالباري جو ذڪر جيڪڏهن نه ڪيان ته شڪرادائي نامڪمل رهجي ويندي. مان وڏي نصيب ۽ ڀاڳ وارو آهيان جنهن کي الله تعالىٰ اهڙي اولاد عطا فرمائي آهي. منهنجن پٽن مونکي هر قسم جي مالي فڪر ۽ ڳڻتي کان نه رڳو آجو ڪيو، بلڪ مون تي بار وڌائڻ نه ڪا نوڪري ڪرڻ جي بجائي اهو ڪم ڪيان جيڪو منهنجو من ٿو چاهي. جيڪڏهن غم روزگار، نوڪري يا ڪاروبار جا جهميلا هجن ها ته پوءِ به شايد هي ڪم مون کان نه ٿي سگهي ها. ان چوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي ته انهن اهي سڀ وسائل به مونکي مهيا ڪري ڏنا جيڪي هن ڪم لاءِ گهربل هئا. منهنجي روئين روئين مان انهن لاءِ دعا ٿي نڪري.

ناچيز

عبدالماجد ڀرڳڙي

14 نومبر 2004

- سر ڪلياڻ
- سر يمن ڪلياڻ
- سر کنيات
- سر سريراڳ
- سر سامونڊي
- سر سهڻي
- سر سسئي آبري
- سر معذوري
- سر ديسي
- سر ڪوهياري
- سر حسيني
- سر ليلا چنيسر
- سر مومل راڻو
- سر مارئي
- سر ڪاموڏ
- سر گهاتو
- سر سورٺ
- سر ڪيڏارو
- سر سارنگ
- سر آسا
- سر رپ
- سر کاهوڙي
- سر بروو سنڌي
- سر رامڪلي
- سر ڪاپائتي
- سر پورب
- سر ڪارايل
- سر پرڀاتي
- سر ڏهر
- سر بلاول

سُر ڪلياڻ

داستان پهريون

سا راه هڪ ڏٺيءَ جي جڳائي، جو ٻنهي جهانن جو والي آهي ۽ جنهنجو ثاني ٻيو ڪو بہ نہ آهي. جي سندس هيڪڙائيءَ کي مڃن ٿا، سي ڪڏهن بہ راه تان ٿڙن نہ ٿا ۽ ڪين ڪو بہ ڏک نہ ٿو رسي. سچي ڄاڻ وارا صاحب هميشہ سن ۾ ٿا گهارين ۽ سارو وقت روحاني ديس جو سير پيا ڪن. کٽڻ ۽ هارائڻ جو هنڌ هيءَ دنيا ئي آهي. هتي ئي "جنت جو جام" حاصل ڪري ٿو سگهجي. هيءَ سموري ڪثرت (گهڻائي) هيڪڙائيءَ مان پيدا ٿي آهي. هي سمورو مانداڻ هڪ محل آهي، جنهن کي سهسين دريون آهن. دريءَ دريءَ مان هڪ ئي دلبر جو ديدار ٿو پسجي. هو نہ عاشق، نہ معشوق، نہ خالق، نہ مخلوق. پاڻ سونهن جو سر آهي ۽ پنهنجي حسن تي پاڻ حيران آهي.

1

اَول الله عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديمُ؛
والي، واحِدُ، وَحْدَہٗ، رازق، رَبُّ رَحِيمُ؛
سو سا راه سچو ڌڻي، چئِي حَمدُ حَڪِيمُ؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

2

وَحْدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، جن اُتوسين ايمانَ؛
تن مڃيو مُحَمَّدُ ڪارَڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمان، اَوَتڙِ ڪنهن نہ اوليا.

3

اَوَتڙَ ڪنهن نہ اوليا، سُتَڙِ ويا سالِمَ؛
هيڪائي هيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ؛
بي بها بالِمَ، آگي ڪيا اَڳِهِين.

4

آگي ڪيا اڳهين، نسوروئي نُور ؛
لَا خَوفٌ عَلَيهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ، سچن ڪونهي سُور؛
مولي ڪيو معمُور ، انگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

5

وَحۡدَهٗ جي وِڍيا ، اِلَا الله سين اورِينِ؛
هِنيون حقيقت گڏيو، طريقت تورِينِ؛
معرفت جي ماٿ سين، ڏيساندَرُ ڏورِينِ؛
سُک نہ سُتا ڪڏهين، ويهي نہ ووڙِينِ؛
ڪُلَهِنئُون ڪورِينِ، عاشق عَبۡدُاللَطِيفُ چئي.

6

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا ؛
ڪہ تو ڪنين سُئا ، جي گهَٽَ اَندر گهوڙا ؛
ڳا ڙيندين ڳوڙها ، جت شاهد ٿِيندءِ سامُهان.

7

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، اِهو وِهائج وِيُّ؛
ڪَٿين جي ها رائين، هند تُنهنجو هِيُّ؛
پاٽان چوندُءِ پِيُّ، پري جام جَنَّت جو.

8

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، اِيُ هيڪڙائيءَ حَقُّ؛
ٻيائي ڪي ٻَکُ، جن وڌو، سي ورِسيا .

9

سِرُ ڏُونديان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڏُونديان، سِرُ ناهِ؛
هَٿَ ڪَرائُون آگريون، ويا ڪپجي ڪانِهہ؛
وحدت جي وِهاڻءِ، جي ويا ، سي وِڍيا .

10

عاشق چؤ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چؤ معشوق؛
خالق چؤ مَ خام تون، مَ ڪِي چؤ مخلوق؛
سَلِج تنهن سُلوڪ، جو ناقِصئا نِگيو.

11

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُّ؛
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءِ ٻيءِ مَ ڀُلُ؛
هُو هُلاچو هُل، باالله سندو سچڻين.

12

پاڻهِين جَلَّ جَلَالَہٗ، پاڻهِين جانِ جمالُ؛
پاڻهِين صورت پرينءَ جي، پاڻهِين حُسن ڪمالُ؛
پاڻهِين پِر مُريد ٿئي، پاڻهِين پاڻَ خيالُ؛
سڀ سڀوئي حالُ، منجهان هي معلوم ٿئي.

13

پاڻهِين پسي پاڻکي، پاڻهِين محبوب؛
پاڻهِين خلقي خُوب، پاڻهِين طالب تن جو.

14

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهين؛
هُئا اِڪِهين گڏ، ٻُڌڻ مِ ٻہ ٿيا.

15

ايڪ قَصرُ، دَرَ لکَ، ڪوڙين ڪِڙِس ٻُڙکيون؛
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهُون.

16

ڪوڙين ڪاياءُون تُنهنجيون، لِکن لکَ هزارَ؛
جِيءُ سيڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ؛
پِريمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

وائي

سيڪا پريان ڪُون پُوڄي؛
نينهن نيڻين، ڳُڻُ ڳالهه وو.
جا چِتائِ چِتَ ۾، سڄڻ سا ٿو ٻُجهي؛
لات جا لَطِيفُ جي، سَڏُ تنهنجو سُڄي.

داستان ٻيو

پرينءَ وٽ نيٺ پريمِ جي اگهائي اگهي ٿي. ويڄن جون سُٽيون، پيڄون ۽ ڏِپ هن اگهائيءَ ۾ ڪو به اثر نه ٿا ڪن. عاشقن لاءِ سُوري سينگار آهي ۽ مرڻ مشاهدو. جنکي سچي شراب جي طلب آهي، تن کي پنهنجو سر ڪلال جي هٽ تي وڍائڻو آهي. جن سچي شراب جي سُرڪي، سِر جي عيوض ملي ته به سستي ڇَٽِي. هي هڏو ۽ چم، پرينءَ جي جي پِڪ برابر به نه آهي. سپرينءَ سان گڏ هڪ ساعت گهارڻ سؤ سرن کان به مٿي آهي. سڪڻ جي معنيٰ ئي آهي سر ڏيڻ. هي بي بها شراب لڪئي سان ٿو ملي، نه سر ڏيڻ سان.

1

اگهي اگهائي، رَنجُ پِريان کي رسيو؛
چَڪيمِ چڱائي، سورانگهي سُورِيءَ تان.

2

انڌا اُونڌا ويڄَ! ڪَلَ ڪُجا ڙيا ڪانئين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيا رِئين پيڄَ؟
سُورِي جنِين سيڄَ، مرڻ تي مُشاهِدو.

3

سُوري آهِ سينگار، اڳِهين عاشقن جو؛
مُڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿيا نِظاري نِروارُ؛
ڪُسڻَ جو قَرارُ، اصل عاشقن کي.

4

سُوريءَ مٿي سيڻَ، ڪهڙي ليکي سَنَرا ؟

جيلَه لڳا نيڻَ، تي سُوريائِي سيجَ ٿي.

5

سُوريءَ تي سَؤ وارَ، ڏِها ڙيو چَنگ چڙهين؛

جِمَ وِرچي چڙئين، سِڪڻ جي پَچارَ؛

پِرت نہ پسِين پارَ، نيهن جِئان ئي نِڱيو.

6

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو؛

ڏُکُ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واجَڻَ جئَن وَڄاءِ؛

سِيخن ماهُ پَچاءِ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهنَ جو.

7

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳنُ وڍيند ڙَ هٿ ۾؛

پَسيو پَرِ عجيب جي، لِڇيو وڃي لوهُ؛

عاشقن اندوه، سدا معشوقن جو.

8

ڪاتِي تکي مَ ٿئي، مَرُ مُنيائِي هوءِ؛

مانَ وِر مَن توءِ، مُون پِريان جا هٿڙا.

9

اڳيان اَڏِن وَٽِ، پوين سِر سنباها؛

ڪات نہ پوين قبولَ ۾، مَڇُڻ پائين گهَٽِ؛

مٿا مُهايَن جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟

ڪلالڪي هَٽِ، ڪُسڻ جو ڪوپُ وَهي.

10

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالن ڪاتي؛

لاهي رک، لَطِيفُ چئي، مٿو وَٽِ ماٽي؛
تک ڏيئي ڀِڪَ پِيُ تون، منجهان گهوٽ! گهاٽي؛
جو وَرَنهَ وِهاٽي، سو سِر وَٽ سَرو سهانگو.

11

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جي، ته وڃُ ڪلالڪي ڪُوءِ؛
مَهيسَر جي مَنڌَ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ؛
جان رمز پروڙيمِ روءِ، تان سِرَ وَٽِ سُرڪِي سَڳُئي.

12

ناڻي ناهِ ڪَڪُوهُ، ڪي مله مهانگو مَنڌُ؛
سَنباهج، سيّد چئي، ڪاڻڻ ڪارڻ ڪَنڌُ؛
هِيُ تنِين جو هنڌُ، مَن پاسِ مَرَنِ جي.

13

عاشَق زهر پِياڪَ، وِهُ ڏسِي وِهُسَنِ گهڻو؛
ڪڙي ۽ قاتلَ جا، هميشه هيراڪَ؛
لڱين لنؤ، لَطِيفُ چئي، فَنا ڪيا فِراقَ؛
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، ته ٻه آهَ نه سَلِن عامَ کي.

14

مَ ڪَرِ سَڌَ سَري جي، جي تون ٿا رِئين ٿُوهُ؛
پِتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڳُن رُوحَ؛
ڪاٽي چَکُ ڪڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

15

سَڌَ ڙِيا شراب جون، ڪُهُ پَچا رُون ڪنِّ؟
حُه ڪاتَ ڪَلالِن ڪيا، ته موٽيو پوءِ وجنِّ؛
پِڪُون سي پِينِّ، سِرَ جن جا سَٿِ ۾.

16

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوهَ جنين جا ڏيکِ ۾؛
سي مَرُ ڪن پَچارَ، حاضر جن جي هَٿ ۾.

17

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانڍڻُ ڪمُ؛
سَؤ سِسِنئان اڳرو، سَندو دوسان دمُ؛
هِيُ هڏو ۽ چمُ، پِڪَ پِريان جِيَ نہ پَڙي.

18

جي مٿي وٺِ مِڙَنِ، تہ سِپڪنهن سَڌَ ٿئي؛
سِرَ ڏني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِئن اچنِ؛
لذا تي لِيَنِ، مُلهِ مَهانگا سُپرِينِ.

19

مُلهہ مَهانگو قَطرو، سِڪَڻُ شَهادت؛
اَسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پِرِيَنِ جو.

وائي

مَنڌُ پئندي مون، ساجَنُ سهي سُڃاتو؛
پِي پيالو عِشقَ جو، سِپڪِي سمجهيو سُون؛
پِريان سندي پارَ جِي، اَندرِ آڳَ اَٿُون؛
جِئڻُ ناهي جَڳَ ۾، ڏينهن مِڙيئي ڏُون؛
اَلا، عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، آهين تُون ئي تُون.

داستان ٽيون

1

اُٿياري اٿي وِيا، مَنجهان مُون آزارَ؛
حبيبَ ئي هِٽي ويا، پِيڙا جا پَچارَ؛

طَبيبَن تَنوارَ، هَڏِ نہ وڻي هاڻِ مون.

2

اَورِ ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪري، تنهنکي ڪو طَبيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساڻِرَ صِحتَ سُپرِين.

3

ساڻِرَ صِحتَ سُپرِين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪوٺِيندي قَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هڻي، جنهن سين ٿئي يارُ؛
صاحِبُ رَبُّ ستّارُ، سوجهي رَڳُون ساهَ جون.

4

رَڳُون ٿيون رباب، وَڃَنِ ويلَ سَيَڪَنهِين؛
لُڇڻُ ڪُڇڻُ نہ ٿِيو، جانِبُ ري جَبابُ؛
سوئِي سَندِيندُم سُپرِين، ڪَيسِ جنهن ڪَبابُ؛
سوئِي عينُ عَذابُ، سوئِي راحَتَ رُوحَ جي.

5

سوئِي راهَ رَدِّ ڪري، سوئي رَهَنُماءُ؛
وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ، وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ.

6

سِڪِين ڪُه سَلامَ کي، ڪَرِين ڪه نہ سَلامُ ؟
بِيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنِين ديکيو.

7

مِنايان مِنو گهڻو، ڪَڙو ناه ڪَلامُ؛
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

8

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِنائي؛
ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چيتُ ڪري.

9

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
’فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ‘، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

10

پا ٻوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين؛
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ، چَيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

11

پا ٻوهِيو پُڇَنِّ، ڪِٿي هَٿُ حَبِيبَ جو؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي پاڻُ نہ ڪَنِّ؛
عاشِقَ اَجَلَ سامُهان، اوچي ڳاٽ اَچَنِّ؛
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِّ، مَرَڻُ تَنِّ مُشاهِدو.

12

ڪوني ڪُهي سُپِرين، ڪوني ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

13

ڪونڻُ قَرِيبَنَ جو، عينُ تَڙَڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهَڙِي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، چِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.

14

ڪُهَنِّ تان ڪَرَ لَهَنِ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنِّ؛

سيئِي ماءِ! مُهَنِّ، سيئي راحتَ رُوحَ جِي.

15

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوني سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

وائي

ٿيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو؛
ٻُڪِي ڏيندُمِ ٻاجَهه جِي، اَڇِي شالَ عجيبُ؛
پِرِين اچي پاڻَ ڪِيو، سندو غورُ غريبَ؛
ڏُکندو سپوئي ڏُور ڪيو، مَنجهون تَنَ طبيبَ؛
اَديُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چَئي، هاتِڪُ آهِ حبيبُ.

سُر يمن ڪلياڻ

داستان پهريون

1

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

2

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

3

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ کڻِي، ٻَنگان لِهي ٻاڻُ؛
ماڳِهِين مون مِنهُن ٿِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ؛

اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

4

جِت حبيبَ هَٽِن، نائُڪَ پَري نِينهن جِي؛
تِتي طبيبن، وِجا وجي وِسري.

5

هَٽِين جي حبيبَ! محبتِي مَيا ڪري؛
پُڇان ڪينَ طبيبَ، هوند گھائَن سين ٿِي گھا رِيان.

6

ڪانا رِيا ڪُٽِڪَنِ، جنِين لوهُ لِڳَنِ مِ؛
محبتَ جي ميدانَ مِ، پيا لالَ لُڇَنِ؛
پاڻَهِين ٻَڌنِ پَٽيُون، پاڻَهِين چِڪِيا ڪَنِ؛
وَٺان واڍوڙِيَنِ، رهِي اَچجي راتڙِي.

7

رهي اَچجي راتِڙِي، تن واڍوڙِينِ وَٽاءَ؛
جن کي سورُ سريرَ مِ، گھَٽَ مَنجها ران گھاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڻهين ٻَڌنِ پَٽيُون.

8

اَڄُ پڻ ڪَنجهو ڪَنجَهه، واڍوڙَڪِيءَ مَنهِينءَ؛
جهُ پڻ پِيئَنِ سَنجَهه، هُو پِنيُون هُو پَٽيُون.

9

سَگَهِن سُڌِ نه سُورَ جِي، گھايَلَ ڪيئَن گھا رِينِ؛
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نه وارِينِ؛
پَرِ مِ پَچَنِ پِرينءَ لَئي، هَئي! هَنجُون ها رِينِ؛
سَجَڻُ جي سا رِينِ، تن رويو وِهامي راتڙِي.

10

سَگَهنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، ٿا رُنڪَن رَنجُوري؛
پِيا آهن پَٽَ ۾، مَٿِن مامُوري؛
لڳين لَنؤ، لَطِيفُ چَئَي، سَدا جِي سُوري؛
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامي راتڙي.

11

آيَلِ! اُنِ نہ وِسَهان، هَنجُون جي ها رِينِ؛
آٽيو آبُ اَکِنِ ۾، ڏيھ کي ڏيکا رِينِ؛
سَڄَڻُ جي سا رِينِ، سي نڪي روئَن نہ چون ڪِي.

وائي

وِرسِيا وِيجَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پِرينِ جو؛
اُٺِيو ويڄا! مَ وهو، وَجو ڏَبَ کَٽِي؛
ٻُڪي ڏيندا ٻاجَھ جي، آيا سُورَ ڏَٽِي؛
آيا جيءَ جِيارا، دِل ۾ دَردُ پِرِينِ جو.

داستان پهريون

1

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
ساندِ پنهنجا ڏَبَڙا، کَڏَ کَٽِي ۾ پُون؛
ڪانَ گُھرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.

2

ويڄنِ سين وائِيءَ پِيا، ڪِري نہ ڪيائون؛
جي پَندِ پا ريائُون، تہ سِگهائي سَگها ٿِيا.

3

آهي گَهٽو اگَهنِ جو، تَرسُ طبيبنِّ؛

ڪيو وَسُ ويجنِّ، تان ڪِريءَ ري ڪينَ ٿئي.

4

پا ڙي ويجَ هُئام، تان مون مُور نہ پُڇيا؛
تيلاهين پيام، مورَيسرَ اکين ۾.

5

ها رِيا! تو هِرِي، ڪُپَڄُ ڪايا سين ڪيو؛
ڪَرِئين جي ڪِرِي، تہ تون تَوانو ٿئين.

6

جي پائين پِرِينءَ مِڙان، تہ سِڪُ چوران ڪِي ذاتِ؛
جاڳڻُ جَشَنُ جن ڪي، سُڪُ نہ ساري راتِ؛
اُجِهي ٻُجِهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ؛
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، بيان ڪَنِ نہ باتِ؛
توڙي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳِي سَلَنِ ڪينَ ڪِي.

9

تڙپي طبيبنِّ، گهايَلُ گَهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِّ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَئي ٺارُ ٺَپَنِّ؛
وِرِچيو ويجَ وَجنِّ، آءُ تہ پِريَمِ! اُبهان.

8

وَڍي جَنِ وِڍياسِ، وَري ويجَ ئي سي ٿِيا؛
ٽُرتُ ٻَڌائُون پَٽيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿئين.

9

ويجَ! مَ ٻُڪِي ڏي! اَلا چَڱِي مَ ٿِيان!
سَجَڻُ مانَ اَچي، ڪَرَ لاهُو ٿِي ڪَڍِهين.

10

هُئَين نہ ويڄنِ وَٽِ، تون ڪِئَن جِيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏِيئي مِ سَٽِ، ڪُھہ نہ ڪَيءِ ڏِٻَرِا؟

11

ڪُنِيس ڪُويڄَنِّ، تَنَ طبيبَ نہ گڏِيا؛
ڏِيئي ڏنپَ ڏَڏَنِّ، پاٽان ڏِيلُ ڏکوئيو.

12

تَرسُ طبيبنِّ جو، جَڏَنِ ڪيو نہ جاتِ؛
جو ويڄنِ جي واتِ، دارُونئان تنهن دُور ٿِيا.

13

دارُون ءِ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويڄَ مون؛
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجَھ جِي، نِھاري نا ڙُون؛
جن جون سيڄَ لَهِنِ سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.

14

اَگَھن مِڙِي اَجُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ کي؛
ڏُور، ڏُکندا! ڀَڄُ، مِھريءَ مُنھن ڏيکاريو.

وائي

اَچِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ تُمَاري آئُون ماري!
سُورَ تُمَاري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ڏِٻَنِ پَرِي هَٿَڙا، دارُون، دوست! ڪَريجِ.

داستان ٿيون

1

هَيءِ هَيءِ! وَهي هاءِ، مَنَ مِ محبوبنِ جِي!

جيرا جوشَ جَلائيا ، ٻُڪين ٻَري باهِ!
پَسو مَچَ مَٿاءِ ، جي ويساهَ نہ وِسَهو!

2

ڪاندين ٿاندين ٻاٻُرين، پَچان مَرُ پيئي!
جيرا ، جِگر، ٻُڪِيُون، سيخُنِ ۾ ٽيئي!
ويڃَنِئُون ويئي، ٿِي وهِيِڙي سَڄَڻين!

3

سَرُ جو سَچِيو سَڄَڻين، ٻيهَرَ ٻاڻُ پَري؛
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري؛
جيرا ، جِگر، ٻُڪِيُون، لنگهي پِيو پَري؛
لِڱو جِيءَ جَڙي، تاڻِيان، تِيرُ نہ نِڪري!

4

پُڇُ پَتنگَنِ کي، سنڌِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون؛
آڻِيو وجَهنِ آڳِ ۾، جِيءُ پَنهنجو جي؛
جيري جنِين جي، لڳا نيزا نِينهَن جا !

5

پتنگ چائين پاڻَ کي، تہ اَچي آڳِ اُجهاءِ !
پَچَڻَ گهڻا پَچائيا ، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ !
واقُف ٿِي وِساءِ ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

6

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جي، کِهڙُ تہ ٿِئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! ڪُوري خَبَر نہ لِهين!

7

پَتنگَن پَهُ ڪيو، مِڙيا مٿي مَچَّ؛

پَسِي لَهِسَ نہ لِڇيا، سَڙيا مَٿي سَچَّ؛
سندا ٻِڇين ٻَچَّ، ويچارن وڃائيا.

8

جي تَتو تَنُ تُورَ جئن، تہ چَندي سانُ چَماءِ؛
آٽي آڳِ اَدب جي، ٻاري جانِ جلاءِ؛
بُرقعان اندر ٻا زيون، پنهنجو سپ پڇاءِ؛
لُچَڻُ لنؤُ، لَطِيفُ چئي، پَڌرِ هَڏِ مَ پاءِ؛
متان لوڪ لڳاءِ، وصالان وڃ پَئي!

9

اڃا تَنُوران، ڪالهہ ڪڍيائون سچٽين؛
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وَڏان؛
محبتين مٿان، مچُ مُورائينِ نہ لهي!

10

پَچائي پَهاڻُ، جن رساٽيو رُڪَ کي؛
تنين سندو ڄاڻُ، آهي آڳِڙيِنِ کي.

11

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آڳِڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

12

ڏُوڏا! تون نہ ڏَئين! آڳِ اوڏو نہ وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سَهِين!
اُپوائِن چَئين، تہ آئون آڳِڙيو آهيان!

13

سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهرُ لهارَ جو!

ڏَڪن هيٺ ڏري، مانَ ڳَڏيئي رُڪَ سين!

14

سَهِين جئن ساندائڻ، ڏَڪن مٿي ڏَڪڙا!
وَهِ وِجائي پاڻ، ڏي ڏَيائون ڏُڱرين.

15

اَڄ آڳَڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻِي؛
پيا ري پاڻِي، تيغُون ڪندا تکيون.

16

اَڄ آڳَڙيا آئيا، سائُو ڪي سُڄاڻ؛
لاهِيندا مُورياڻَ، رُڪُ ڪَرِيندا پڌرو.

17

سَرِها ڏِنم سي، جن ساڄاءَ سِراڻِ سين؛
تيغَ تِنِين جي ڪي، ڪَٽُ نہ لِڳي ڪڏهين.

وائي

جِيءُ جيا ريو، جِيءُ جيا ريو، ڪين منهنجڙو ها ريو؛
پِرين جِيءَ پَچار، سيڻ جِيءَ سنپارَ، جَڏِڙو جِيءُ جيا ريو؛
اُجيو تن عَمِيق مان، پِرِيُن پُوڄَ پيا ريو؛
مرضُ مريضن تان، اِشارِي ساڻ اُتا ريو؛
ڪَرَمَ ڪريمن جي مون کي، اَهُڪِيءَ مان اُڪا ريو؛
سنئون مُنهن ڪري، سپرين! اَئِين نرمل نورَنها ريو؛
سائلن جِئن سڏ ڪري، اَئِين طالحن کي تا ريو.

داستان چوٿون

1

ايڪ پيالو! ٻه ڄڻا ! عشق نه ڪري اِئَن!
ليکيا جي لِکَڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن؟
هُئڻ ڪيا هِيئَن، وانجيا ، پَسُ! وِصال کان.

2

ايڪ پيالو! ٻه ڄڻا ! عشق نه ائِن ڪري!
آئِي سي ايڪ ٿيا ، جي ڳَنا نينهن ڳري؛
دوئِي ڌار ڌري، جهُ خُلّت خنجر آئيو.

3

ايڪ پيالو! ٻه ڄڻا ! عشق نه ڪري اَڌَ!
اِيَ تان، ساعر! سَڌَ ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

4

قاتلَ ڪمائِي ڪري، وَهُ ماکي جي ڪن؛
وٺان ويهِي تن، پِيئِ ڪي پياليون.

5

هوندو هَڏِ مَ سَندِ ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
پوڄَ پيارج پَنهِيڙا ، ويندا وٺيو ڪَندِ ؛
نه هَٿَ تنهنجي هندِ ، موکي! ڪو مانُ لهي.

6

هوندو هَڏِ مَ رَکُ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
وٺِي واٺا ڙئِن کي، تان پيا ري پَرَکُ؛
سا لِکَ لهي ٿي لَکُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

7

گَهٽَنِ ۾ گُهِٽَڪَنِ، وَٽيُون پِيَنِ وِهَ گاڏيُون؛
بَرخِيز بده ساقِي! پيار کي پِرِيَن؛
پِڪين نه پرچن، مٺ تڪيائون مَنجهيان.

8

آٽي اُتر واءَ، موکيءَ مٽ اُپٽيا؛

مَتارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهِيو.

9

وجهج واٽا ڙُئن تي، ميخاني جي ماڪَ؛

ٿيندي سُڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪَ؛

پِره جا پياڪَ، جُه سي اڳڙ آئيا.

10

جُه سي اڳڙ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُج؛

سائي ٿِيندين اُج، هي پِيتو! هُو آڻ ڪِي!

11

موکِي چوکِي نہ ٿئي، اصل اوچِي ذات؛

وَٽيون ڏيئي واتِ، مَتارا تنهن ما ريا.

12

مَتارا مري ويا، موکِي! تون نہ مَرِين!

ڪيهِيءَ پَرِ پَرِين، ڏُکِي! ڏاتا رن ري؟

13

مَتارا مري ويا، موکِي! تون بِي مَرُ؛

تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اُنِ ري!

16

سَري ڪين ڪيونِ، وِيڙَ موکيءَ جي ما ريا!

ڪو جو سخن ڪلال جو، پِٽي تي پيونِ!

تِهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ مَتا رنِ کي!

15

ڪَنڌ ڪَٽا رو، مُنهن وِٽِي، عادت سندين اِيَّ؛

تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ؛
سرو تن سَبِيّ، جَن حاصل ڪيو حال ڪي.

16

موڪِيءَ مَنو نہ گُهريا، وِهُ نہ وِهاتِيا؛
سُرڪِيءَ ڪاڻ، سيَّد چئي، اُتي ٿِي آئِيا؛
جي ڳالهين ڳِنگاتِيا، تن بَنَنِ پاسي ٻُنيون.

20

سِرُ ڏيئِي سَٽِ جوڙ، ڪنهن پَرِ ڪَلالن سين!
ڪاتِي ڪَرِٽُ ڪپار ۾، خَنجَرُ آڻِي ڪوڙ!
مَرٽان مُنهن مَ موڙ، وَٽِي ٿِي وڏِ لهي!

18

وَٽَ وَٽَ وٽِيءَ ۾، مَٽَ مَٽَ مَنڌُ ٻيو؛
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پِيا ڪَن پيو؛
اَچن دُرسُ دڪان تي، ڪَنڌَ قبول ڪيو؛
سُرها سِرُ ڏيو، چَکَن سُرڪَ سيَّد چئي.

19

ڪلالنئُون ڪاءِ، مَتِ نہ سِڪِين مون هِنئان!
روئندي رات وِهاءِ، چِڪائيندي ٻَنيُون!

وائي

دوسُ پيهِي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو؛
ڏِينهين پُڄاڻُون آڻِي اسان ڪي، مولِي مُحب ملايو؛
ويو وِڇوڙو، ٿيو ميلاپو، واحد واءُ واريو؛
هو جَنهِين جو ڏَسُ ڏُوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو؛
عَبۡدُاللَّطِيفُ چئي، اَچِي عجيبن پاڻ فَضلُ فرمايو.

داستان پنجون

1

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيا رَ؛
بازي بازِندنِ کي، آهي اَويسا رَ؛
پِريا سين پَهڪارَ، رِنڊِيءَ رَساڻي ڪيا.

2

صوفِيءَ سيرُ سِپن ۾، جنُ رڳن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهِڙِي، جنُ پويون پروڙي پساهه؛
آهِس اِيُ گناهه، جي ڪا ڪَري پَڌرِي.

3

ڏِني ڏُکويا، اَڻ ڏِني راضي ٿيا؛
صوفِي تي ٿيا، جنُ ڪِينَ ڪنيائون پاڻ سين.

4

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيرُ؛
منجهيان ٿِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، ٿئي تنين جو واهَرُو.

5

صوفِيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي ورق وُجُود جو؛
تِهان پوءِ ٿيو، جيئَري پسڻ پرينءَ جو.

6

صوفِي چائين، سَڌَ ڪرين! صُوفين اِيَ نه صلاحَ؛
ڪاتي رک ڪُلاهَ، وجهه اُچلي آڳ ۾.

7

جي ڪُلاهَ رکين ڪند تي، ته صوفِي سالم ٿِيءُ؛

وِه وٽي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تِنِين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

8

جُسي ۾ جَبّار جو، خَفِي خِيمو کوڙ؛
جَلِّي تون زبان سين، چار ئي پهر چور؛
فڪر سين فُرقان ۾، اِسم اعظم ڏور؛
بيا در وڃي مَ ووڙ، اِيُ اَمُلُ اِئائين سَپَجي.

9

عالَمَ آئُون ساڻ، پَريو ٿو پير ڪري؛
پاڻ نہ آهي جاڻُ، ماندِيءَ مَنڊُ پکيڙيو.

10

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي رُوءِ؛
جنِين ڏٺي جُوءِ، تني ڪُچيو ڪين ڪِي.

11

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ؛
ما ڙهُواِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنڊيو!

12

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ چيو آهي؛
تا ڙِي جي لاهي، تہ مَنجِهين مُشاهدو ٿئي.

13

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهہ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙِه اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

14

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ؛

فِڪرَ فِرَهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنِّ؛
پَنو سو پڙهنِّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

15

سا سِٽَ نہ سا رينِ، اَلف جنهن جي اڳ ۾؛
ناحَقُ نها رينِ، پنا ٻيا پِرينءَ لئِ.

16

سا سِٽَ سا ريائون، اَلف جنهن جي اڳ ۾؛
”لاَ مَقصُودَ فِي الدّارَينِ“ اِن پَرِ اُتائون؛
سَٻَڱرُ سوناٺُون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

17

اکرَ پڙهي اَپاڳِيا! قاضِي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرِئين ۾ پانئين، ايڏا اِئن نہ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پڇج عَزازِيل کي.

18

عاشق عَزازِيل، ٻيا مڙيئي سَدڙِيا؛
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.

19

جو مون پڙهيو پاڻ لَيءِ، سبقُ سابِقُ جو؛
پهرين سُجاتم پانهنجي، نفسَ جو نِهو؛
جِي عَرفانُ اَصَل ۾، ٿِي رُوحن روزَ ڪيو؛
وري وَرَقُ پيو، ڳڌِيمِ وَڌُ وصال جو.

20

پَڙهيو ٿا پڙهنَّ، ڪَڙهن ڪين قُلُوب ۾؛
پاٺان ڏوهَ چڙهنَّ، جئن وَرَقَ ورائين وِتَرا.

21

اکر پڙه اَلف جو، وَرَقَ سڀ وسار؛
اَندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

30

جئَن جئَن وَرَقَ وَرائين، تئَن تئَن ڏنو ڏوهُ؛
تنهن کَهڻيءَ ڪبو ڪوهُ؟ جي رهڻيءَ رهيو نه سُپرين.

23

ڪاتِبَ! لِکِين جئَن، لايو لامُ اَلف سين؛
اَسان سجڻُ تئَن، رهيو آهي روح ۾.

24

تهڙا چالِيها نه چالِيهَ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو؛
کهڙي ڪاتِبَ! ڪَرِئين، مٿي پنن پِيهَ؛
جي ورقَ وارِين وِيهَ، ته اکر اُهوئِي هيڪڙو.

25

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَکُ؛
ڪوه نه پُوڇيو پُوڇئين، اَنئِي پهر اَلکُ؟
تان تون پاڻُ پَرَکُ! سَيَڪَنهن ڏانهن سامهون.

26

سَيَڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالِي ناهِ؛
اَحَدا جي اَرَکَ ٿيا، سي ڪائنَرَ ڪبا ڪانهِ؟
مُحبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَجاڻَدِيءَ اُجهيو.

وائي

وِسارج مَ ويڻَ، جوين به ٿي ڏينهڙا.
لونئُون سَهَنِ لوڪ جا، وِهاڻيءَ ٿيون ويڻَ؛
اصل اَسارِيُن جا، سُتي وِيڙا سيڻَ؛

جيڏيون! جي مان وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ؛
راتڙيُون جاڳڻ جي، سي آئُون ڪند ڙي سيڻَ؛
آڏيءَ رات اُٿِي ڪري، جهل تون ننڊان نيڻَ.

داستان ڇهون

1

دائودِي ديُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ اَينگُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

2

دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي چيٺُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ سُچيٺُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

3

او قابِيلَ! اکين ۾، توکي باري بانَ؛
اُيو اگرائون ڪرين، ماڳِ هٽيو مَستانَ؛
جانبَ! تون زبانَ، اکين سين ايڏا ڪرين!

4

جي هو پائينِ ڪانُ ڪمانَ ۾، ته سينو سِپَر رکُ؛
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چڱڪا چڪُ؛
سورِي پانءِ مَ شڪُ، عاشقُ ٿِيُ ته اُهِين.

5

جي هو پائينِ ڪانُ ڪمانَ ۾، ته سينو سِپَر ڏيج؛
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿي جهليج؛
پاهان پَڳَ مَ ڏيج، عاشقُ ٿِيُ ته اُهِين.

6

پائي ڪانُ ڪمانَ ۾، ميان! مار مَ مون؛

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.

7

ڪيو چڙين ڪانُ، هَڏَ نہ هَٽائين ٿا؛
ٿيا جي نيشانُ، تہ ڦهرئين سان پورا هئا.

8

لوڙي جِت لڳوم، اُتِ اُپوئي آهيان؛
سورهُ پرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي ٻيو هَٽي!

9

محبّت جي ميدان ۾، ڪر پَڙاڏو پَٽُ؛
سِرُ سوريءَ، ڏَڙُ ڪُنگرين، متان ڪُڇين ڪَٽُ!
عشق نانگ نِپَٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

10

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سوريءَ سُپيرين جي، چَڙهُ تہ ٿئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏِن ڪي پوي.

11

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪَنسِ ڳَپرُو؛
جِيَ جُسي ۽ جانِ جِي، پڇي جو هيڪاندِ؛
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل تہ اَڏ ٿئي.

وائي

عشق تمام، بره تمام، ووا مٺن لُوني يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نُون جَهپَ نہ آوي، نيڻين نند حَرامُ؛
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيران دا ڪامُ؛
مَتِ عقلَ دي مُنجه گَئِي، آيا عشق اِمامُ.

داستان ستون

1

عاشقن اللهﷻ، ويروتا ر نہ وسري؛

آهَ ڪَرِيندي ساهُ، ڪڏهن ويندو نڪري.

2

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئن تون سَجي اڳين؛

وجي در دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙِي رُون؛

بِيَ پَرِ ڪَنهِين نہ پوَن، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

3

جان عاشقَ مٿي رَتُ، تان دعويٰ ڪري مَ نِينهن جِي؛

سائو مُنهن، سُونهن گَئي، سِڪَڻَ اِيُّ شرط؛

نَڪِي گوڏِ گَرَٿُ، مٿا سِرَ سؤدا ڪري.

4

اَجا تو منجهان، ڪَڪَ چُتي رتُ نڪري!

منهن مِ محبوبن جا، ڪئن جهلِيندي گهاءَ؟

سو تون ڪُجا ڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪرين؟

5

سِڪَڻُ ۽ سورِي، ٻئي اڪَرِ هيڪڙي؛

وِهڻُ واٽَڙِيُن تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛

ٻِنهي جِي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نہ جُڙي.

6

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، نات پَسُ سِڪندئين؛

پاسي تنين مَ لِڪُ، نِينهُن نہ سُجاڻن جي.

7

عاشقَ! معشوق جِي، وڻي ويھُ ڳَرِي؛
جِمَ وِرچِي ڇَڏئِين، سَندِي دوست دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪِي ٻاجَھ جِي، ويندءِ ٿَپَ ٺَرِي؛
اَسان تان نہ سَرِي، تون ڪِئَن سَرِي سپرين؟

8

عاشقَ! معشوقن جو، وڻي ويھ دُڪاڻَ؛
پَئَج پيش پِرِيُنِ جي، پَٽِيءَ وِجھي پاڻَ؛
نہ تون تِنِين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

9

عاشقَ! معشوق جو، وڻي ويهج گهَٽُ؛
جِمَ وِرِچِي ڇَڏئِين، موکِيءَ سندو مَٺُ؛
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيج ڪي پِيالِيُون.

وائي

سُپِيريان جي سونهن جِي، ڳالھ ڪِين وِجي؛
وڃِي دَرِ دوستن جي، سُوريءَ سِرُ هَڄِي؛
عاشقَ اَنگن چڙهيا، پيو سَيڪو پَڄِي؛
پُڇِج پوءِ پِرِيَٽُون، پهرين سِرُ سَڄِي؛
عاقِلَ ئِي اوچُون ٿيا، پورو ڪِينَ پَڄِي.

داستان اٺون

1

هَرَ هَرَ هَرائِي، وڃڻ دَرِ دوستن جي؛
پا ڙِي ڏانهن پِرِينِ جي، اُجُ مَ اَوائِي!
اَلڙُ ٿِي آڃ مَ تون، واڻا ڙُن وائِي؛

لائيندءِ، لَطِيفُ چئي، سُوران سَرهائِي؛
ڳُجهو ڳالهائِي، پِرتِ وَٽجي پاڻ ۾.

2

سُورُ جنين کي سَريو، سَرِي تن صحتَ؛
مِٺِي مصيبت، آهي عاشقنِ کي.

3

جي پيا ري پاڻَ، ته ڪَرَهو ٿِي پاڙِي پِئين؛
اڳِي اِنَ نِياڻ، اَڻَ ڪوٺيو ڪونَ گِهڙِي.

4

اَڻَ ڪِي عَيان نه ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سچِي جيهِي سونَ، منهن نه پيئي ما ڙهُوئين.

5

اَڻَ ڪِي عَيان نه ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سا سُونهِين ٿئي سونَ، اَمُرُ عطا جنهن جو.

6

چِنَنِ توءِ مَ چِنُّ، پاءِ اُميرِي اُنِ سين؛
جي اَوگڻ ڪَنِئِي، اَسُونهِين! ته تون ڳُڻان ئِي ڳِنُّ؛
پاند جهليو تون پِنُّ، هن سُونها ري سَڳَ ۾.

7

نِمي ڪَمِي نها ر تون، ڏَمَرُ ڏولائو؛
ٿِيَيءَ ساجائو، جي اُپِئين اِنهِيءَ پيرَ تي.

8

ڪَمُ! ڪَمَندنِ ڪٿيو، ها رايو هوڙَنِ؛
چڪيو نه چُوندنِ، هو جو ساءُ صبرَ جو.

9

ڪَمندَ ڙَن گھرِ ڪِين، چوَند ڙ چڱا نہ ٿيا؛
ويٺِهُون ويڌُ پَئي، هٿِ نہ اَچي ڪِين.

10

هُو چوَنئي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اَڳُ اَڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي؛
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.

11

ڪِنين ڪِينَ پِرائيو، ڪِيني منجهان ڪِين؛
جي هوءِ سَٽاڻِي سِيگ، تہ زِهَ چِني جوکو ٿئي.

12

اَڻ چَوندَنِ مَ چؤ، چَوندَن چيو وسار؛
اَنئي پھرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائي پارِ؛
پايو مُنهن مُونن ۾، غُربت ساڻ گذار؛
مُفتِي منجھ وهارِ، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.

13

جِنين سَندِيءَ "بوڏَ" ۾، پَتون پَتين "جِيُ"؛
تَنَ! تنين سين پِيُ، اوڏا اوڏي پَڪَڙا.

14

ويني جِنين وَٽِ، ڏُکَندو ڏاڍو ٿِئي؛
سا مَجِلس ئي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.

15

وَيني جِنين وَٽُ، ڏُکَندو ڏُور ٿِئي؛
تَنَ! تِنين سين ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پَڪَڙا.

وائي

يا ر سڄڻ جي فراقَ، ڙِ ڄي جيڏيُون! آئُون ما رِ ي!
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا ، مُون جيها مُشتاقَ؛
جاڻي ڪاڻي محبوبن جي، آه حُسنَ جي هاڪَ؛
سُرمو سَهِي ڪر اکين جو، خاص پِريان جي خاڪِ؛
عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشه آ حُسناڪُ.

سُر ڪنڀات

داستان پهريون

1

ڀلا ئي آهِينِ، پِرِين ڀلائيءَ پانهنجي؛
سَڀاجها سِرِ چَڙهيو، ڏوراپو نہ ڏِينِ؛
مان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَڄَڻَ سَڄاڻِن ۾.

2

تون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ ڀَسِين ٿو پِرِينءَ کي؛
آڏِتُ ڇئِج اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي؛
هيڪانڊِيءَ هوئِي، سانگُ مَ ڀوي سَڄَڻِين!

3

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرِينِ، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهِينِ روحَ ۾، نِتُ جِنِين جا نيڻَ؛
وِماسِيا جِن ويڻَ، ٿو تا رِيءَ تَڳي تِنِ هِنئون.

4

رات سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي! گُهرجي پَلُ؛
آهُرَ ۾ ايلاچِيُون، چَندَن چَرِي چَلُ؛
مون توئِي سين ڳالهِڙِي، ٻِئي ڪَنهِين مَ سَلُ؛
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرَنِ ڪي.

5

چوڏهِينءَ چَندَ! تون اُپرين، سَهسين ڪَرِئين سينگارَ؛
پَلَڪَ پِريان جي نہ پڙين، جي حِيلَنِ ڪَرِئين هَزارَ؛
جهڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

6

سهسين سِجَنِ اُڀري، چوراسِي چَندَنِ؛
بالله ري پِرينِ، سَڀَ اُونداهِي پانئِيان.

7

چَندَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان نہ پِرِيُنِ سين؛
تُون اَڇو ۾ راتِ، سَڄَڻَ نِتُ سوجِهرا.

8

چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي نہ پانئِين؛
ڪَڏهن اُپرين سَنهڙو، ڪَڏهن اُپرين ڳَچُ؛
مُنهَن ۾ ٻَرِئِي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشانِي پِرينءَ جِي.

9

ڪِٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ؛
تارا ڪَتِيُون تائب ٿيا، ديکِيندي دِلبَرُ؛
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

10

تارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَنَ! اُپرين؛
جَهڙِي تو صُبوح، تَهڙِي صافِي سَڄَڻين.

11

توڏانهن گهڻو نِها ريان، تارا! تيلاهِين؛
سَڄَڻُ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُپرين.

12

هُنَ تاري، هُنَ هَندِ ، هُتِ منهنجا سُپِرِين؛
سَڄَڻَ ماڪيءَ مَندِ ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪَڏَهِين.

13

تارا ، تِرَ ، تِروڪِڙيؤن، مَٿِن ڦُلَڙيُون؛
ڪوءِ! سي راتَڙِيُون، جي مون پِرِينءَ پُڄاڻا پيئُون.

وائي

وَهلِي وَنءُ مَ وِهامِي! رَهُ رات! رائيندس پِرِينءَ کي.
شمع ٻِينديَس شَب مِ ، اِن خوشيءِ ڪان ڪامِي؛
بابُوئن سندِي باه جِئَن، ٻَران شال اُجهامِي!
پِرتِ جا پِيتَم جِي، سا ڪِينَ پروڙي عامِي؛
مونکي مون پِرِيُن جو، آهي دَردُ دَوامِي؛
آهيان يارُ سَيَّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي؛
هُوءَ جا لَنؤُ لَطِيفُ چئي، مونکي آهي مُدامِي؛
روشَنُ ٿِيان رُجُنِ ۾ ، جي هُئان لَنؤُ اِنهيءَ لامي؛
ڪارِي سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي؛
آيم تَنهِين لوڪَ سان، جيسِين مان چوَن سامِي.

داستان ٻيو

1

ناسِيندي نِگاهَ، پهرين ڪج پِرِينِ ڏي؛
اَحوالَ عاجزن جا ، آڪِج لِڳ اللهَ؛
روزُ نِها رينِ راهَ، اکيُون اَوهانجي آسِري.

2

چَڱا چَندَ! چَئِيج، سَنِيها کي سَڄَڻِين؛
مَٿان اَڱڻ اُپِرِي، پِرِيُنِ جي پَئِيج؛

جِهيڙو ڳالهائيج، پيرين وِجهي هَنڙا.

3

اُڀرُ چَندَ! پَسُ پِرين، تو اوڏا، مُون ڏُورِ؛
سَجَڻَ سُتا وِلَهه ۾، چوٽا پَري ڪَپُورِ؛
پيرين آئُون نه پُڄِڻي، ٻاٻُل ڏِئي نه ٻُورِ؛
جنهن تي چڙهِي اَسُورِ، سَنجهي سَجَڻَ سِيٽيان.

4

ڏَٽِي! ڪَرِيندين ڪَڏهِين، حياتِيءَ هيڪانڊِ؟
مَنَ ۾ مُشتاقَنِ جيِ، ڪِي رنجائي راندِ؛
پِرِين ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجهه ڳِرهِيان ڪن سين؟

5

هِنئَڙي سَجَڻَ سا رِيا، ڪِٿي هُوندَمِ هيرَ؟
اَچِي لالَنَ! نه ڏِئين، مَٿي پَلَنگن پيرَ؟
ٿِي وِرُونهڻ ويرَ، ڳُجهه ڳِرهِيان ڪن سين؟

6

ڪَرَهو نه ڪيڪانُ، پيرين آئُون نه پُڄِڻي؛
جو مون راتِ رَساٽِي، نيئِي ساجَنَ سانُڻِ؛
مُون نه وَهِيڙو پاڻُ، وينِي نيڻَ نِچوئِيان.

7

ڪَرَها! ڪَسَرَ چَڏِ، وِڪَ وَڌَندِي پاءِ؛
منهنجو هلڻ اُتَهِين، جِتي جانِبَ جاءِ؛
توکي چَندَنُ چارِيان، ٻيو وَڳُ، لاٽِي کاءِ؛
اِئين اُٺَ! اُناءِ، جِيئَن هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

8

ڪَسَرَ چِڏ ڪَنواٺَ! وِڪُون وِجُهه وَڌَندِيُون؛
سَنئِين سُپِيرِيُنِ جِي، وِنگِي پانءِ مَ واٺَ؛

چَڏ جهورِي، ڏي جهاتَ، تہ هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

9

آٽي ٻَڌُمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪرِيُون چَري؛
ڪُڌا تُورو ڪَرَهو، لِڪيو لاٽي ڪاءِ؛
اِنَ مَئِي سندي، ماءِ! مُون کي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.

10

مَيا! مَچُ مِنٿَ، اَڄ منهنجي ڪَرَها!
جهاڳيندي جَرَ پَٽيُون، مَتان ڪَرِئِين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، مُون کي نيئِي ميڙِئِين.

11

ڳِل ڳانا ياقُوتَ جا، موتِئِنِ ڳُتيَس مالَ؛
ڪَدِيفي جِي ڪَرَها! هيدِي پايَنءِ حالَ؛
چَندَنُ چارِينءِ جالَ، جي مُون رات رَساٽِئِين.

12

مَيا! تو مَهارَ، سچِي پايان سونَ جِي؛
چارِينءِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو ميندِيءَ ڏارَ؛
سَندِي پِيَ پَچارَ، جي مُون رات رَساٽِئِين.

13

اُٺُ نہ وِجي وَڳَ سِين، چَري نہ چانگو؛
لَڳيسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، نِهوڙِيو نانگو؛
چَڏِي سِرَ سانگو، رڙهي رَندِ پِرين جي.

14

وِهي مَنجهِين وَڳَ، ڪَٿُورِيءَ ڏارَ چَري؛
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڌَرِ پَڳَ نہ لَڳَ؛
جَڳَ سِين جهڙو جَڳَ، هِنئِين سِين هُتِ چَري.

15

اَج نہ اَگِينءَ ڍارَ، ڪَرَهو جيئن ڪالھ هو؛
اَگَڻَ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ؛
جيڪُسِ مَنجھ قَطارَ، ڪا وَلِ چِنائِين وِهُ جي.

16

مَيي ماڪائي، وِڌو واتُ وَلِيُنَ کي؛
خَبَرَ ٿِي ڪيٿَ ڏَٽِيُنِ کي وِڏُوڙا واهِي؛
ڪَرَهي ڪاڪَتَ چڙِهي، وَريسِ نہ وائي؛
چانگي چَرِيائي، ويئي ويچاري وِسرِي.

17

وَٺي سيٺَ سُوَٽَ، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي؛
وَليُون واسَ وَرنيُون، پَهرِيُون مَٿي پَٽَ؛
چانگي چَٽِي چَٽَ، تہ پوءِ نہ رَهَندو پَنڌَ ري.

18

ڪَرَهي کي ڪَئِين، وِڏَمَ پَنڌَ پَلَڻَ جا؛
ليڙو لاٽِيءَ کي چَري، نِيَرَ ساڻ نَئِين؛
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ! وِجُھ سَئِين؛
اوبا هيوس اَئِين! لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

19

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مَٿان اَڪَ نہ اُلَهي!
جنهن وَلِ گھٽا وِهاٿيا، اُنَ سين آرِ لَڳياسِ؛
چوڏارِي چَندنَ وَڻَ، پَچِي پُوجَ پياسِ؛
رُئا ري رَتُ ڪَياسِ، هِنَ ڪُڏاتُوري ڪَرَهي.

20

اُٺي اَڙائِينس، چڙِيو نہ چيڪَ ٿِيو؛
ڪارايانِ، ڪِڙِيو وجِي، پَلاٽي پائِينسِ؛
ڏانوَڻِ تنهن ڏائِينسِ، جِئَن چَري ۾ چِنگھي پُٽُو.

21

ڏُو ڏَسِتي، ڏُو پيرَ، سِيني سَنگهَرَ رُڪَ جِي؛
ماءِ! مُنهنجي ڪَرَهي، تا زي ڦُلَنِ هيرَ؛
تنهن ڪامَڻَ ڪَنڌِي ڪيرَ؟ جو مُونهِين وَٽِ مَسَ رَهي!

22

ڪِنين ڪامَڻَ ڪَياءِ؟ ڪِيئَن پَنپولِئين؟ ڪَرَها!
اڪِيُنِ مَٿي اڪيا، پِڙَ ۾ پيرَ ڳَناءِ!
وَڳَ ڪِ وِسرِياءِ؟ ٻَڌو جِئَن ڳهاٽي وَهِين.

23

ڪائي نہ ڪَٿَڻهارَ، چَندَنَ جا چُوپا ڪري؛
اَگَر اوڏو نہ وَڃي، سِرڪَنڌَ لَهي نہ سارَ؛
لاڻِيءَ جي لَغارَ، مَيو مَتارو ڪيو.

24

چانگا! چَندَنُ نہ چَرِين، مَيا! پِئَين نہ موڪَ؛
اَگَر اوڏو نہ وَڃِين، ٿُڪيو ڇَڏِئين ٿوڪَ؛
لاڻِي وِچان لوڪَ، تو ڪَهڙِي اکرِ آئُڙِي؟

25

جِئان ڪوڙِ ٻہ ڪاٺيُون، پَنجين لَڳين پاءُ؛
مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِيهاٽي ڏارَ چَري.

26

لَڪِ لاڪِيڻو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏَئي ڪاهِ؛
ايلاچيون آهُرَ ۾، پُوڄَ مَيي ڪي پاءِ؛
ڪَٿ نہ ڪَندو ڪاءِ، جُہ پَلاڻيو تہ پِرِينءَ مِڙِي.

وائي 1

سَڏين سيڻَ نہ هُونِ، نِينهُن نِياپي نہ ٿِئي؛

ڪارِيءَ رات رَتَ ڦڙا، جان جان نيڻَ نہ رُونِ؛
موٽَڻ جنِين ميھڙو، پِڙَ تي سيئُي پُونِ؛
جِن مُسافر سُپِرِين، سي مَرُ رويو رُونِ.

وائي 2

توٽي تَڙِئين تُون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇڏيان!
مون کي سو مُشاھِدو، جي مُنھن نہ ڏِئين مُون؛
مُون پِيا دَرَ گھڻا نِھاريا، آھِئين تُون ئِي تُون.

سُر سريراڳ

داستان پھريون

1

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، چِتان لاھِ مَ چَرُ؛
اُنِين جا اَمُرَ، ڪَرُ تہ خالي نہ ٿِئين.

2

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، چِتَ ۾ رکِج چيتُ؛
سِڙُهُ ڏُئا ري صافُ ڪر، صابُڻَ ساڻ سُپيتُ؛
سامُونڊِي! سُچيتُ، ٿِيُ تہ پَھچِين پارَ کي.

3

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، چِتان لاھِ مَ چورُ؛
ڪَڍِي ڇَڏِ قَلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ؛
هُنَ پِرِ سَندو هورُ، مٿان تو معافُ ٿئي.

4

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، چيتاريج چِتُ؛
دائما دُوربِيءَ ۾، پَسِين وِلاتُن وِتُ؛
نيهُ نيڪاري نِتُ، مَلاحَ! گَڏُ مُعلِمَ سين.

5

ڪايو ڪمايومِ، موتي مون نہ وَڏِجيا !
سِيهي جو سَيّدُ چئي، وَکَرُ وِهايومِ؛
هَهڙو حالُ سندومِ، توهَ تُنهنجي اُٻهان!

6

ڪَچُ ڪمايومِ ڪوڙُ، پَڳِمِ عَهدَ اَللهَ جا !
پِڇرو جو پاپَنِ جو، سو چوٿِيءَ تائين چُورُ!
مَعلومُ اَٿيئِي مُورُ، ڳُوڙها ! اِنهيءَ ڳالھ جو.

7

ڪُوڙُ ڪمايُءِ ڪَچُ، اُٿي اورِ اَللهَ سين؛
ڪَڏُ تُون دَغا دِل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ؛
مُحبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻِڪَ! ٻارِج مَچُ؛
اِنَ پرِ اُٿِي اَچُ، تہ سَودو ٿِئيئِي سَفرو.

8

لُڙَ، لِهريون، لَسَ، ليٿَ، جِتي اَنتُ نہ آبَ جو؛
الله! اُتِ مَ اولِئَين، ٻيڙا مَٿي ٻيٺَ؛
جوکو ٿِئي مَ جهازَ کي، ڦَرهي اَچي مَ ڦيٺَ؛
لڳِي ڪا مَ لپيٺَ، هِنَ غارِيبي غُرابَ کي!

9

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نَوان، مُهاڻا سندن مِيرَ؛
ساٿِي سَفرِ هَليا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ؛
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي ٻيڙا رَکِين ٻاجَھ سين.

10

منجهان پيئي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاڻِيءَ ٻُوند؛
سيئِي ڏِنم رُوند، وَکَرُ جن وِجائيو.

وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙين پالَ ڪَرِيمَ جا.
حَمد چئج حڪيم کي، جورِ هِٽِي جانا؛
تو ڏيکاري تو ڏٺِي، باطِنَ جا بانا؛
مَتان، مردَ! وسارئين، صاحبَ جو ثَنا؛
دوستُ رکِي دل ۾، پڙهَ لالَنُ لِسانا؛
جَفا ڏيئي جِيَ کي، ٿِيُ فِڪرَ منجھ فَنا؛
تُسِي تو سين توهُ ڪري، مَنَ آگو اَحِسانا؛
ڪَڍُ تُون دَغا دِل مان، ٻانهپَ سين، ٻانا!
صاحبَ وِٽي سَچَ سين، ٿِيُ دانهُ دِيوانا!
جي تَسلِيمَ سين تَحقِيقُ هئا، سي ڪِئن اَمانا؟
جاڳيا جي جَبارَ لَءِ، سيئي سَمانا؛
فَاذْكُرُونِيٓ، اَذْكُرْكُمْ، ڪَهِيو قُرآنا؛
وَاشْكُرُوْالِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، ڪَڍُ تون ڪُفرانا؛
سَڀِ سَنوريا سُپِرينءَ، ڪُوَلَ تو ڪَنا؛
چَڱِي چئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ مَنا؛
تائبَ ٿيو تَڪڙا، جوشا، جُوانا!
نہ لَهِين تُون لَطِيفُ کان، اَمَنُ اِيمانا.

داستان ٻيو

1

جيڪِي منجِھ جَهانَ، سو تارِيءَ تَڳي تُنهِنجي؛
لُطفَ جِي، لَطِيفُ چئَي، تو وٽ ڪَمِي ڪانَ؛
عَدُلَ چُٽان آئُون نہ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضُلَ جو!

2

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو؛

اُنِ جيَ، عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، مِٺيءَ لڏو مانُ؛
ڪوڙين ڪَن سَلامُ، آڳِهَ اَچيو اُنِ جي.

3

سيوا ڪَر سمندَ جِي، جِت جَرُ وهي ٿو جالَ؛
سَئِين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِڪَ، موتِي، لالَ؛
جي ماسو جُڙيئِي مالَ، تہ پُوڄا را! پُرِ ٿِئين.

4

سي پُوڄا را پُرِ ٿِيا، سمند سيويو جِنِ؛
آندائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جُواهرِنِ؛
لَڌائُون لَطِيفُ چئي، لائُون مان لَهرِنِ؛
ڪانهي قِيمتَ تِنِ، مُلهہ مَهانگو اُنِ جو.

5

سيوِيو جن سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙهي تن سين؛
توبَهَ جي تاثِيرَ سين، تَرِي ويا طوفانُ؛
ڏيئِي تَوَڪَّلَ تَڪِيو، آرُ لَنگِهيا آسانُ؛
ڪامِلُ ڪِشتِيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُن واهَرُو.

6

سارِي رات سُجانَ، سَودو ڪَن صاحبَ سين؛
ٻانهپَ پَري ٻيڙِيُون، هليا جوپَ جُوانَ؛
پاڙِي پَهلوانَ، لَحظي مَنجِھ لنگِهي ويا.

7

اِيَ گَتِ غوّاصَنِ، جِئَن سَمنڊُ سوجِهيائُون؛
پيهِي مَنجِھ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائُون؛
آڻي ڏنائُون، هيرو لال هَٿِنِ سين.

8

آچا ڙا عَمِيقَ جا، گَڏِيا غوّاصَنِ؛

جَهرِيُون جهاڳي آئيا، ڪارُونڀارَ ڪُنَنِ؛
سمنڊُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اوِليا.

9

ويا جي عَمِيقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئِي؛
تِن سِپُون سوجهي ڪَڍيُون، پاتا ران پيهِي؛
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اڪَڙِيُنِ سين.

10

آڏو ڇِڪَڻُ ڇاڙُ، مُنهنجِي موجَ نہ سهي مَڪُڙِي؛
ميڙِي مَنائِنِ جو، بيحَدِ ڇاڙهيمَ ڀارُ؛
ڇَوَڻَ ڇارو ناهِ ڪو، بَديُون بي شُمارُ؛
ڪَپرُ ڪارُونڀارُ، اُڪارِئِنِ اِحسانَ سين.

11

ويرَ مَ لاهي ويهُ، مٿي آرَ اوڙاهَ جي؛
پَسِي ڀاڙي وارِيُون، ڪج اَنديشو ايهُ؛
ويندو نہ پَسِين ڏيهُ، پَتَڻِ هُن پارِ مَٽِي؟

12

هِڪِي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻِي سِٿِي صاحِبُ؛
ڪَڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو عَجَبُ؛
اِيُ سائِنءَ جو سَبَبُ، جِئَن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.

13

هِڪِي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻِي جا ڪري اَللهُ؛
پاڻِهِين وجهي ڪُنَ ۾، پاڻِهِين اُڪاري اوڙاهُ؛
تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتَڙِ سِپيئي ڪري.

وائي

ڪَنڍِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ! اَمانَ!

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاڻي پائِيان.
ڳِنَّڻَ ڳاڻيٺو ناهه ڪو، اَپَرِ ٿيا عِصيانَ؛
خَبرَ ناهه قَبرَ جِي، نِسورا نِسيانَ؛
والِي! رَسج وَهِلو، اَرَڪِ ٿيا اَنسانَ؛
سُڻُ سَٻاجها سُپِرِين، نَعرو نِگهبانَ!
مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرِمايا شَيطانَ!
هِنَ منهنجي حالَ تي، هَيءِ هَيءِ ڪَن حَيوانَ!
سائِين! سُڪاڻِي آهِئَين، سامُونڊِي، سُبحانَ!
تُرَهو چِنُم تارِ ۾، رَسِج تون رَحمانَ!
ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽِي مانَ؛
ويٺو پِنِي پِنڻُو، ڪَر پيرو مٿي پانَ؛
خالِقَ تان خوبُ ڪيا، گولَنِ جا گُذِرانَ؛
آئُون پڻ اَنڌو اُنِ ۾، ويٺو پِنان پانَ؛
سَڀِ سُوالِي سَمِڪيا، داتا ڏيئِي دانَ؛
وِلها سڀِ وَنِهيا ڪيا، تنهنجي جُودَ، جُوانَ؛
مَتان مُونکي ڇَڏِئين، ٻيلِي سندا ٻانَ!
وِيرَ! وَسِيلو آهِئين، داڙُو ۾ دِيوانَ؛
لاءِ ڏُها رِينِ ڏِينهَن کي، خِيمو اَڏِيو خانَ؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئِي، سُڄِ ڪا سُلطانَ!

داستان ٽيون

1

کُوها ڪالھ ڪٽِي، اُنِ وِڏا اُتَرَ آسَري؛
اَلا جُهري مَ اُنِ جي، اولي جي اَٽِي؛
وَٽجا رَنِ وَٽِي، وَکَرُ وِڏو ٻيڙِيِن.

2

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿئي؛
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿِئي نہ ضاءِ؛
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آگَهِ جَنهنجي اُبهِين.

3

اورِيائين آڻِين، ميڙيو مُعلِمَ خَبرُون؛
سا تان سُڌِ نہ ڏِينِ، جتي وَهُ ويڏَ ڪري.

4

بيڙِيي پُراڻِي، وَکُرَ پاءِ مَ وِترو؛
تَرِي ۾ تُنَ پيا، پاسَنِئُون پاڻِي؛
هِيءِ هَڏِ وِهاڻِي، ڪَڙهُ ڪالهوڻي ڏِينهَن کي.

5

تَرِي تُنَ پِياسِ، پاسَنِئُون پاڻِي وَهي؛
کُوهو جُهرُ جهنو ٿيو، لاڄُو سَپ لَڙِياسِ؛
جيلان سَدَرُ سکاٽِياسِ، وَهي تي وَهَ سامهون.

6

وينو تُنَ تُنِينسِ، مَکِ ڏيهاڻِي مَکُڙِي؛
سَنباهي، سَيَّدُ چئي، مٿي نيندوءِ نِينسِ؛
وَٿائي وَڏاندَرا، لاڄُو لڳائِينسِ؛
آخرِ اُهِرائِينسِ، تہ جوکو ٿِئي نہ جهازَ کي.

7

اَچِي سو ڏنوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين؛
سُتي لوڪ لَطِيفُ چئي، يادِ نہ ذرو ڪيوءِ؛
غافِلُ ٿِي غُرابَ کي، اوڙاهَ تي آندوءِ؛
سو چِترُ چُوهي کان رَکِين! جو پِيو پُراڻو پوءِ؛
جهازُ ضَعيفَنِ جو، پاڻِيءَ ۾ پَرِتوءِ!
سَيَّدُ! ساٿُ سندوءِ، پُرِ بَندَرِ پهچائِين!

8

جُتو وانءُ جَھازَ! گڏيو غُرابَنِ سين؛
پُورِيندي ھُنَ پارَ ڏي، سَڏَرَ ڪَڇ سازَ؛
اَچنِ ٿا آوازَ، سَنّاٽي سَمُندَ جا.

9

دَنگِي وِچ درياهَ، ڪِي ٻُڏي ڪِي اُپڙي؛
ھُوجي وادِي واٽيا ، سي سُونهَڻَ سپ سَڙيا ؛
مُعِلمَ ماڳِ نہ اَڳِين، فِرَنگِي مَنجھ ڦِريا ؛
مَلاحَ! تُنهنجِي مَڪُڙِيءَ، اچِي چورَ چڙھيا ؛
جِتي ڏِينگ ڏَرِيا ، تِتي تارِي تُنهنجِي!

10

ٻيڙِيا تا! ٻيئي، تو نہ ڦَٻنديُون ڳالهِڙيُون؛
سَڄِيُون راتِيُون سُمهِين، پَرُ سُڪانَڻ ڏيئِي؛
صُباحَ سَپيئِي، پارِ پُڇَندءِ خَبرُون.

11

وَہ تِڪَ وَھَڪَرا، جِت لَنگَرَ نہ ٺَهَرَنِ؛
وڏاندَ ريُون وَہَ سامُهِيُون، جَهجهي زورِ جُنبَنِ؛
نيڌوُءَ م نا تارِيُون، وَڻجارا وِجَهنِ؛
مُلان مُعِلمَنِ، مُون ٻُرِي سُئِي ڳالهِڙي.

12

وَڻجارا! وينِي، تو نہ سَرَندِي شاهَ رِي؛
مَڪِ پَنهنجِي مَڪُڙِي، چَڱِي ڪَر چِينِي؛
پاسا پاڪَڙِنِ جا، سَمُندُ ٿو سيڪي؛
جي لُندا م ليڪي، وِيرِ وڙھندِي تِن سين.

13

ناڪُئُو نِگَهبانُ، مُعِلمَ مُنجي خَبرُون؛

جِن ساري ڪَئيو سَمندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ؛
لُطفَ ساڻ لَطِيفُ چَئي، تِن لَنگهيو طُوفانُ؛
سَنپاري سُبْحانُ، وِچِي عادِنئُون اُڪَّا.

14

بَندَرِ جان پَئي، تہ سُڪاڻِيا مَ سُمهو؛
ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جِتَن ماڻي منجھ مَهي؛
ايڏو سُورُ سَهي، ننڊ نہ ڪجي، ناکُئا!

15

سُتا سَڀِ پَئي، سَندي مُعْلِمَ آسري؛
اَئِين پڻ سُمهو، ناکُئا! بَندَرِ ناهِ پَئي؛
جن جِي سَيدَ لَجَ کَنئي، سي سڀ لَنگهيندا لَڪيُون.

وائي

سائِيِنِ نَنڌا بارَ، وو! تن پانڌِيِن نَنڌا بارَ؛
توکي آرِسُ اکِڙِيُن مِ!
پاتا پاڙيوارِيين، پَڳَھَ منجھِ پاتارَ؛
پَتڻُ ٿو پُورَ ڪري، آئِي تُنهنجڙِي وارَ؛
سَجِيُون راتيُون سُمهِين، ڪِيو منجھ خُمارَ؛
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلڻَ جِي هاڪارَ؟
تائَبَ ٿِيو تَڪڙا، سَچِي اِيَ سَنپارَ؛
ننڊَ نہ ڪجي ايترِي، سُڃَ اَدا يارَ!
سائِيءَ مُڪين سَچَ کي، تون ڪُوڙو منجھ قَطارَ؛
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟
گِهڙان ٿِي رِءَ گهڙِي، اِلاهِي تُهارَ!
هو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تِئان رَڪُ سَتارَ!
كُلُّ نَفْسٌ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ، پڙهو اِيَ پچارَ؛

شِڪارُ تون شَهبازَ جو، تون تان مَنجهه شِڪارَ!
يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ، جت پَجَندا يارَ؛
تُرَهو ڇنو تارِ ۾، اَڇج تُون اوسارَ!
لَکَ مِڙيئِي لُٽيا، هُنئَهِين ويا هَزارَ؛
ڏِنئہ جي اَللهَ کي، هُوندَ ٿِئين پَريين پارَ؛
جوٺَن مَٺان جُٺڪي، دُنِي تُنهنجي دارَ؛
جِيفو آهِ حَديثَ ۾، اَنڌيءَ اِي آچارَ؛
وَٺيءَ ڪين وِلَهنِ سين، ڪَنِي پَرِ قَهارَ؛
سا ڪِئَن هَلي تو سين، جا پَڳِي کان پَتارَ؟
جِيئڻُ جالَ نہ نِبهي، سُٽج اِيَ سَنيارَ؛
جِمَ وِسارِئين وِسِرا! پِيئُن جي پُلڪارَ.

داستان چوٿون

1

سَپيئِي سُبحانَ جي، ڪَرِ حوالي ڪَمَ؛
ٿِيُ تَحقِيقُ تَسلِيمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ؛
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصَل ڪري حاجَ تو.

2

چَڱا ڪَنِ چَڱايُون، مَنايُون مَنَنِ؛
جو وَڏُ جُڙي جِن سين، سو وَڏُ سيئِي ڪَنِ.

3

مَيَنِ مَٿي سَمَرا، کُهِنِ سَڌَ ڪَرِينِ؛
ساڻُ نِباهِيو نِينِ، اِيَ پَرِ سَندِي سَجَڻين.

4

وِتُ وِيِي جو جي لَهِين، تہ ٻِي ڪارِ نہ ڪَرِئين ڪا؛
سا پَرُوڙِج ڳالهڙِي، وَڻجارَنِ وٺان؛

مورتي مِن هَٿان، آندَءِ گھٽي اَدَبَ سين.

5

اَمُلَ آڇ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِين مَٽِ؛
جِتِ گَڏِجيئِي جوهَرِي، ماڻِڪُ تِنهين مَٽِ؛
جنِين سونَ سين سَٽِ، تِن هَٽِي رِيُّ رَدِ ڪيو.

6

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڌو لاهِ مَ لَڌِ؛
سودو سوئِي چَڌِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

7

جُہ صَرافَنِ لَڌِيو، تہ تُون پڻ لَڌِجِ، سونَ!
قَدُرُ لَهَندُءِ ڪونَ، نيئِي گَڏِيندَءِ گُڏُونءَ سين.

8

اِگھيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي!
پَلَيءِ پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران!

9

ويا سي وِڻجھارَ! هِيرو لال وِنڌِين جي؛
تِنِين سَندا پويان، سِيھي لَهَنِ نہ سارَ؛
ڪُٿِين ڪُٽِ لُهارَ، هاٽِي اُنِين پيٽِين.

10

وِجن مَ وِڻجھارَ! پاڻِيَٽَ جي پَرَکَا؛
ڪَنِيَرُ پايو اکِئِين، لَهَنِ سَپَڪَنهن سارَ؛
مورتِيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجِھ ڪِنارَ؛
صَرافِنئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو ٿِئِي!

11

ماڻِڪُ، مُنڌَ هَٿان، پيتِيءَ ۾ پُرزا ٿِيو!
سَچو تان، سَيَّدُ چئِي، لَهي لَکُ سَوا؛

پکي پُڄاڻا، پَدَمان پَري ٿيو.

12

جِتي ماڻڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو؛
سَنئون تِن سُياڳُ، اَمُل جن اوٻاهِيو.

13

چورُ اُپو اِئن چوءِ، ته آئون اُهوئِي آهيان؛
جي اَسِي اکِيُن هوءِ، نه لِکي کي ڪو نه لهي.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي؛
جاڳو جوشان، جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي.
هَلَندي حَبِيبَن ڏي، ويلو وِچ نه ڪجي؛
مَٿان اُهِسَ اُسِرِي، پَتنگَ جِئَن پَئجي؛
عَرضُ اَحوالُ اُن کي، چَڱِيءَ پَتِ چَئجي؛
ڪري نِيازُ نِڪَتو، واحِدَ ڏي وَرجي؛
آهي مَوتُ مِڙَن تي، گوڙِيُون ڪيو گجي؛
اَجَلُ اينڌُءِ اوچتو، جو سَدا ٿو سجي؛
اَڳيان اُونداهيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ڪجي؛
کَڻُ تون قُوتُ قَبَرَ جو، گهٽو ٿو گهُرجي؛
آگو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجَهه ٻُجهي؛
جيڪِي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي؛
ڏِڄي داءِ ڏَٽِيءَ جي، جيڪو پِيءِ پَڄي؛
اَمَنُ آهي اُن کي، جو مَنجه الله اَجهي.

داستان پنجون

1

لَهرِيُن ليکو ناهِ ڪو، جِتِ ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا؛
آڇا ڙا عَمِيقَ جا، اَڇَنِ اوپارا؛
اُتي اَسارا! وِيرِ وِڙَهنديءَ وِسِرا!

2

ڪالهه وِڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ؛
تُنهنجِي اَجُ ترازَ، آهي آرَ اکِيُنِ ۾.

3

مُلاحِظو مَهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ؛
سامُوندِي! سَنيالِ ڪِي! سُمَهڻَ آيُءِ ساءُ؛
جاڳِي جَرَ مَٿاءُ، تاري وانءُ ترازَ کي.

4

تاري وانءُ ترازَ کي، مَنجهان مَوجَ، مَلاحَ!
داڻُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آگاهَ؛
سُونهَنِ جي صَلاحَ، وَٽُ نه وِيرِ لَنگهي وَڃِين.

5

سُونهان سَڌِيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياهَ جون؛
ڪُوڙَ اوڏائي ڪِينَ ڪِي، رُکو سَچُ سودِينِ؛
عِجزَ جي اَڏَ راتِ کي، وَکرُ وِهائِينِ؛
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

6

قَرقُلَ قوتا، پارچا، پاٽِيٽَ پاتاڻُون؛
ڪونيُون قِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪِياڻُون؛
لاجُنِ مَنجه، لَطِيفُ چئي، ٻيڙا ٻَڌاڻُون؛
نَذرُ نَبِيءَ جامَ جو، چَڙهندي چَياڻُون؛
جي چُوهي چوڙياڻُون، سي ٻيڙِيُون رَکِين ٻاجَه سين!

7

وِچينءَ جان ويهي، جَرَ پَلؤ پائيان؛
”تَڙِ بيڙا! گهرِ سُپرِين!“ اُوسَهِ اِيَ پيئي؛
جِئَن وَڻجارو سين وَکَرين، سَرَها سَپيئي؛
حُرمَتَ ساڻُ حَبِيبَ جي، سُونگِيا نہ سيئي؛
پاڻهِين اُوءِ پيهِي، کَندَ کيڙائُو آئِيا.

داستان ڇهون

1

تانگهي ۾ تاڻي، ٻَڌُ پَنهنجو تُرَهو؛
اُونهي ۾ آڻي، ڪو نہ ڏيندُءِ ڪو ٻيو!

2

ڏوري لَهُ ڏاتارُ، جِمَ وِهِين وِسِرو!
هَڪِيو هوئِج هوشيارُ، ڪِنوڻِ ڪِنوندَيءِ اوچتي.

3

ڪِنوڻِ ڪِنوايو، آيَءِ نِندَ اَپاڳَ کي!
جِنِين نہ پُؤ پانيو، ڪَري تَوائي تِن کي.

4

سامُوندِي! ٿو سَنبَهِين، ساڃو جَهِلِ سُکانُ؛
لَڳِي واءُ وَڏاندَ رو، مُنجهائي مَهراڻُ؛
جِنِين پانيو پاڻُ، ڪَري تَوائي تِنِ کي.

5

نَڪو سُک نَکَٽين، نہ وِسانِدِ نَئِين؛
جيڪا اَچيئي سامُهِين، پانئَين سا سَنئين!
مُوڙِي ڪوه مَئِين؟ جِئَن سَجيُون راتِيُون سمهين!

6

اَهُکِي راهَ اَللهَ جِي، اَهُکِي، اَهُکِيءَ پَتِ؛

هُوءِ جي ڏيهائِي ڏيهَ جا، تن پڻ مُوڙهي مَتِ؛
آچا ژانِ اُبتِ، ڳِهڙِج ڳهاٽي نِينهَن سين.

7

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهَٽو لهُ گهوري؛
اَدَبَ ۽ اِخِلاص جا، سِڙهَ ٻَڌِج سوري؛
وَکَرَ وِيَنَتِيُن جو، تنهن ۾ پائج توري؛
نہ عادِنئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿِئي.

8

سمندُ جي سيوِين، تِنِين ماڻڪَ ميڙيا؛
چِلرَ جي چوئِين، تِن سانکوٽا ۽ سُتيون.

سُر ساموندي

داستان پهريون

1

پَڳَهَ پاسي ڳها رِ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
وِجهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَجَنِئي اوهِرِي.

2

پَڳَهَ پاسي پَچُ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَجَنِئي اوهِرِي.

3

پَڳَهَ پاسي ويهُ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
تون ويسِرِي وِکَ ڪَٽِين، هو پُورِيندا پَرَڏيهُ؛
سَمُنڊُ جِن ساٽيهُ، ڪوهُ نہ وِيئِينءَ تِن سين؟

4

نَنگَرَئُون نيٽِين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهِرِي؛
سَباجهين سيٽِين، پائي ڳُڻ ڳِهيو هِنئُون.

5

سيئَي جوڀَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا !
رُئان رَهنِ نہ سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئَن ؟
مُونکي چا ڙهي چِيئَن، ويو وَڻجا رو اوهِري!

6

نہ سي تِڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجا رَنِ جُون!
سَرِ نيُون سامُوندين جا ، اَڄُ پِڙُ چِڪِيَمِ چاڪَ؛
ما رِينمِ فِراقَ، پا ڙيچيُون پريُنِ جا .

7

وِيا اوهِرِي اوءِ ، مُونکي چڏي ماڳَهِين؛
جُڳَنِ جا جُڳَ ٿيا ، تِنان نہ موٽيو ڪوءِ !
گُوندَرُ ما ريندوءِ ، ويچا رِي! وِيَنِ جو.

8

اُونهي مِ اوهِرِي، جڏهن ويا جي؛
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا ، ماءِ ! سامُوندِي سي؛
كا رو تِنِين كي، جيڪُسِ وَهُ ورِي ويو!

9

اُهِرِيا جِنائِين، ڍُڪَنِ تِن تَڙائيين!
سامُوندِينِ، سائِين! واءُ سَٽائو وا رِئِين!

10

سامُوندِيَڪو سَڱُ، آهي گُوندَ رَ گاڏُئون؛
انگِن چا ڙهي اَنگُ، ويو وَڻجا رو اوهِرِي!

11

وجيئَي وِسرِي شال! جو تو سودو سِڪِيو؛
اَجا آئِين ڪالَ، پڻ ٿو سَفَرِ سَنبهِين!

12

ٻِرِيو جَهليو روءِ، مَٿي مُھري ھَنڙا؛
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا! سِکِيو.

13

اُلوڙَڻَ نہ ڏِئي، وَرُ وِڏائِن وَنجَھ ڪي؛
رَہُ اَجوڪِي راتِڙِي، لالَنَ! مُون لائي؛
وَڄُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ، سُپِرِين!

14

جيڪُسِ نِبَرُ نِينھُن سَندومِ؛ جئَن مون ٻِني ھُن ٿِلِيو؛
سعيو سامُونڊِيُن سين، اَگهِين تان نہ ڪَيومِ؛
وِڄهڻُ مَنجِھ ھُئومِ، پاڻُ وراڪِي رَسِ سين.

15

ٻيڙِيءَ جي پُٺَنِ، نِينھُن نہ ڪَجي تِن سين؛
اُپيُون ڏَنپَ ڏِسَنِ، جُہ سِڙُہ ڏيئي سِيرَ ٿيا.

16

ھِنئَڙو ٻيڙِيءَ جان، ڏُنَڙِ پئي ڏينھن ٿيا!
پُڇيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاھُو ٿِي ڪڏھين.

17

سَرَ نِسرِيا پاندَ، اُتَرَ لڳا، آءُ پِرِين!
مُون تو ڪارَڻَ، ڪانڌَ! سَھِسين سُڪائُون ڪَيون.

18

جيڪر اَچي ھاڻِ، تہ ڪريان رُوحَ رُچَندِيُون؛
آيَلِ! ڍولِئي ساڻُ، ھوندَ ڳَرِ لِڳِي ڳالھيون ڪَريان.

19

آيَلِ! ڍولِئي ساڻُ، اَچي تہ جھيڙِيان؛
لايءِ ڏِينھن گهڻا، مون سين ڪَيءِ ٿورڙا.

20

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيُون هَلَڻَ سَندِيُون؛
ڏِيندا مُون ڏُکَنِ، وَهَ وِجهندا جِند ڙو!

21

مونکي جِيا ريو، پِريُنِ جي ڳالهه ڪري؛
ڏِنو اَڄُ اَڏِيو، هِنئڙو ڪوٽَ بُرجَ جئَن.

22

چِمڪيون چوڌارَ، ڌَڄُون ڌاڙيچنِ جُون؛
ماءِ! سامُوندِي آئيا، سَهسين ڪَري سِينگارَ؛
اُنِين جي پَچارَ، ڪالهونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

وائي

آئِلِ! ڪَريان ڪِيئَن؟ منهنجو نِينهُن اَپليو نہ رهي.
ويو وَڻجارو اوهِري، مونکي چاڙهي چِيئَن؛
سامُوندِين جي سَڳَ کي، رُئان راتو ڏِينهن؛
اُڏوهِيءَ جئَن ڏُکڙا، چَڙهيا چوٽِيءَ سِيئَن؛
گُوندَرَ مٿان جِند ڙِي، وَريا وَلِيُن جِيئَن؛
مادَرِ! پائي مُندِيُون، وِيان هادِيءَ سِيئَن.

داستان ٻيو

1

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جُون؛
هَلڻَ ها را سُپِرِين، رُئان تان نہ رَهَنِ؛
آئُون جَهلِيندِي ڪيترو؟ آئِلِ! سامُوندِين؛
پَکَہَ چوڙِي جَنِ، وِڏا ٻيڙا ٻارِ ۾.

2

لاهِيان جي نہ چِتان، اَلا! اُنِ مَ وِسران!

مَڙهيو مَنجها ران، جِيُ مُنهنجو جن سين

3

تَڙين تَنوارِينِ، ماءِ! سامُوندِي آئيا؛
مونکي جِيارِينِ، وايُون وَڻجارَنِ جون.

4

لَڳي اُتَرَ اوهِريا، واهُوندي وَرَنِ؛
آئُون ڳهٽو ئي گهوريان، سؤدو سامُوندِيَنِ؛
اَڱڻِ جن اَچَنِ، عِيدَ وَرتِي اُنِ کي.

5

اَڱڻِ آئيا جان، تہ سَرَتِيُون مون سُکَ ٿيا؛
اَمُلَ پِرِينءَ مٺان، ٻَرڪِيو ٻين ڏيان.

6

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جَن تَڙنِ تي؛
سِڙهَ سِبِي ساڃا ڪري، کُوها کَنيائُون؛
ٻيڙُون ٻحرِ ۾، چوڙي چَڙهيائُون؛
لَهريُون لَنگهيائُون، لُطف سان لَطِيفُ چَئي.

7

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جِن تَڙنِ تي؛
مُلان مُعِلمَ خبرون، پُڇي پُوريائُون؛
سُتَڙُ سونِيائُون، اَوَتِڙُ ڪنهن نہ اوليا.

8

بَندَرَ ديسان ديسِ، مُلهہ نہ مِلي وارِئين؛
فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلَ ڏِيَن اَتوريا.

9

اُپيُون تَڙَ پُوجِينِ، وَهُون وَڻجارِنِ جون؛
آڻيو اکا ڏِينِ، کَٿُورِي، سمُوندِ کي.

10

جَرَ ٿَڙَ ڏِيا ڏي، وَڻَ ٽِڻَ ٻَڌي وانئُٽِيُون؛
اَلا! ڪانڌُ اچي، آسائِتِي آهيان!

11

جا جَرَ جاٿُون نہ ڏِئي، ڏِيا نہ موهي؛
سَڏُون ڪوهُ ڪَري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

داستان ٽيون

1

پُران، مانَ پُڇان؛ ٻَندَرَ مون ڏُورِ ٿِيا؛
نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چَئِي چڙهان؛
اِيهِين ڪَجِ، پاڻِڻِي! جنهن پَرِ پِرِينءَ مِڙان؛
ڪارُون تي ڪَريان، تو دَرِ اُپِي، ناڪُئا!

2

هَڙَ مِ ڪِينَ هُئُونِ، هُنئِين هُنِ نہ چاڙهيا؛
سارو ڏِينهُن سمندَ تي، لِهِي سِجُ وِيونِ؛
جڏهين سائِينءَ سَببُ ڪَيونِ، تڏهن سُتَڙِ ٿيا سَيَّدُ چئي.

3

اسان اُڏارا، آڻي آوَنگَ چاڙِهيا؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا؛
اُپِرَنِ سيِڪارا، پَسو وَرَ ٻِينِ جا.

4

مون اُپِي تَڙَ هيٺِ، پِرِيُنِ پَڳَہَ چوڙِيا؛
ڪا مُونهِين مِ ڏيٺِ، ناتَ سَجَڻَ سَٻاجها گهڻو.

5

مون اُپِي تَڙ پاسِ، پِرِيُنِ پَڳَہَ چوڙِيا؛

هو الله ھا رَ اُھِريا ، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪنداس؛
آهَ نہ لاھِينداس، موتِي اينڌا مان ڳَرِي.

6

ڪا ري ڪيڙائُو، مَٿي مِٺي موتِيا ؛
سَودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِھائُو؛
موتِي جي مَهراڻَ جا ، تِن جا طاماعُو؛
سامُوندِي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا .

7

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لِيءِ لَنڪا جي اوھِرِيا ؛
سُٺِي سونُ لَنڪا جو، سُکُ نہ سامُوندِيُن؛
پِرِهَ پَڪَهَ چوڙِيا ، ڪا ري ڪيڙائُن؛
وَڏي ڀاڳَ پِڙنِ، جي ڪَهيا ڪا رُونيا ر ڏي.

8

وَڻجا رِن ورِي، پِرِهَ پَڪَهَ چوڙِيا ؛
اوڻِيُون پَسِي اُنِ جون، پيڙمِ ڳچ ڳرِي؛
ويندسِ، ماءِ! مَرِي، سا ري سامُونڊِيُن کي.

9

وَڻجا ري جِي ماءِ، وَڻجا رو نہ پَلئِين؟
آيو ٻا رهين ماهِ، پرِ تو سَفَرِ سَنبهِي!

10

وَڻجا ري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ ويٺي ڳهارِيو!
لَڳِي اُتَرَ واءُ، ڍولِيو هَلڻَ جون ڪري.

11

جي تون وَڻجا رو ڪانڌُ ، تہ مُون هَڏِ مَ لائون لَڏيُون!
پَرَ ڏيهَ مٿي سانگُ، اَنئِي پهَرَ جنهن ڪيو.

12

ڏِني ڏِيا ري، سامُوندِيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا ؛
وِڃهيو وَرُ وڻجَھ ڪي، روئي وَڻجارِيَ؛
مارِيندءِ مارِي! پِرهَ سُورَ پِرِيُنِ جا.

سُر سهڻي

داستان پهريون

1

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِت نِينهُن، تِکَ نِرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئِين سا، والِي! هِنَئڙو جِن هَٿِ ڪيو.

2

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَجا وَهُ اَڳي ٿيو؛
گَهِرِ وِيٺيون گهڻا ڪريو، سَرَتِيُون سَڱَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِني آن؛
هُوندَ نہ پَليو مان، گِهڙو سپ گهڙا ڪٽِي.

3

ڪَنڌِي اُپِيُون ڪيتريُون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" ڪَنِ؛
ڪِنِين سانگو ساهَ جو، ڪي "گهورِيسَ" ڪيو گِهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گِهڙَنِ جي.

4

وَڻَنِ وِيٺا ڪانگَ، وِڇِين ٿِي ويلا ڪري؛
گِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، سُڻِي سانجهيءَ ٻانگَ؛
سيئِي ڏُوندِي سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپِرِين.

5

گِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻُڌون نِها ري ٻَنگُ؛
سر در يار فِدا شُد چہ بَجا شُد، وَصلَ اِهوئِي وَنگُ؛

راتِ جنين جو رَنگُ، الا! سي اُڪا رِئين.

6

ڳِهڙي ڳهڙو هَٿِ ڪري، ٻهُون ٿيا ري ٻَنگُ؛
وَ اَمَّا مَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ، اِيُ لَنگهيائين لُنگهُ؛
سِڪَندِيَنِ کي، سَيَّدُ چَئي، ڪِينَ جهليندو جَهنگُ؛
راتِ جِنين جو رَنگُ، الا! سي اُڪا رِئين.

7

ڳِهڙي ڳهڙو هَٿِ ڪري، اِلاهِي ٿِيا رَ!
ڄَنگهَ ڄَرڪي واتَ ۾، سِسِيءَ کي سيسا رَ؛
ڇُوڙا ٻيڙا ڇِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ؛
لَکين ڇُهنِيسِ لوهِٽِيُون، ٽيلهيُون ٽِرَنٽُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇَ هزارَ، پاڳا ٽِيندِي سُهڻي.

8

ڳهڙو ٻَکو نہ گهوريو، مَرُ ڇُورُ ٿِئي ڇُوڙو؛
طالِبُ الۡمولیٰ مُذَڪَّرٌ، اِيُ ٻُڌَندَنُ ٻُوڙو؛
ڪوڙهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مُون ميهارُ مَنَ ۾.

9

ڳهڙو ٻَکو نہ گهوريو، پاڻان هو حِجابُ؛
واجِبُ وجي وُجُودَ ۾، رهيو رُوحَ رَبابُ؛
ساهَڙَ رِءَ صَوابُ، آءٌ گهڻو ئي گهورِيان.

10

ڳهڙو ٻَکو نہ گهوريو، تان ڪِي تَرُ، هِنيان!
اَدَبُ اَکَڙِيُنِ کي، ڏيهاڙِي ڏِيان؛
ميهارَنِ مِيان، سَئُون سُونهايَمِ پيچِرو.

11

ڳهڙو ٻَکو نہ گهوريو، آسَرَ مَ لاهيجِ؛

لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ، تُرهي اِنَ تَريج؛
حَبيباڻِي هيج، پَسِين مُنهُن ميهارَ جو.

12

ڳَهڙو پَکو، مُندَ مُئِي، وَسِيلا وِيا؛
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻِيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

13

پارڻُ مَ کَڇج پارڻَ سين، وَسِيلا وِسارِ؛
لُڙُ لنگهائي، سُهڻِي! پِرتِ وِجهنديءِ پارِ؛
سي تُرتُ لنگهِينديُون تارِ، اُڪَندَ آڳهُ جن سين.

14

پارڻُ مَ کَڇج پارڻَ سين، رِءِ وَسِيلي وانءُ؛
مَٿان سائِرَ، سُهڻي! پِرتِ وِنجي پانءُ؛
نينهن ڳِنهندي نانءُ، ونءُ پِريان جي پارَ ڏي.

15

ڪونهي آڳهُ اَهِڙو، جهڙي مُحبتَ مَنِ؛
اُپيُون اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيُون ڪَڪَ پُڇَنِ؛
نَدِي تِن نيڙُ ٿِئي، جي رِيءَ تُرهي تَرَنِ؛
سِڪَ رَساڻي، سُهڻِي! اَصلِ عاشِقَنِ؛
سي جهليُون ڪينَ ڪُنَنِ، پُڇَنِ جي ميهارَ کي.

16

پُڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارَ؛
تُرَهو تِنين بارُ، عِشقُ جنين کي آڪرو.

17

ساهَڙُ سا سُهڻِي، سائِرُ پڻ سوئِي؛
اهي نِجوئِي، ڳُجُهه: ڳُجهاندَرَ ڳالهڙِي.

وائي

ڪهڙي مَنجهه حِساب؟ هُئَڻ مُنهِنجو هوتَ ري، لا!
گولِي! پَڄُ گُناهَ ڪان، ڪونهي سُولُ ثَوابَ؛
نڪِي تَقاوَتَ ۾، نڪِي مَنجِهه رَبابَ؛
خُدِيائِي خُوبُ ٿِئين، لائِين جي لُعابَ؛
پَليتُ ٿِي پاڪُ ٿِئي، جُنبِيو مَنجِهه جِنابَ؛
سو نہ ڪَنهن شَيءِ ۾، جيڪِي مَنجِهه تُرابَ؛
هُوءِ جي جَرڪِيا جَرَ تي، سي تان سَڀ حُبابَ؛
هادِيءَ سين هُنَ پاَر ڏي، رِڙهِين ساڻُ رِڪابَ؛
چَنبو وِجهي چورَ ڪي، آءُ چَڙُ، عُقابَ!
دِيدُ وِجاءِ مَ دوسَتَ جو هَلِي مَنجِهه حِجابَ؛
ڪَسرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدْغامَ ۾ اِعْرابَ؛
فَنا وِجهي فَمَ ۾، ڪارَڻِ ٿِيُ ڪَبابَ؛
ڏي طَهُورا تن کي، جي سِڪَنِ لاءِ شَرابَ؛
مُنِيءَ ڪيا مرضَ ۾، جاوا سَڀِ جَوابَ.

داستان ٻيو

1

ڪَرَڱَل ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتِ جَرَ واڳُو جِمائِين؛
پاڻُ اُڇلِي آبَ ۾، وَهَ سِرِ وِڏائِين؛
لَهرِيُون لَنگهيائِين، لُطف ساڻُ لَطِيفُ چئي.

2

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ سَنّاٽا سيسارَ؛
بيحَدِ ٻاڳُو ٻَحرَ ۾، هيبَتناڪِ هَزارَ؛
سارِيان ڪانَ سَرِيرَ ۾، طاقَتَ توهان ڏارَ؛
ساهَڙ جامَ! سَتارَ! سِڪهو رَسجِ سِيرَ ۾.

3

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري؛
توڏي تاڪُن وِچَ ۾، مَٿان وِيرَ وَري؛
آءُ، ساهَڙَ! مُنهِنجا سُپِرين! پِرتان پيرَ پَري؛
هادِيءَ، هَٿ ڌَري، اونهي مان اُڪارِئين.

4

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو؛
آهيم اُنهَين پارَ جو، دِلِ اندرِ دَڙڪو؛
پَچي سِڪَ، سَيَّدَ چَئَي، سِيرَ سَندو سَڙڪو؛
والِي! ڪَج وَڙُڪو، تہ پارِ لَنگهيان پاجهہ سين.

5

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ جايُون جانارَنِ؛
نَڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ؛
دَرَندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ؛
سَجا ٻيڙا ٻارِ ۾، هَليا هيٺ وَجَنِ؛
پُرزو پئدا نہ ٿِئي، تَختو مَنجهان تَنِ؛
ڪو جو قَهرُ ڪُنَنِ، ويا ڪِينَ وَرَنِ؛
اُتي اَٽارُنِ، ساهَڙَ! سِيرَ لَنگهاءِ تُون.

6

دَرَهَڙَ ڏَنّسَ دَرياهَ ۾، جِتِ لَهرِيُون ڪَنِ لوڙا؛
سَئِين اَچي سَمُوندَ ۾، ٿِيا سِيٽايا سوڙا؛
جي تارُو هُئا توڙا، تن هَربو پانيو هيڪَڙو.

داستان ٽيون

1

تَڙَ تَڪَڙِ تارِ گهڙڻَ، اِيُ ڪاڙِيارِنِ ڪَمُ؛

ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ؛
عَقُلُ، مَتِ، شَرَمُ، ٽيئي نِينهَن نِهوڙِيا.

2

گهيڙان ڪَري نہ گهورَ، تَڙُ تَڪَڙِ ڪان نہ لَهي؛
جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پُورَنِ مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

3

جِئان گهِڙي تِئان گهيڙُ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪُوڙِيُونِ؛
ڏَمَ سين جُسو ظاهِرا، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ؛
سا نَدِي پانئي نيڙُ، جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي.

4

جِئان وَهي تِئان واٽَ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪوڙِيُونِ؛
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙَ نہ پُڇَنِ گهاٽَ؛
جن کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهُڙُ پانئِنِ وِڪَڙِي.

5

ڪنهن جنهن گهيڙَ گهِڙِي، جَئَن اَوَتَڙان تَڙُ ٿِيوسِ؛
سالمُ ويئي سُهڻِي، ڪُنَنِ ڪِينَ ڪَيوسِ؛
اُهِسُ اَڪَڙِيُنِ ۾، پِريان جو پِيوسِ؛
حَقّان حَقُّ ٿِيوسِ، هُئي طالِبَ حَقُّ جِي.

6

هُئي طالِبَ حَقُّ جِي، توڏِي لاڪُون توڙَ؛
نہ مَلاحُ نہ مَڪُڙِي، نڪِي ٻَڌي نوڙَ؛
پاڻِي پِنيءَ ٻوڙَ، سُهڻِيءَ ليکي سِيرَ ۾.

7

توڏِي توڙائِين، نِينهَن نوازِي سُهڻِي؛

ڳِچِيءَ ھارُ حَبِيبَ جو، لائِقُ لَڌائِين؛
سو تَڙُ سوڻائِين، جيڏانھن عالَمَ آسِرو.

8

توڏِي! ٿُھائِين جي، سي ھِتِي چَڏِ حِرصَ؛
ساھَڙَ ڏاران سُھڻِي! کوڙيُون ڪَنِ ڪِرسَ؛
وَڏِي اِيَ وِرسَ، جِيئَن ڏَمَ وَٽِ ڏِينھَن گُذارِئِين.

9

ساري سِڪُ سَبَقُ، شرِيعَتَ سَندو، سُھڻِي!
طرِيقَتان تِکو وَھي، حَقِيقَتَ جو حَقُ؛
مَعرِفَتَ مَرڪُ، اَصلُ عاشِقنِ کي.

10

صَبرُ شاڪِرَنِ، آھي اوطاقُنِ ۾؛
جي واصُل ٿِيا وِصال ۾، سي ذرو ظاھِرُ نہ ڪَنِ؛
وِيتَ واھَرَ تَرَنِ، ھِنئَڙا، جَنِ ھَڃِي ويا.

11

سِياري سِہَ راتِ ۾، جا ڳِھڙي وَسندي مِينھَن؛
ھَلو تہ پُڇُون سُھڻِي، جا ڪَرَ چاڙي نِينھَن؛
جنھن کي راتو ڏِينھَن، ميھارُ ئِي مَنَ ۾.

12

سانوڻَ ڳِھڙي سَپَڪا، ھِيءُ سَرَھِي سِياري؛
تَنُ وِڏائِين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري؛
مُحَبَتِي ماري، ڪونھي دادُ دَرياہَ ۾.

13

واھُڙَ! پَرِيُون مَ پاءِ، تو پِڙُ ليکو ڏيڻو؛
سدا سانوَڻَ ڏِينھَڙا، ھِئَن نہ ھُونداءِ؛
وھاٽي ويِنداءِ، اوپَرَ اُتاھان لِھِي.

14

مُحَبَّتِي ميهارَ جُون، دِلِ اَندرِ دُونهِيُون؛
آٽيو وِجهي آرَ ۾، لُهاٽو لُوهيُون؛
جي ساهڙَ جُون سُونهيُون، سِير سِراڙو تن کي.

وائي

مَدَتَ ٿِيُ، ميهارَ! يارَ! ساهَڙَ! سائرَ سِيرَ ۾.
اُونها کُنَ، اَتانگَ تڙَ، اوڀِي هَڙُ، آڏارَ!
ڏِينهَن ڏُهِلا ڏَمَ سين، آهِيان اُوهان ڏارَ؛
ٻچَلِ ٻانڊِي ٻارِ ڪري، اَتِ اُبَتا آرَ؛
تِتِي ڪِهڙِي سُهڻِي، آگهِ رِءَ آڏارَ؛
”ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو“، توڏِيءَ ڪِي تنوارَ؛
سَنپُوڙو سِيڻاهِ سين، سِڪهو رَسُ، سَنگهارَ!
اوراران آهُون ڪَرِيان، پَهچان شَلَ پرارَ؛
سُٽِيو جهانءِ جهجي هِنئُون، ساڻيارا سَنيارَ؛
آيَم ريلِي ريءَ سين، الله توآهارَ؛
تارِ تَرَندَيَسِ، لُڙَ لَنگهيندَيَسِ، وِيندَيَسِ وَٽِ وَچارَ؛
پُورِيندَيَسِ پارِ مَٽِي، سَهسَين جي سيسارَ؛
گوڀِي گهاگهائي گهڙِي، جَکَنِ ٿا جانارَ.

داستان چوٿون

1

اَدِيُونَ! سڀ اَندامَ، چِڙَنِ مُنهِنجارَ چورِيا؛
لارُنِ جا لَنؤُ لائِي، سا ڪِيئَن آڇيان عامَ؟
لِڳِيس جنهن جي لامَ، سو دِلاسا دوست مُنجي.

2

ڪارا ڪُن، ڪارِي ٽِڳِي، جت ڪارِيهَر ڪَڙڪا؛
مَئي مَٽي مِهراڻَ ۾ ، اَچن ڏُپارا ڌَڙڪا؛
وِيندي ساهَڙَ سامهان، جهولَ ڏِنس جهَڙڪا؛
ڪِرڪِن جا ڪَڙڪا، سُونهان ٿِيڙَس سِيرَ ۾.

3

جِيا رِيَس سَنپارَ، ڪُهُ ڪَرِيندَمِ گَڏِجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيُنِءَ جي پَچارَ؛
سَجَڻَ هُونِ ڏارَ، جي هِنئِين ۾ حَلُ ٿِيا.

4

بيلي پارِ بُرِي، مون کي چَڙَنِ چورِيو؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، سُتِي شاخَ چُرِي؛
مَٿي جهوڪَ جُهرِي، پَوَندِيَس پارِيچَنِ جي.

5

هُنَ پَرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتي سَنپارَنِ جي؛
چِتُ چَڙَنِ چورِيو، جؤنڪَ ٿِيڙَمِ جُوءِ؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، بِاللهِ پِييَمِ بُوءِ؛
وڃِي رُوءِ بَرُوءِ، ديکيان دوستَ ميهارَ کي.

6

ڪِٿي ٿِيو ميهارُ؟ ڪِٿي ٿو کِهندُ گُڙِي؟
ڪِٿي ڏُونهِي دوستَ جِي؟ ڪِٿي پَرِيون پارُ؟
جَنهن مُون سَپِ جَمارَ، جَرَ ۾ جهوٽون ڏِنيُون.

7

ميهارانِ مِرڪَ، پِيتائِين پِريمَ جِي؛
تنهن مُنذَ مَتوالِي ڪِي، سندِيءَ ساءَ سُرِڪَ؛
لِگِيَس ڪامَ ڪِرِڪَ، لوهانِ تِکي لَطِيفُ چئي.

8

مَري تان مَ ميها رُ، وَڻاڻُ وِلَهو مَ ٿِئي؛
وَچِنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ؛
ساهَڙُ مُون سِينگارُ، ماڻُهن ليکو مِهڻو.

9

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آئُون مَٿي بيٺَ؛
لُڙَ لَنگهِينديُون ليٺَ، لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئَي.

10

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آئُون مَٿي ڪُنَ؛
ڪوڙِيِن ڪَرَ ڪَٽنديُون، ساهَڙَ جي سَمَنَ؛
مينهُون ساڻُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگهِينديُون.

داستان پنجون

1

ساندَه سَپ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جِي؛
چڪِي چوڙِيءَ ۾ گِهڙِي، جِتي جِيَّ وِڙاهُ؛
پَسيو ڏوه ڏَڪي هِنئُون، آرِ مَٿي اَرِواحَ؛
جي توهُ ٿِئي توڏانهُن، ته وِيرَ وَهِيڻو ناهِ ڪي.

2

سِڪَڻَ وارَنِ سُڻِڙو، جي دَهشَتَ سان دَرِياهُ؛
اوڙَڪِ اُنِين جو نه رهي، آرَ بِنا اَرِواحَ؛
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو ڪنديون ساهُ؛
جن کي حُبَّ اُنهِين جِي آهِ، ساهَڙُ ساڻِي تن جو.

3

گِهڙِيا سي چَڙهيا، اِئِين اَٿيئِي؛
مئِي متي مَهراڻ ۾، پؤُ ٽپو ڏيئِي؛
ته ميهارُ مِليئِي، سَنپُوڙو سِيڻاهَ سين.

4

اَکيُون مُنهن ميها رَ ڏي، رَکيُون جن جوڙي؛
رِءَ سَنڌَ، سَيَّدُ چئي، تا رِ گھڙَن توڙي؛
تنين کي ٻوڙي، سائرُ سَگھي ڪِينَ ڪِي.

5

جيڏانهن چِتَ چاهُ گھڻو، آرُ ٻه اوڏانهِين؛
وچِي وَهُ واڪا ڪيو، تِکو تيڏانهِين؛
ميها رُ مِلائِين، لَهرُنِ منجِهه، لَطِيفُ چئي.

6

پَلِيان، پَلِيو نه رهي، نِرتُون نِينهُن نِبا رُ؛
گھِڙان، گھورِيو چِندُ ڙو! اُٿَلَ مُون اَپا رُ؛
جنِين مَنِ ميها رُ، هَلَڻُ تنِ حَقُ ٿِيو.

7

سَندو ڏَمَ ڏَهَڪا رُ، هَڏَهِين ڪونهي هِنَ کي؛
هِيءَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، پُسائي نه سِينگا رُ؛
ڪا رَنِڻ مُنڌَ ميها رُ، ڪا رِيءَ راتِ ڪُنَ تَري.

8

جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪَري، ذَرو جاڳَ نه هوءِ؛
اوهيَرَ اَچيو، اَديُون! پَهُ پِريان جو پوءِ؛
جي ڪَچو چوَنِ ڪوءِ، ته مَرڪُ پانيان مِهڻو.

9

نه ڪَرڪِينءَ سُئي؟ جي سِيرَ نه گھِڙِي سُهڻِي؛
هِتِ حياتِيءَ ڏِينهَڙا، هَڏَهن تان نه هُئي؛
چُلي تنهن چَرِي ڪئي، جو ڏِنُسُ اُنَ ڏُهِي؛
سُهڻِي کي، سَيَّدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهِي؛
هُنئِين هُوندَ مُئي، پَرَ ٻُڏِيءَ جا ٻِيڻا ٿيا.

10

ڪا جا ڪُن ڪَرِنِ، پِنيءَ پُڻِ جُهڻِ پاڻ ۾؛
اڪيُون تنهن آبَ کي، آڌِيءَ اُڪيرِنِ؛
توڙي تِڪُون ڏِينِ، ته به اُجَ اُنِين کي نه لَهي.

11

دائمَ جا دَرِياهَ ۾، سا مَڇي ڪِنِي ڪوهُ؟
آهس اِيُ اَندوهُ، پاڻِي ڪِٿي پِيان.

12

لهرَ مِڙوئِي لالَ، وَهڻُ ڪَٿُورِيان وتَرو؛
اوبِها را عَبِيرَ جا، جَرَ مان اَچِن جالَ؛
ڪُنَنِ گِهڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُهڻِي.

13

جيڪِي ڏِٺُءِ تارِ ۾، ڪَنڌِي سو ڪَهيج؛
جَرُ وڏو، جهاجَهه گهِٽي، پاندُ مَ پُسائيج؛
ساهَڙُ ساڱاهيج، ته ثابِتُ لَنگِهين سِيرَ مان

14

جا هَڙَ اَندَرِ جِيَّ، ساهَڙَ ڏِني ساهَ کي؛
سا هَڙَ چُڙِي نه ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَمِيعَ! ته سا هَڙَ چُڙِي ساهَ جِي.

وائي

اڪيون پيرَ ڪَري، وَيجي، وو! وَيجي.
سُپيرِيان جِي ڳالهڙِي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪجي؛
لِڪائي لوڪَ کان، گُجهڙِي ڳوٺ ٻَجي؛
مُحَبَّتِيءَ ميهارَ جو، سُور نه ڪنهن سَلجي.

داستان چھون

1

ساھَڙَ جا سِينگارَ، اَڻَ لِکيا اَگِي ھُئا؛
نَکا کُنْ فَيَڪُوْنُ ھُئِي، نَکا بِي پَچارَ؛
مَلَڪَنِئان مَھَندِ ھُئِي، توڏِيءَ جِي تَنوارَ؛
مُحَبَّتَ ساڻُ ميھارُ، لايائِين لَطِيفُ چئِي.

2

گھيڙَ لَنگھيو گھاري، مِيثاقان ميھارَ ڏي؛
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ قَالُوْا بَلىٰ، پَرَ اِھا پارِي؛
ڏِسيو ڏيکارِي، پِرت پِريان جو پيچِرو.

3

اَلَسْتُ اَرواحَنِ کِي، جَڏھِن چَيائُون؛
مِيثاقان ميھارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون؛
سو موٽي ڪِيئَن پائِھُون؟ جو مَحفُوظان مُعافُ ٿِيو.

4

اَلَسْتُ اَرواحَنِ کِي، جَڏھِن اَمُرُ ڪيو اَحَدَ؛
ھو مَنَ ڪاڍو ميھارَ ڏي، سُھِڻِيءَ سِڪَڻَ سَڌَ؛
دِلو دَؤرَ دَرِياهَ جي، ڪيو اِرادي اَڌَ؛
جيڪِي آيسِ ڏانھن عَھدَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

5

’اَلَسْتَ‘ اَرواحَنِ کِي، جَڏھِن جاڳايو جَلِيلَ؛
سَنئِين راهَ، سَيَّدُ چئِي، سوناٰئُون سَبِيلَ؛
وَحدَتَ جِي وادِيءَ ۾، ڪوڙِين ڪي قَلِيلَ؛
دَرِياهَ جي دَلِيلَ، لَکِين لَھوارا ڪيا.

6

ڪامان، پَچان، پَجُران، لُچان ۽ لوچان؛

تَنَ ۾ تَوَنسَ پِرِينءَ جِي، پيان نہ ڍاپان؛
جي سَمُندَ مُنهن ڪريان، توءِ سُرِڪيائِي نہ ٿِئي.

7

ڪارِي راتِ، ڪَچو ڪَھڙو، اُٺِيهَ اُونداهِي؛
چَندَ نالو ناهِ ڪو، دَرِياهَ دَڙَ لائِي؛
ساهَڙَ ڪارڻ سُهڻِي، آڏِيءَ ٿي آئِي؛
اِي ڪَمُ اِلاهِي، ناتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گھڙِي؟

8

ڪارِي راتِ، ڪَچو گھڙو، نڪا سِيٺهَ ساڻُ؛
وِجهي وَيرَمَ نہ ڪري، پِريان ڪارڻِ پاڻُ؛
مُحَبَّتَ ڪي مهراڻُ، سُڪِي سَپُ پَٽُ ٿِيو.

9

اورارِ نہ پَرارِ، ويچارِي وَهَ وِچَ ۾!
سُڪِي ڏَنِيءَ سُپِرِين، پِيو مِڙوئِي تارِ؛
تُون گھڙُ، ڪِيمَ نِهارِ، ٻُڏندَنِ سين ٻاجھون ڪري.

10

هِنَ پارِ، نہ هُنَّ، ويچارِي وَهَ وِچَ ۾!
نِيچُ نِهاري نہ گھڙِي، تنهن ۾ پيس تُنَّ؛
اَللهُ! ساڻُ اُمُنَّ، آران ڪنهن اُڪارِئين.

11

سَهسين سائُرَ گَجَنِ، توءِ سَهَجَ نہ مَڻِي سُهڻِي؛
نہ ڪي نِينهَن ڇِجَنِ، پَرِتَهِين پِرِيُنِ جي؟

12

سُپيرِيان جي تُرهي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ؛
صُباحَ تو چَوَنداءِ: ”اَسان تو اُڪارِيو.“

13

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏِين، توءِ مَ لَڳُ؛
جي پانئين پِرِينءَ مِڙان، تہ پُور اُبتي وَڳُ؛
پاءِ تيڏاهِين پَڳُ، ناهِ جيڏاهِين نِجُهرو.

14

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، ساهَڙُ ساڻِي تن جو؛
لَهرنِ سِرِ لَطِيفُ چئي، ڪُلهنِ چا ڙهيو ني؛
جي پُڇَنِ پَنڌُ پَري، تِن اُماڻي اورهُون.

15

سُڪِيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏِين، توءِ ٻُڏُ؛
ڪَڪَ، ڪاندِيرا، ڪانيُون، ميڙِي، ٻَڌُ مَ مَڏُ؛
نڪو ساهَڙُ سَڏُ، نڪا سُڄي سُهڻِي.

16

جي تو بيتَ ڀانيا، سي آيتُون آهِنِ؛
نِيو مَنُ لائِنِ، پِرِيان سَندي پارَ ڏي.

داستان ستون

1

ٻوڙِئين، چا ڙِهئين، تُون ڏَٺِي! ٻِئي جو دعوىٰ رَسي نہ دَمُ؛
هِن مُنهِنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعْلَمُ؛
رَکُ پيلي جو پَرَمُ، جو اَچِي پِيو اَجهور ۾.

2

ڪانڊِي ڪَنگَ ٿِياسِ، وَهَڻُ جَنا زو سُهڻِي؛
ٻَگها جي ٻيٺَنِ جا، ڪُلها تن ڏِناسِ؛
اکئين مَلَڪَ ڏِٺاسِ، توءِ مَنَ ڪاڏو ميهارَ ڏي.

3

اُپو تَڙِ ميهارُ، مَلاحنِ سَڏَ ڪري؛

آءٌ پڻُ وِجهان هَنڙا، اَئين پڻُ وِجهو جارُ؛
گهوريُون ڪارُونپارُ، مانَ مِلَنئُون سُپِرِين.

4

ڪَنڌِي جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُپو آهُون ڪري؛
تو ڪِيئَن بوڙِي سُهڻِي؟ بيلِي مُنهِنجي بانهَن؛
دَرِياهَ! تو تي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

5

جِتي پيرَ پِرَنِ، پُريُون پون پَوارِيُون؛
تانگهه نہ لَڌِي تارُئين، مَپُ نہ ماپِيڙنِ؛
ڪَنڌِيءَ اُپا ڪيتِرا، سِيڻاهِيا سَنڪَنِ؛
تُون ڪِيئَن تن تَڙَنِ، اَچيو، اَسارِي! گهِڙِين؟

6

ساپَارا سَڏَ ڪيو، اُپا چَوَنِ: "آءٌ"؛
هِڪ تِڪوئِي تارِ وَهي، بِيو لُڙُ، لَهريُون ۽ واءُ؛
ساڻِي جن اَللهُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديُون.

7

هارِي! حَقُّ رَکيجِ، ساپارا ساهَڙَ جو؛
خوابَ، خيالَ، خَطرا، تن کي تَرَڪُ ڏِئيجِ؛
اَندَرُ آئِينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيجِ؛
اِنهِيءَ راهَ رَميجِ، تہ مُشاهِدو ماڻِئين.

8

ساپارا سيئِي، تَنُ جنِين جو طالِبُو؛
مَنُ پِريان نيئِي، پِڳهِيو پاڻ ڳَرِي.

داستان انون

1

ٻُڌَندي ٻُوڙَنِ کي، ڪي هاٿِڪَ هَٿَ وِجَھنِ؛
پَسو لَڄَ، لَطِيفُ چڱي، ڪيڏِي کي ڪَڱَنِ؛
توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِن وڃن سِيرَ ۾.

2

ڪَڇِي ڪانِي ڪانهَن، ٻُڏا ڪَڍي ٻارِ مان؛
يا لَنگھائي، لَطِيفُ چئي، يا ڏُريان ڪري دانهَن؛
ڪَما حَقَّهُ ڪَڱَنِ جِي، آهي ڳالھ اڳانهَ؛
جيڪِي ڏي ٻُڏَنِ کي ٻانهَن، ناتَ ساڻِن وڃن سِيرَ ۾.

3

آهِئِين هُتِ اُماڻَ، ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو؛
لَهرِيُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، جَهليا جُنگَ جُواڻَ؛
اُونهي تَڙِ آ گَهِڙيا، آڏي پائي آڻَ؛
جي پِيا مُنهن مهراڻَ، تن ٻاندِيُنِ ٻيٺُ نه اُڃَهي.

4

ڪَڇي ساڻُ ڪَهي، پَڪو پُڇي نه سُهِڻي؛
لَنگھيو لُڙُ، لَطِيفُ چئي، وَچارِنِ وَهي؛
سا ڪِئَن نِينهَن نَهي؟ جنهنکي نِينهَن نَڏو ڪِٽي.

5

ڪڍيا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خالَ خُوشِ ٿِئي؛
پاڻِيءَ چِٽَ پُسائِيا، ڏاءَ نه جَهلي ڏَمالَ؛
سِپَڪَ پانيا سُهِڻِيءَ، جوڀَنَ جي جَمالَ؛
آڪي جا اَحوالَ، مَعْلُمُ ٿِيا مهراڻَ ۾.

6

ڪَڇو تان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پِرِيُنّ جو؛
ساهَڙُ مُنهِنجو سُپِرِين، ڏَمَ ڏِنِئي ڏوهُ؛
جي چَٽو جي چوهُ، ته پُورِيندِيَسِ پارِ مَٽِي.

7

ڪَچي ڪَٺُ نہ جَهليو، پيلو پيو پُرِي؛
سارَ چَڏيائين سِيرَ ۾، ٻانُهنِ ڪان ٻُرِي؛
لَٽي لَهريُون ويئُون، چؤڏارِي چُرِي؛
هِنئَڙي مَنجهہ هُرِي، ماهِيَتَ مَلَڪَ المُوتَ جي.

8

پيلي پُلائِي، پَسِي چِٺَ چَرِي ٿِئِي؛
”ٻِرَا ٻِرَا! ٻُڏِي سُهڻِي!“ وِيرُنِ ۾ وائِي؛
ڪَچي ڪيرائِي، لال لَهرنِ وِچَ ۾.

9

پَڪو ڪَٺِج پارَڻ سين، چَڳو چِٽائِي؛
ڪَچو ڏيج ڪُلالَ ڪي، مُنهن تي موٽائي؛
سو سُڻُ هِنئَين سين، سُهڻِي! جيڪِي فائِقُ فَرمائي؛
مؤجُون مُنجهائِي، ما رِيئِي مَهراڻَ جون.

10

پِرُ، پَلِيرا سُپِرِين! پَلا ۾ پيراهَ؛
تو رِءَ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِءَ واهَ؛
ساهَڙَ جي صَلاحَ، تَنَ ڪي ڪَڍِي تارِ مان.

11

تَنَ ڪي ڪَڍِي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو؛
اُتِ آڏو اَچي ڪِين ڪِي، ٻيلِيپَو ٻِئي جو؛
ميهَرَ! ڪَج مُنهنجو، ڪو اوڪَرُ ڪَنهِين آرَ تان.

داستان نائون

1

جَرِ ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ، وَڻُ ٽِڻُ وائِي هيڪِڙِي؛

سپيئي شَيءِ ٿيا، سُوريءَ سَزاوارَ؛
هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪَهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

2

سَيَتِ پَچار پِرِيُنِ جِي، سَيَتِ هوت حُضُورُ؛
مُلڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَندين ڪيترا؟

3

لَهرِن لَکَ لِباسَ، پاڻِي پَسَڻُ هيڪِڙو؛
اُونهي تَنهِن عَمِيقَ جِي، واري چَڏِ وِماسَ؛
جِتِ ناهِ نِهايتَ نِينهَن جِي، ڪوءِ اُتِ پنهنجِي ڪاسَ؛
تَڙَنِ جِي تَلاسَ، لاهِ تہ لالَنَ لِڳِ ٿِئَين.

4

وَجان ڪِينَ وَرِي، هُوندَ رِءَ چَئي رَهِي رَهانَ؛
دُونهِينءَ پاسي دوسَ جي، ماڳِهِين پَئان مَرِي؛
صُورَتَ نہ سُنهن ڪا، ڪَيسِ چِتَ چَرِي؛
وِصالان فِراقَ جِي، سُڄِي ڳالهہ ڳِرِي؛
تيلاهِين تَرِي، مُنهن ڳِنيو موٽيو وجان.

5

جي قِيامَ مِڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سُپِرِينِ؛
تِهان پَرِي سُڄَنِ، واڌايُون وِصالَ جُون.

6

آئُون ڪِ نہ چاٽان اِئِن؟ تہ جَرَ ڳهِڙِي جوکو ٿئي؛
قَضا جا ڪَرِيمَ جِي، تَنهن ڪان ڪَنڌُ ڪَڍِبو ڪِيئَن؟
هِڪُ لِکئي، ٻِئي نِينهَن، آٽي اولِيَسِ اول ۾.

7

نہ ڪاتِيءَ نہ ڪانهَن، نڪو ڌوهُ قَلَمَ جو؛
اَنگُ اُتيئي لِکيو، جِتِ نہ رَسي ٻانهَن؛

ڪَنهِنکي ڏِيان ڏانهَن؟ قَضا قَلَمُ وَهائِيو.

9

نَڪو سَندو سُورَ جو، نَڪو سَندو سِڪَ؛
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پارَ لَهي.

10

سِڪَ تُنهِنجي، سُپِرِين! اَندر ٿِي اَجهَلَ؛
بَرڪِيو ٻاهر نِڪري، ڪُوري ڪانئِي ڪَلَ؛
رِءَ سِيراهِيءَ سَل، مُونکي ڏِنا سَڄَڻين.

11

ڪِي تران ڪِي تارِ مُون، ڪِي سَگهان ڪِي سَگهُ؛
آڏو ڏيج مَ لَڳُ، مُون هيڪلِيءَ، وَلَها.

12

ڏِني ڏِينهَن ٿِيامَ، ڪوهُ ڄاڻان ڪهڙا پِرِين؟
سَهسين سِڄَ اُلَهي، واجهائيندي وِيامِ؛
تِنين سالَ ٿِيامَ، جنِين ساعَتَ نه سَهان.

ابيات متفرقه

1

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، نِسورِي ناپاڪَ؛
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنِين جِي اوطاقَ؛
هُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تِنِين پاڪَ ٿِئي.

2

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، هِيءَ تان جُنبِي جوءِ؛
هِنَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، مُورِ نه مَٿو ڌوءِ؛
جي پِرِينءَ پاسي هوءِ، ته ڪَر توڏِيءَ تَڙُ ڪيو.

3

ساهَڙَ ڏاران سُهڻي، هِي تان جُهڪِي زالَ؛
توڏِيءَ تَپُ شرُوع ٿِيو، هَيءَ! هِيڻيءَ جي حالَ؛
جَذِيءَ رِءَ جَمالَ، اکِهي ٿِي آهُون ڪري.

4

ساهَڙَ ڏاران سُهڻي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَڃِ سَنگهارَ؛
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگهيائي سَگهي ٿئي.

5

ڏِيهاڙِي ڏَمَرُ ڪري، مَٿي مُحَبَتَ مُون؛
تنهِن کي اَچِي تُون، پِرِيمَ! ڪوهُ نہ پَلئِين.

6

جان جان هُئِي جِئَرِي، وِرِچِي نہ ويئِي؛
وچِي پُون پيئِي، سِڪَندِي کي سَجَڻِين.

7

جان جان هُئِي جِئَرِي، ويئِي نہ وِساندِ؛
لُڙهِي لَهرِن پاندِ، مُيائِي ميهارَ ڏي.

8

وَرُ اُونداهِي راتِڙِي، کوءِ چانڊُوڻِيءَ چنڊان؛
اوري ميهاران، مُنهن مَ پَسان ڪو بيوَ

9

سائُر بوڙِي سُهڻِي، نہ ڍوري نہ ڍنڍِ؛
اکِين مَنجه اُڪَندَ، مُيائِي ميهار ڏي.

10

سانوڻَ لَهرِيُون، ٿَرَ وارِي، تِرَ وارَ؛
اِنهان ئِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.

وائي

مُنهِنجُون سپيئَي، آيَلِ! ماءِ، مَنَ مُرادُون پُنيُون.
جهڙِي پِريان ڳالهڙِي، تهڙِي بِي نه ڪاءِ؛
ڪجي تان ڪوڏُ ٿِئي، سُجي تان سيباءِ؛
ويهُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جَنهن جُڳاءِ؛
ڪانهي حَدَ حَمَدَ جِي، ته ڪَرِيان لالَنَ لاءِ؛
ڳَڻِيو، ڳَڻِيان ڪيترِيُون، وَڏيُون وَڏاياءِ؟
سو مُون هَٿان نه ٿِئي، جيڪِي تو جُڳاءِ؛
تو سَڄيُون، تو سَنديُون، سِڪَن توهِين ساءِ؛
اُجَ تُنهِنجي اُجيُون، لوچِن توهِين لاءِ؛
دِلِ دانهُن ري نه رهي، مُون کي ماٿِ جُڳاءِ.

سُر سسئي آبري

داستان پهريون

1

جي سِجهائي سڪَ، ته پِرُ سِڪي سَسُئي؛
پِيتائين پُنهونءَ کي، هڏِ نه پِڳيَس هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ ٿئَي.

2

پَسِي جهاجهه جَمال جِي، جنِين پِيتي پِڪَ؛
اَپِرِ اڳانجهو ٿيو، سُورُ اُنين کي سِڪَ؛
هڏِ نه پِڳِيَنِ هڪَ، سَدا سائِرَ سِيرَ مِ.

3

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ مِ، تن تِشنَگِي تارِ؛
پِي پِيالو اُج جو، اُجَ سي اُجَ اُٿيارِ؛

پُنهون پاڻَ پيارِ، تہ اُجَ سِين اُجَ اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُرُ پِيالو جن؛
پِيڻَ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَنِ؛
تنهن نِهايَتِ ناهِ ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وڃن؛
تيلان اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائُرَ سِيرَ ۾.

5

سَدا سائُرَ سِيرَ ۾، اَندرِ لَهي نہ اُڃَ؛
پَسَڻُ جو پِرينءَ جو، سا سَپائِي سُڃَ؛
تيلان مَرَنِ اُڃَ، سَدا سائُرَ سِيرَ ۾.

6

ساجَنَ ڪا رَڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُڃَ، پاڻِي اُڃيو اُنَ کي.

7

پاڻِيءَ مَٿي جهوپِڙا، مُورکَ اُڃَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرِين، لوچي تان نہ لَهَنِ؛
دَمُ نہ سُڃاڻَنِ، داهون ڪن مُنَنِ جِئَن.

8

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيکُ پُنهونءَ سين، پاڏا رِيائِين پاڻُ؛
ڄَٽِ وِڃايو ڄاڻُ، ٻانَڀِڻِ ٻَروچَنِ سين.

9

لَڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لَهِسيو؛
اُپِنِ مَنجهان آيو، ”هيءِ! هيءِ!“ جو هِڳاءُ؛
طُيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَٺاءُ؛

مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ؛
بَرَ پِنُ ڪن ٻُڪاءُ، اُڪَنڊِيا آرِيءَ لَءِ گهڻو.

10

مَهندِ مُحتاجِي ڪَري، پُنَيءَ پيرُ ڪَٽِيجِ؛
ڪُيِلِياڻِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هلائيجِ؛
پاٽا ڏارَ پِرِيَنِ جا، سَسُئِي! سانُ ڪَٽِيجِ؛
اوڏِي عَزازِيلَ کي، ويجهي تان مَ وَڃيجِ؛
نا اُميدِي نيجِ، تہ اوڏِي ٿِئين اُميدَ کي.

11

ويهُ مَ مُنڌَ! ڀَنڀورَ ۾، هاڙهي هڏِ مَ هلُ؛
ڪُوڙِي ڪَڄِ مَ ڪَڌهِينِ، سَچِي ڳالهہ مَ سَلُ؛
جانِبَ لاءِ مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئِي!

12

سُڪِين ٿِيُ مَ سَنرِي، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ؛
پَٿي ڪَرِ مَ پانهنجو، گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ؛
مارِي! هڏِ مَ مَرُ، مَچُڻِ جِيُ جِيارِئين.

داستان ٻيو

1

پَسِي ڏُونگرَ، ڏاهِ! جِمَ هلَڻَ ۾ هيڻِي وَهين؛
لانچِي لَڪَ لَطِيفُ چئي، پُنَيءَ ڪيچِئُنِ ڪاهِ؛
پُڇِي پُورجِ، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باهِ؛
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هڏِ مَ لاهِ؛
جو اِڪَنئُون اوڏو آهِ، سو پِرِينِ پَراهون مَ چئو.

2

هتان ڪَٽِي هتِ، جن رَکِيو، سي رَسِيُون؛

ساجَنُ سُونهن سُرتِ، وِڪان ئي ويجهو گهٽو.

3

جيڪُسِ يادِ ڪَياسِ، وَرُ وچِي وَٽڪارِ ۾؛
جَلِدُ جَرِيدي پَنڌَ ۾، اَدِيُون! اَڄُ ٿِياسِ؛
وَڃِي ڪيچ پُنِياسِ، ٻاروچاڻِي ٻاجهه سين.

4

واقُفُ نه وَٽڪارَ جِي، پاڻِي ڪَنيُمِ نه پاءُ؛
جَبَلُ جَلدايُون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاءُ؛
لَڳي لُڪَ لَطِيفُ چئي، معذُورِنِ مَٿاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيڪلِي آهيان.

5

وَڏا وَڻَ وَٽڪارِ جا، جِتِ نانگَ سُجَنِ نِيلا؛
اُتي عَبْدُاللَطِيفُ چئي، ڪيا هيڪلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ ڪُڙِمَ نه قَبِيلا، اُتِ رَسجِ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

6

ويچارِيءَ وَٽڪارُ، اَڳُ نه ڏِٺو ڪڏهين؛
مَهرَ نه هئي ماڙُهين، هو سَڀُ هندُوڪارُ؛
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ سَرَتِيُون!

وائي

هوءِ جي هليا هوتَ سُونها را؛
مُون نه وَهيڻا، پنهونءَ سَڱِيڻا.
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا؛
آن ڪي ويندا گڏيا؟ آرِياڻِي اِهَ پارا؛
ٿِليُون ٿؤنرَ هلوِيُون، مَيَنِ سِرِ موچارا؛
مُون کي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا؛

اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلِدارا.

داستان ٽيون

1

پُنهونءَ ڇڏيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳولئين؛
تيلاهين تَنگُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ؛
ساجَنُ سُجَ نِهارِئين، ڏُکِي! ڏوهُ ڪيوءِ؛
هاڙهي هوتُ نہ هوءِ، وري پُڇُ وِيئِنِ کي.

2

وري پُڇُ وِيئُنِ کي، سَندا پُنهونءَ پارَ؛
ساجَنَ سَپُ جَمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيلَ ۾.

3

ڪوهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو، پورِي! پانئيو؛
پَنڌُ مَ ڪَرِ پهاڙَ ڏي، وُجُودُ ئي وَٽِڪارُ؛
ڏارِيا پانئَجِ ڏارَ، پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

4

سَپيئي ساري، سَسُئِي! گهرَ ڪُندُون تون گهورِ؛
وِڃِي ڏُورِ مَ ڏورِ، درا مَنجه دوسِتُ ٿيو.

5

سوئِي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورِئين، سَسُئِي!
ڪَڏهن ڪَنهين نہ ڪيو، جُلَڻَ مَنجهان جاڻُ؛
پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِنائِين لَهين.

6

جو تُون ڏورِئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو؛
لاٰلَنَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي ٿِي مَعذُورِ!
منجهان پَنئُن پَرُوڙِ، تو مَنجه آهسِ تَڪِيو.

7

وَڃِين ڇو وَڻڪارِ؟ هتِ نہ ڳوليِن هوتَ کي؛
لِڪو ڪِين لَطِيفُ چئي، ٻاروچو ٻِئي پار؛
ٿِيءُ سَتِي، ٻَڌُ سَندِ رو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ؛
نائَي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

8

هلُ هنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌُ؛
رائي پُڇُ مَ رَندُ، رِڙِهُ رُوحانِي سَسُئِي!

9

ڪَجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيچِيُن ڪارَڻِ ڪِيئَن؟
بيخود هلِج بَرَ ۾، آئُون ٿو چَوان اِيئَن؛
سِڪَڻ ساجَنَ سِيئَن، مَتان، مُنِي! ڇَڏِئين.

10

مَتان، مُنِي! ڇَڏِئين، پِريتَڙو پاڻا؛
جاپَنِ جئَن جاڻا، تون پِڻُ هوئِج تن جئَن.

11

مَتان، مُنِي! ڇَڏِئين، پاڻان پِرِيتَڙَو؛
ڪَٿُورِيءَ ڪَڙو، مَڙهي مَڙهِج مُنهن ۾.

داستان چوٿون

1

هيجُ نہ هوندو جن، سي ڪِيئَن وِندُر وِينديُون؟
وهو وِچ رَهنِ، سَهسين سَڏُنِ وارِيُون.

2

سَڏائِتِي سَپَڪا، ٻُڪَ نہ باسي ڪا؛
جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا؛

مون سين هلي سا ، جا جِيُّ مِنو نہ ڪَري.

3

وَريتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندِي وَرَ ري؛
جاڏي هنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَسِ تَرو؛
جَتَنِ ساڻُ ذَرو، نِينهن نِبيرِڻُ نہ ٿِيي.

4

وجوسپ وَرِي، اَئِين جي وَرَن وارِيُون؛
ڦوڙائي فِراقَ جِي، سُجي ڳالہ ڳِري؛
ٻُنپان جن ٻَرِي، ڏُونگَر سي ڏوُرِيندِيُون.

5

اَج ملندِيَس، ماءِ! ڏاجا ڪَنديَسِ ڪَپڙا ؛
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون کي جهلَ مَ پاءِ؛
هوتَ ٻَروچي لاءِ ، ڪَنين ڪُنِرَ پائيان.

6

مُون کي پانئِي پاجَ، ڏيرَ ڏُوراٽا هليا ؛
اِڳيان اُٿِي اُنِ جي، خُوبُ نہ پَڪَمِ ڪاجَ؛
مَيڙي آپَ سَرَتيُون، نَڪِي ڳايَمِ ڳاچ؛
سا مُون هٿان نہ ٿِيي، جيڪا رَسَمَ راجَ؛
آئِلِ! آءٌ اَڪاجَ، ٻولُ ٻَروچي وِترو.

7

پهرِين تُون پا ريج، پا رَنڻُ پوءِ پُنهونءَ تي؛
ٻولُ مَ وِسا ريج، هو جو ڪَيُءِ هوتَ سين.

8

توسين ٻولَ ٻَهون، سَهسين ساجَنُ جي ڪري؛
ڪَندِينءَ توءِ ڪَهون، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهن جو.

9

سُڻِي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمهين سَسُئِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيڏانِ؟ جه سي اُنِ اورانگهيا.

10

سِڄَ اُلَٿي سَسُئِي، رَتَ وَرَٽو روءِ؛
پَهي نه پانڌِي کي، جنهن ڪَرَ پُڇي لوءِ؛
مُوڙِهي وِڃي توءِ، موٽَڻَ جِي ڪانَ ڪَري.

11

ڇُلان، مَنجهِم نه چاڪَ، پُران، پَوَنِم پُرِڪَٽا؛
مَٿان ڪا مُندَ ڪَري، موٽَڻَ جِي مَزاڪَ؛
چِٽُ سَندو مُون چاڪَ، هاڙهي هَڏِ هِٽِي ڪيو.

12

موٽَڻَ جا مَذڪُورَ، جان ڪِي چَيَسِ جيڏِئِين؛
پَرَيتِ پِهرئِين پُورَ، نيئِي پهچائِي پُنهونءَ کي.

13

موٽِي مَران مَ ماءِ! مَوٽَڻَ کان اڳِي مَران!
لُڇِي لالنَ لاءِ، شالَ پَونديَسِ پيرَتي!

وائي

مَعلُومُ حالُ حَبِيبَ! مُون کي دَرِدُ قَدِيمِي، وو!
دَرِدُ جَدِيدِي، حُبّ حَبِيبِي.
اُلُودِي آزارَ کان، تولَءِ ٿِيَسِ، طبيبَ!
شادِي ڏٺِين صِحَتَ جِي، غَمِي لاءِ، غَرِيبَ!
اَهڙان ٿِي آهون ڪَرِيان، نَعرو مَنجهه نَصِيبَ!
ڪاهلِ آهيان ڪُوَڙِي، رَسِي لاءِ، رَقِيبَ!
حاذِقُ آهيَن هنَ جو، اَڇين شالَ، عَجِيبَ!
دَوا آهيَن دِلِ جِي، پُڇ پُڇ رَهيَسِ طَبِيبَ؛

اَلا! عَبۡدُاللَطِيفُ کي، ڪوڙي لاءِ، قَرِيبَ!

داستان پنجون

1

پَڃي جان پَنپورَ ڪان، ڏُونگَرُ ڏُورِيو مُون؛
ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ کي، جِتي پاڻَ پُنهون؛
سَپَتِ آهِئِين تُون، قَضا ڪَندِين ڪِنِ سين؟

2

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ؛
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪَيچِينِ ڪاڻِ؛
پُنهون ثِيَسِ پاڻَ، سَسُئِي تان سُورَ هئا.

3

پُنهون ثِيَس پاڻهين، ويو سَسُئِيءَ جو شَرَمُ؛
هيڪِلِيُون هلَنِ جي، پَڃي تن پَرَمُ؛
جو وِندُ رِمِ وَرَمُ، سو سودو سَرِيَسِ هتَهين.

4

پُنهون ثِيَسِ پاڻهين، ويئِي سَسُئِيءَ جي سُونهن؛
خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُوۡرَتِهٖ، اِئن وَڻِ مَنجھ وِرُونهَ؛
چَرِي مَنجهان چُونهَ، ڪَڍِي هوتَ هنجِ ڪيو.

5

ويئِي سُونهن سَسُئِيءَ جِي، پُنهون ثِيَس پاڻَ؛
سَپِنِ جِي سَيَّدُ چئِي، آهي اُتِ اُمانَ؛
پَنپورَ جا پاڻَ، آڏا عَجِيَنِ کي.

6

وَهمَ وِرساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هئِي؛
پاڻُ وِڃائُمِ پانهنجو، پئي پِريان جي پاسِ؛

رَتِي عِلِمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

7

هيڪَرَ هِئَڻُ ڇڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ کي؛
مَا رَاَيۡتُ شَيۡئاً اِلاَّ وَرَاَيۡتُ اللهَ، نيئِي اجها اوڏانهين اَڏِ؛
تہ هوتُ توهين کان هڏِ، پِرِين پاسي نہ ٿِئي.

8

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪوهُ پَهي؟
وَفِي اَنۡفُسِڪُمۡ، اَفَلا تُبۡصِرُوۡنَ، سُوجهي ڪَرِ سَهي؛
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هٿَ تي.

9

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪُوهُ پَرِيانڻُ؟
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، تُنهنجو توهين سانڻَ؛
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجِيبَنِ کي.

10

ووڙِيمِ سَپ وَٿاڻَ، يارَ ڪارَڻِ جتَ جي؛
اَللهُ بِڪُلِّ شَيۡءٍ مُحِيۡطُ، اِي آرِياڻِيءَ اُهجاڻَ؛
سَپَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينهي بيو بَروچَ ري.

وائي

اَهڪِيءَ آگَہُ آهي، وو! مون کي تان نہ ڇڏيندوتِڪَ ۾.
پڇي پوءِ پيَنِ کي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاهي؛
آرِي اَڱها ڙَنِ کي، پُنهون جامُ پَراهي.

داستان ڇهون

1

جُدائِيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛

مَنگَلُ مُنهنجي مَنَ ۾، باريو هوتَ حَمامُ؛
اَرکِ ٿِيو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسِي ڪانڌَ جو.

2

دَرِدُ نہ لَهي دارُوئين، زُلِفَ زورُ ڏِنوم؛
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.

3

ڪاڪُلَ ڪُنِي جا، ڪَفَنُ تنهن ڪِينَ ٿئي؛
مَنجهہ شهادَتَ سان، لُڏي ءِ لاڏَ ڪري.

4

ڏٺا، ڏُونگر جامَ! مَ ڪَرِ مَعذُورِنِ تي؛
توتي لَجَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ؛
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ڪانڌَ! ڪَلامَ؛
پَرِچج پِيادِنِ سين، اَللهَ لڳ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِج هيڪلِي.

5

پَيرِ پَٽانئي ڪُنَڙا، ڏُونگرَ مَٿي ڏي؛
ڦِٽيا ڦَرَ ڦَقِيرِ جا، سيرُون ٿِيڙا سي؛
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پُنهونءَ ڏي؛
وَجي، مانَ وَري، پانهِيءَ پَنڌَڙُ جنهن سين.

داستان ستون

1

وِنڌُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ پَڌَنِ سَندِرا؛
پِيُون ڪوهُ پَڌَنِ، چوڙي جي چَڏِينديُون.

2

ڏِيهُ ڏيهان ئي ڏُورِ، پَرڏِينهان پَري ٿِيا؛

سيڻَنِ ڪارڻِ سَسُئيِ، پيئي پَرانهين پُورِ؛
تُون وَڃِين، هوتَ! حُضورِ، مُنهنجوجِئڻُ جيلانهِين ٿِئي.

3

هيڪانڊِيءَ هوئِي، اُٿِي راتِ رَوان ٿيا؛
ساهُ سَڱِي ۾ سُورَ جي، پُنهون وِيو پوئِي؛
رَهُ، قَضا! دَمُ ڪوئِي، تہ هيڪرَ هيڪانڊِي ٿِيان.

4

هَڏِ نہ ساهُ سُڌِيرُ، دِلِ دَرمانڊِي دوسَ ري؛
پائي وِيڙا پِرتِ جو، زوراوَرَ زَنجِيرُ؛
جِيُ جُسو، جاڳِيرُ، هاڻي مِلڪَ هوتَ جي.

5

عُمرِ سَڀِ عِشقَ سين، پُنهون جي پُڄَڻِ؛
رِيسَ ريذالِيُون تن سين، ڪُجا ڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڱِ جي مَرَنِ، وڏو طالِعُ تن جو.

6

وينِي وَرِ نہ پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نہ سُپِرِينِ؛
جي مَٿي رَندَنِ رُئَنِ، ساڄَنُ مِلي تن کي.

7

رائي ڪِي رَنجُورَ، ٿَڪَرَ توءِ ٿاڪِيو چڙهي؛
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئِي، هلي ڏانهن حُضُورَ؛
رَهيا سَڀِ رُڃُنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ؛
ساڄَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙيُسِ سُپِرِين.

8

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ، سَڀَ مَ پُڇِج، سَسُئي!
ويهي وَڏي ڏِيگَ مان، ڏُٽِي وِجهجِ ڏُوڙِ؛
نہ تون ماٽِين مُوڙِ، جي پَندِ اِهائِي پا رِئين.

9

بَرِيائِي ته بارِ، ڦُوڪِ ته لڳي اَنبَرِين؛
هِتي جي هُئَڻَ جُون، وَڻُون سَپِ وِسارِ؛
سَمُوري سَرِڪارِ، نيئِي رَکج ناهِ ۾.

10

قَدُ بَڌِي، تُون ڪِينَ، پُڇندِينءَ پُنهونءَ سين؛
جنءَ سِينو ساهئين سَسُئِي، تِئين تَهوارون تِينَ؛
مُني! ٿيُ مِسڪِينَ، هِمَّتَ هوتُ وِڃائِيو.

11

ٻِلَرِ لڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِي؛
سا مُندَ مَري نه جِئي، پيئي پَچا ڙي پاڻُ؛
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنيوڙي سَيَّدُ چئي.

داستان اٺون

1

اَڌَرِ، ٻَڌَرِ، اُپَرِي، اَسُونهين آهِيان؛
لُڙِڪَ لَعلَ، لَطِيفُ چئي، وَرَ لَءِ وَهايان؛
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان؛
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان؛
پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پاڻَ سين.

2

اَڌرِ، ٻَڌرِ، اُپَري، آهيان اَسُونهين؛
پَرَ ڏيهي پِرِين ڪيا، مَرَڻَ لَءِ مُونهين؛
سَسُئِيءَ کي سَيّدُ چئي، تَنگَنِ ۾ تُونهين؛
هارِي! ڪِئَن هونهين، رِءَ سَمَرَ سَڌُون ڪَرِين.

3

اَڈرِ، نِڏرِ، اَپَرِيءَ سَڏَرِ ٿيُ سچي؛
سُپَڪِ ٿيُ، سَيَّدُ چئَي، پَهڻِ مَنجھ پَچِي؛
مَعذُورِ تي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي؛
منجھان راهَ رَچِي، ٿِيڙِي لالُ، لَطِيفُ چئَي.

4

اَچِي عِزرائيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي؛
ٿي ڊوڙائي دَليلَ، تہ پُنهون ماڙُهو موڪليو.

5

مُنڪِرءِ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِنائِين؛
اِڳيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇِيائِين؛
اَدا اِتائِين، ڪو ويوساٿُ سَجَڻَ جو؟

6

پاپاڙِي ٿِي پورِ، پُنيءَ ڪيچِينُ ڪَڪِرا؛
رائو مِڙِيوئِي رَتَ، ڪارَڻِ ڪاندَ ڪَڪورِ؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئَي، اُٿِي ڈُونگَرِ ڈورِ؛
جَتُ وَجي ٿو زورِ، اُپُڙُ تان اوڏِي ٿِئِين.

7

جُهتَ پِٽي، پِهُ جَهنگِ، ها ڙهي پُجُ مَ هوتَ ڪي؛
سُورُ سُبِيلِي، سَسُئِي! لَڪَ تَنهِين سين لَنگِهہ؛
تہ سُپِيرِيان جي سَنگِ، مُندَ! ميڙائو ٿو ٿِئَي.

8

ڪَرِڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُندَ پَنِپورَ ۾؛
چَڙهي ڏاڍِين ڈُونگَرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ؛
ڈورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَوَندُءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

داستان نائون

1

ويهُ مَ وِسا ري، پُڇا ڪَرِ مَ پَندَ جِي؛
نِرمَلُ نِها ري، هلَندِن تان هٿِ ڪيو.

2

اَوَجهڙ اَسُونهَن، ڏيهُ گهٽو ئِي ڏورِيو؛
سَڱَر رءَ سُونهَن، پهتِي ڪانہ پَندُ ڪَري.

3

واءَ! وِڃاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنهن پَندُ ڪريان؛
چِتا! چَپَرِ پِرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لِڳِي، متان لَتِئِين!

4

ڏُورِ مَ تون ڏوريج، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَڻُ چَڏِ پَيرِن سين، وِهڻُ وِسا ريج؛
سُڪَنِ جا ، سَيَّدُ چئي، لاڳا پا لاهيج؛
هنئِين ساڻُ هليج، پَندُ پاسي پَرِ نِبري.

5

کُهِي جا کَنيائِين، وِکَ تَنهِين ويجهي ڪَئِي؛
چِڪيءَ چِنائِين، پَندُ مِڙوئِي پَبَ جو.

6

سَؤ ڪوهَ ڪري سَپَڪا ، تُون، کُهِي! کَڄِ وِکَ؛
تاڻِج مَنجهان تِکَ، تہ پَندُ پاسي پرَ نِبري.

7

هيڪلِيائِي هيلَ، پورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي؛
آڏا ڏُونگَرَ لَڪِيون، سُورِيُون سُڄَنِ سيلَ؛
تہ ڪَرَ بيلِي آهنِ بيلَ، جي سُور پِريان جا ساڻُ مُون.

8

دوسِتُ ڏِئائِين دِلِ سين، وِرچِي تان نہ وِهي؛
لانچِي لَڪَ، لَطِيفُ چئِي، پَهڻِ مَنجهہ پِهي؛
سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئِي.

داستان ڏهون

1

آءُ اوراهُون، سُپِرين! پَري وَجُ مِ پِيَّ!
موٽُ، مَرَندِيَسِ چِپَرين، تُون جِيارو جِيَّ؛
هوتَ! مَ چَڏِجِ هِيَّ، پُنهون! پِيادِي پَندَ مِ.

2

آءُ اوراهُون، سُپِرين! ڏُکِيءَ ڏِيج مَ ڏاگهہ؛
وَتِ چَڏي مُون واگهہ، آرِي! وِئِين عِشقَ جو.

3

هَٿان هَڏِ نہ چَڏِيان، صَبُرُ شُڪُرانو؛
ذَوقَ زَمانو، مُون، وَرَ! وِيو وِسرِي.

4

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هانِ؛
اَللهَ! سيئِي آنِ، جن ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

5

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هتِ؛
پُنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

داستان يارهون

1

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِيُنِ ڪُچِيو، ڪُڄُ مَ، ٿا ڪُچَنِ؛

اِشا رَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُڄَنِ؛
وَٺان ويھِي تَنِ، سُڻُ تہ سوزُ پرائِيِن.

2

سُڻُ تہ سوزُ پرائِيِن، ”آءُ“ چيائُون اَڄُ؛
بولِي بِي نہ سِڪِيا، ”پاٽا“ چوندءِ ”پَڄُ“؛
واجي وَٽِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تہ ٻِيائِي لَھي.

3

ڪَٿا رو ءِ ڪوسُ، اَگِڻِ آرِيءَ جامَ جي؛
دِيَتَ آھي دوسُ، ما رَڳَ ۾ مُڻِ جي.

5

اَڪِيُون آرِيءَ جامَ جون، اَنڌِيءَ سين آھِنِ؛
ھُو جي وَڻَ وِندُرَ جا، سي مُون سُونھائِنِ؛
ڏِسِيو ڏيکا رِينِ، پيشانِي پُنھونءَ جِي.

6

سَڏَ مَ ڪَرِ سَڏَنِ ري، ھلَڻَ رِءَ مَ ھلُ؛
جَلَڻُ رِءَ مَ جَلُ، رُئَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.

ابيات متفرقہ

1

اُٿِيو ءِ اُٿِيا ڪُ، ڪالھوڪو ڪاڏي گيو؟
وِيو جاڳائِي، جيڏِيون، ٻِرہُ، ھِيُ بيباڪُ؛
چُرُ ڦُرُ ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمھاري ڪِينَ ڪِي!

2

جان ساماٽيئَن، سَسُئِي! تان ويسُ وِڙَنِ جو ڪَرِ؛
لاھي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيگا رِياڻِي ٻَرِ؛
نہ ويندِي پوئِي وَرِ، اڳيان ھوتَ حُضُورَ ۾.

3

مُندَ نہ مَنجهان تن، پَسي لَڪَ لُڏَنِ جي؛
جا پَرِ ڪاهوڙِينِ، سا پَرِ سِڪِي سَسُئِي.

4

مُندَ مَ مَنهِن ويهُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ مِ؛
تو سيئِي سيڻَ ڪيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيهُ؛
پا ڙي پا ڙي پيهُ، وَٺُ پُڇَندِي پِرِينءَ ڪي.

5

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي ما رو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وِسا رِئِين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگِهه تُون، سيڻَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، ڦِيندينءَ لَعْلَ، لَطِيفُ چئي.

سُر معذوري

داستان پهريون

1

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کِهجَنِ ڪي ڪوڙِيُون؛
پَهَڻُ ڦِنين پَٽُ ٿِئي، جي لءِ لالَنِ لُوڙِيُون؛
سَبُ سَهيلِيُون سِڪَ ڪي، چُنجُهون ۾ چُوڙِيُون؛
بانپَڙِ! ٿِيُ ٻُوڙِيُون، نہ ڪُتا ڪِينئِي ڪيچَ جا.

2

تن پيئِي جانا رَنِ يادِ، جي پا رِيَلَ پُنهونءَ جامَ جا؛
سَندي لا لَنِ لاڏِ، مُئَانِ پوءِ مَنڌُ ٿِئي.

3

جاڳاِسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَرِيبَنِ جي؛
ٻَهِي پؤنڪِي اُٺيو، گِهڏِي مَنجهان گهورَ؛

سَپِ لاهِيندو سُورَ، ڳِرِي هِنَ غَرِيب تان.

4

ڪُتو طالِبُ ڏُونڊَ جو، اسين ڪُتي ڪِيڙَ؛
ڇُهِتي آهي ڇِيڙَ، ڪا رايي جي ڪَنَ ۾.

5

سَڳِبانَ سِينڌا رِيا، ٻَچِيا، تي ٻَهَنِ؛
ڦِرِيا نہ فَرمانَ کان، مُلهُ نہ موٽِيَڙَنِ؛
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ، ڏاڪا رِيا، ڏاڙِهِينِ ٿا.

6

ڏَڪا، ڏُونگَرَ جا مِرُون، مَرُ ٿا مُون تي ڪَنِ؛
پُڙَندا ڪِينَ پَرِيتِ تي، هِنَ جا سَڌَرَ ٿا سُڃَنِ؛
سَڳائِيءَ جي، سَيَّدُ چئي، آهي سُڌِ سَيَنِ؛
هُوندَ نہ هِتِ ٿَرَنِ، پر قَرابَتَ ڪَمُ ڪيو.

7

سَڌَرَ سين سَڱُ ڪري، پَرَڪَنڊين پِيياسِ؛
ڪيرَ بِرهَمَڻِ؟ ڪِن جي؟ ڪيرُ ڄاڻي ڪيٽاسِ؟
هُوندَ نہ سِنڌُ سُياسِ، هِنَ پُرِينِ ڪَيَسِ پَڌِ ري.

وائي

خُوبِي مَنجِھ خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتَ، آهي عَبْدُاللَّطِيفُ کي.
مَدَحَ مون کان نہ ٿِئي، سَندي سُورَ صِفَتَ؛
هِجي ڪريان هيجَ سين، مُطالِعُ مَحَبَتَ؛
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڳِيا ئي راحَتَ؛
پِرِيان جي پِستانَ جو، فاقو ئي فَرحَتَ.

داستان ٻيو

1

اَڊِيُون! وَرُ اَڱھا ڙَ، وِھانءُ جنھن وِسا ريو؛
جيڏِيون! ڇڏي جا ڙَ، سَپِ ننگيُون ٿي نِڪرو.

2

سَپِ ننگيُون ٿي نِڪرو، لا لَڄ ڇڏي لوپُ؛
سُپيرِيان سين سوپَ، نِندُون ڪندي نہ ٿِئي.

3

سَپِ ننگيُون ٿي نِڪرو، پَرَھَڻَ ڇَڏي پوءِ؛
مَھَندِ مِڙَنئان ھوءِ، ڪَھي جا ڪِينَ ڪِٿي.

4

ڪَھي جا ڪِينَ ڪِٿي، پِرينءَ پُھُتي سا؛
وِھي ويڙھِجي جا، وَصْلُ تنھن وِجائيو.

5

وَصْلُ تنھن وِجائيو، سِيندِ سُرمي سِيئَن؛
سا لُوٽي لِيلان جِيئَن، مَٽِيو جنھن مِٽُ ڪَيو.

6

ھُونڊِيان ھوتُ پَري، اوڏو آه اَڻَ ھُوندِ ڪي؛
ساجَنُ تن سَري، "لا" سين لَڏِينِ جي.

7

لائي خَنجَرُ "لا" جو، ھَيءِ! خَچَرَ ڪي ھَڻُ؛
سَڌُنِ جُون سَيَّدُ چئي، وَٺُون سَپِ وِڪَڻُ؛
پيرُ پَرُوڙي ڪَڻُ، نہ ھَلَڻَ ۾ ھورِي وَھِين.

8

ھورِنِ ھا ڙھو لَنگھيو، ٿِي جَرِيدِي، جوءِ!
ھُوندِ جنِين سين ھوءِ، ھوتُ نہ ھُوندو تن سين.

9

هورِنِ ها ڙهو لَنگهِيو، مُنِي! مُوسَٽُ چڙِ؛
”لا“ سين اُٿي لَڏِ، ”ڪِينَ“ رَساٽي ڪيچ کي.

10

نڪا هِتِ، نہ هُتِ، ڪا ڳَوريءَ سندِي ڳالِ؛
ڪِينَ پُهتِي مالِ، حالِ پُهتِي هوتَ کي.

داستان ٽيون

1

هَلَندي ها ڙهو مَٽِي، ڪَرَڻُ ڪوهَ پِيامِ؛
اَرڙا آريءَ جامَ ري، گُوندَرَ گُذ رِيامِ؛
لڪِيُون، لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهڻَ آيامِ؛
پُرَڻُ پُنهونءَ پُٺِ ۾، اِيُ سَعادَتَ سَندِيامِ؛
مَشِن ڪَمَ وِڌامِ، وِهان تان نہ وَسِ پِيو.

2

وَڏو ڪِيمَ وَٽاهُ! اُونچا ڏُونگَرَ! مَ ٿِيو.
ٿِمو مَ نيٽاهُ، تہ پيرُ نِهارِيان پِرينءَ جو.

3

وارو! مُون وَڙاهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏِيو؟
وِجهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ کي مَ مُنجهاءِ؛
مَنجهان پاڻَ پِيادِيُون، هادِي ٿِي هلاءِ؛
پِرِيان کي پُهچاءِ، تہ لِڳي لُونو نہ ٿِئين.

4

ڪَندا مون پيرَنِ ۾، توٽي لَڪَ لِڳَنِ؛
آڱُرِ، آڱُوٺي نہ مِڙي، چِپُون پيرَ چِنَنِ؛
ويندي ڏانهن پِرِيَنِ، جُتِي جاتِ نہ پائِيان.

5

جُتيون سي پائينديُون، جنين پيرَ پرين؛
لاٿيون سَڀِ پَرين، سَسُئِي سُپيرِيُنِ کي.

داستان چوٿون

1

مَرِي، جِيُ؛ نہ ماڻئين، جانِبَ جو جَمالُ؛
تِئين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائي پا رِئين.

2

مَرُ نہ موچارِي تِئين، اَجَلان اڳي اَجُ؛
جان ڪِي هُئين جِئَري، تہ مُنڌَ! پَنيوران پَجُ؛
پُنهونءَ ساڻُ پَهَچُ، تہ مَلَڪَ اَلمَوتُ ماڻئين.

3

اَجَلان اڳي، سَسُئِي! مُنڌَ! جِئَريائي مَرُ؛
ٿولِيان تنهن مَ ٿَرُ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهَ مِ.

4

مَرَڻان اڳي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَنِ نہ ماتُ.
هوندا سي حَياتُ، جِئَڻان اڳي جي جِئا.

5

اُونچو اُتاهون گَهڻو، جِئَڻَ کي جَبَلُ؛
مَرَڻَ مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

6

تو سَڳُ، ساهُ! گَهڻَن سين، جِئَڻَ! گوشي جاءُ؛
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

7

پَرِ مِ پَڇِي پِرينءَ کي، مَري نہ جا تَوءِ؛
”مُوَتُوا“، مُنڌَ! نہ سوءِ، ڪَنڌُ ڪُجا ڙِيان ڪانئين؟

داستان پنجون

1

هَٿِين، پيرين، مُونَڙِئين، هَلِج سانُ هِنئَين؛
عِشقُ آرِيءَ جامَ جو، نِباهي نِئين؛
جان جان ٿِي جِئين، تان پاڙِج ڪومَ پُنهونءَ سين.

2

هَٿِين، پيرين، مُونَڙِئين، ڪَهِج پِرِ ڪَپارَ؛
مَتان، چوري! ڇَڏِ ئين، پِرِيَتَڙي پَچارَ؛
توکي سَنَدَ، سَسُئِي! سَندِي لَنؤ لَغارَ؛
جي هُونئِي هوتَ هَزارَ، تہ بہ پاڙِج ڪومِ پُنهُونءَ سين.

3

ٿَدَيءَ ٿَڪِي نہ وِهي، تَتِيءَ ڪَرِي تاڻَ؛
وِڏائِين وَٽڪارِ ۾، سَسُئِيءَ پاڻُ سُڪاڻَ؛
پُڇي پَہَ پَکِيُنِ کي، پيئِي مُنڌَ پَرِياڻَ؛
ڏِنَسِ ڏيہَ وَٽَنِ جاءِ، تن اَللهَ لَڳ اُهِجاڻَ؛
مانَ پَرچِي پاڻَ، اَچِي آرِياڻِي وَرِي.

4

توڙي وِلاڙُون ڪَرِين، توڙي هَلِين وِکَ؛
لِکِئي مَنجهان لِکَ، ذَرو ضايعَ نہ ٿِئي.

5

لِکِيو جو نِراڙِ، سو اَنگُ ڪِيا ڙِيءَ نہ ٿِئي؛
پاڙِيو وينِي پاڙِ، جيڪي لاَلَنَ لِکِيو لوحَ ۾.

6

ڪَيائِين ڪيچِيُنِ لءِ، جُسو جَلاوَتَ؛
ڇَڏَي پيئِي ڇَپَرِين، هارِي سَپِ حُجَتَ؛

هُئِي ٿماڻِي نِسَتَ، پَنڌُ وِڏائِين پاڻَ تي.

7

ما ڙهُو ڏيئِي مِهڻا، مُون کي ڪَندا ڪوهُ؟
جنهن چورِيءَ ۾ چوهُ، سا پڻُون ٿِيندِي پيرَ تي.

داستان ڇهون

1

فَردا مُنڌَ ڦِٿِي ڪئِي، نَقدُ ڪنيو نا رِ؛
هِيَ جا واڳَ وِلهِيءَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ؛
جانڪِي مُنِيءَ مار، جانڪِي ميڙ مُنيءَ کي.

2

مُنِي ٿي مُدَعا گُهري، موتُ ٿيو موجودُ؛
اَچِين نہ اَجُ ڪَرِيان، صُباحَ جو سُجُودُ؛
جانڪِي ني وُجُودُ، جانڪِي ميڙ مُنِيءَ کي.

3

ڏُکِي ٿي ڏَذورَ، لَهسِي لَنؤ پُنهونءَ جي؛
ڏيئِي آڳِ اَتورَ، سَپَ نہ سا ڙِي سَسُئِي.

4

ڏِسَڻُ ڏِکان اَگِڙو، سَسُئِي! آڻِ مَ شَڪُ؛
ٿِيُ بانِهي، پِرِ اوئِيُون، لُڏُ مَ پَسِي لَڪُ؛
وَرُ پُنهونءَ سين پَلَڪُ، کوءِ با رهَنَ وره پِيَنِ سين!

5

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرين، پَسو! پِڻُون پَوَنِ؛
مُئِي پُجا ڻان مُنڌَ کي، روجَهه رُجُنِ ۾ رُئَنِ؛
پُوڻا اِيَهِين چوَن، تہ "مُئِيءَ اَسانکي ما رِيو!"

6

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرِين، اوچِنگا رُون اَچِن؛
هَٽِي سانگِ سَسُئِيءَ کي، ڪَلو ڪَيو ڪَيچِنِ؛
جي هَٿان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تِنِين جي هَنجَ ۾.

7

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرِين، وَڻَ ٽِڻَ وايُون ڪَنِ؛
وَٿان ويهِي جَنِ، وَدِيءَ سي وادوڙِيا.

8

وَدِيءَ سي وادوڙِيا، رَتُ نہ ڏِنو جن؛
موتُ قَبوليو تن، ڏِنو جن ڏُکِيءَ کي.

9

وَدِيَلَ ٿي وايُون ڪَري، ڪُنَلِ ڪُوڪا ري؛
هُنَ پَنَ پنهنجا سا رِيا، هِيَ هنجُون هَڏَنِ لءِ ها ري.

وائي

اَچِي، لالَنَ! لَٽِ، مِيان! مُئِيءَ جو لوڙهُ لَڪَنِ ۾.
هو کانُ کَٿُورِيءَ هِيرئُون، مُون ۾ صابُڻَ ڇَٽَ؛
آرياڻِيءَ اَچِي ڪري، ڪا گَهڙِي مُون وَٽِ جَٽِ؛
کَٿُوري کَشِبُوءِ سين، ها رِيائُون هَٽِ هَٽِ؛
دَردُ مُنهنجي دِلِ جو، تون، ڪامِلَ! اَچِي ڪَٽِ؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللَّطِيفُ چئي، سِرَ تائِين آهي سَٽِ.

داستان ستون

1

آئُون نہ گَڏِي پِرِينءَ کي، سَهَسين سِجَ ويا؛
هَلَڻَ ويرَ هِئان، ديکي شالَ دَمُ ڏِيان!

2

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، پويون ٿِيو پَساهُ؛
سِڪان ٿِي سَڪِراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ؛
شالَ مَ وَجيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

3

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، آيو عِزْرائِيلُ؛
جوراڻي سين جيڏِيُون! نَڪو قالُ نہ قِيلُ؛
آيو موتُ دَلِيلُ، ما رِيندو مُرادَ کان.

4

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، رَئِي پَسِيو روءِ؛
وِچان جو وِڄُ پوءِ، سو ڪَنهن پَرِ ڪَهِي لاهِيان!

5

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، اُونچَنِ مَٿي اَڄُ؛
لالَنَ ڪارَنِ لَڄُ، باسِيائِين بَردارَ جو.

6

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، ڏِيو پَٺُولِي لانگَ؛
ٿا ريءَ ٿا ريءَ چانگَ، سَسُئِيءَ مورَ پَڇَنِ جِٺَن.

7

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، پَسو سَگهہ سَندِياسِ؛
آڏِيءَ وَجيو آڪُڙِي، نَڪو پِيُ نہ ماسِ؛
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

8

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪووَلَ جي ڪُوڪَ؛
وَلَولو ۽ وُوڪَ، اِيَ تان آهِ عِشقَ جِي.

9

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ؛
نَعرو منجِهہ نِڪُونجَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.

10

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سا رَنگِي سازُ؛
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رَکَنِ مُندَ تي.

سُر ديسي

داستان پهريون

1

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ٿِنهي ڏِنمِ ڏُکَ؛
سي سَپِ پائيمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪا رَنِڙ هوتَ جي.

2

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڏِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏِي؛
لِکِئي آئُون لَڏِي، ناتَ پَٽَنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪَري.

3

اَکَڙَ مَٿي اوِپرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺءِ ڏِينهَن؛
وَنِي سَڙَڪَ، سَسُئِي! وِهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽِي سين چانگَنِ کِي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئَن؛
نہ هوتُ تُنهنجو هِيئَن، هوندِ پُنهون نيائُون نہ پاڻَ سين.

4

اَکَڙَ مَٿي اوِپرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
نہ سُيا ٽي سَندِياءِ، ٿِئي سا رُوڙِي سَسُئِي!

5

اَڱِي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيري ماٺِ ٿِئي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ ۾، ڪُچِيو ڪِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پِڙ هُئِي هُنَ سين.

6

چا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ ۽ اوڻِيَڙَنِ جي، چا وَهِيڻو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيڻي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ڦِري.

7

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤڻا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَجَنِ؛
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنپورَ ڪان.

8

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگهِن ڏَڏِي آهِيان!
هَٽِي هَٺُ هَيَنِ کي، پَري نيئِي پَلاڻِ؛
هوتُ مُنهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

9

جَتَ هَڏهِين هُتِ، مُون هِتِ هِنئَڙي ۾ حَلُ ٿِيا؛
چَنگُلَ جنِين چوڦَرا، راحَتَ تن جِي رُتِ؛
گُنگَنِ جي گُپُتِ، چيڙهي وِڏِيَسِ چَپَرِين.

10

گَهَ سِرِ ٿِئي مَ گُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرِينءَ تي!
جنهن سِرِ ساجَنُ سُپِرِين، تنهن اُٺَ مَ لِڳي اُسَ!
پُنهون پاڪُ پُرِسَ! هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون.

11

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو؛
اَچي آرِيءَ جامَ جو، وَڻَ وَڻَ مَنجهان واسُ؛
مِرُون کِيَنِم ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

12

اُٺَ ويرِي، اوٺا رَ ويرِي، ويرِي ٿِيَڙَمِ ڏيرَ؛

چوٿون ويِري واءُ ٿِيو، جنهن لَٿِيا پُنهونءَ جا پَيرَ؛
پَنجون ويري سِجُ ٿِيو، جنهن اُلَهِي ڪِي اَويرَ؛
ڇَهون ويري ڇَپَرُ ٿِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ؛
سَتون ويري چَندُ ٿِيو، ڪِڙِيو نہ وَڏِيءَ ويرَ؛
واهيري جِي ويرَ، ڇُلُون ڪَرِيان ڇَپَرِين!

داستان ٻيو

1

مِڙِي مُندَ ڏي آئِيُون، ساهيڙِيُون سَهَجان؛
اَلسَّفَرُ قِطۡعَةٌ مِنَّ النَّارِ، ها رِي! موتُ هِتان؛
سَگَ صِراطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ جو، اَٿيئَي تان اَڳِيان؛
سي ڪيچِي نِيندَءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نِينهُن نِفاقَ سين.

2

جَڏان ڪُنۡ فَيَڪُوۡنَ چَئِي، نِيو آرِياڻِيءَ اَرِواحُ؛
اَنگُ اَگِهِين لِکِيو، مُنهنجو مِيثاقاءَ؛
مَنۡ طَلَبَ شَيۡئاً وَّ جَدَّ وَجَدَ، اُتو عَلِيءَ شاهَ؛
اَجا اِن حَدِيثَ جو، مُون آسِرو آهِ؛
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهِنجو موتُ مُباحُ؛
سَرَنِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

3

سَبَہَ سِياهِي، آهي آرِيءَ جامَ ري؛
ڪڏهن پَسي ڪا نہ ڪا، رِءَ لالَنَ لالائِي؛
دُودُ دِلِ تان دُور ڪَري، ڪَرِ، ساجَنَ! صَفائِي؛
مَنۡ لاَ شَيۡخَ لَہٗ فَشَيۡخُہُ الشَّيۡطانُ، اِنَ رِءَ اُونداهِي؛
هُوءَ جا هَلِي هيڪلِي، سا گِيرَبَ گمائِي؛
بِلَا شَيۡخَ مَنۡ يَّمۡشِيۡ فِى الطَّرِيۡقِ، اِهڙِي اَوائِي؛

تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَنِ ڪيتَرِيُون.

4

پِنِيءَ ٿا پَرِينِ، ساٿِيُنِ سَندَ هَٿَنِ ۾؛
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئي، مُون ڪي مَنجُھ نہ ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون ٿا نِينِ، اَسُونهِينءَ جو آجِڪو!

5

پڻ ٿا پَلاڻِينِ، اوٺِي اَجُ اُٻاڪَرا؛
پَهَ پا ريسِيُون پاڻَ ۾، ڏيرَ ڏِهاڙِي ڏِين؛
هوتُ پُنهون ٿا نِينِ، ٻا روچِي ٻولِي ڪَيو!

6

دوڪَ دَهِليا جِتِ، گوُرا هَلَنِ نہ گَسَ ۾؛
چوُسالَ ٿِي نہ چَلِڻا، ٿِي تَنگَ نِهاري تِتِ؛
سُوڍِي اُنِين، سَيَّدُ چئي، پوءِ پانچارِيَنِ پِرتِ؛
اِنَ اَڙانگِي پَندَ جِي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ؛
سَسُئِي وَڏِي سَتِ، جا اَهڙِيءَ پَرِ پَندُ ڪَري.

7

”هَيءِ ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، ٿِي پاڻ هٿِي سِرِ پاهِڻِين؛
لَڏائِين، لَطِيفُ چَئِي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ؛
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُٿاڻِي ساٿِ مڙِي.

داستان ٽيون

1

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! ليڙا نِيو مَ لُرَ؛
نِيو نماڻِي پاڻَ سين، ٻانهِيءَ جَهلي ٻُرَ؛
مُون ڪي ماري مَنجِهه ٿِي، سَندِي هوتَنِ هُرَ؛
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

2

ڪيچان اوري ڪيٽرِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون؛
واٽُون وِيهَ ٿِيُون، ڪُهُ ڄاڻان ڪيهِي ويا ؟

2

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگُ سُونها رِيءَ جوڙَ؛
ٽَليا را توڏَنِ کي، ڳِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ؛
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

3

جهوُڙا جن جُهلُنِ ۾، هِيري لَکَ هَزارَ؛
لَڳا واٽَ وَٽَنِ جا، پُنهونءَ کي پالارَ؛
آن ڪي ويندا گَڏِيا، اَهِڙيءَ سِٽَ سُوارَ ؟
لَنگِهي ڪالَهه قَطارِ، تُون، آئِي! اَڄُ نِها رِئِين!

5

مِزمانَنِ مَهرِي، آٽي جهوڪِيا جهوڪَ ۾؛
چاٽي چَنبَنِ ۾ وِيا، جِئَن بازُ سَٽي بَحرِي؛
ڪوهِيا رو قَهرِي، وِيو نهوڙِي نِندَ ۾!

6

مُون پانيو مُون وَٽِ، هَميشَهَ هُوندا پِرِينِ؛
ويڙهو ڏيئِي ويڪِرو، پَهِري وِيا پَٽِ؛
ساهُ جنِين جي سَٽِ، وِڪِيُمِ ٿي وَڻڪارِ ۾.

7

مُون پانيو مِزمانَ، هَميشَهَ هُوندا پِرِينِ؛
ڪُهِي ڪَمِيڙي هَليا، ڪَهِلَ ڪَيائُون ڪانَ؛
ڏيئِي ويا ڏاهِ کي، سُورَنِ جا سامانَ؛
جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

8

ٻِرَهَ مَٽائُسِ ٻَرُ، ناتَ سُڪِي ڪيرَ سَڏُون ڪَري؟
گَهڻو ڏورِيائين ڏُکَ سين، ڏيرَنِ لاءِ ڏُونگَرَ؛
وِري آئُسِ وَرُ، سَفَرَ مُئِيءَ جا سابِ پِيا.

9

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو؛
نِها رِيندِيَسِ نِڪرِي، ٻوتَنِ ڪا رَڻِ ٻَرُ؛
آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، مٿان روهَ رَتِئُون ٿِئين!

10

وَرَ وَرا ڪا وِچَ ۾، لَگين آڏا لَڪَ؛
هُو جي آڏا حَقَ، سي گَندا ڪوهُ گَندِئُن ڪي؟

داستان چوٿون

1

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، آرِيچا اَظلامَ؛
آندائُون آريءَ جا، پُنهونءَ ڏي پيغامَ؛
پَهُ ڪَيائُون پاڻَ ۾، مُنهان مَخفِي مامَ؛
سَنپُورا ساٿُ ڪَٽِي، ويساهي وَرِيامَ؛
ڪاڪِيُون! راتِ قِيامَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

2

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ؛
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَولِ قِيامَ جا!

3

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهِيءَ پِنيا ڏيرَ؛
ڏِيندِيَسِ ڏادِين ڏُونگَرين، اُنِين لاءِ اُليرَ؛
ڪيچ پهچي ڪيرَ؟ وِجڻَ سين وَسُ ڪَرِيان.

4

جَڏِيءَ وَٽِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِکَ سِيئَن؛
آهي آريءَ ڄامَ جي، هِتِ هُتِ حوالي؛
عَيبَ مُون اڳرا، مانَ نِرمَلُ نڪالي!
پَرِتياڻِي پالي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي!

5

پَرِتَنِ جي پاڙي، جا ڙَ ڳُڏا رِيَمِ، جيڏِيُون!
جنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙي؛
اِرادي آڻي، سانگِيُنِ سين سَڱُ ڪَيو.

6

اَسِين پاڻَ پَرِٿَ، پورهِيَتَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
هوتُ ڪَٿُورِيءَ هيرَئون، مُون مِ صابُڻَ چَٿَ؛
آنَڻَ مَنجِهِ اَڳَهَٿَ، ڪانڌُ ڪنهِين جِي مَ ڪَري!

7

آئُون تان اَهڙِياءِ، جا ٻانهِيءَ کي ٻائِي چوانِ؛
مُون ڪَمِيڻِيءَ لاءِ، پُنهون ٿي پَرِٿُ ٿِيو.

8

گَڏِيو ڏوٻِيُنِ ڏوءِ، پُنهُونءَ پارِچو هَٿَ مِ؛
اُتي آرِيءَ ڄامَ جو، قاصِدُ آئُسِ ڪوءِ؛
اِيُ، ڪامِلُ! ڪَمُ نه سَندوءِ، جِئَن پَهَسَ پَچا ڙِئِين پوتَئِين.

9

نَڪو ڪيچُ پَنِهورُ، نَڪو مائِٽُ مُنڌَ جو؛
هورُ مِڙُوئِي هِنَ کي، هوتَنِ ڪونهي هورُ؛
زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.

داستان پنجون

1

جئَن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگَردان سَنسارَ ۾؛
هِيُ پَکُ نہ کوڙي پَٽَئِين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُ؛
جيڪُسِ تَن مُلاءُ، سَسُئِيءَ سُورَ پِرائِيا.

2

راتِ ڏِٺائِين روجَهہ، پانءِ ڪِ اوٺي آئِيا؛
پِريَتَّي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَبوجَهہ؛
هُئِي گهڻو اَبوجَهہ، سُورَنِ سُنهائِي سَسُئِي.

3

سَمَرُ جنِين نہ ساڻُ، هوتُ حِماتِي تَن جو؛
ڪَري چيچَ چپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻَ؛
ٿِيندِي رِيجَهہ رِهاڻِ، لَحظي مَنجِهہ، لَطِيفُ چئِي.

4

سَسُئِيءَ لَنگِهيو سو، مَردَ جنهن ماتِ ڪَيا؛
جَبَلُ وڏو جو، نوُڻِ مِڙوئِي نِينهَن کي.

5

چپَرُ چَمَرُ پانيان، ڪانپوءِ ڪارو؛
پَبُ وِجهندِيَسِ پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو؛
وَجَڻَ مُون وارو، ڪِينَ وِهَندِيَسِ وِچَ ۾.

6

چپَرَ ۽ چَمَرَ، ٿا لَگَهَ لَگَنِ پاڻَ ۾؛
ڏاڍا ڏُونگَرَ ڪَرڪَرا، ويڌَ، وِنگايُون وَرَ؛
آئُون پِيادِي پَنَّئِين، نماڻِي نِڌَرَ؛
سُورِيُون جتِ سَگَرَ، اُتِ پاتا ڙِيءَ پِيلِي ٿِئِين!

داستان ڇهون

1

آڏَ ٽِراچا ۽ آهُڙا ۽ ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
ڪَيَمِ آهَ عَجِيبَ کي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا؛
پيئي هٿِڪِي هوتَ کي، ڪُوڪَ وَجِي ڪَنِ ڪا؛
مُنهنجو وَسُ واڪا ۽ ٻُڌَڻُ ڪَمُ ٻَروچَ جو.

2

آڏَ ٽِراچا ۽ آهُڙا ۽ ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
وَنِي وَرُ واٽَ ٿِيا ۽ ٻَرِ چَڙهِي باڪا؛
ڦَٿِيا پيرَ فَقِيرِ جا ۽ چَڙَهندي چَڙهاڪا؛
هُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا ۽ وِيا پُڄائي پانهِنجِي.

3

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ بَرَپَٿَ، سُڄَنِ يَرانُ؛
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسِرِي، ٿِيا حَرِيفَ ٿِي حَيرانُ؛
سَسُئِيءَ لَنگِهيو، سَيَّدُ چَئي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ؛
جنهنجو آرِياڻِي اڳوانُ، تَنهن ڪانهي باڪَ ٻِهيرَ ۾.

4

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ جَبَلَ گُوناگُونِ؛
ليڙَنِ جُون، لَطِيفُ چَئي، تَنگِ تَنوارُون پُونِ؛
جِنِ ڏِنو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نه ڪي رُون، نه چُونِ؛
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

5

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي؛
ساڳَاپي سيڻَنِ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي؛
رَهيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چَئي، تنهن ڪَمِيڻِيءَ ڪاهي؛
آرِياڻِي آهي، مَنهِن مَعذُورِنِ جي.

6

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ مِينهَن وَسَنِ ماڪُونِ؛

سُجَنِ ٿِيُون، سَيَّدُ چئي، ها ڙهي جُون هاڪُون؛
جتِ اَنديُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِج، ڪا رَڻي!

7

ماڻڪُ مِٺُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجھرو؛
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نه ويندومِ؛
سارِيو سَڌُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻي.

داستان ستون

1

پُنھونءَ سين پِريتِ جو، ڪو جو پيچُ پيومِ؛
پَنيي هِنَ پَنيورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٿيومِ؛
مَتِيُون مونِٽَ سَندِيُون، ڪاڪِيُون! ڪِيمَ ڏِيومِ؛
سَرَتِيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حَوالِي هوتَ جي.

2

ڏانجَهنِ تي ڏانجها، ڏِناڻُون ڏُکِيءَ کي؛
لِڱيَسِ نائُڪَ نِينهَن جي، ڪُڙه اَندَرِ ڪا جا؛
ٿَرَنِ ۾ ٿاجا، ڪَري مُندَ مِرُنِ سين.

3

ڪو مُنهِن ڪُنَلِ آئيو، وَسِ نه ويچارِي؛
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ري، پُھچي نه پارِي؛
اَچِين جي، آرِي! ته پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگِھيان.

4

ڪَڏِهن تان ٻاجَھ پَئي، ساڄَنَ! مُنجُ سَلامُ؛
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرِين! ڪيو تَنُ تَمامُ؛
هَٿين هاجَ وِهُ ٿِي، نيڻين ننڊَ حَرامُ؛
دوسَ! نه سَهان دامُ، تُون وِندُرِ ٿو ويلا ڪَرِين!

5

بَرُ مِڙوئِي بُوءِ، چِپَرَ چاڙُون مُڪِيُون؛
بَهِ بَهِ ٿي پَنپورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئِي هُوءِ؛
راڻِيُنِ وَرِي روُءِ، گُوندَرَ لَٿا گولِئِين.

6

جَتَنِ سان جانڪُون، سَرَتِيُون! مُون سَڱُ ٿِيو؛
ڪَرِي ڪوهِيارو وِيو، تَنُ چِنِي تانڪُون؛
آئُون پڻ تَڏانڪُون، اَڏَ ڏُکوئِي آهِيان.

7

مَتان ڪا، ڀَڙِي! ٻولَ ٻا روچِي وِسَهي؛
هُوندَ نہ سُتِيَسِ، سَرَتِيُون! ويهِي رَهِيَسِ وَڙِي؛
جَتَ پَنهنجي جُوءِ ۾، گهارِينِ مانَ گهڙِي؛
ڪيچِيُنِ آئُون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوَڻُ ڏائيو.

8

اَدِيُون! آئُون نہ تِيئَن، جِيئَن پِرِيَتُو پِرِيُنِ سين؛
ٻَڌِي سُتِيَسِ نہ سوگهو، ڇَلوُرُ ڇاتِيءَ سِيئَن؛
ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَجَنِ ڪِيئَن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏِينهَن، پُنهونءَ کي ڪا مَ ڇَئِي.

9

وَرَ! مَ وِسارِيجِ، آهِيان تُنهنجي آسِرِي؛
ڏاڍو ڏُونگَرَ جو سُڄي، سو لُطفُون لَنگهائِيجِ؛
اُسِرِي اُتَهِين، وِيرَ! تُون، آرِي جامَ اَچِيجِ؛
ٿماڻِيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ! لَڏائِيجِ؛
ظُلِمَتَ جا زمين جي، سا نِرمَلَ! نُورُ ڪَرِيجِ؛
ڪامِلَ! ڪَنِ ڪَرِيجِ، فَريادِيُون فَقِيرِ جون.

وائي

چورِي چَڏِ مَ چِيَرِين، يا روچلَ! ڀانِهيِ؛
جانِبَ جهڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي؛
پُنهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورِهَيتِ پرِتِياڻِي؛
پورِهيو ڪَندِيَسِ پرَ جو، پَرِيندِيَسِ پاڻِي؛
هوتَ! مَ ڇَڏِيو هيڪِلِي، هِيءَ جا وِندُرَ وِڪاڻِي؛
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اِندُمِ آرِياڻِي.

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

1

لَيَلَ نہ جاڳِينءَ لِکَ سِيئَن، ڪُلِّي نَوَمُ ڪَياءِ!
قُمْ ثِي، پُهچُ قَرِيبَ کي، اِجِلسْ تو نہ جُڳاءِ؛
مُنِي! مِهمانَنِ سين، وِيهي راتِ وِهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين ثِي راهَ ۾.

2

اِجِلسْ ڪَرِي اُٿِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛
نَوَمَ نَوازِينءَ؛ اُن جي، مَرْحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَلْيَوْمَ سِيرُوْا، سَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفِلَتَ ڇوڙِ! تُون ڪِيئَن، اَڻاسِي! اوجِهرين؟
ڇُپا تا چَڙهِي ويا، وڃِي پُهُتا توڙِ؛
نيڻِين نِندَ اُڪوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.

4

آلوڙو اکين، آيمِ نندَ اُپاڳَ کي!
هاڻي هِنَ ڀنڀورَ ۾، گهاريان ڪا رَڻِ ڪِن؟
اَديُون! اونيڙَنِ، هِنئين سان هاچو ڪيو.

5

سُتِيءَ پير دِگها ڪَري، وَڌي جا ڙَ ڪياءِ؛
دَرَ پَرِ اُڀئين دوسِتَ جي، نه سُر پُر هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آريءَ جامَ جي، سَڳي تُون نه سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پياءِ؛ تي، نپاڳي! ننڊُون ڪَرِين!

6

اِيُ ڪمُ ڪَميڻِن، جِئَن سُمَهَن پيرَ دِگها ڪَري؛
لوچِين چو نه، لَطِيفُ چئي، ها رِي! لَءِ هوتَنِ؛
نِندان نپاڳِين کي، اوپالا اَچَنِ؛
سي پُنهُون ڪوه پُڇَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.

7

سُتِيءَ سَنجهيئي، مُنهُن ويڙهي مُئِن جِئَن؛
اوجاڳو اکِيُن کي، جا توءِ نه ڏِنئي؛
هَٿان تو پيئي، تِي ڪَچو ڪيچِيُن ڪَرين!

داستان ٻيو

1

ڏُونگرَ! تُون ڏادو، ڏادا! ڏادايُون ڪَرِين؛
مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن وَهين، جِئَن وَڻُ وَڏي وادو؛
اِي ڪَرَمَ جو ڪادو، نات پَٿَرِ ڪيرَ پَندَ ڪَري؟

2

ڏُونگرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پرين گَڏِجان نه چوان؛
پِنيءَ ٿِئين پوارَئون، ٻيا وِنگا وَرَ سَنداءِ؛

چِڪِي ڪانَ ڪَياءِ، پَرُ وِڄايُءِ پِرِينءَ جو.

3

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، ڀِرِيون چَوندِيَسِ پِرِينءَ کي:
”ڀَهَڻَ پيرَ پٿُون ڪَيا، ترُيُون چِنيُون توءِ؛
رَحمُ نه پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهِنجو ڪوءِ؛
واڪو ڪَندِيَسِ: ’وو! مُون سان جَبَلُ ٿو جا ڙُون ڪَري!‘“

4

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِن کي، دِلاسا ڏِجَنِ؛
گَهڻو پُڇِجي تِن کي، جِن وَٽان هوتَ وَڃَنِ؛
تُون ڪِئَن سَندا تن، ڀَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِين؟

5

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِن کي، ڳَلِ نه سُڪا ڳوڙها؛
هُو جي ڀَهَڻَ ڀَبَ جا، سي پَڇِي ٿِيا پورا؛
گُوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!

6

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
سُٺِي سا تَنوار، مِرُون پِيا مامري.

7

ڏُونگَرَ پُونِئِنِ ڪِيرَ، سَڄَڻَ ميخُون ڏُونگَرِين؛
هَهڙا سيڻَ سُڏِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي بِيا.

8

ٻَئي وِيٺا رُوَنِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
ڪنهنکي ڪِين چَوَنِ، مَنِجهِن جو پِرِيتَڻو.

9

تَپِي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَ! ڏُکوئِن کي؛
تُون جي ڀَهَڻَ ڀَبَ جا، ته لِڳَ مُنهِنجا لوهُ؛

ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪيو.

10

ٻَڙِيَ! تہ ٻيلِي گهڻا ، ساٿِي پُڇي سُڪُ؛
رَفاقَتَ رُجُنِ ۾، ڏُونگرَ ڪاري ڏُکُ؛
آرِيءَ جو اَهُڪُ، مُون رَهَنُما راه ٿِيو.

داستان ٿيون

1

مُون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرِين، هِت، هوتاڻِي! هاڻِ؛
اوڏِي مُندَ اُنَنِ کي، اَللهَ ڪارَڻِ آڻِ؛
پورهيو ڪَندِيسِ پاڻِ، اڳِيان آرِيچَنِ جي.

2

مُون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرِين، پوءِ رَهايَسِ ’پاڻِ‘ ؛
جي پُلائُون پاڻِ، تن کي رَسُ، رَسِيلا، راهَ ۾.

3

سُتي پَوَنِ ڇِرِڪَ، آيَلِ! ٻا روچَنِ جا ؛
وَمَ وِهاڻِي، وو! ڙِي! ڪوهِيا ري ڪِرِڪَ؛
ڏَڙُ ڏُوڙِيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جِئَڻ نہ ٿِئي!

4

سُتي پَوَنِ ڇِرِڪَ، آيَلِ! ٻا رَوچَنِ جا ؛
پُنهونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ؛
هَنيَمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوچان، لوهُ نہ نِڪري.

5

جيهِي جي تيهِي، تہ ٻہ ٻانهِي ٻا روچَنِ جِي؛
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَمِيڻِي ڪيهِي؟
اَصُلِ آرِيءَ ڄامَ جي، ٻَلِيءَ آءُ پيئِي؛

هُوءَ جا پائِنِ پيرَ ۾، تنهن جُتِي نہ جيهي؛
وِسا ري ويهي، تن ڪيچِنُ کي ڪِيئن رَهان؟

6

هُئَي، جي نہ هُئَي؛ تہ بہ ٻانهِي ٻا روچَنِ جي؛
اِنَ سَگَ مُقابِلِ سَسُئي، سَندِيَنِ ٿي سُئي؛
هُنِ تان لَجَ لُئي، هِنَ جو هَلَڻَ هوتَ ڏي.

داستان چوٿون

1

ڳائِي نہ وائِي؛ اَدِيُون! آرِيچَن جي؛
ڪنهن پَرِ ڪَهي لَنگِهيان، جَبَلَ جها جهائِي؛
جيڪسِ واجهائِي، هاڻي مَرَندِيَسِ هوتَ لَءِ؟

2

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مُون نہ وَسِ؛
اَللهَ! آرِيچَن جي، گوِلي ميڙِئِين گَسِ؛
پِرِين، پَنهوار! تو پُچان، ڏُونگرِيا! مُون ڏَسِ؛
اَکِيَنِ جي آرَسِ، مُندَ جيهائِي جوڙَ ڪِي.

3

مُون کي جنِين ما رِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناهِ ڪا، اَدا! اُنِين ري؛
سُورُ سَلِتُمِ تي، جيلان ڳالهِہ ٻُرِي ٿِئي.

4

مُون کي جنِين ما رِيو، سُجاڻِ سيئي؛
پُنهون پَيڪانَ پَچَندِيا، ٻَلِنِ تان بيئي؛
ويڄِنئُون ويئِي، ٿِي وَهِيڻي سَجڻِين.

5

پَرَتوو پُنهونءَ جو، سَهائِي، سِياهُ؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيو، رَنگا رَنگِي راهُ؛
پَهرِين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ ۾.

6

پَرَتوو پُنهونءَ جو، رُڱِيائِي راحَتَ؛
پائنئِيان ڏِينهُن پَوارئُون، ساڄَنَ لاءِ صِحَتَ؛
مِنِي مُصِيبَتَ، آرِي جامَ جِي.

داستان پنجون

1

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ ڪَيو، وينِي وِرهُ چَران؛
اِنَ عَذابان اَڳهِين، مادَرِ! چو نہ مَران؟
اَدِيُون! جو نہ اَوهان، سو مان سُر سَرَتِيُون!

2

اَدِيُون! اَڳهِي آهِيان، پِرِيُنِ پُڄاڻا؛
سي ڪوهِيارا ڪيڏِ وِيا، ساڄَنَ سِياڻا؟
جي سَسُئِي سيباڻ، سي وڃِي ڪيچ قَرارِيا.

3

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان ذَرِي؛
لَڳِي ماٿِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگَرَ پَوَنِ ڏَرِي؛
وَڃَنِ وَڻَ بَرِي، اوپِرَ اُپِري ڪِينَ ڪِي.

4

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زبانَ؛
لَڳِي ماٿِ مِرُوئَنِ کي، رسي سُورُ شَبانَ؛
ٿاڪَرِ ٿِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَپِ جَلِي وَڃي.

5

ساريان ٿي سَبِيلَ، پُرِ تَقصِيرُون پاڻَ ڏي؛
مَتان مُون کي ڇڏئين، آرِي جامَ اَصِيلَ!
وَرُ وِلهِن جا وَسِيلَ! رَسُ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

6

سرَتِيون سُوراتِن جي، ڪوهُ ٿِيون پَٽرِ پَوَنِ؟
گهاءُ نہ لَڳُنِ گهٽَ جو، رِيا مان ٿِيُون رُوَنِ؛
چيتا رِيو نہ چوَنِ، پارَ مُنهجي پِرِينءَ تان.

داستان ڇهون

1

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ کي؟ اَندَرِ ناهِ اُساتَ؛
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويرِي مَٿي واتَ؛
ڇَپَر ۾ ڇُونچاتَ، ڏِنَم ڏُکوئِنِ جا.

2

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ کي؟ پَچَڻَ ناهِ پَچارَ؛
اَندَرِ ٿِي آهُون ڪِريان، کاٽِي مَنجِهه خُمارَ؛
ڪِرِيي جِي گُفتارَ، بِيءَ پَتِ با روچَنِ ۾.

3

سُجَ وَسَندِي تن کي، جوشَ جَلايا جي؛
طالِبَ جي تَحقِيقَ جا، نِينهُن تِنِين وَٽِ ني؛
ٿيڏِي پَسي ٿي، هُو تان آهي هيڪڙو.

4

بِيُون ڏِٺَي بَنِ کي، هَلِج پاسي هيڪَ؛
وَرُ نہ سَهي ويڪَ، تُون، ٿيڏِي! ٿِئايُون ڪَرِين.

5

اَجا تُون اَواتَ، واٽان پاسي ويسرِي؛

سُونهين ٿي سُواتَ، ته مَنجهان دِلِ ذَڳُ لهين.

6

پانهين، پسِي پَٻُ؛ مَتان ڪا، مُنذَ! ڏِئين؛
اڳيان ڪَؤمَ ڪَٻُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

سُر ديسي

داستان پهريون

1

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، تِنهِي ڏِنرِ ڏُکَ؛
سي سَپِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

2

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَذِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَذِي؛
لِکِئي آئُون لَذِي، نات پَتَنِ ڪيرَ پَندُ ڪَري.

3

اڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَنِي سَرَڪَ، سَسُئي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽِي سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئَن؛
ته هوتُ تُنهنجو هِيئَن، هوندِ پُنهون نياڻُون نه پاڻَ سين.

4

اڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
ته سُپا ٽي سَندِياءِ، تِنِي سارُوڻِي سَسُئي!

5

اڳِي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيرِي ماٺِ ٿِئي؛

ٻَلاڙِيندي، پاڻَ ۾، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنَ سين.

6

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ ۾ اونِيَڙَنِ جي، ڇا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيڻِي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ٿِري.

7

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤڻا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ؛
ٻُڃاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي ٻَسِ ڀَنڀورَ ڪان.

8

اُٺَ مَ اوري آنِ، ڏاگهَنِ ڏَڏِي آهِيان!
هَٿِي هَٿُ هَيَنِ کي، پَري نيئِي ٻَلانِ؛
هوتُ مُنهنجو هانِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

9

جَتَ هَڏهِين هُتِ، مُون هِتِ هِنئَڙي ۾ حَلُ ٿِيا؛
چَنگُلَ جنِين چوڦَرا، راحَتَ تن جِي رُتِ؛
ڳُنگَنِ جي ڳُپُتِ، ڇيڙِي وِڏِيَسِ ڇَپَرِين.

10

گَهَ سِرِ ٿِئي مَ ڳُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرِينءَ تي!
جنهن سِرِ ساجَنُ سُپِرِين، تنهن اُٺَ مَ لَڳي اُسَ!
پُنهون پاڪُ پُرِسَ! هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون.

11

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو؛
اَڇي آرِيءَ ڄامَ جو، وَڻَ وَڻَ مَنجهان واسُ؛
مِرُون ڪِيَنِم ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

12

اُٺَ ويِرِي، اوٺا رَ ويِرِي، ويِرِي ٽِيَڙَمِ ڏيرَ؛
چوٿون ويِرِي واءُ ٿِيو، جنهن لَٿِيا پُنهونءَ جا پيرَ؛
پَنجون ويري سِجُ ٿِيو، جنهن اُلَهِي ڪِي اويرَ؛
ڇهون ويري ڇَپَرُ ٿِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ؛
سَتون ويري چَندُ ٿِيو، ڪِڙيو نہ وَڏِيءَ ويرَ؛
واهيري جِي ويرَ، ڇُلُون ڪَرِيان ڇَپَرِين!

داستان ٻيو

1

مِڙِيي مُندَ ڏي آئِيُون، ساهيڙِيُون سَهَجان؛
اَلسَّفَرُ قِطْعَةٌ مِنَّ النَّارِ، ها رِي! موٺُ هِتان؛
سَڳَ صِراطَ المُسْتَقِيمَ جو، اَٿيئِي تان اڳيان؛
سي ڪيچِي نِيندءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نِينهُن نِفاقَ سين.

2

جَڏان ڪُنْ فَيَڪُوْنَ چَئِي، نِيو آرِياڻِيءَ اَرِواحُ؛
اَنگُ اَڳِهِين لِکِيو، مُنهنجو مِيثاقاءَ؛
مَنْ طَلَبَ شَيْئاً وَّ جَدَّ وَجَدَ، اُتو عَلِيءَ شاهَ؛
اَجا اِن حَدِيث جو، مُون آسِرو آهِ؛
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهِنجو موٺُ مُباحُ؛
سَرَٿِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

3

سَبَہَ سِياهِي، آهي آرِيءَ ڄامَ ري؛
ڪَڏهن پَسي ڪا نہ ڪا، رِءَ لالَنَ لالائِي؛
دُودُ دِلِ تان دُور ڪَري، ڪَرِ، ساجَنَ! صَفائِي؛
مَنْ لاَ شَيْخُ لَہٗ فَشَيْخُہُ الشَّيْطانُ، اِنَ رِءَ اُونداهِي؛

هُوءَ جا هَلِي هيڪلِي، سا ڪِيرَبَ ڪمائِي؛
بِلَا شَيۡخ مَنۡ يَّمۡشِيۡ فِی الّطَرِيۡقِ، اِهڙِي اَوائِي؛
تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَنِ ڪيتَرِيُون.

4

پِنِيءَ ٿا پَرِينِ، سائِيُنِ سَندَ هَٿَنِ ۾؛
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئِي، مُون کِي مَنجُھ نہ ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون ٿا نِينِ، اَسُونهِيَنءَ جو آجِڪو!

5

پرُ ٿا پَلاڻِينِ، اوٺِي اَجُ اُٺاڪَرا؛
پَہَ پا رِيسِيُون پاڻَ ۾، ڏيرَ ڏِهاڙِي ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون ٿا نِينِ، پا روچِي بولِي ڪَيو!

6

دوڪَ دَهِليا جِتِ، ڳوُرا هَلَنِ نہ ڳَسَ ۾؛
چوُسالَ ئِي نہ چَلِڻا، ٿِي تَنگَ نِهاري تِتِ؛
سُوڏِي اُنِين، سَيَّدُ چئِي، پوءِ پانچارِيَنِ پِرتِ؛
اِنَ اَڙانگِي پَندَ جِي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ؛
سَسُئِي وَڏِي سَتِ، جا اَهڙِيءَ پَرِ پَندُ ڪَري.

7

”هَيِءِ ! هَيِءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، ٿِي پاڻ هٿِي سِرِ پاهِڻِين؛
لَذائِين، لَطِيفُ چَئِي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ؛
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُٺاڻِي ساٿِ مڙِئِي.

داستان ٽيون

1

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! ليڙا نِيو مَ لُڙَ؛
نِيو نماڻِي پاڻَ سين، پانِهِيءَ جَهلي پُرَ؛

مُون کي ماري مَنجهِ ٿِي، سَندِي هوتَنِ هُرَ؛
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

2

ڪيچان اوري ڪيٽرِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون؛
واٽُون وِيهَ ٿِيُون، ڪُهُ جاٽان ڪيهِي ويا ؟

2

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگُ سُونها رِيءَ جوڙَ؛
تَليا را توڏَنِ کي، ڳِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ؛
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

3

جهوُڙا جن جُهلُنِ ۾، هِيري لَکَ هَزارَ؛
لَڳا واٽَ وَٽَنِ جا، پُنهونءَ کي پالارَ؛
آن ڪي ويندا ڳَڏِيا، اَهِڙِيءَ سِٽَ سُوارَ ؟
لَنگِهي ڪالهَ قَطارِ، تُون، آئِي! اَجُ نِها رِئين!

5

مِزمانَنِ مَهرِي، آٽي جهوڪِيا جهوڪَ ۾؛
چاٽِي چَنبَنِ ۾ وِيا، جِئَن بازُ سَٽي بَجِري؛
ڪوهِيا رو ڦَهرِي، وِيو نِهوڙِي نِندَ ۾!

6

مُون پانيو مُون وَٽِ، هَميشَهَ هُوندا پِرِين؛
ويڙهو ڏيئِي ويڪِرو، پَهري وِيا پَٽِ؛
ساهُ جنِين جي سَٽِ، وِڪِيُمِ ٿي وَٽڪارِ ۾.

7

مُون پانيو مِزمانَ، هَميشهَ هُوندا پِرِين؛
ڪُهي ڪَمِيٽِي هَليا، ڪَهِلَ ڪَيائُون ڪانَ؛
ڏيئِي ويا ڏاهِ کي، سُورَنِ جا سامانَ؛

جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

8

بِرِهَ مَٽايُسِ بَرُ، نات سُڪِي ڪيرَ سَڏُون ڪَري؟
ڳهٽو ڏورِيائِين ڏُڪَ سين، ڏيرَنِ لءِ ڏُونگَرَ؛
ورِي آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُنِّيءَ جا ساب پِيا.

9

وَرَ مِ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪيو؛
نِها رِيندِيَسِ نِڪرِي، بوتَنِ ڪا رَڻ بَرُ؛
آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، متان روهَ رَتيُون ٿيَنِ!

10

وَرَ وَراڪا وِچَ مِ، لڳين آڏا لَڪَ؛
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهُ ڪَندِيُن ڪي؟

داستان چوٿون

1

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، آرِيچا اَظلامَ؛
آندائُون آريءَ جا، پُنهونءَ ڏي پيغامَ؛
پَهُ ڪَيائُون پاڻَ مِ، مُنهان مَخفِي مامَ؛
سَنپُورا ساٿُ ڪَڍِي، ويساهي وَرِيامَ؛
ڪاڪيُون! راتِ قِيامَ، جيڏيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

2

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ؛
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَول قِيامَ جا!

3

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهِيءَ پَنِيا ڏيرَ؛
ڏِيندِيَسِ ڏاڍِين ڏُونگَرِين، اُنِين لءِ اُلِيرَ؛

ڪيچ پهچي ڪيرَ؟ وڃڻَ سين وَسُ ڪَرِيان.

4

جَڏِيءَ وَٽِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِکَ سِيئَن؛
آهي آريءَ ڄامَ جي، هِتِ هُتِ حوالي؛
عَيبَ مُون اڳرا، مانَ نِرمَلُ نِڪالي!
پَرِتياڻِي پالي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي!

5

پَرِتَنِ جي پاڙي، جاڙَ ڳُڏارِيَمِ، جيڏِيُون!
جنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙي؛
اِرادي آڏي، سانگِيُنِ سين سَڱُ ڪَيو.

6

اَسِين پاڻَ پَرِٿَ، پورهِيَتَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
هوتُ ڪَنُورِيءَ هيرَئون، مُون مِ صابُڻَ چَٿَ؛
آڻَ مَنجِهه اَگهٿَ، ڪانڌُ ڪنهِين جِي مَ ڪَري!

7

آئُون تان اَهڙِياءِ، جا ٻانهِيءَ کي ٻائِي چوان؛
مُون ڪَميڻِيءَ لاءِ، پُنهون ٿي پَرِٿُ ٿِيو.

8

ڳَڏِيو ڏوٻِنِ ڏوءِ، پُنهُونءَ پا رِچو هَٿَ مِ؛
اُتي آرِيءَ ڄامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ؛
اِيُ، ڪامِلُ! ڪَمُ نہ سَندوءِ، جِئَن پَهَسَ پَچا ڙِئِين پوتِئِين.

9

نَڪو ڪيچُ پَنِيورُ، نَڪو مائِٿُ مُندَ جو؛
هورُ مِڙوئِي هِنَ کي، هوتَنِ ڪونهي هورُ؛
زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.

داستان پنجون

1

جئن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگَردان سَنسارَ ۾؛
هِيُ پَکِيُ نہ کوڙي پَٽئين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُ؛
جيڪُسِ تن مُلاءُ، سَسُئِيءَ سُورَ پِرائِيا.

2

راتِ ڏِٺائين روجھ، پانءِ ڪِ اوني آئِيا؛
پِرِيَتِّي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَبوجَھ؛
هُئِي گهڻو اَبوجَھ، سُورَنِ سُنهائِي سَسُئِي.

3

سَمَرُ جنِين نہ ساڻُ، هوتُ حِماتِي تن جو؛
ڪَري چيچَ چپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻَ؛
ٿِيندِي رِيجَھ رِهاڻِ، لحَظي مَنجِھ، لَطِيفُ چئي.

4

سَسُئِيءَ لَنگهِيو سو، مَردَ جنهن ماتِ ڪَيا؛
جَبَلُ وڏو جو، نُوڙِ مِڙوئِي نِينهَن ڪي.

5

چپَرُ چَمَرُ پانيان، ڪانپوءِ ڪارو؛
پَبُ وِجَهندِيَسِ پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو؛
وَجَڻَ مُون وارو، ڪينَ وِهَندِيَسِ وچَ ۾.

6

چپَرَءِ چَمَرَ، ٿا لَگهَہ لَگِنِ پاڻَ ۾؛
ڏاڍا ڏُونگَرَ ڪَرڪَرا، ويڌَ، وِنگايُون وَرَ؛
آئُون پِيادِي پَٽئين، نماڻِي نِڌَرَ؛
سُورِيُون جتِ سَگَرَ، اُتِ ٻا تا ڙِيءَ ٻِيلِي ٿِئين!

داستان ڇهون

1

آڏَ ٽِراچا ، آهُڙا ، ڏُونگَرَ ڪي ڏاڪا ؛
ڪَيَمِ آهَ عَجِيبَ ڪي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا ؛
پيئِي هِٿِڪِي هوتَ ڪي، ڪُوڪَ وَڃِي ڪَنِ ڪا ؛
مُنهنجو وَسُ وا ڪا ، ٻُڌَنُ ڪَمُ ٻَروچَ جو.

2

آڏَ ٽِراچا ، آهُڙا ، ڏُونگَرَ ڪي ڏاڪا ؛
وَٽِي وَرُ واٽَ ٿِيا ، ٻَرِ چَڙهِي باڪا ؛
ڦَٿِيا پيرَ فَقِيرِ جا ، چَڙَهندي چَڙهاڪا ؛
هُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا ، وِيا پُڄائي پانهِنجي.

3

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ ٻَرَپَٽَ، سُڄَنِ ٻَرانُ؛
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسِري، ٿِيا حَرِيفَ ئِي حَيرانُ؛
سَسُئِيءَ لَنگِهيو، سَيَّدُ چئِي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ؛
جنهنجو آرِياڻِي اڳوانُ، تَنهن ڪانهي باڪَ ٻَهِيرَ ۾.

4

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ جَبَلَ گُوناگُونِ؛
ليڙَنِ جُونِ، لَطِيفُ چئِي، تَنگِ تَنوارُون پُونِ؛
جنِ ڏِنو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نه ڪي رُونِ، نه ڇُونِ؛
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

5

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽِي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي؛
ساڳَا پِي سيڻَنِ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي؛
رَهيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چئِي، تنهن ڪَمِيڻِيءَ ڪاهي؛
آرِياڻِي آهي، مَنَهِن مَعذُورِنِ جي.

6

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهَٽِي، جِتِ مِينهَن وَسَنِ ماڪُون؛
سُڃَنِ ٿِيُون، سَيَّدُ چَئِي، ها ڙهي جُون هاڪُون؛
جِتِ اَنڌيُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِج، ڪا رَٽِي!

7

ماڻڪُ مِٺُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجِهرو؛
حَشَرَ وِيلَ حِسابَ ۾، ڇَڏِي نه ويندومِ؛
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻِي.

داستان ستون

1

پُنهونءَ سين پِرِيتِ جو، ڪو جو پيچُ پِيومِ؛
پَنِيي هِنَ پَنيورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٿِيومِ؛
مَتيُون موٽَڻَ سَندِيُون، ڪاڪِيُون! ڪِيمَ ڏِيومِ؛
سَرَتِيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حَوالِي هوتَ جي.

2

ڏانجَهِنِ تي ڏانجها، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
لِگَيَسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، ڪُڙِه اَندَرِ ڪا جا؛
ٿَرَنِ ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڌَ مِرُنِ سين.

3

ڪو مُنهِن ڪُنَلِ آئِيو، وَسِ نه ويچارِي؛
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ري، پُهُچي نه پارِي؛
اَچِين جي، آرِي! ته پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگهِيان.

4

ڪَڏِهن تان ٻاجَهه پَئِي، ساڄَنَ! مُنجُ سَلامُ؛
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرِين! ڪَيو تَنُ تَمامُ؛

هَٿين هاجَ وِهُ ٿِي، نيٽين ننڊَ حَرامُ؛
دوسَ! نہ سَهان دامُ، تُون وِندُرِ ٿو ويلا ڪَرِين!

5

بَرُ مِڙوئِي بُوءِ، ڇَپَرَ ڇاڻُون مُڪِيُون؛
بَهِ بَهِ ٿي پَنپورَ مِ، هَندَ مِڙيئِي هُوءِ؛
راڻِيُن وَرِي روُءِ، گُوندَرَ لَٿا گولِئين.

6

جَتَنِ سان جانڪُون، سَرَتِيُون! مُون سَگُ ٿِيو؛
ڪَري ڪوهِيا رو وِيو، تَنُ ڇِنِي تانڪُون؛
آئُون پڻ تَڏانڪُون، اَڏَ ڏُکوئِي آهِيان.

7

مَتان ڪا، پَڙِي! ٻولَ ٻا روچي وِسَهي؛
هُوندَ نہ سُتِيَسِ، سَرَتِيُون! ويهِي رَهِيَسِ وَڙِي؛
جَتَ پَنهنجي جُوءِ مِ، گھارِينِ مانَ گھڙِي؛
ڪيچِيُنِ آئُون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوَڻُ ڏائيو.

8

اَدِيُون! آئُون نہ تِيئَن، جِيئَن پِرِيَتُو پِرِيُن سين؛
ٻَڌِي سُتِيَسِ نہ سوگھو، ڇَلُوَرُ ڇاتِيءَ سِيئَن؛
ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَڃَنِ ڪِيئَن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏِينهَن، پُنهونءَ کي ڪا مَ ڇَئِي.

9

وَرَ! مَ وِسارِيجِ، آهِيان تُنهنجي آسِري؛
ڏادو ڏُونگَرَ جو سُڃي، سو لُطفُون لَنگھائِيجِ؛
اُسِرِي اُتَهِين، وِيرَ! تُون، آرِي جامَ اَچِيجِ؛
ٺماٽِيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ! لَڏائِيجِ؛
ظُلِمَتَ جا زمين جِي، سا نِرِمَلَ! نُورُ ڪَرِيجِ؛

ڪامِلَ! ڪَنِ ڪَريج، فَريادِيُون فَقِيرِ جون.

وائي

چوري چَڏِ مَ چِپَرين، يا روچلَ! يانِهِي؛
جانِبَ جهڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي؛
پُنهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورِهَيتِ پَرِتياڻِي؛
پورِهيو ڪَندِيَسِ پِرَ جو، پَرِيندِيَسِ پاڻِي؛
هوتَ! مَ ڇَڏِيو هيڪِلِي، هِيءَ جا وِندُرَ وِڪاڻِي؛
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئِي، اِيندُمِ آرِياڻِي.

سُرُ ڪوهيارِي

داستان پهريون

1

لَيَلَ نہ جاڳِينءَ لِکَ سِيئَن، ڪُلِّي نَوُمُ ڪَياءِ!
قُمْ ثِي، پُهُچُ قَرِيبَ کي، اِجْلِسْ تو نہ جُڳاءِ؛
مُنِي! مِهمانَنِ سين، ويِهي راتِ وِهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين ثِي راهَ ۾.

2

اِجْلِسْ ڪَري اُٿِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛
نَوُمَ نوازِينءَ؛ اُن جي، مَرْحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَلْيَوْم سِيْرُوْا، سَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفِلَتَ ڇوڙِ! تُون ڪِيئَن، اَٽاسِي! اوجِهرين؟
چُپا تا چَڙهِي ويا، وِچِي پُهُتا توڙِ؛
نيٽِين نِندَ اُکوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.

4

آلوڙو اکين، آيمِ نندَ اَپاڳَ کي!
هاڻي هِنَ پنپورَ ۾، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِن؟
اَديُون! اونِيَرَڙِنِ، هِنئِين سان هاجو ڪَيو.

5

سُتِينءَ پير ڏِگها ڪَري، وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ؛
دَرَ پِرِ اُپِئِين دوسِتَ جي، تہ سُرِ پُرِ هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آرِيءَ جامَ جِي، سَڀِڳي تُون نہ سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پِياءِ؛ ٿِي، نِپاڳِي! ننڊُون ڪَرِين!

6

اِيُ ڪَمُ ڪَمِيڻِنَ، جِئَن سُمَهَنِ پيرَ ڏِگها ڪَري؛
لوچِين چو نہ، لَطِيفُ چئَي، ها رِي! لَءِ هوتَنِ؛
نِندان نِپاڳِنِ کي، اوپالا اَچَنِ؛
سي پُنهُون ڪوه پُچَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهِي.

7

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئَنِ جِئَن؛
اوجاڳو اکِيُنِ کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئِي؛
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَچو ڪيچِيُنِ ڪَرِين!

داستان ٻيو

1

ڏُونگَرَ! تُون ڏادو، ڏادا! ڏادِيُون ڪَرِين؛
مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن وَهِين، جِئَن وَڻُ وَڍِي وادو؛
اِي ڪَرَمَ جو ڪادو، نات پَٽرِ ڪيرَ پَندَ ڪَري؟

2

ڏُونگَرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پِرِين گَڏِجان تہ چوان؛
پِنِيءَ ٿِئين پوارِئون، ٻِيا وِنگا وَرَ سَنداءِ؛

چڳِي ڪانَ ڪَياءِ، پَرُ وِڄايُءِ پِرِينءَ جو.

3

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، پَهريون چَوندِيَسِ پِرِينءَ کي:
”پَهَڻَ پيرَ پِٿُون ڪَيا، تِرِيُون چِنيُون تو؛
رَحمُ نہ پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهِنجو ڪو؛
واڪو ڪَندِيَسِ: ’وو! مُون سان جَبَلُ ٿو جا ڙُون ڪَري!‘“

4

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِنِ کي، دِلاسا ڏِجَنِ؛
گَهڻو پُڇِجي تِن کي، جِن وَٺان هوتَ وَڃَنِ؛
تُون ڪِئَن سَندا تن، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِين؟

5

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِنِ کي، گَلِ نہ سُڪا گوڙها؛
هُو جي پَهَڻَ پَبَ جا، سي پِڇِي ٿِيا پورا؛
گُوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!

6

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پانڻَ ۾؛
سُٺِي سا تَنوار، مِرُون پِيا مامري.

7

ڏُونگَرَ پُونِيِنِ ڪِيرَ، سَجَڻَ ميخُون ڏُونگَرِين؛
هَهڙا سيڻَ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي پِيا.

8

ٻَئِي وِيئا رُوَنِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پانڻَ ۾؛
ڪنهنکي ڪِين چَوَنِ، مَنجِهنِ جو پِرِيتَڻو.

9

تَپِي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَ! ڏُکوئِنِ کي؛
تُون جي پَهَڻَ پَبَ جا، تہ لِڳَ مُنهِنجا لوهُ؛

ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪيو.

10

ٻَڙيَ! تہ ٻيلي گهڻا، ساٿِي پُڇي سُڪَ؛
رَفاقَتَ رُڃِن ۾، ڏُونگَر ڪا ري ڏُڪَ؛
آرِيءَ جو اَهُڪُ، مُون رَهَنُما راه ٿيو.

داستان ٽيون

1

مُون کي چَڏِ مَ چَپَرين، هِت، هوتاڻي! هاڻِ؛
اوڏِي مُندَ اُنَنِ کي، اَللهَ ڪا رَڻِ آڻِ؛
پورهيو ڪَندِسِ پاڻِ، اُپِيان آرِيچَنِ جي.

2

مُون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، پوءِ رَهايَسِ ’پاڻِ‘؛
جي پُلائُون پاڻِ، تن کي رَسُ، رَسِيلا، راهَ ۾.

3

سُتي پَوَنِ چِرِڪَ، آئَلِ! ٻا روچَنِ جا؛
وَهَ وِهاڻي، ووا ڙي! ڪوهِيا ري ڪِرِڪَ؛
ڏَرُ ڏُوڙيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جِئڻ نہ ٿِي!

4

سُتي پَوَنِ چِرِڪَ، آئَلِ! ٻا رَوچَنِ جا؛
پُنهونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ؛
هَنيَمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوچان، لوهُ نہ نِڪري.

5

جيهِي جي تيهي، تہ بہ ٻانهِي ٻا روچَنِ جِي؛
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَميڻي ڪيهي؟
اَصُلِ آرِيءَ ڄامَ جي، پَليءِ آءٌ پيئِي؛

هُوءَ جا پائِنِ پيرَ مِ، تنهن جُتي نہ جيهي؛
وِسا ري ويهي، تن ڪيچِيُنِ کي ڪِيئَن رَهان؟

6

هُئِي، جي نہ هُئِي؛ تہ بہ بانهي با روچَنِ جِي؛
اِنَ سَگَ مُقابِلِ سَسُئِي، سَندِيَنِ ٿي سُئِي؛
هُنِ تان لَجَ لُئِي، هِنَ جو هَلَڻَ هوتَ ڏي.

داستان چوٿون

1

ڳائي نہ وائِي؛ اَدِيُون! آرِيچَن جِي؛
ڪنهن پَرِ ڪِهي لَنگهيان، جَبَلَ جهاجهائِي؛
جيڪسِ واجهائِي، هاڻي مَرَندِيَسِ هوتَ لَءِ؟

2

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مُون نہ وَسِ؛
اَللهَ! آرِيچَن جِي، گولِي ميڙِئِين گَسِ؛
پِرِين، پَنهوار! تو پُڇان، ڏُونگرِيا! مُون ڏَسِ؛
اَکِيَنِ جِي آرَسِ، مُندَ جيهائِي جوڙَ ڪِي.

3

مُون کي جنِين ما رِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ مِ طاقَتَ ناهِ ڪا، اَدا! اُنِين ري؛
سُورُ سَلِتُمِ تي، جيلان ڳالهِ ڳِرِي ٿَئِي.

4

مُون کي جنِين ما رِيو، سُجاڻِ سيئِي؛
پُنهون پَيڪانَ پَچَندِيا، ٻِلَنِ تان ٻيئِي؛
ويجَنِئُون ويئِي، ٿِي وَهِيڻِي سَجَڻَين.

5

پَرۡتَوو پُنهونءَ جو، سَهائِي، سِياهُ؛
مُنهُن ڏِيئِي مُون آئِيو، رَنگا رَنگِي راهُ؛
پَهرِين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ مِ.

6

پَرۡتَوو پُنهونءَ جو، رُڱِيائِي راحَتَ؛
پانئِيان ڏِينهُن پَوا رئُون، ساجَنَ لاءِ صِحَتَ؛
مِنِي مُصِيبَتَ، آرِي ڄامَ جِي.

داستان پنجون

1

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ ڪَيو، وِيئِي وِرِهُ چَران؛
اِنَ عَذابان اَڳهِين، مادَرِ! چو نہ مَران؟
اَدِيُون! جو نہ اَوهان، سو مان سُر سَرَئِيُون!

2

اَدِيُون! اَڳهِي آهِيان، پِرِيُنِ پُڄاڻا؛
سي ڪوهِيارا ڪيڻِ وِيا، ساجَنَ سِياڻا؟
جي سَسُئِي سيباڻ، سي وِڃِي ڪيچ قَرارِيا.

3

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان ذَرِي؛
لَڳِي ماٺِ مِرُوئَنِ کِي، ڏُونگَرَ پَوَنِ ڏَرِي؛
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوپَرِ اُپِري ڪِينَ ڪِي.

4

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زبانَ؛
لَڳِي ماٺِ مِرُوئَنِ کِي، رسي سُورُ شَبانَ؛
ٽاڪَرِ ٽِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَپِ جَلِي وَڃِي.

5

ساريان ٿي سَبيلَ، پُر تَقصِيرُون پاڻَ ڏي؛
مَتان مُون کي ڇڏِئين، آرِي جامَ اَصِيلَ!
وَرُ وِلهِن جا وَسِيلَ! رَسُ، رَهَبَرَ! راهَ ۾.

6

سرتيون سُوراتِن جي، ڪوهُ ٿيون پَٽِر پَوَنِ؟
گهاءُ نه لڳُنِ گهٽَ جو، رِيا مان ٿِيُون رُوَنِ؛
چيتا رِيو نه چَوَنِ، پارَ مُنهِجي پِرِينءَ تان.

داستان ڇهون

1

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ کي؟ اَندَرِ ناهِ اُساٽ؛
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويرِي مَٿي واٽَ؛
ڇَپَر ۾ ڇُونڇاٽَ، ڏِنَمِ ڏُکوئِنِ جا.

2

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ کي؟ پَڇَڻَ ناهِ پَچارَ؛
اَندَرِ ٿِي آهُون ڪَرِيان، ڪاٽِي مَنجِهه خُمارَ؛
ڳِريِي جِي ڳُفتارَ، پِيءَ پَٽِ پا روچَنِ ۾.

3

سُجَ وَسَندِي تن کي، جوشَ جَلايا جي؛
طالِبَ جي تَحقِيقَ جا، نِينهُن تنِين وَٽِ ني؛
ٿيڏِي پَسي ٿِي، هُو تان آهي هيڪِڙو.

4

بِيُون ڏِٺِّي بِنِ کي، هَلِج پاسي هيڪَ؛
وَرُ نه سَهي ويڪَ، تُون، ٿيڏِي! ٿِئايُون ڪَرِين.

5

اَجا تُون اَواٽَ، واٽان پاسي ويسِرِي؛

سُونهِين ٿِي سُواٿَ، تہ مَنجهان دِلِ ڏَڳُ لهِين.

6

پانهين، پسِي پَٻُ: مَتان ڪا، مُنڌَ! ڏِئين؛
اڳيان ڪؤ مَ ڪَٻُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچ ڪي.

سُر حسيني

داستان پهريون

1

لَڙُ مَ، لاڙائُو ٿِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ:
سِجُ سامُهون مُنهَن ۾، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، ڳاڙهي سِجِ ڳالهہِ مِڙِين.

2

اُلهِي سِجَ اَوير ڪِي، ڏِٺائين ڏونگَرُ؛
سَسُئِيءَ کي سَيّدُ چئي، سُورَن جو سَمَرُ؛
ڪُنَلِ رَکِيو، ڪَرُ، ويچارِيءَ وَڻڪارَ تي.

3

وِيٺي مُون وِيو، لَڙِي سِجُ لَڪَنِ تان؛
آئُون ڏُورِيندي ڪيترو، پَهَڻ پيرُ پيو؟
سُورَنِ سانڱُ سِهو، اَچِي ٿِيُمِ، جيڏِيُون!

4

سَرَنِيُون! سُجِي سُجَ، مَتان ڪا مُون سِين هَلي؛
پاٽِي ناهِ، پَنڌُ گهڻو، اڳيان رائو رُڳِي رُجَ:
مَتان مَرِي اُجَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرِينءَ کي.

5

پَٽيءَ نہ پيرونِ، اوڏيءَ چِڪَ نہ چِميا؛
پويون هِيُ پيرونِ، نينهن نِباهي هَليا.

6

سُيءِ ڪا تنوارَ، ڪِي هُنئِين ٿِي هَٿَ ڪَٽِين؛

سَوين رُليُون سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ؛

ٻارو چاڙا ٻارَ، توڙان تَرسُ نہ سِڪيا.

داستان ٻيو

1

ڪِي ڏَرَتِيِي، ماءِ! ڪِي ڄرَ سَندِي سَڄَڻِين؛

هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنِين ڄيرَنِ وِچَ ۾.

2

مَٿيان مَٿي مَڇُ، ٻَرِيُمِ ٻارو چَنِ جو؛

مُون کي طَعنا تي ڏِئِين، جنُن نہ پَرُوڙِئِين سَچُ؛

اَمڙِ! اوري اَڄُ، تہ سِٽَ سُٽائِنءِ سُورَ ڄِي.

3

مَٿي مَنجهانِ مِينهُن، پَسو! پاڻيءَ جنُن وَهي؛

مُون پانيو نِينهُن، ڄِپيُون جيري سَندِيُون.

4

منجهان مُنهنجي رُوحَ، جي وَڃي ساڄَنُ وِسِري؛

تہ مَرُ لَڳي لُوهَ، ٿَرَ ٻاٻيهو ٿِي مَران!

5

پَهِي ڪامَ پِڃاءِ؛ اَمَڙِ! مُنهنجي آسِري؛

ڏِئِي لَتَ چَرخي کي، پُوڻِيُون پاڻيءَ پاءِ؛

ڪَتِيُمِ جنهِين لاءِ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

6

ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَنِ پِرِيَتَڻو!

مادَر! مُون مَوتُ، پَسَڻان پرائيو.

7

ڪوءِ ٻولِي! ٻَنِ ٻَروچُ! گهورِي ذاتِ جَتَنِ جي!
مُون کي چَئِي ”لوچُ“، پيهِي وِيا چَپرين.

8

جِنَ جِنَ تَپي ڏِينهُن، تِنَ تِنَ تاڙي پَنڌَ ۾؛
ڪوآڳا نجهو نِينهُن، ٻانپَڙِ ٻا روڃَنِ سين.

9

جان جِئَين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري؛
تِتيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

10

تَتيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي؛
مَتان ٿِئي اُونداهِ، پيرُ نه لَهين پرينءَ جو.

وائي

شاديءَ جو سِينگارُ، آيَلِ! مَرڪُ مُنهِجو مُون پِرين.
آهي ڳهَہُ ڳِچِيءَ جو، ڏِئي هالورا هارُ؛
آهي اُگها ڙِين کي؛ جانِبَ جو جنسارُ؛
آهِئَين ڪاجُ ٻُڪِيَنِ جو، تُون تان طَعامُ تيارُ؛
اَعليٰ اَچو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو دِيدارُ؛
حُسْنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪورِيو ڪوهِيارُ؛
سُڄَ ڪَيائِين سُرَهِي، واسِيائِين وَڻڪارُ؛
چَپَرَ چاڙُون مُڪيُون، عَطُرُ ٿِيو آوارُ؛
ڪوڙيِين ٿِيا ڪيترا، نالي تان نِثارُ؛
سَدا صلابَتَ جِي، گولِي گِرِفتارُ؛
گهورِيان گهرُ گهِٽيءَ تان، اَچي جِئان آڌارُ؛
اَدِيُون! عَبْدُاللَطِيفُ چئي، مِليو مُون مَننارُ.

داستان ٽيون

1

ڪو ڳُهندي گهورُ، آئُرِ ٻا روچَنِ جو؛
چَڙهِيندِيَسِ ڀَنڀورُ، هِنئُون هِتِ نه وِندُرِي.

2

ڀَنڀورَجَنِ سُڳَنِ، مُون ڪِي ساٿان ڪا رِيو؛
هاڻي ساڻُ ڏُکَنِ، تان ڪِي ڏُونگَرَ ڏورِيان.

3

پِيئَرُ! ڀَنڀوران، ڀَڄو تان اُڀو؛
اَڳِي اِنَ ماڳان، سَرَتِيُنِ سُورَ پِرائيا.

4

پِيئَرُ! هِنَ ڀَنڀورَ ۾، دوزَخَ جو دُونهون؛
سَوارو سُونهون، پُڇِي پُورِجِ، سَسُئي!

5

ڀَنڀوران اُجاڙُ، سَرَتِيُون! سَگَرُ پانئِيان؛
مُون سِين تنهن ڀَهاڙُ، ڏُکان هَڏِ نه ڏوريو.

6

اُجاڙان ڀَنڀورُ، سَرَتِيُون! سَگَرُ پانئِيان؛
آرِياڻِي اَتورُ، ڏِٺُمِ جِتِ اکِينِ سان.

7

ڀُلِيو سَڀُ ڀَنڀورُ، جو پُنهِيءَ هوتَ نه هَليو؛
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻِي اَتورُ؛
ماڻِيو تِنِين مورُ، ديکِيو جِنِين دِلِ سين.

8

بُرو هو ڀَنڀورُ، جو آرِياڻِيءَ اُجارِيو؛

لاٿو سَپَ لوڪَ تان، ها ڙهي ڏَٽِيءَ هورُ؛
چورِيُون چُرَڻُ سِڪيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ؛
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُکيُون ڏِکَ وِها رِيُون.

داستان چوٿون

1

لَڄايا مُونهان، ساڄُهرِ تي سيڻَ وِيا؛
پِيَنِ پَنپوران، سُڌِ مُنهنجي ذاتِ جي.

2

آئُون جي هُيَسِ هَڏُ، اَڍِيُون! آرِيچَنِ جو؛
ساٿَ لَڏِيندي سَڏُ، هُوندَ ڪوهِيا را ڪَرِينِ مُون.

3

هُيَسِ جي سِياءِ، تہ ڪَيُمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي؛
اَدَبَ وچان اُنِ سين، ڳالهِ نہ ڪَيَمِ ڪاءِ؛
ذات مُنهنِجي، ماءِ! ڪَچو ٿِي ڪيچُنِ کي.

4

ساٿِي توءِ هَلَنِ، پَٺَرِ جي وارَ ڪَرِيان؛
جيڪُسِ ٻا روچَنِ، ڪو ڏِ نو عَيبُ اڪِنِ سين.

5

ساٿِيُن سَئِين نہ جاڳِين، پوءِ ڪُجا ڙِيان روءِ ؟
اِيَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جِئَن هُو سانگِي، تُون سُمَهِين.

6

مُون سَڏِيندي سَڏ ڙا، ساٿِي سَڏُ نہ ڏِينِ؛
وِلَهِيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏَ نہ تنوارِينِ؛
هيڏا هاچا ٿِينِ، ٻُري هِنَ پَنپورَ ۾!

7

ڪَهان، تان ڪيچانَ پري! وِهان، تان وَٽِ مُون!
پُلِي ڏورِيَمِ پُون، عَبَٿُ آرِيءَ جامَ کي.

8

ڪَهان نہ ڪيچان پَري! سُمهان تان سِرَ هيٺ!
ٻا روچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيھِيءَ پَرِ ٿي.

وائي

هوتَ! هوتَ! اي هوتا! ڏِيَندِيس ماهُ مِرُنِ کي؛
آئُون جَرا جِيُّ ڪَري.
ڏيئِي باهِ ڀَنڀورَ کي، آئُون آيَسِ تو ڳَري؛
آرياڻي پُنهونءَ ري، مُون کي، سَرِئُون! تان نہ سَري؛
جَندِي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري؛
آءُ اوراهُون، سَپِرِين! وَجُ مَ، پِيَّ! پري؛
مُون ڏِنِي، مُون وِسَهو، وِرچِي تان نہ وري؛
ڏُکِيءَ جي ڏيکا رِئِين، ڏا ران مُنهَن مَري؛
پيالي پِرِيُنِ جي، موهِيَسِ ميٺَ ڪَري؛
آرِيءَ جي عِشقَ جِي، مُون کي اَندَرِ آڳِ ٻَري؛
توکي توءِ نہ ڇَڏِيان، جي وَجان ٻُونءِ تَري؛
ڏَڙُ وِجهنديَس ڏُونڙ ۾، مَٿو ڏارَ ڏَري؛
هَلَڻُ سُڻِي هوتَ جو، ڏُکِي، پَسُ ڏَري؛
پِرِين! ڪَڄِ پانهِنجِيُون، اکِيُون ٻاجَھ پَري؛
اَدِيُون! عَبْدُاللَطِيفُ چئِي، مَنَ ڪا مَهرَ ڪَري.

داستان پنجون

1

ليڙِنِ لَنگهِ لَسَ، مانباڻِيان مَٿي وِيا؛

وَ نِي وَرُ واٽَ ٿيا ، پُنهون جامُ پَهَسَ؛
هُئا وَڏِي وَسَ، ٻا روچا پَنپورَ ۾.

2

چِپُون چِپَرَ ڪَٽَي، پَهَڻَ پَٽَرَاٽِيُون پائيان؛
جتي رَهان راتِڙِي، مِرُون مُنهنجا مِٽَ؛
سيڻَنِ جِيءَ سَهَٽَ، ڏُونگَرُ ڏورِلي مُون ٿِيو.

3

مُسافِرِنئُون، ماءِ! وِره وِهايُمِ وِترو؛
اَچِي ٿِيَمِ اوچِتِي، تن سانگِيُنِ سين ساجاءِ؛
جِيجان! جَهلَ مَ پاءِ، هِنئُون هوتَ هَٽِي وِيا!

4

ڪِيئَن اَڙائِيُءِ پاندُ، پلؤ پَرَڏيهِيُنِ سين؟
مَتِيُون مُوڙهِيُءِ، سَسُئِي! ڪَيُءِ ڪوهِيا رو ڪانڌُ؛
رُلِي! پائيُءِ راندِ، ٻانپِڻِ! عِشقُ ٻَروچَ جو!

5

مُنهنجو پا ڙِيچَنِ، ڪَچو ڪونہ ڍَڪِيو؛
پاسي چَڙهِي پُنهونءَ جي، ذاتِ سَلِتِي جَنِ؛
تيلان ٻا روچَنِ، نِڌَرِ چڏِي نِندِ ۾.

6

حُسينِيءَ جِي هاڪَ، مادَرِ! مارِي آهِيان؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ؛
ڊِجان پَرِ فِراقَ، مَتان پوئِمِ پِرِينءَ سين.

7

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي؛
اَچِي اوطاقان، مُون کي پِرِيُنِ پَري ڪَيو.

8

ڦِري آءُ، فِراقَ! مُونکي وِصالان وِڇُ پيو؛
جي ٿي چِڪِيَمِ، سي پِرِينءَ ڳَڏجِي پُورِيا.

وائي

پُنهون پَريشانُ، ٻَرِ! ٻَرِ! نڪو خانُ نہ مانُ؛
هيءِ! هيءِ! حالُ مُنهِنجو.
مُونکي ٻُکَ ٻوتَنِ جي، ناقي ياٿِيان نانُ؛
شَهرُ صَحرا ياٿِيان، مُون ليکي مَيدانُ؛
رُئان ٿي رُڃُنِ ۾، آرِيءَ لَءِ عُرِيانُ؛
پِٿيان مُنهُن پَسَڻَ لَءِ، هِتي ٿي حَيرانُ؛
آهي آرِيءَ ڄامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ؛
ديوانِيءَ کي دِلِ ۾، سُورَن جو سامانُ؛
وِڃهِ پِڪَ پينارِ تي، پرِيَمِ! ڪائي پانُ؛
ڪَڏهِن ڏِيندو ڪيڄَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آهِيَن، عَبدُاللطِيفُ کي، اڳيان تُون اڳوانُ.

داستان ڇهون

1

آيا آسَ ڏِيامِ، ٻارو چا ڀَنڀورَ ۾؛
پَسِي ڀَهَرَ پُنهونءَ جي، نَنهَن سِيئَن نيڻَ نَرِيامِ؛
ڳُوندَرَ وِسِريامِ، سُکَنِ شاخُون مُڪِيُون.

2

ڏيکا رِيُسِ ڏُکَنِ، ڳُوندَرَ ڳَسُ پِرِيُنِ جو؛
سُونهائي سُورَنِ، ڪِي هيڪانڊِي هوتَ سين.

3

سَؤ سُکَنِ ساڻي ڏِيان، سِرُ پڻ ڏِيان سَٽَ؛

جي مُون مِڙيي مَٽِ، تہ وِرِهُ وِهايان هيڪِڙو.

4

سُورَنِ سانگها روءِ، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪَيو؛
آئِلِ! اوپا روءِ، پا ڙوڏو پوڙَ وَهي.

5

لُڳَمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَ!
اَهُڪِي جا اُنَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!
اڪَڙِينِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيَنِ جو.

6

ڏُڪويُون ڏيهان، جيڪُسِ لَڏي ويئُون؛
هاٽِي ڪِنِ مُلان، پُڇان پِريُنِ خَبَرُون؟

7

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سيڪنهِيَنِ، مُون وٺِ وَٺاٽانِ؛
پَرِيُون ڪَيو پُٽانِ، وَيا وِهائُونِ ڪري.

8

پِيڙهي پِيڙهي ٻَنڌُ، سُورائِيِ! سَندِ روءِ؛
ڪيچَ اڳاهُون پَنڌُ، مَتان لَڪَنِ سين لِڳِي مَرِينِ!

9

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جنِينِ جِيءَ وِرُونهَن، سَجَڻُ آيو مان ڳري.

داستان ستون

1

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن پِرِينءَ کي؛
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اڳڻَ عَجِينَنِ جا.

2

پُڇيو ئِي، تان پُورِ؛ نات پُڇَڻُ هوءِ مَ پِرِينءَ کي؛
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهِينِ هوتَ کي.

3

ڏورِيان، ڏورِيان، مَر لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَچُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿِئي.

4

آئون ڏورِيَنءَ، شالَ م لَهَنءَ! پِرِين! هُئِين پَري!
هَڏِ نہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلِّي نہ ٿِئي!

5

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، ڇَکِيَمِ ڇا ڙهِيڪا؛
اَدِيُون! آڙِيڪا، هِنئڙي پِيَمِ هوتَ سين.

6

جيڪا ڪَندي سَنگُ، مُون جئن با روڇَنِ سين؛
اَنگُنِ ڇا ڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَتَ ڦُڙا.

داستان اٺون

1

آئَڻُ اورانگهي وِيا، آئون ٿي مَران، ماءِ!
پِٺُون ٿِيندِيَس پيرَ تي، 'هَيءِ! هَيءِ!' ڪَري هاءِ!
جِئَڻُ مُون نہ جڳاءِ، پِرِيُنِ تان پاسو ڪَيو.

2

ڇاڙِي جي ڇا تومِ، نہ پوندو فلَق فِراقَ جو؛
اَڪَرُ اِرادَتَ جو، ڏُريائِين ڏوتومِ؛
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هُوندَ ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

3

ڏُکائِيندِي ڏُونهَڙا، مُنڌَ! سيڻانِي وَڄَ؛

پِرِياڻُونِ مَ پُڇُ، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين.

4

ڇڄ مَ قَطارانِ، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين؛
مَڃُرِ ٿِئين پُٺانِ، وَڳَ واٽَ ٿِي نه لَهِين.

5

پُڇيوئِي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ کي؛
جنِين ڏِٺو هوتُ، تن ڊِينَ سَپِيئَي دُورِ ڪيا.

وائي

مُون کي ڇَپَرِ مَ ڇَڏِيجا، يا روچا! پَلَئِ لَڳِي آهِيان.
چورِي چِنِي آهِيان، نِينهُن نِباهي نيجا؛
چورِي ڇَڏي ڇَپَرِين، ڪيچِي! ڪِيمَ وَڃيجا؛
پُنهون مُنهنجو آن سين، ساٿُ سلامَتَ نيجا.
مون تان وَڙُ وِڃائيو، اَئِين پنهنجو وَڙُ ڪَريجا؛
جوڳِيڪو وسُ ڪَرِي، سِگهڙِي سارَ لَهيجا؛
آرِياڻِي! عَبْدُاللَطِيفُ چئِي، مُون تي وَهِلو وَرُ ڪَريجا.

داستان ٿئون

1

ڪاتِيءَ تان نه ڪَنهِين، مَنُ وِڃُهلَڻَ وَڍِيو؛
ماريَسِ سُورَ تَنهِين، جو نه جِئاري، جيڏِيُون!

2

جِيءُ مُنهنجو جَنِ، اَنگڙيا رو وَڍِيو؛
پُڃاڻا پِرِيَنِ، سِيانِ، سَڃو نه ٿِئي!

3

رو، وِسانئي راندِ، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا؛

هوتَنِ سين هيڪاندِ، هُيَمِ ٻاٽي ڏِينهَڙا.

4

رُئَڙُ ءِ راڙو، مُون نماڻِيءَ جي ٻَجُهري؛
ڪُنَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُرب جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائيندِيَسِ رَتَ سين.

5

روئِي ڪَندِينءَ ڪوهُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟
جيڏيُون! جيڏوئِي ڪَيو، ساڻُسِ سيڻَ سِتوهُ؛
ڏوهِي اَٿيان! ڏوهُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

6

ڪاڻِيءَ مَ ڪانيو، مُنِيءَ مَنگُر مَ ڏِيو؛
هيڪَرَ اُجهايو، ڏيئي ٻُرَ لُهارَ جِئَن.

7

تُون جي ڪالَهه مئِي، ته ڪالَهه ئِي گَڏِينءَ پِرِينءَ کي؛
ڪَڏَهن ڪانَ سُئِي، ته ڪا سَکِهي گَڏِي سَجَڻين.

8

اَگِي پوءِ مَران، مَرُ مَران ما رَڳَ ۾!
مَٿي پوءِ پِرِيان، خُونُ مُنهنجو جيڏِيُون.

9

مَرُ، مَٿا ڏيئِي، پُنهونءَ ڪا رَڻ پَٻَ ۾؛
ته سَرَتِيون سِپيئِي، واڪاڻِينئِي وِيٺِيُون.

داستان ڏهون

1

واڪِيو واڪِيو وِڪ، پا ٻوهِيو پيرُ ڪَٽي؛
سي نه چَڙَهندِيون ڏِڪَ، موڙِي پيرُ، مَرَن جي.

2

وِجُھ وَڏَندِي وِکَ، مَڇُرِ لِکَ لَڳائِين؛
ڏُکُ تِنين کي ڏِکَ، حُبُّ جنِين کي هوتَ جو.

3

واڪو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَنِ مَٿي سَڏَ ڙا؛
مانَ تُنهنجي ڪاءِ، سَڀَرُ مِ سارَ ٿِئي!

4

سُورَنِ سانديياسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان؛
سُکَنِ جي، سَيَّدُ چئي، پُکي نه پيياس؛
جيڪسِ آئُون هُياسِ، گَرِي گُوندَرَ وَلِ جي.

5

ڪِينهي طالِبَ تاتِ جا، نه نه آهي تاتِ تِيارُ؛
ڏورِيان پيو ڏُڪارُ، گهورِندَ ڙَ ڪَٽي وِيا.

6

ڪنهن جنهن نِينهَن نَنڌاهُ، جي مُون واجهائيندي نه وَرو؛
جيڪِي مُئي ڪنداهُ، سو جانبَ! ڪَرِيو جِئري.

7

مَتان ٿِئين مَلُورُ، ڪِينَ اڳاهون آهِيان؛
ڏِسَڻَ مِ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ بِنِين جي هيڪِڙي.

داستان يارهون.

1

جِئَن اُتُنِ آرِيءَ جامَ، اُئَن تان اوڻِيُنِ نه ڪَيو؛
ٻڙڪِي ٻاهَرِ نِڪِتي، گاڏِرِ مَنجهان گامَ؛
ساهُ ڏِنائِين سامَ، سُتي سَگَرَ پَٿِين.

2

لَڪِيُون! آن لَڳا، ڪي پَلَءَ پانڌِيَڙَنِ جا؟
توهان گهَٽيرو، ماءِ! رُوندا اُوءِ رَتُ وِيا.

3

ڏوٿِيُنِ چَيُسِ ”ڏُورِ، ڪيچُ اڳاهُون پَنڌُ ٿِيو“؛
پاڻا چَڙهِي پُورِ، وِڪَ وِڌائِين وِتَرِي.

4

سَسُئِيءَ جِي سِرِيءَ سان، ڪيچَ ڏَٽِي ڪانڌِي؛
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرِينءَ جي، مُنڌَ هُئِي ماندِي؛
لَڪَنِ تان لَطِيفُ چئي، آرِياڻِيءَ آندِي؛
پُنهونءَ پيراندِي، نماڻِيءَ نَصِيب ٿِي.

5

هَيءِ ٿو وجِي هوتُ، آئُون ڪِ اڳِيَرِي ٿِيان؛
مَتان چوءِ بَلوچُ، ”ڪَمِيڻِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو“.

6

ڪَمِيڻِيُنِ هَٿان، ٿِينِ مُورائِين مَدِيُون؛
تُون ڪَرِ پاڻَ وَڙان، موٽُ سَباجها سُپِرِين!

7

نَڪِي ٿِيان سَگَ ۾، نَڪِي سگِيڻِي؛
آهِيان ڪَمِيڻِي، ذاتِ ٻَروچِيءَ نہ جُڙان.

8

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهنجِي ذاتِ جِي!
مَتان پُنهونءَ پوءِ، لَڄَ مُنهنجِي لوءَ ۾!

داستان ٻارهون

1

ڏِٺان جي ٻَروچُ، مُون جئَن هوتُ اکِينِ سين؛

مُون کي چَيان ”لوچ“، پاٽا پيِنِيُون چَپَرِين.

2

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندِي وَتُ، مَڇُڻِ ’ووءِ!‘ وِسا رِئِين!
پاڙِي هار مَ پَڌِرو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ؛
صَبُرُ وڏو سَتُ، سِگها ميڙِي سُپِرِين.

3

ماٺِ ما رِيندِيَءِ پِرِينءَ جِي، مَڇُڻِ، رُئِين رَت!
چورِي! ڇَڏِ مَ سَتُ، هِمَتَ هوتُ وِجائيو.

4

جَڙَ جِڙِي جن سين، مُئِي پڻ سين تَنِ؛
جي هِتِ نہ هوتُ پَسَنِ، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچ پَسَندِيُون؟

5

اَوجَهڙِ وَتان آنءُ، ٻِيُون سَپِ سَگِرِ ساٿَ جي؛
جا نِينهَن ڳِنهَندِي نانءُ، سا مُون جِئَن پَوندِي مامِري.

6

ٻَڌو ڪَنهن ٻَنڌاڻِ، هِنئُڙو هوتاڻِيءَ سين؛
ڪا جا پِيِيَسِ ڪاڻِ، نِبيرِيانسِ، نہ نِبِري!

7

ڏُونگَرُ ڏَنا نُوڻِ، مُون پا رِکُو پُڇِيا؛
هيڪِليُون هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندِي تُوڻِ؛
اِي اَهُڪِي پُوڻِ، سُونهَن رِءَ نہ سُٽِرِي.

8

لَکِين لوڙائُو، سَهَسين آهِنِ سُجَ مِ؛
بَرَ مِ بورائُو، ڪَڻُ، پِيادِي! پاڻَ سين.

9

نِينهَن مَ نالو ڳِنُّ، پِرِيَتَڻِي پيرَ ٻِيا؛

سُورَن سانڱُ مَ چِنُّ، وِرهُ وِهائِج وِترو.

10

سَجَڻُ ڏِنو جَنِّ، تن ٻِچِيءَ سِرِ ڳهُ ڪَيو؛
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجَهنِّ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟

11

ها رِي! هِنئُون مَ لوڙِ، سُکَنِ پَونديِنءَ، سَسُئِي!
ڪوهِيارو تو ڪوڙِ، اَچي ڪَرَهَ قطارِيو.

12

حُسيني حُسينَ لَءِ، ٻِيِيءَ پانَ چِئِي؛
تهان پوءِ ٿئِي، خَبَرَ ٻِي خلقَ کي.

سُر ليلا چنيسر

داستان پهريون

1

داغُ تُنهنجو دائما، ماري مَعذُورِين؛
سائِينءَ ڪارَڻِ سُپرين! وَڃِج مَ ڏُورِين؛
آءٌ تو حُضُورِين، مَٽِيو وِجهان مَڃَ مِ.

2

مَٽِيو وِجهان مَڃَ مِ، هائِيءَ هِٽِي هارُ؛
سوڀِي! سُکُ سيَّدُ چئِي، ڪَرِئِين ڪوهُ قرارُ؟
راجا رِساڻو گهڻو، سَنَاڻو سردارُ؛
چوڏِس چَنيسَرَ جامَ جو، ڏيهان ڏيهِ ڏهڪارُ؛
ناڪُرُ اکِين نارُ، مَٽَئِي تي ٿِي مَنَّيِن!

3

چَنيسَرُ چوَرَنگُ، پرَنگو لوڪُ ٻِيو؛
تنهن سين چِنِيو سَنگُ، وَڃِيو هارَ هَٿُ چُهِين!

4

مَٽِئي تي موھِجي، مُوڙِھي ڪَيُءِ مَرَڪُ؛

چِئِي چَنيسَرَ جامَ سين، وِڏو تو فَرَقُ؛

وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُھاڳَ جو.

5

مَٽِئي مَٺي جي ھُئَا، تِن چِٺَن ڦيرِيُمِ چِتُ؛

ھا رُ ڪَنَدِيَسِ ھوڏَ مِ، نيبَهُ ٿيندُمِ نِتُ؛

ڪؤنرُوءَ جو ڪِرِتُ، مُونهان مَٺاھُون ٿِيو.

6

مَٽِيو ناهِ مَٽِيُون، جو تُون پَسِي ھا رُ ھِرڪِئين؛

اَصُلِ آھي اَڳِھين، سَندِيُون ڪُوڙَ ڪَٽِيُون؛

اِنَ گھوڙَنِ ھَنئي گھَٽِيُون، دوسَنِئان دُورِ ڪَيون.

7

تو جو پانيو ھا رُ، سو سُورَنِ جو سَگُرو؛

چنيسَرُ چِتُ ڪٽي، ٿِيو پورِھِيَتِ جو پا رُ؛

اَوَٽَ جو آچا رُ، ڪانڌ ڪَنھِين سين مَ ڪَري.

8

نہ ڪِي ھو ٻانھَڙِيُنِ مِ، نہ ڪِي ڳَرِ ھُئُومِ؛

نہ مُون، سِيندِ نہ سُرمو، نہ سِينگا رُ ڪَيومِ؛

تيلانه ڪانڌُ سَندومِ، رُڪوئي رَءِ ٻِڙئي.

9

سونا ڪُرَّ ڪَنَنِ مِ، ڳِچِيءَ ڳا ڙھا ھا رَ؛

ٻانھُوٽا ٻانھُنِ مِ، سِيندِ سَٽِيا وا رَ؛

تيلانهَ پِيَّ پَچا رَ، ڪانڌَ مُنھِنجي چِڏِئي.

10

اُو ڏَمِرِيو ڏِسُ! حِيلو ھُنھَنِين ھا رَ جو؛

سُٺو سَپ سَرَتيُون! وَرُ نه ڪَنهِين وَسِ؛
دَعوىٰ پَهرِئين دَسِ، پَڇِيو ٿو پورا ڪَري.

11

پُوچا ڏِنَم پيرَ، ڍَڪَڻَ مٿي ڍولَ جا؛
مون پانيو تَنهِن ويرَ، ڪوجِهي ڪَندو پَرِيئَڙِي.

12

سَوَڙِيين سُتَڙِياءِ، پَکو سَهُو وِلارِيو؛
چَنيسَرَ ڪانڌاءِ! تان مُون هِئَن نه پانئيو!

داستان ٻيو

1

ٿِڙڪِي پَسِي ٿوڪُ، ٿِرڪِي تَڪَبُّرَ ۾ پئي؛
اَڇِيو اَڇِيو، "اَبِگلِي!"، چَئي لِيلا کي لوڪُ؛
اندَرُ اوپالَن سين، سا ڙِي ڪَيائُون سوڪُ؛
ٻالاپڻَ جو ٻوڪُ، وِيو ويچارِيءَ وِسرِي.

2

هُئِينءَ نه گَهڻو هُوشِيارُ، ڪَلَ ٻه هُيَيءَ ڪانڌَ جِي؟
تو پانيو موچارِي ٿيان، ڳِچِيءَ پائي هارُ!
ڪانڌَ ڪُوڙِيءَ جو نه وَٽِي، سَئِين پَٽِين سِينگارُ؛
وَهَمَ لَهِي وِينجهارُ، ڏِليُون پَرکي داسَڙو.

3

وڏِيرِي هُياسِ، ميڙو مُون گهرِ سَرَتيين؛
هَٿَ ڇُهَڻَ هارَ جي، ڪَڙِي ڪانڌَ ٿِياسِ؛
ڍولِي ڍِيلِياسِ، آئُرِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

4

وَڏِيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راجَ ۾؛

ڏُھِلين ڏَمامين، نَقَرين، ٿي پَلپَلِ پُڇياسِ؛
ڍولي ڍِلياسِ، ٿِيَسِ ڏُھاڳڻِ ڏيهَ ۾.

5

وَڏيرِي ھُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
دائيين، بائيين، دَرِبانَنِ، پَرِ ۾ ٿي پُڇياسِ؛
ڏُھلين ڏَمامين، نَقَرين، ٿي وِچَ ۾ وِھا رِياسِ؛
ھُيَسِ دادُلِي دوسَنِ جي، ڪَٽي ھَلڪِي ھا رَ ڪَياسِ؛
تِنهان پوءِ ٿِياسِ، ڪانيا رِي ڪانڌَ جِي.

6

ھُيَسِ ھِندورَنِ ۾، پِيِيَمِ ڪانهَ پَرُوڙَ؛
مَٽِئي سنَدي مامِري، ڪوجهي وِڏَيَسِ ڪُوڙَ؛
سامُھان ٿِيَمِ سُورَ، وِيو وِلُٽِي وَلَهو!

7

لِيلا! جِمَ لَگائيين، چَئِي چَنيسَرَ سانڻُ؛
وَرَ سين وِڙھيو اُٿِئين، مُوڙھِي! مُٺُءِ پانڻُ؛
پوري! ڪَيُءِ پانڻُ، تي آيُءِ ڏَنءُ ڏُھاڳَ جو.

8

لِيلا! پُورِي نه پَئِين، چَئِي چَنيسَرَ سانڻُ؛
تو جو پانيو پانهِنجو، سو رِيساڻو راڄانڻُ؛
پاٽان ڏا رَ پِريانڻُ، ڪانڌَ ڪَنهنجو نه وَٽي.

9

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛
دوسُ تُنهِنجو داسڙو، ڪاندِ وَڏائي ڪاءِ؛
نه ڍولو ڏَڪَ سَندِياءِ، عَيبَنِ ڪي آڏو پَئي.

10

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛

اِيُ ڪانڌُ ڪَنهِجو نہ ٿِئي، نہ ڪا مُون نہ تُون؛
رُئنديُون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَٿي داڌليُون.

11

لِيلا! حِيلا ڇَڏِ، جي تُون سوڀِي! سِڪِئين؛
پائي پانڌُ ڳِچيءَ ۾، پاڻُ غَرِيبيءَ گَڏِ؛
هَڏِ نہ ڇَوَنڌُءِ لَڏِ، جي ڪارُون آڻِئَين ڪانڌَ کي.

داستان ٽيون

1

ڇَنيسَرَ سين چاڳُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
جان مُون پوءِ پَرُوڙِيو، تہ هِيُ نہ ماٽي ماڳُ
ڏَمِريو ڏُهاڳُ، سِڪَهو ڏِئي سُهاڳِڻِين.

2

ڇَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
ڪانڌَ ڪَنهِين جو نہ وَٽي، ڳِيرَبُ ۾ گاءُ؛
جي ٿِڙي ٿورَڙِياءُ، تہ دوسَ ڏَسائي داسَڙو.

3

سَپيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَپِنِي مُنهَن جَڙاءُ؛
سَپَ ڪَنهِين پانيو پاڻَ کي، تہ اِيندو مُون گِرِ راءُ؛
پينو تَنِ دَراءُ، جي پَسي پاڻُ لَجائِيُون.

4

اَوَڳُڻ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا!
جِئَن تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تِئَن مون پيٽِي ناهِ پَتارَ!
سائِيِنءَ لِڳ، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُنهِنجيُون.

5

جي مُون مُوڙهِي مَتِّ، تہ تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!

اصُلِ اَوابِنِ جا، عَيبَ ڍَڪِئين تُون اَتِّ؛
اِيَ، پِرَ! تُنهنجي پَتِّ، جِئَن وِلهيُون ڍَڪِئين وَلَها!
6
ڪوڙين تُنهنجُون ڪامِڻِيُون، تون ڪوڙِيَنِ سَندو ڪانڌُ؛
مُون ڪي ڇڏِ مَ داسَڙا! تہ وَجان نہ وِڙوانڌُ؛
مون ڳِچيءَ ۾ پانڌُ؛ تو، چنيسَرَا! هَٿَ ۾.

سُر مومل راڻو

داستان پهريون
1
ڪالهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپڙي، بابُو بيڪا ري؛
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي؛
ڏيئي ڏيڪارِي، ڦِٽي دِلِ فَقِيرُ وِيو.
2
ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙي، جَهڙو ماهُ مُنِيرُ؛
فيضُ، فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائِي وِيو.
3
ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙي، پَهَرَ سِڄَ ڪان پوءِ؛
پَسو سُونهَن سامِيءَ جي، رَتَ وَرنو روءِ؛
جو مُنهِن مُومَلَ جي پوءِ، مونٽُ تَنهِن مَسَ ٿِئي.
4
ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙي، بابُو بانَ بَرِي؛
سائي سالَ ڪُلَهِن ۾، سامِي سونَ سَرِي؛
خَبَرَ ڏي ڪِرِي، ڪا مُومَلَ جي مجازَ جي.
5
بيڪا رِيءَ ڪي بَرَ ۾، وِيو ڪيفُ چڙهِي؛

ٻالهيُون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِسَنِ ڳڙِيِ؛
ڪا جا اَنگُ اَڙِيِ، جِئَن چُٽا ڦَٽَ چُڙِيِ پِيا.

6

سِجُّ سُپاٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ؛
بُوءِ اَچي ٿِي عَطُرَ جي، مَنجهان مُگَٽ
سا ڏيکا رِيهُون جُوءِ، جِئان لاهُوتِي لَعلُ ٿيو.

7

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِجَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪورِيو.

داستان ٻيو

1

آءُ لانگوٽِيا لالَ! ڪَنهِن پَرِ ڏِٺيُءِ ڳُجَرِيُون؛
آبُ اَرتو اَڪِيِن، لُڙِڪَ وَهائِيِن لالَ؛
ڏِٺَءِ جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نه سَلائِيِن؟

2

ڳُجَرِ کي ڳجميلَ جُون، تا رَنِ مِ تَبَرُون؛
هٽي حاڪِمِنَ کي، زورَ پَرِيُون زَبَرُون؛
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبَرُون، پسو پَرَڏيهِنِ جُون.

3

ڳُجَرِ گا روڙِيُنِ، اَچيو اَڏِي اُپِيِ؛
مَٿان پيئِي تِنِ، ٻَڌا ٻانَ هَٽَنِ جي.

4

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِيُنِ کي آڪَرِيِ؛
سوڍِيءَ ڳهٽا سَڪائِيا، پَڙهِيا پَٽَ پِيرَ؛

هَٽي تِنِ کي تِيرَ، مَٽِيو جن مَٿِ ۾.

5

جوڳِيءَ جاڳائي، ماري وِڌو مامِري؛
لَنؤ لُڏُوٽي ڪَنڌِيين، اَميو آهي؛
وَجو جي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نِينهَن جُون.

6

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي نِينهَن اُچَلَ؛
نہ ڪا جَهَلَ نہ پَلَ، سَپُڪو پَسي پِرِينءَ کي.

7

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي گَهڙِجي نِينهُن؛
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينهُن، سپڪو پَسي پِرِينءَ کي.

8

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، چَرُو جِتِ چڙَهنِ؛
ڪوڙين رَنگَ رَچَنِ، پانوڙِيءَ پِڪَ سين.

9

آڪُون، ڏاڪُون، سِرَڪَندَ شاخُون، جِتِ چَوڪا چَندَنَ ڪَؤنرَ؛
مَيي سيئي ماڙِيا، جِتِ نہ پِرَنِ پؤنرَ؛
ڪُنوارِيُون ۽ ڪَؤنرَ، ڪاهِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.

10

چَڙهِيا چارَئِي يارَ، سُوڏا شِڪارِي؛
فِڪِرَ ساڻُ ڦِٽي ڪِي، سوڍي سوپارِي؛
وِيا ڪاهِيندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلِ موچارِي؛
موٽِيا نہ مارِي، ڪَؤنرَ لَٽا ڙي ڪاڪِ جا.

داستان ٽيون

1

جَهِڙا گُلَ گُلابَ جا ۽ تَهِڙا مَٿِ وِسَ؛
چوٽا تيلَ چَنبيلِيا ۽ هاها ! هُو! هَميشَ؛
پَسيو سُونهَن سَيَّدُ چئي، نِينهَن اچَنِ نيشَ؛
لالَنَ جي لِبِيسَ، آتَڻِ اکرُ نه اُجَهي.

2

جَهِڙا پانَنِ پَنَّ، تَهِڙيون سالُون مَٿِ سائيون؛
عَطُرَ ۾ عَبِيرَ سين، تا زا ڪَيائُون تَنَّ؛
مَڙهيا گَهڻو مُشڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَندَنَّ؛
سُنهَنِ رُپِي سونَ سين، سَندا ڪامَڻِ ڪَنَّ؛
ڪَيائِين لال لَطِيفُ چئي، وڏا وِسَ وَرَنَّ؛
مَنجِهه مَرڪِيَسِ مَنَّ: ”سودِي سين سَڱُ ٿِيو.“

3

سونَ وَرنِيُون سودِيُون، رُپِي رانديُون ڪَنِّ؛
اَگَرَ اوطاقُنِ ۾، ڪَٿُورِيون ڪَنِّ؛
اوتِيائُون عَبِيرَ جا ۽ مٿي طاقَ تَڙَنِّ؛
باٿَنِ بيلون بَدِيون، پَسِيو سُونهَن سَڙَنِّ؛
ٿِيا لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پِرِيَنِّ؛
اِجهي ٿا اچَنِّ، ڪاڪِ ڪَڪورِيا ڪاپَڙِي.

4

گُجَرِ گَهٽا گَهائِيا ۽ پاٽا لَگَسِ گَهاءُ؛
مينڌَ ري مُلاءُ، لَڳِسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

5

رُوءِ راٽِي جي ناهِ ڪو، سودو سَپِنِ سُونهَن؛
لاٿائِين لَطِيفُ چئي، مٿان دِلِيُنِ دُونهَن؛
ڪانهي بِي وِرُونهَن، ٿِيو مِڙوئِي مينڌِ رو.

6

ڪاڪِ نہ جَھلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا نہ مَحلَنِّ؛
بائُنِ ۽ بانِهيُنِ جي، بَندَرِ ڪِينَ بَجَهنِّ؛
لکين لاهُوتِينِ، اَهِڙيُون اورِيان چَڏيُون.

7

ڪاڪِ نہ جَھلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا ڪَنهِن نہ مالَ؛
سودِيُون سِجهائي وِيا، هَهِڙا جَنِين حالَ؛
جي چورِيُنِ ڏِنا چالَ، تَپِ لاهُوتِي لَنگھي وِيا.

داستان چوٿون

1

شَمَعَ ٻا رينديِ شَبَّ، پِرِهَ ٻاڪُون ڪَڍِيُون؛
موٺُ، مَران ٿِي ميندِرا! راڻا! ڪارِڻِ رَبَّ؛
تُنهِنجيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏايِمِ ڪاڪِ جا.

2

اُپِي اُپا رِيامِ، نَکَٽَ سَبِ نَئِي وِيا؛
هِڪُ مَيو، ٻِيو ميندِرو، سَڄِي راتِ سا رِيامِ؛
ڳوڙها ڳَلِ ڳا ڙِيامِ، سُورَجَ شاخُون ڪَڍِيُون.

3

ڪَتِنِ ڪَرَ موڙِيا، ٽيڙُو اُپا ٽيئِي؛
راڻو راتِ نہ آئِيو، ويلَ ٽَري ويئِي؛
ڪوءِ سا ڪاٽِي راتِڙي! پِريُن ري پيئِي؛
مُون کي ڏَنءُ ڏيئِي، وَڃِي ڍولو ڍَٽِ قَرارِيو.

4

راڻو ڪا راتِ ويو، ڳُجِهي ڳالھ ڪَري؛
سودِي رِءَ، سَرتِيُون! هَڏَ نہ ساهَ سَري؛
وَڃِي، مانَ وَري! آسائِتِي آهِيان.

5

سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهه ڪَئي؛
سا جي پَڌَرِ پوءِ، ته سَرتيُون ڪانه سُمِهي.

6

راڻا ! تُنهِنجي راهَ تي، ڏيهاڙِي ڏيکان؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ جُون، رُوحَ اندَرِ ريکان؛
مُحَبَتَ جُون ميکان، تو سين، لالَ! لَپيٽيُون.

7

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرتيءَ جا ڏَڻِي!
سِڪَنِ ٿِيُون سُهاڳِڻيُون، سوڍا تُنهِنجي سَٿَ؛
مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏڻي ڪاڪِ جا !

داستان پنجون

1

سَڱُ ڪري سين سِينهَنِ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏَهِين؛
رَمِج راڻي پُٺِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن؛
اِنءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِئَن مُومَلَ! وَسَنِ مِينهَن؛
سندي حَشَرَ ڏينهَن، سوڍو سا رِيندِينءَ گهڻو.

2

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مٿي سَڄڻين؛
ڏِڱَ لَتبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏِٺا سُون؛
ڏِينهَن مَڙئِي ڏُون، اُتي لوچ لَطِيفُ چئي.

3

راڻو پانيو راندِ، ڪِئَن وِڙُ رائين؟
وَرُ وِڏُوڻو اِيهَين، جِئَن پَرُ پُڄتوءِ پاندِ؛
هَيءِ! پَڳِيءِ هيڪاندِ، سوڍو سا رِيندِينءَ گهڻو.

4

ڪاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِيا، جلِي مُنهِنجِي جانِ؛
رَڪِي ڪامَ ڪِٽِڪِيو، ما رِيَس تَنهِن گمانَ؛
هَڏِ نہ جِيان هانڻَ! سِگهو موٽِج سُپِرِين!

5

ڪاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِيا، بَرِيا رَنگَ رَتولَ؛
تو پُڄاڻا سُپِرِين! هِنئَڙي اَچَنِ هولَ؛
جي مون سين ڪَيَءِ قولَ، سي سِگها پارِج، سُپِرِين!

6

حال قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڏاڻُو؛
فِدا ٿِيءَ فَقيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻُو!
مُيَنِ سين ماڻُو، مُناسِبُ نہ، مينڌِرا!

داستان ڇهون

1

نہ وارِثُ نہ وَلهو، نہ سَڱُ، نہ سِياڪو؛
تو پُڄاڻا، سُپِرِين! آئُرِ اولاڪو؛
پانڌِيا! پاراپو، ڏِجانءِ ڏاٽِيءَ ڍولَ کي.

2

ڪَرَهو ڪَمِيٽِيءَ تي، سوڍا! وارِ، سُڄاڻَا!
ڪُهُ ڪَرِيان ڪاڪِ کي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ؛
لاهي غيرَ گُمانَ، اَڱَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين.

3

اَڱَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پرچِي پِيارا!
پَلَڪَ پَراهُون نہ سَهَنءِ، جِيءَ جا جِيارا!
نِينهان نيزارا، سَچِ، تہ مانَ سُورُ لَهي.

4

پَسُ توشَڪُون، تَڪِيا، سيئَي وِهاڻا؛
پَسِيو هَندَ، پَچي هِنئُون، جي حَبِيبَنِ هاڻا؛
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، ٻِيو موڙيو تان نه مِيندِ رو.

5

سوڍا! سُورَ سُڪائيُون، اکِيُون آبُ نه ڪَنِّ؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ ڪي، وِرُوڙيُون وَڃَنِّ؛
سي ڪِئَن، مِيندِرا! مَڇَنِّ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙهِيُون.

6

مُون گهرِ اچِي جي ٿِئي، مِيندِ رو مِهمانُ؛
آڻي جهوڪِيان آڳِ ۾، ڄيري وِجهان ڄانُ؛
تاڻي تَنُورَنِ ۾، پيري هَٽان پانُ؛
پيڪَنِ سُوڏو پانُ، گهرُ تَڙُ گهورِيان پرَ تان.

7

ڪوڙَ قنا تُون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي؛
ماڙهُو جي مَحلاتِ جا، سوڍا ڪَج سَهِي؛
وِينديءَ ڳالهِ وَهِي، وِڪَرِ پَوَندين وَلها.

داستان ستون

1

ڏَٿِ مَ وَڃِ ڍولَ! ڪاڻِيا ري ڪاڪِ ڪَري؛
آءٌ اکِهين آهيان، ٻَڌِي تُنهنجي ٻولَ؛
توکي ساري، سُپرِين! رُنُمِ مَنجهه رَتولَ؛
ٽِڪاڻا ءِ ٽولَ، وِسَهُ مُون وِهُ ٿِيا.

2

سودي سِرُ نيو، هِتِ ڪَرَنگهرُ سَڪَنو؛

راڻي جي رِهاڻِ ڪي، سِڪي ساهُ پيو؛
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءِ اکڙِيُن سين.

3

راڻي رِنُ ڪَيو، جيڏِيُون! مُنهِجي جِيءَ سين؛
مَنُ ميندِري وَڍِيو، ڏُبي ڏَڙُ پيو؛
ٻُجهان، ٻَهَرِ وِيو، هِنئُون هَندِ نه هيڪڙي.

4

رُئان ٿي، راڻا! هَندَ نِها ريو حُجِرا؛
پيئِي کِهَ کَٽُنِ تي، ٿِيا پَلَنگَ پُراڻا؛
ڏَرِيائِي ڏُوڙا ٿِيا، وَرَ رِءَ وِهاڻا؛
جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءَ ڪُوماڻا؛
ميندِرا! ماڻا، تو رِءَ ڪَندِيَسِ ڪِنِ سين.

5

جِئَن ايندي ئِي موٽِئين، ميندِرا! وَڏي جاڙَ ڪِياءِ؛
وَرُ نه هُئِين؟ وَلَها! هُوندَ جِتي مون جاڳاءِ؛
ته سُتي جي ساجاءِ، سودا! سِکِهيائي ٿِيَءِ.

6

جڳ جِئَن تِي چوءِ، سودو تِئَن نه سِکِيو؛
راڻو تِئَن نه رُوءِ، ڳوڙهو جِئَن ڳَلِ ڳَڙي.

7

تِنِ باغَنِئُون بَسِّ، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ ڪَڪورِيا؛
سودي رِءَ سَرِئُون! ڪاڪِ نه اچي ڪَسِّ؛
راڻي پائي رَسِّ، تَنُ بيڙيءَ جِئَن تاڙِيو.

داستان اٺون

1

ڪِينَ ساڳاهِيُمِ، سُپِرِين! جا ڙُون ڪَيُمِ جالَ؛
سوڍا! مون کي ڪالَ، موٽِي مُنهَن ۾ آئِيُون.

2

خاموشِي خَبَرَ جِي، مُومَلِ ٿِي مَتِّ؛
صَبرُ ٿِيو سُپَتِّ، مُنهِنجي حَقِّ، مينڌِرا!

3

ڍولِي ڍَڪِي آهِيان، هُيَسِ اَگها ڙِي؛
ڏِيئِي لِکَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو.

4

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، مَرَڪُ لَڄائُنِّ؛
چُپ سين جي چَوَنِّ، اَدَبُ ڪجي اُنِ جو.

5

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، سيڪاري سَهَسَ؛
پُڇِي تِنان پَهَسَ، مون کي نَصِيبَ نيئِي جهَليو.

6

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آٽي بازِ؛
سندي صَبُرَ سازِ، توبَهَ ڪارِيمِ تَڪِڙِي.

7

جنين سندي مُنهَن ۾، نِهائُون نَڪَنِّ؛
تِنان وَڍِيو هيڪِڙو، ته ڪَهڙو ٿورو تَنِّ؟
سي مَرُ سُجائِي سُونهَنِّ، جن پِلِي پِينگَ پِرَمَ جِي.

داستان نائون

1

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪوآديسِي آيو؛
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، ڪَيو سامِيءَ سَهائو؛

لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سان.

2

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي؛
ڪَٿُورِيءَ خوشِبُوءِ سين، وِلاتَ سَڀِ واسي؛
سُوڌو سَناسِي، اُتانهِين ٿي آيو.

3

نَئُون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَڌِيسُون لَطِيفُ چئِي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَگهِيا.

4

ڪيڏانهُن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چَوُڏِسِ چِٽاڻو؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪورِي، مَنجِهين لُڏاڻو؛
راڻوءِ راڻو، رِءَ راڻي بيو ناهِ ڪو.

5

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِٽاڻو چؤڏارَ؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪڪوري، مَنجِهين باغَ بَهارَ؛
ڪانهي بي تَنوارَ، ڻِيو مِڙوئِي مينڌِ رو.

سُر مارئي

داستان پهريون

1

’اَلَستُ بِرَبِّڪُمۡ‘، جَڏهِن ڪَنِ پِيومِ؛
’قَالُوا بَلىٰ‘ قَلبَ سِين، تَڏَهِن تِتِّ چَيومِ؛
تَنهِين وِيرَ ڪَيومِ، وَچَنُ وِيڙِيچَن سِين.

2

جَڏهِن ’ڪُن فَيَڪُونُ‘، مَنُ تَڏهانڪُون مارُئِين؛

تُون ڪِئَن وِڄهِين تن کي، سُومِرا! شَڪُون؟
هَمِيرَنِ هَڪُون، جا ڙَ جُسي کي پا ٽِيُون!

3

نَڪا ’ڪُنۡ فَيَڪُونۡ‘ هُئِي، نَڪا مُورَتَ ماهَ؛
نَڪا سُڌِ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرَضُ گُناهَ؛
هيڪائي هيڪ هُئِي، وَحۡدانِيّتَ واهَ؛
لَکِيائِين لَطِيفُ چَئِي، اُتِ ڳُجهاندَ رَ ڳاهَ؛
اکِيُن ۾ اَرۡواحَ، اِها ساڃاءِ، سُپِرِين!

4

’قَيدُالۡماءِ‘ ٿِيومِ، هِتِ اَڙانگي گها رِيانَ؛
’هِناڪَ جِسۡمِيۡ وَالۡفُؤَادُ لَدَيۡڪُمۡ‘، هِنئُون هُتِّ سَندومِ؛
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙاڪو سِين ما رُئِين!

5

جهِڙو ’قَيدُالۡماءِ‘، تَهِڙو بَندُ نه ڪو بِيو؛
’جَفَّ الۡقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪائِنٌ‘، لَهي نه تِرُ تِئاءِ؛
عُمَرَ! تو هَٿاءِ، اَجائي ٿِئي آجِڙِين!

6

رِءَ اِعرابِيُنِ هِتِّ، گهَنگهَرُ گها رَڻُ مون ٿِيو؛
’بَڪَتِ الۡعَيۡنَانِ فِيۡ هَوَاڪَ دَماً‘، پُڄان ساڻُ پِرِتِّ،
مَنُ، اکِيُون، تَنُ تِتِّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيين.

7

هي هَندَ، پِيئُون هاڻِ، سا ڙِيان سپ ڏِهِيُن ري؛
’ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِلىٰ اَصلِهٖ‘، ٿي جِهڃان جهانگِيُن ڪاڻِ؛
پِرِي پَنهنجي پاڻِ، پَسان مُلڪُ مَلِيرَ جو!

داستان ٻيو

1

نَڪو ايرُ نه پيرُ، نَڪو اوٺي آيو؛
مون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، پاڱران پَري پيرَ؛
ڪِتابَڻُون ڪيرُ، آڻي ڏِيندُمِ اُنِ جُون؟

2

اوٺي! ڳوٺي آئِين، ڪو هُتي جو هِتِ هيرَ؛
نه ڪِنا جي ڪوٺَنِ جا، ٿِيَنِ سَرها سيرَ؛
آءُ نه اکِيين اَڳهان، جي پائُرِ ڏِنَءِ پيرَ؛
الله لَڳِ لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تُون اَويرَ؛
ڪوٺِيين ڳها ري ڪير؟ مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون!

3

جي اَمُرُ هَنيو اَڌَ ڪري، سي ڪاغَذَ لِکان ڪِيئَن؟
واڳِيُون جي وِصالَ سين، تنِين چا ڙهي چِيهَن؛
رُئان راتون ڏِينهَن، جِئَن اُن جي وائِيءَ ۾ وَرَ ڳهٽا.

4

ٿَرَ ٿرَ اَندَرِ ٿاڪَ، عُمَرَ! ما روئَڙَنِ جا؛
لاٿائون لَطِيفُ چئي، مَٿان لوئِيءَ لاڪَ؛
عُمَرَ! ڪَرِيو آڪَ، پَهِرِيو ٿي پَنَ چَران.

5

سَهَسِين سيبا ڪَنجرِي، لوئِي لِيڙَ ٿِيامِ؛
اَباڻَنِ جي آسِري، ڪَتِي ڪانَ ڪيامِ؛
جا ڏِٺَ ڏِڪِيامِ، تَنهنجو پَرِوَرَ! پَنَ رَهائِين.

6

سَهَسِين سيبا ڪَنجُرِي، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ؛
واسي وارَ نه ويڙهيان، مَرُ چَڳُون رَهَنِ چِيڙَ؛
مارُوءَ جي مُهاڙِ رِءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ؛

هَهِڙو حالُ هَميرَ، وني شالَ ويڙهِ وَجان!

7

سِپِي، سيبا ڏي، پوري نِينهُن نہ ڳَچوئي؛
ڪَتِيءَ وَٽيُون ڪُتِيُون، سَتِي سِيٽي سي؛
مَچُڻِ چوَنڻِ ڪي، تہ لڄائُيءِ ٿَر ڄائيُون!

داستان ٿيون

1

پَٿولا پنوَها رِيُون، مُورِ نہ مَٿي ڪَنِّ؛
جہُ لاڪَ رَتائُون لوئيُون، تہ سالِئائن سُونهَنِّ؛
اُنَّ ايلاچِنئُون اَگِرِي، بَخِمَلَ بافتَنِّ؛
سَڪَرَ پائيان سُومِرا! ڪَتِي ڪان ڪُنهَبَنِّ؛
جا ڏِنِيَمِ ڏاڏاٽَنِّ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران.

2

آرَمَ هَڏِ مَ اوڍِيان، پَٿولا، پَٽَ چِيرَ؛
باندُوٽا بَنِ ڏِيان، اَرغَجَ ۽ عَبِيرَ؛
ما رُوءَ سين شَلَ ماڻِيان، ڪَتِيُون جهِڙيُون ڪِيرَ!
اَندَرِ اُجَ اُڪِيرَ، مُون کي پِرينءَ پنوَهار جِي.

3

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، ما رُوءَ سَندا مُون؛
پَٿولا پنوَهارِ کي عُمَرَ! آڇِ مَ تُون؛
وَرُ لوئي جي لُون، ڏاڏاٽَنِ ڏِنيامِ جا.

4

سونَ برابرِ سڳِڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَڱُّ؛
رُپو جنهن رَدِّ ڪَيو، ڪوڙ تَنهِين کي ڪَڪُّ؛
مُون ما رُوءَ جو مَڪُّ، تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو.

5

تيلُ نہ لائيان تُنهنجو، مُون ما رُوءَ جو مَنِّ؛
ڪَرِيان بِي نہ ڪَنِّ، آهَرَ اُنهِين آهِيان.

6

ڪَرائِنِ ڪَڙورِ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِّ؛
سو مَرَڪُ ما رُوئَڙَنِّ، جِئان لوڪَ لَجَ ٿِئي.

7

ڪارا ڪَرائِنِ مِ، سونُ اسان کي سُوءَ؛
وَرُ جيڏِيُنِ سِين جُوعَ، فاقو فَرحَتَ پانئِيان.

8

اِيَّ نہ ما رُنِ رِيتِ، جِئَن سيڻَ مَٽائِنِ سونَ تي؛
اچِي عُمرَ ڪوٽَ مِ، ڪندِيَسِ ڪانَ ڪُرِيتِ؛
پَکَنِ جي پرِيتِ، ما ڙِيءَ سين نہ مَٽِيان.

9

وَرُ سي وَطَنَ جائِيون، صحرا سَترُ جِنِّ؛
گُولاڙا ۽ گُگِرِيُون، اَوچَڻَ اَباڻَنِّ؛
ويڙهيا گُهمَنِ وَلِيين، جهانگِي مَنجِهہ جَهنگَنِّ؛
مُون کي ما رُوئَڙَنِّ، سُجَّ ڳَٽائي سيجَ مِ!

10

پَلُرُ پِيَڻُ اَوچَڻُ اُنَّ، جن جا پِيرَ مَٿي پَٽَ پاڪَ؛
وِهَڻُ وَراڪَنِ مِ، اُنِ جِي اجوڪِي اوطاقَ؛
پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کِي، ويچارا بِي باڪَ؛
عُمَرَ! اُوءِ نہ عاقَ، ڏُکِيا جِمَ ڏُکوئِيين.

11

جا، عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سان سُوءَ ورتِي سُومِرا!
ويئِي ويچارَنِ وِسِرِي، خوشِي ۽ خَرِيدَ؛

سِڪَڻَ ڪِيا شهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

داستان چوٿون

1

ميندا ڏوءِ مَ مارُئِي، پيِيَسِ پَنوَها ريون چِتِ؛
راجَ رُئا ري، هَنجُون ها ري، هِيءَ هُتيجي هِتِ؛
آهِسِ پائُرُ پارَ جو، ڪِجَڻُ ءِ ڪَپِتِ؛
وينگسِ ويڙِيچَن رِءَ، مَسَ سُٽي ڪا مَتِ؛
سُومِرا! سُپِتِ، ڪَرِ ته ڪوٺيان نِڪَري.

2

محلين ماندِي مارُئِي، ڏِنيَمِ مُنهَن مَلُورَ؛
اَٽيا سَٽِيا نه ڪري، سُونهَن وِجايَسِ سُورَ؛
پِيَسِ لوهَ لَطِيفُ چئي، لَشَسِ ڪوڏَ، ڪَپُورَ؛
چِتَ جَنِين جا چُورَ، سي مَڪي مَرڪُ نه ڪنديون.

3

ڪريو مُهاڙِ مَلِيرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
”سُهجُ سُورِي پائيان، سُومِرا! سَندوءِ؛
مِلڪَ مارُوءَ جِي آهِيان، جورِ نه ٿيان جوءِ؛
سو قَلَبُ ڪوٺ نه هوءِ، جو هُتيجَنِ هَٿِ ڪيو.“

4

بَندي پِيا قرارِ، اسِين لوچُون لوهَ ۾؛
مٿي تَنَ ترارَ، سدا سانپيڙَنِ جي.

5

لِنگڙِيا ري لوءَ ۾، جنِين لَءِ ٿِياسِ؛
تِنِين تِرَ جيترو، پَلَڪُ نه پُڇِياسِ؛
جَهروڪَنِ جهورِيو هِنئُون، ڪونِيُنِ آءُ ڪُنِياسِ؛

مارُنِ مُنجھَ مُياسِ، ناتَ مازِٽُنِ مارِيَسِ ڪينَ ڪِي.

6

جي ويجهي ٿِيان وَرَ ڪي، تہ سپاڳُومِ سَنئُون،
نِتُ نِتُ آهِ نئُون، مون ڪي پَسَڻُ پنوَهارَنِ جو.

7

آئُون ڪِئَن ڇَڏِيان، سومِرا! تِنِ پنوَهارَنِ پَچارَ؟
جَڙَ جنِين جي جانِ ۾، لڳِي رِءَ لُهارَ؛
ميخُون مُحبَتَ سَندِيُونِ، هِنئَڙي مَنجِھ هَزارَ؛
پَکا ۽ پنوَهارَ، ڏِني مُون ڏِينهَن ٿِيا.

داستان پنجون

1

سُونهَن وِيچايَمِ سُومِرا! مارُو مَسَ مَچِينِ؛
ڏُنگا ڏاڏي پوٽِيِين، ڪِنِ ڏنا، ڪي ڏِينِ؛
جي مان لوهَ لاهِينِ، تہ ڪوٺَنِ ۾ ڪِينَ هُئان.

2

سُونهَن وِيچايَمِ سومرا! ميرو مُنهُن ٿِيومِ؛
وَڃَڻُ تِتِ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

3

سُونهَن وِيچايَمِ سُومِرا، ٿِيندِيَسِ ڪِئَن قَبُول؟
ڪونهي سُهڳُ نہ سُولُ، پُوڇي مُنهُن پنوَهارَ سين!

4

تِنِ مُنهَن موچارا مارُئِين، مَلِيرُ جنِين ماڳُ؛
ناقِصَ نوازي گھڻا، سَندو تِنِ سَپاڳُ؛
اَگَڻِ مُون اَپاڳُ، حُسنُ تي هِيئَن ٿِيو.

5

ڪونهي قادِرُ ڪو ٻيو، اُنين جو اَپارُ؛
’قُلۡ لَّنۡ يُّصِيۡبَنَآ اِلَّا مَا ڪَتَبَ اللّٰهُ لَنَا‘، اِيُ مَعذِرَت ماڳُ؛
سَپوئُي سَپاڳُ، مارُئِيءَ مُساوِي ٿيو.

داستان ڇهون

1

جَهِڙيِ آيَسِ جِيئَن، جي تهِڙيِ وَڃان تِن ڏي؛
نہ لالائيءَ جا، لَطِيفُ چئي، ڪَرَ مُندُنِ اُنا مِينهَن؛
ما ڙِيءَ لَڳُمِ مِهڻو، سڀَ ڄَماندَرَ سِيئَن؛
ٿِيَسِ ڪاڙِيارِي ڪانڌَ جِي، هِتِي اَچِي هِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَنڌِيَسِ ڪِيئَن، مَنهَن مارُوئَڙَنِ جي؟

2

هيڪُ جِئَن نہ ڄاياسِ، ٻيو ڄاڻَندي جي مران؛
گَهنگهُرُ گهڻو ٿِياسِ، ڄاڻِي مارُوئَڙَنِ کي.

3

سِيلَ پَڃَرَ جي سُومِرا! مُون کي مَتِ مَ آڇِج، مِيرَ!
ٿورين گهڻين ڏِينهَنڙين، وِينديَسِ هُتِ هَمِيرَ!
مَچُرِ مَنجهِ مَلِيرَ، ڪَنڌُ مَٿانهون نہ ڪَيان.

4

مَ سَپَنِي مارُئِي! مُئِي! مَ ڄائِي؛
جنهن اَچِي عُمَرڪوٽ ۾ لوئِي لڄائِي؛
جا سانگِيُنِ سِيڏائِي، سا ڪِيَن مَرڪي ماڙِيِن!

5

اَلا! اِئَن مَ هوءِ، جيئَن آءٌ مران بَندَ ۾!
جُسو زَنجِيرَنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ؛
پَهِرِين وَڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنِمِ ڏِينهَنڙا!

6

آءٌ بَندِياڻي بندَ ۾، ڪِ ڪي پِيَس بَند؟
مُنهِين لڳو مهڻو، ڪِ مُنهِين ڪَڙو ڪَندِ؟
مَران جي هِنَ هَندِ، نہ ڇڏيانءِ مَٽُ مَلِير ڏي.

7

واجهائي وَطَنَ کي، سا ري، ڏِيان ساهُ؛
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قيدِ مَ ڪريجاهُ؛
پَرَڏيهِياڻي پرينءَ ري، ڏا رَ مَ ڏَريجاهُ؛
ٿَڌِي وَسائجانءِ ٿَرَنِ جي، مِٿي مُئِيءَ مَٿاهُ؛
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ ڇڏيانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

8

واجهائي وَطَنَ کي، سا ري، ساهُ ڏِيان؛
هِيُ سِرُ سا ڙِيهَ سامُهون، مُنهِنجو نِج، ميان!
مُقامِياڻي ما رُئِين، وَڃِي ٿرِ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَيجي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

9

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هِتِ مُياسِ؛
گورَ مُنهِنجي سُومِرا! ڪَج پَنوَها رِنِ پاسِ؛
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيهَ جِي، مَنجهان وَلِڙيُنِ واسِ؛
مُيائِي جياسِ، جي وَيجي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

10

ڳِچِيءَ ڳانا لوهَ جا، زيرِيُون ۽ زنجيرَ؛
پَيڪَڙا پَيرِنِ ۾، ڪونِيُنِ اندَرِ ڪِيرَ؛
چا رِي چوگانَنِ ۾، واهِيَتَ ڪَنِ وَزِيرَ؛
چَنِ نہ چَجي آهيان، اهڙيءَ سِٽَ سَرِيرَ؛
ما رُو جامَ مَلِيرَ، پُڇج ڪِي پَنوَها رِ ڪي.

11

زيرِين بيڙِين لوهَ ۾، ڳُنَّنِ ڪَيَسِ ڳاهُ؛
سَنڪي سَندي سُومِري، هَڏِ نہ چا ڙهِيُمِ ماهُ؛
سَرَڻِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ پَرَمُ پا روڙِيءَ رَهي.

12

پَرَمُ پا روڙِيءَ رَهي، جَنهِن ۾ اچِي اُنَّ؛
تہ پڙُ وِڻي وِنڊِيان، توڙي پَوَنسِ تُنَّ؛
غافِلُ رَکُ غَرِيبِ کي، عُمَرَ! مَنجِهہ اَمُنَّ؛
سَرتِيُنِ سانڍُ سَمُنَّ، آهِمِ اُني مِينهَنڙي.

داستان ستون

1

پنوَها رَنِ پا بوهِيو، وَرِيا واهُندا؛
سا رِيمِ سيڻَ سَيَّدُ چئي، ڳاڏِلِيُون گُندا؛
پِڻُن پرِ هُندا، پُنگا پڙَ پتا رَ جا.

2

پَنوَها رَنِ پا بوهِيو، ڪي وَسَ واهُندَنِّ؛
لَٿو سِيُّ لَطِيفُ چئي، بَڌو ڦَڻُ ڦَرَنِّ؛
اُوءِ ٿا ڪورِنِ ڪُنئَرِي، سَرَڻِيُون مَٿان سَسَنِّ؛
عُمَرَ! اُنَّ اَڳُندَ رِي، پاسي ڪانڌَ ڪَتِنِّ؛
پائُرِ ڏِنيُون پُنِيُون، نَندَنِ نوراپَنِّ؛
ڪائُرِ ڪَٿِيُون خاصِيُون، اُوچِيُون اُتِ اُجَنِّ؛
ڪَڍِيو پيڻُ ڪَهَنِّ: ”مَلِيرِ گُهرجي ما رُئِي!“

3

آٽِنِ ڪي چا ڙهِينِ، ڏُٿُ ڏيهاڙِي، سُومِرا!
سَٿا ڪَيو، سَيَّدُ چئي، سائُون سُڪائِنِ؛

مَنجهان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چائُرَ ڪَيو چا ڙهِين؛
پُلاءُ نہ پا ڙِين، عُمَرَ! آرا ڙِيءَ سين.

4

تِن وَنهِيَن ويڙِيچَن ۾، سَدائِين سُڪارُ؛
چُندِيو، آڈِيو چا ڙهِيُون، سَندو ڏُؤنرَن ڏارُ؛
جن جو ويڙِن سين واپارُ، سي ڏوٿِي هوُنِ نہ ڏُٻرا.

5

ٿوري قُوتَ قَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ سَتِّ؛
ڪَتِيءَ ۾ ڪِهَ پَڪُلِيا، پُوٽَنِ اهَڙِيءَ پَتِّ؛
پَنوَها رَڪِي پَتِّ، پيهِي پُڄُ مَلِيرَ ۾.

6

نَڪا جَهلَ نہ پَلَّ، نَڪو رائُرُ ڏِيهَ ۾؛
آڍِيو وِجَهِن آهُرِين، روڙِيو رَتا گُلَّ؛
مارُو پانڌَ اَمُلَّ، مَلِيرُونِ مَرڪَٽُو.

7

مَٿِن ٿُبڪَ ٿُبڪَڙا، چِڪَند ڙا اَچَنِ؛
ڪُڙِيُون ڪيهَ پَڪُلِيُون، پَگهَرُ سِرِ پيرَنِ؛
اِي وَڙَ ويڙِيچَنِ، مُون لوڏان ئي لَڪِيا.

8

دَرَ، دَروازا، دَرِيُون، هاٽِي هِتِي هو؛
ڪوڙِيين اَڏِيان ڪيتِرا، تَنبُو مَٿان تو؛
جي مُلِ نہ آيا، مارُئِي! تنِين رَڙُ مَ رو؛
ڪُوڪَٿُ آهي ڪو، پُسِيءَ پنوَها رنِ ۾.

9

سَنِهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ؛
ويٺي سارِيان سُومرا! گولاڙا ءِ گاهُ؛

هِنئو مُنهِنجو هُتِ ٿيو، هِتِ مِٽيءَ ماهُ؛
پَکَنِ منجهِ پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٺَ ۾.

10

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون ما رُوءَ سين منُّ؛
هَٽِي کَڻَ حِلمَ جا، تَهَ وِڌائين تَنُّ؛
ڪِئن ٿو پايان ڪَنُّ، اَباڻِي اِبرَ ري؟

11

پاچاهِي نہ پاڙِيان، سَرَتِيُون! سُئِيءَ ساڻُ؛
ڏَڪي اُگھاڙَنِ کي، ڪِينَ ڏَڪيائين پاڻُ!
بِيهَرَ جاپِي جاڻُ، اِبرَ جي اَوصافَ کي!

داستان اٺون

1

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
’ڪَنان عَهدَ اَلَسْتَ‘ جي، ڪِ تِهائين پَري؛
’لَمْ يَلِدْ وَ لَمْ يُوْلَدْ‘، ما رُئِي ڪوهُ ڪَري؟
اَڄُ ڪِ ڪالهہ مَري، ساري سانپِيڙَنِ کي!

2

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
جن ٿي پَي پِيا ريو، مَنجهان سِڪَ سَري؛
وَنِهينِ ويڙِيچَن جي، سِڻائُنِ سَري؛
ٿَرَنِ ٿوڪَ ڏَري، اُني وِيڙا اُکِري.

3

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ ۾، وِسا ريان ڪينَ وَرَنِّ؛
’لَيْسَ ڪَمِثْلِهِ شَيْءٌ‘، پَسَڻُ ناهِ پِرِيَنِّ؛
پَکا پَنوَها رِنِّ، نيئِي اَڏِيا ناهِ ۾.

4

چُرَنِ، چُڻڪَنِ چِتَ ۾، رهيا اَندَرِ رُوحَ؛
اُني وِيڙا اُڪِري، ما رُو مَٿي موهَ؛
ويرُون وِلوڙَڻَ جُون، سا رِيان گهڻو صُبُوحَ؛
وَرُ سي ڪارا ڪُوهَ، سِنجيَمِ جي سا ڙيهَ جا!

5

ٻِيرَ ڪَنياڻُون ٻَرَ ۾، پِيا رِين پُهُون؛
سِنجَنِ سا نِيڪَنِ تي، وَڏِيءَ وير وَهُون؛
پايو جَرُ جَندَنِ ۾، ڪوڏان ڪَنِّ ڪِهُون؛
ڏِينهان ڏينهن نئُون، مُون کي وِرِهُ ويڙِيچَنِ جو.

6

آڏِيءَ اُٺَنِ تي، جيلان پاڻِي پا تا رَ ۾؛
وا رو ويسِرُينِ ڏِينهان ڪونه ڏِئي؛
مُون ڪَميِٽِيءَ کي، مَٿان ڪُوهَ ڪَٽِي وِيا!

7

سَرِتِيُنِ سِنجَڻُ چڏِيو، سَتِيُنِ ڳالهِ سُئِي؛
ما ريچِي ما ڙِيُنِ ۾، ڪَڏَهِن ڪانَ هُئِي؛
عُمَرَ! آءٌ نه مُئِي، ان اوپالِيان اَڳِهِين.

8

پِنيءَ جي پُوٽَنِّ، پِيجَ پُٽِڪو نه سُٽانِ؛
سِنجَڻَ وا رِيون سُتِيُون، وچِي ويڙهِ وَرَنِّ؛
پِيا سيٽَ سَڙَنِّ، تَرَهي ٻِنهي ڪندِيِن.

9

عُمَرَ! ٿِيَمِ اَپارَ، وِرَهُ وَٿِيان ڪِنِ سين؟
ڏوٿِيَڙا ڏُورِ ٿِيا، تَڳان جِن تَنوارَ؛
سِنائُون سَنگهارَ، ڪُوهَنِ تان ڪَٽِي وِيا.

داستان نائون

1

جُھڙِ ڦُڙ جتِ ٿيانِ، اُتِ اَڏيائُون پَکَڙا؛
هِنَ مُنهِنجي حالَ جو، قَدُرُ نہ ڪيٽانِ؛
جيڪُسِ آءٌ وِسِريانِ، ما رو ڦُوتَ قَرا رِيا.

2

جُھڙِ ڦُڙ مَٿي ما رُئِين، جِتِ چِيها ، چِلُڙَ چِڪَ؛
اَندَرُ ٿو اُجَ مري، ساهُ اُنِين جي سِڪَ؛
پِيھُون شالَ پَھيُون پري، تِٿان ڏيئي تِڪَ؛
وَرُ پِريان سين پِڪَ، ٻِيا پانڙَ پَرِيائي گھورِيا!

3

ڏَٿِين پَٿِين ڏِيرَ، مَهِيَنِ ما رُوئِڙَنِ جا؛
پائُرُ سَبِ پَچِي پِيو، گھَرِ گھا رِيندي ڪيرَ؛
ڪونِيين لِگَنِ ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون.

4

هِنَ مُندَ ما رُو سَنَرا ، وِيڙهين وَگَ وا رِينِ؛
چَچِيا چِيڪا ريو چِيلِڙا ، پَٿِين پَھرائِينِ؛
نيڻَ مُنهِنجا اُنِ ڪي، جَھجھو جَرُ ها رِينِ؛
تا ڙا تَنوارِينِ، مِينهَن وَسَندا موٽُ تُون.

5

هِنَ مُندَ ما رو سَنَرا، ڪائُرُ مِ خُوشِحالَ؛
سائُون، سِيارِڄُ، مَکَڻِي، جيڏِيُون! آڻِنِ جالَ؛
سَتِيءَ جِي سَيَّدُ چِئي، ڪا سا ڙِيہَ مَنجِھ سَنپالَ؟
لِگَنِ تان، لَطِيفُ چِئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مِينهَن وَسَندا موٽُ تُون.

6

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڍَنگَرَ ڍارَ رَهَنِّ؛
پاڻِي پُوڄَ پَٽَنِ ۾، پَکي پاندِ پِيَنِّ؛
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چئِي، هُوءِ ڪاٺُرَ مَنجهه ڪِلَنِّ؛
ڪاڻُونبا ڪاڄَنِّ، مِينهَن وَسَندا موٽُ تُون.

7

سَدا جِنِ پَرِياڻُ، پاندِي پَکي لَڏَ سِينَ؛
مارُو گُڏَنِ ساڻُ، وِيَڙا ٿَرِ اُڪِرِي!

8

پاسا پولِڙُنِ ۾، پانهُون سِرِ بيئِي؛
اکِيون، نَڪُ اَرِيجَ رِي، تِمايَمِ تيئِي؛
ڏُورِ ٿِيا ڏيهي، پِرِين پاٺُرَ وَٽِ ۾!

9

ٿاجا ٿَرَ بَرَ جَهَلَّ، پِيُون پاٺُرَ وَٽِ ۾؛
سيئِي سارِيو، سومِرا! اَچِي آبَ اُچَلَّ؛
سانپِيَنِ ڏِنمَ سَلَّ، ڏِنِي جِن ڏِينهَن ٿِيا.

10

جُهران جِهجان تي، جِئَن پَسَٽان پَري ٿِيا؛
اَلا! اوڻي آٽِيِين، جو ڪِيڻءِ جِي خَبَرَ ڏي!
مَنَ مُنهِنجي ڪي، واڪو لَهِي وِيڙه جو!

داستان ڏهون

1

اُنِي ٿِي وَراڻِ، ڪِيڻءَ واڏايُون آيُون؛
لَٺِي لوئِڙِيا رِيِين، مِڙَنِي مُنهَنِ ڪاڻِ؛
صُلحُ وارِيو سُومِري، چَئِي پَنوَها رَنِ پاڻِ؛

هَمِيرَنئُون هاڻِ، مُهتُ لَهَندِينءَ ما رُئِي!

2

اُتان اوٺي آيو، خَبَرَ اِيَ ڪَرِي؛
وِسا رِيج مَ وَرَ ڪي، پَئِج مَ مُنڌَ! مَرِي؛
ويندِينءَ اُتِ وَرِي، ڪو ڏِينهُن آهِين ڪوٺَ ۾.

3

ڪو ڏِينهُن آهِئِين ڪوٺَ ۾، لوئِي هَڏِ مَ لاهِ؛
ڪامِڻِ! اَهِجي ڪُرَ جي، اَڏِ وَڏائِي آهِ؛
هِتِ مَ پا رِڄ هيڪڙو، پائُرُ جي پَساهَ؛
سَتِي! سِيلُ نِباهِ، مَلِيرِ ويندِينءَ ما رُئِي.

4

سي ساهيڙِيُون سا رِينِ تو، سِيلُ جنِين جو سَچُّ؛
ما رُوءَ ريءَ مَ مَچُّ، سِيهو پائِج سونَ ڪي.

5

ساهيڙِيُون سا رِينِ تو، سَچ جِنِين جو سِيلُ؛
نَڪو قالُ نہ قِيلُ، اُنِين جي اَدَبَ ۾.

6

جو ڏيهَ ڏاڏاڻِيان آيو، ڏِنُمِ تَنهِن طَعنو:
”پائي ويهُ مَ پَلَنگِين، ڳِچِيءَ سِرِ ڳانو؛
مَٿان لَڪَ لَطِيفُ چئِي، ڪانءِ مَ خَزانو؛
سَرتِيُنِ سِيلُ چَوايو، جورِ هَٽِي جانو؛
ٿِيو سَڌُ سَمانو، حَرَفَ لَٿي هيڪِڙي.“

7

مُون سين ما رُوئَڙِيُون، ڪَهڙِيءَ رِيتِ رُسَندِيُون؟
چوٽِيءَ ۾ چِيڙُ پيو، پِيَنِ رَتَ جَيُون؛
نيٽِين نِندَ وِهُ ٿِي، سا ري ساڏوهِيُون؛

هِتي جي هُيُون، نه سُڌِ پِيئَڻِ سِيلَ جِي.

8

”سَتِي! تُنهِنجي سَتَ ۾، ڳالِهه گُهرجي ڳُجُّ؛
وَڍِيو، چِيرِيو، چِچِرِيو، پَرِ ۾ اُپِي پَچُّ؛
ساڻُ اَمانَتَ اَچُّ، نه ٿِئين سَمانِي سا ڙَيهَ ۾.“

9

جانڪِين سَتِيُنِ سِيرُ، تان ڪِينَ وِهَندِيَس ڪوٺَ ۾؛
سِپَ سَمُندِين سَپَجي، نَدِيءَ پِيي نه نِيرُ؛
جِئَن هُوءَ اَبرَ آسِري، تِئَن مُون مَنِ مَلِيرُ؛
ڪائُرَ پِينِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي.

10

جَرَ ۾ سِپُون جِيئَن، آهِينِ اَبرَ آسِري؛
جِئَن ڪُنجُون سا رِينِ روهَ ڪي، مُون تَنَّ اندرِ تِيئَن؛
هُتِ وَعدا وَجَڻَ جا، هِتِ نه پانُيم هِيئَن؛
ڪونُيَنِ وِهان ڪِيئَن، جي نَظَرَ بَندِياڻِي نه هُئان؟

11

سِپَ سَمُندِين سَپَجي، اَبرُ آسا روسِ؛
با ڙو پِئي نه ٻِپُڙِي، مِنو مُنهِن لَڳُوسِ؛
ماڙِڪُ تي مِڙيوسِ، جِئَن تَنگُ ڪَڍِيائِين تارِ ۾.

12

سِکو سَپِ، سَرتِيُون! سِپُنِ مُلان سيرُ؛
بِيو مَٿائي نيرُ، اُپِيون اَبرَ آسِري.

داستان يارهون

1

مَلِيران مارُو، پَکي پيهِي آئِيو؛

وَرِيا واها رُو، هاڻُو سَپِ هيٺا ٿيا.

2

پِهي سُکَ پيرَنِ کِيهَ! ڪو نينهَن نِيا پو ما رُئِين؟
اَتِ اُڪَندِي آهِيان، تَنهِن آتڻَ، تَنهِن ڏيهَ؛
سَندِي جا سا ڙِيهَ، کِهَ ڪٿُوري پانئِيان.

3

سَکَرِ سيئي ڏِينهَن، جي مُون گها رِيا بَندَ مِ؛
وَساڻِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي ما ڙِيُنِ مِينهَن؛
واجهاڙِيَس وِصالَ کي، ٿِيَس تَهوا رُون تِيَنَ؛
نِيَرُ مُنهِنجي نِينهَن، اُجا ري اَچو ڪَيو.

4

عُمَرَ! اَجُ گَڏِيامِ، ڏوٿِي اُنهِين ڏيهَ جا؛
پا رايا پِرِيُنِ جا، اُپِي اُن چِيامِ؛
لِهِي لوهَ پِيامِ، لُطفَ سانڍَ لَطِيفُ چئي.

ابيات متفرقه

1

جُهِ سي لوڙائُو ٿيا، جنِين پِرِ رَهَنِّ؛
ما رُو منجِهه ٿَرَنِّ، رَهِي رَهَندا ڪيترو؟

2

جُهِ سي لوڙائُو ٿيا، جنِين سندِيءَ ڏِيرَ؛
ما رُوئَڙا فَقِيرَ، ڪَنهِن دَرِ ڏِيندا داهَنڙِي؟

3

ما رُوءَ پاسِ مَلِيرَ مِ، ڏوئِي مَرُ مَران!
پاڻِي وا ري پانهِنجو، وينديائِي وَران!
ٿورو مَنجِهه ٿَران، هُندَ لَڳِي لوئَڙِيا رِيِين!

4

ڪانڌُ نہ ڪَندِيَسِ ڪو ٻِيو، ڪَثيروئِي خُوبُ؛
ميروئِي محبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.

5

مُنهُن مُنهِنجو سُومِرا! مَرُ ميروئِي هوءِ!
متان مارُو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراٽَنِ ۾.

6

جِت ڪَرڙَ، ڪَنڊا ءِ ڪاهِيُون، پالَ، پَڪا ءِ پَڪَّ؛
سَرَهِيُون سي سَرَنِيُون، حاضُرُ پاسي حَقَّ؛
مارُوئَنِ سين ماٽِيان، شالَ مُندائِتي مَڪَّ؛
ڪِنڪارِيان خَلَقَّ، جا ٿَرَ جائِي ۾ ٿُوهَرين.

7

جي هِتِ هُئِي مارُئِي، تہ لَڏِيَمِ ڪَرَ ڪيٽاسِ؛
ارداسِيُمِ عُمَرَ کي، ويجهو ٿي وَٿانسِ؛
جي نہ ڇَڏِيائِين ڪِ جَهليائِين، تہ پنهنجو اَنگُ آڇِيانسِ؛
لاهي لوهَ لَطِيفُ چَئي، هِتان هُندَ هَلانسِ؛
موکي مَلِيرَ سامُهِين، وَنِي ٻانهَن وَجانسِ؛
رَهِبَرُ ٿِي ريڙِهيانسِ، سُنهاري ساٽِيهَ ڏي.

8

جِئَن ڳَنڍِيُون مَنجِھ ڳَنڍِيرَ، تِئَن مُون مَنِ مارُوئَڙَنِ جُون؛
ڏِنيُون لَسَ لَطِيفُ چَئي، هِنئَڙي کي هَمِيرَ؛
وَڃِي مَنجِھ مَلِيرَ، سَپِ ڇوڙِينديَسِ سُومِرا!

9

سُٽِي ساٽِيهَ ڳالهَڙِي، لِهي وِيا لوهَ؛
اَندَرَ جا اَندوهَ، لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا.

10

توکي توڙائين لِکِي، عُمَرَ! اَچائِي؛
جنهن تو ساماڻِي، مامَ نہ ڀڳي مارُئِين.

11

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙُ ڪِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ؛
تو تان بَندُ بِدا ٿِيو، ٻيڙِيُون نيئِي پارِ؛
پُهچَندِينءَ پَنوَهارِ، سِڪِي سنگهارَنِ کي.

12

اَڄُ پڻ چِڪِيَمِ چاڪَ، وَنهِيَن وِيڙِهِچَنِ جا؛
سُورَنِ اِچي سُومِرا! اَندَرِ ڪِي اوطاقَ؛
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ مُنهِنجا ڪَپِيا.

سُر سسئي آبري

داستان پهريون

1

جي سِجهائِي سڪَ، تہ پڻُ سِڪي سَسُئِي؛
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هڏِ نہ ڀِڳيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُڃَ ٿئِي.

2

پَسِي جهاجهہ جَمال جِي، جِنِين پِيتي پِڪَ؛
اَپَرِ اَگاڻجهو ٿِيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ؛
هڏِ نہ ڀِڳِنِ هڪَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

3

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشنَگِي تارِ؛
پِي پِيالو اُڃ جو، اُڃَ سي اُڃَ اُٿِيارِ؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُرُ پِيالو جن؛
پِيَڻَ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِپَن؛
تنهن نِهايَتِ ناهِ ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وڃن؛
تيلان اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائرَ سِيرَ ۾.

5

سَدا سائرَ سِيرَ ۾، اَندرِ لَهي نہ اُڃَ؛
پَسَڻُ جو پِرينءَ جو، سا سَپائِي سُڃَ؛
تيلان مَرَنِ اُڃَ، سَدا سائرَ سِيرَ ۾.

6

ساجَنَ ڪارَڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُڃَ، پاڻِي اُڃِيو اُنَ کي.

7

پاڻِيءَ مَٿي جهوپڙا، مُورکَ اُڃَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپِرِين، لوچي تان نہ لَهَنِ؛
دَمُ نہ سُڃاڻَنِ، داِنهون ڪن مُنَنِ جئَن.

8

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيڪُ پُنهونءَ سين، پاڌا رِيائِين پاڻُ؛
جَٽِ وِڃايو جاڻُ، ٻانپَڻِ ٻَروچَنِ سين.

9

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لَهسِيو؛
اُپَنِ مَنجهان آيو، "هيءِ! هيءِ!" جو هڳاءُ؛
ڳُيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَٺاءُ؛
مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِيو، اُپَرِ اَفسوساءُ؛
بَرَ پِڻُ ڪن ٻُڪاءُ، اُڪَنڊِيا آرِيءَ لَءِ گهڻو.

10

مَهندِ مُحتاجِي ڪَري، پُنِيءَ پيرُڪَٽيجِ؛
ڪُٻيلِياٽِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هلائيجِ؛
پاٽا ڏارَ پِريتَڙو، سَسُئِي! ساڻُ ڪَٽيجِ؛
اوڏِي عَزازِيلَ کي، وِيجهي تان مَ وَڃيجِ؛
نا اُميدِي نيجِ، تہ اوڏِي ٿِئين اُميدَ کي.

11

ويهُ مَ مُنڌَ! ڀَنڀورَ ۾، هاڙهي هڏِ مَ هلُ؛
ڪُوڙِي ڪَڄ مَ ڪڌهين، سَچِي ڳالهہ مَ سَلُ؛
جانِبَ لِءِ مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئِي!

12

سُکين ٿِيُ مَ سَنَرِي، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ؛
پَٽي ڪَرِ مَ پانهنجو، گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ؛
مارِي! هڏِ مَ مَرُ، مَڇُڻِ جِيُ جِيارِئين.

داستان ٻيو

1

پَسِي ڏُونگَرَ، ڏاهِ! جِمَ هلَڻَ ۾ هيٺِي وَهين؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئي، پُنِيءَ ڪيچِيُنِ ڪاهِ؛
پُڇِي پُورِجِ، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باهِ؛
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هڏِ مَ لاهِ؛
جو اڪِنئُون اوڏو آهِ، سو پِرين پَراهون مَ چئُو.

2

هتان ڪَٽِي هتِ، جن رَکيو، سي رَسِيُونِ؛
ساجَنُ سُونهن سُرتِ، وِکان ئي ويجهو گهڻو.

3

جيڪُسِ يادِ ڪَياسِ، وَرُ وچِي وَڻڪارِ ۾؛
جَلِدُ جَرِيدي پَنڌَ ۾، اَدِيُون! اَڄُ ٿِياسِ؛
وَڃِي ڪيچ پُنياسِ، ٻا روچاڻِي ٻاجھ سين.

4

واقُفُ نہ وَڻڪارَ جِي، پاڻِي ڪَنيُمِ نہ پاءُ؛
جَبَلُ جَلدايُون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاءُ؛
لَڳِي لُڪَ لَطِيفُ چئي، معذُورِنِ مَٿاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيڪلِي آهيان.

5

وَڏا وَڻَ وَڻڪارِ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نِيلا؛
اُتي عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، ڪيا هيڪلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ ڪُڙِمَ نہ قَبِيلا، اُتِ رَسجِ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

6

ويچارِيءَ وَڻڪارُ، اَڳُ نہ ڏِٺو ڪڏهين؛
مَهرَ نہ هئي ماڙُهين، هو سَڀُ هندُوڪارُ؛
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ سَرَتِيُون!

وائي

هوءِ جي هليا هوتَ سُونها را؛
مُون نہ وَهيڻا، پنهونءَ سَڳِيڻا.
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا؛
آن ڪي ويندا گڏيا؟ آرِياڻِي اِهَ پارا؛
ٿَلِيُون ٿُؤنرَ هلَوِيُون، مَيَنِ سِرِ موچارا؛
مُون ڪي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلدارا.

داستان ٽيون

1

پُنهونءَ چڙهيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳولئين؛
تيلاهين تَنگُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ؛
ساڄَنُ سُڄَ نِهارِئين، ڏُکِي! ڏوهُ ڪيوءِ؛
ها ڙهي هوتُ نہ هوءِ، وري پُڄُ وِيئِنُ کي.

2

وِري پُڄُ وِيئِنُ کي، سَندا پُنهونءَ پارَ؛
ساڄَنَ سَبُ ڄمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيلَ ۾.

3

ڪونهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو، پورِي! پانئيو؛
پَندُ مَ ڪَرِ پَهاڙَ ڏي، وُجُودُ ئِي وَڻڪارُ؛
ڏارِيا پانئِج ڏارَ، پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

4

سَپيئِي ساري، سَسُئِي! ڳهَرَ ڪُندُون تون گهورِ؛
وچِي ڏُورِ مَ ڏورِ، درا مَنجهه دوسِتُ ٿيو.

5

سوئِي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورِئين، سَسُئِي!
ڪَڏهن ڪَنهين نہ ڪيو، ڄُلَڻَ مَنجهان ڄاڻُ؛
پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِنائِين لَهِين.

6

جو تُون ڏورِئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو؛
لاڻَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي ٿِي مَعذُورِ!
منجهان پَنئُن پَرُوڙِ، تو مَنجهه آهسِ تَڪِيو.

7

وَڃِين ڇو وَڻڪارِ؟ هتِ نہ ڳولئين هوتَ کي؛

لِڪو ڪِينَ لَطِيفُ چئي، ٻا روچو ٻئي پار؛
ٿِيءُ سَتِي، ٻَڌُ سَندِ رو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ؛
نائَي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

8

هلُ هنئِين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَندُ؛
رائي پُڇُ مَ رَندُ، رِڙِهُ رُوحانِي سَسُئِي!

9

ڪَجي پَندُ، پُڇان تو، ڪيچِينُ ڪا رَنِڊ ڪِيئَن؟
بيخود هلِج بَرَ ۾، آئُون ٿو چوَان اِيئَن؛
سِڪَڻ ساجَنَ سِيئَن، مَتان، مُنِي! چَڏِئِين.

10

مَتان، مُنِي! چَڏِئِين، پِريتَڙو پاٽا؛
جاپَنِ جئَن جاٽا، تون پِڻُ هوئِج تن جئَن.

11

مَتان، مُنِي! چَڏِئِين، پاٽان پِرِيتَڙو؛
ڪَٿُورِيءَ ڪَڙو، مَڙهي مَڙهِج مُنهن ۾.

داستان چوٿون

1

هيجُ نه هوندو جن، سي ڪِيئَن وِندُر وِيندِيُون؟
وهو وِچِ رَهنِ، سَهسين سَڏُنِ وارِيُون.

2

سَڏائِي سَپَڪا، بُڪَ نه باسي ڪا؛
جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا؛
مون سين هلي سا، جا جِيُّ مِنو نه ڪَري.

3

وَرِيتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندِي وَرَ ري؛
جاڏي هنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَسِ تَرو؛
جَتِ ساڻُ ڏَرو، نِينهن نِبيرِڻُ نہ ٿِئي.

4

وِجوسپ وَرِي، اَئِين جي وَرَن وارِيُون؛
ڦوڙائي فِراقَ جِي، سُڄي ڳالہ ڳِري؛
ٻُنپان جن ٻَرِي، ڏُونگر سي ڏُورِيندِيُون.

5

اَڄ ملندِيَس، ماءِ! ڏاڄا ڪَنديَسِ ڪَپڙا؛
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون کي جهلَ مَ پاءِ؛
هوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنِرَ پائِيان.

6

مُون کي پانئي پاڄَ، ڏيرَ ڏُوراٽا هليا؛
اڳِيان اُٿِي اُنِ جي، خُوبُ نہ ڪَمِ ڪاڄَ؛
مَيڙي آپَ سَرَتِيُون، نَڪِي ڳايَمِ ڳاچ؛
سا مُون هٿان نہ ٿِي، جيڪا رَسَمَ راڄَ؛
آيَلِ! آءُ اَڪاڄَ، ٻولُ ٻَروچي وِترو.

7

پهرِين تُون پا ريجِ، پا رَڻُ پوءِ پُنهونءَ تي؛
ٻولُ مَ وِسا ريجِ، هو جو ڪُيُءِ هوتَ سين.

8

توسين ٻولَ ٻَهون، سَهسين ساجَنُ جي ڪَري؛
ڪَندِينءَ توءِ ڪَهون، جي نالو ڳِيَڙُءِ نِينهن جو.

9

سُٽِي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمهين سَسُئِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيٽانِ؟ جہ سي اُنِ اورانگهيا.

10

سِجَ اُلٽي سَسُئِي، رَتَ وَرَٽو روءِ؛
پهي نہ پانڌِي ڪو، جنهن ڪَرَ پُڇي لوءِ؛
مُوڙِهي وِجي توءِ، موٽَڻَ جي ڪانَ ڪري.

11

ڇُلان، مَنجهِہ نہ چاڪَ، پُران، پَوَنِ پُرِڪَٽا؛
مَٽان ڪا مُندَ ڪَري، موٽَڻَ جي مَزاڪَ؛
چِٽُ سَندو مُون چاڪَ، ها ڙِهي هڏِ هٿِي ڪيو.

12

موٽَڻَ جا مَذڪُورَ، جان ڪِي چَيَسِ جيڏِئين؛
پَريتِ پِهرئين پُورَ، نيئِي پهچائِي پُنهونءَ کي.

13

موٽِي مَران مَر ماءِ! مَوٽَڻَ کان اڳي مَران!
لُڇي لالنَ لاءِ، شالَ پَوندَيَسِ پيرَتي!

وائي

مَعلُومُ حالُ حَبِيبَ! مُون کي دَرِدُ قَدِيمِي، وو!
دَرِدُ جَدِيدِي، حُبَّ حَبِيبِي.
آلُودِي آزارَ کان، تولَءِ تِپَسِ، طَبِيبَ!
شادِي ڏئين صِحَتَ جِي، غَمِي لاهِ، غَرِيبَ!
اَهئان تِي آهون ڪَرِيان، نَعرو مَنجھ نَصِيبَ!
ڪاهلِ آهيان ڪُوڙِي، رَسِي لاهِ، رَقِيبَ!
حاذِقُ آهئين هنَ جو، اَچِين شالَ، عَجِيبَ!
دَوا آهئين دِلِ جِي، پُڇ پُڇ رَهيَسِ طَبِيبَ؛
اَلا! عَبْدُاللطِيفُ کي، ڪوڙِي لاءِ، قَرِيبَ!

داستان پنجون

1

ڀَڄِي ڀنڀورَ کان، ڏُونگَرُ ڏُورِيو مُون؛
ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ کي، جِتي پاڻَ پُنهون؛
سَپَتِ آهيُن تُون، قَضا ڪَندين ڪِنِ سين؟

2

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ؛
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪيچِنِ ڪاڻِ؛
پُنهون ٿِيَسِ پاڻَ، سَسُئِي تان سُورَ هئا.

3

پُنهون ٿِيَس پاڻهين، ويو سَسُئيءَ جو شَرَمُ؛
هيڪِليُون هلَنِ جي، ڀَڄي تن ڀَرَمُ؛
جو وِنڌُ رِمِ وَرَمُ، سو سودو سَرِيَسِ هٿَين.

4

پُنهون ٿِيَسِ پاڻهين، وئِي سَسُئيءَ جي سُونهن؛
خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُوۡرَتِہٖ، اِئن وَڻِ مَنجه وِرُونهَ؛
ڇَرِي مَنجهان ڇُونهَ، ڪَٺِي هوتَ هنجِ ڪيو.

5

وئِي سُونهن سَسُئيءَ جِي، پُنهون ٿِيَس پاڻَ؛
سَپِنِ جِي سَيَّدُ چئِي، آهي اُتِ اُماڻَ؛
ڀَنڀورَ جا پاڻَ، آڏا عَجِيَنِ کي.

6

وَهمَ وِرسايا سِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هئِي؛
پاڻُ وِڃايُمِ پانهنجو، پئِي پِريان جي پاسِ؛
رَتِي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

7

هيڪَرَ هئَڻُ ڇڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ ڪِي؛
مَا رَاَيْتُ شَيْئاً اِلاَّ وَرَاَيْتُ اللهَ، نيئِي اجها اوڏانهين اَڏ؛
تہ هوتُ توهين ڪان هڏِ، پِرِين پاسي نہ ٿِئي.

8

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪوهُ پَهي؟
وَفِي اَنْفُسَڪُمْ، اَفَلا تُبْصِرُوْنَ، سُوجهي ڪَرِ سَهي؛
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هٿَ تي.

9

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪُوهُ پَرِيانڻُ؟
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ، تُنهنجو توهين سانڻُ؛
پنهنجو آهي پانڻُ، آڏو عَجِيڻَ ڪِي.

10

ووڙِيمِ سَبِ وَٿانڻَ، يارَ ڪارَڻِ جتَ جي؛
اَللهُ بِڪُلِّ شَيْءٍ مُحِيْطُ، اِي آرِياڻِيءَ اُهجانڻَ؛
سَبَ ۾ پُنهون پانڻَ، ڪِينهي ٻيو ٻَروچ ري.

وائي

اَهڪِيءَ آڳَہُ آهي، وو! مون کي تان نہ ڇڏيندو ِتڪَ ۾.
پڇي پوءِ پِيَنِ کي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاهي؛
آرِي اُڳها ڙَنِ کي، پُنهون جامُ پَراهي.

داستان ڇهون

1

جُدائِيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
مَنگُلُ مُنهنجي مَنَ ۾، پا رِيو هوتَ حَمامُ؛
اَرڪِ ٿِيو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسِي ڪانڌَ جو.

2

دَرِدُ نہ لهي دا رُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنومِ؛
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.

3

ڪاڪُلَ ڪُنِي جا، ڪَفَنُ تنهن ڪِينَ ٿئي؛
مَنجھ شهادَتَ سان، لُڏي ۽ لاڏَ ڪري.

4

ڏَکا، ڏُونگَرَ جامَ! مَ ڪَرِ مَعذُورِنِ تي؛
توتي لَڳَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ؛
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ڪاندَ! ڪَلامَ؛
پَرِچِجِ پِيادِنِ سين، اَللهَ لِڳِ، عَلامَ!
جا نَوازي اَهنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِجِ هيڪلِي.

5

پَبر پَٽانئي ڪُنئرا، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي؛
ڦِٽِيا ڦَرَ فَقِيرَ جا، سيرُون ٿِيڙا سي؛
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پُنهونءَ ڏي؛
وَڃي، مانَ وَري، ٻانهِيءَ ٻَندَڻُ جنهن سين.

داستان ستون

1

وِندُرِ جي وَڃَنِ، سي مَرُ ٻَڌَنِ سَندِرا؛
ٻِيُون ڪوهُ ٻَڌَنِ، چوڙي جي ڇَڏِينديُون.

2

ڏيهُ ڏيهان ئي ڏُورِ، پَرڏيهان پَري ٿِيا؛
سيڻَنِ ڪارَڻِ سَسُئي، پيئي پَرانهين پُورِ؛
تُون وَڃِين، هوتَ! حُضورِ، مُنهنجوجِئڻُ جيلانهِين ٿِئي.

3

هيڪانديءَ هوئي، اُٺي راتِ رَوان ٿيا؛
ساهُ سَڳي ۾ سُورَ جي، پُنهون وِيو پوئي؛
رَهُ، قَضا! دَمُ ڪوئي، تہ هيڪرَ هيڪانديِ ٿِيان.

4

هَڏِ نہ ساهُ سُڏِيرُ، دِلِ دَرماندِي دوسَ ري؛
پائي وِيڙا پِرتِ جو، زوراوَرَ زَنجِيرُ؛
جِيُ جُسو، جاڳِيرُ، هاڻي مِلڪ هوتَ جي.

5

عُمرِ سَڀِ عِشقَ سين، پُنهون جي پُڇَنِ؛
رِيسَ ريذالِيُون تن سين، ڪُجا ڙِي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالِعُ تن جو.

6

ويٺي وَرِ نہ پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نہ سُپِرِين؛
جي مَٺي رَندَنِ رُئَنِ، ساجَنُ مِلي تن کي.

7

رائي ڪِي رَنجُورَ، ٿَڪَرَ توءِ ٿاڪِيو چڙهي؛
لانچي لَڪ، لَطِيفُ چئي، هلي ڏانهن حُضُورَ؛
رَهيا سَڀِ رُجُنِ ۾، سَسُئيءَ جا سالُورَ؛
ساجَنُ ميڙِيُسِ سُورَ، سُڪَ نہ ميڙِيُسِ سُپِرِين.

8

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ، سَڀَ مَ پُڇِجِ، سَسُئي!
ويهي وَڏي ڍِڳَ مان، ڏُٽِي وِجهِجِ ڏُوڙِ؛
تہ تون ماڻِين مُوڙِ، جي پَندِ اِهائي پا رِئِين.

9

بَرِيائي تہ بارِ، ڦُوڪِ تہ لَڳي اَنبَرِين؛

هِتي جي هُئڻَ جُون، وَٿُون سَڀ وِسارِ؛
سَمُوري سَرِڪارِ، نيئِي رَکِج ناهِ ۾.

10

قَدُ ٻَڌِي، تُون ڪِينَ، پُهچَندِينءَ پُنهونءَ سين؛
جئَن سِينو ساهِئَن سَسُئِي، ٿِئِين ٿَهوارون ٿِينَ؛
مُنِي! ٿِيُ مِسڪِينَ، هِمَّتَ هوتُ وِجائِيو.

11

ٻِلَرِ لَڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِئي؛
سا مُندَ مَري نہ جِئي، پيئِي پَچا ڙي پاڻُ؛
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنپوڙِي سَيَّدُ چئِي.

داستان اٺون

1

اَڏَرِ، نِڏرِ، اَپِرِي، اَسُونهِين آهِيان؛
لُڙڪَ لَعلَ، لَطِيفُ چئِي، وَرَ لَءِ وَهايان؛
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان؛
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان؛
پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پاڻَ سين.

2

اَڏرِ، نِڏرِ، اَپِرِي، آهيان اَسُونهِين؛
پَرَ ڏِيهي پِرِين ڪَيا، مَرَڻَ لَءِ مُونهِين؛
سَسُئِيءَ کي سَيّدُ چئَي، تَنگُنِ ۾ تُونهِين؛
هارِي! ڪِئَن هونهِين، رِءَ سَمَرَ سَڌُون ڪَرِين.

3

اَڏرِ، نِڏرِ، اَپِرِيءِ سَڌَرِ ٿِيُ سچي؛
سُپَڪِ ٿِيُ، سَيَّدُ چئَي، پَهڻَنِ مَنجھ پَچِي؛

مَعذُورِ تي ما روڪيو، اولاڪَنِ اَچِي؛
منجهان راهَ رَچِي، ٿِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئَي.

4

اَچِي عِزرائيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي؛
ٿي ٻوڙائي ڏَليلَ، تہ پُنهون ما ڙُهو موڪليو.

5

مُنڪِرَءِ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِنائِين؛
اڳِيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇِيائِين؛
اَدا اِتائِين، ڪو ويوساٿُ سَجَڻَ جو؟

6

پاپاڻِي ٿِي پورِ، پُنّيءَ ڪيچِينُ ڪَڪِرا؛
رائو مِڙيوئِي رَتَ، ڪارَڻِ ڪانڌَ ڪَڪورِ؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئَي، اُٿِي ڏُونگَرِ ڏورِ؛
جَتُ وَجِي ٿو زورِ، اُپُڙُ تان اوڏِي ٿِئِين.

7

جُهتَ پِٽي، پہُ جَهنگِ، ها ڙهي پُڄُ مَ هوتَ ڪي؛
سُورُ سُبِيلِي، سَسُئِي! لَڪَ تَنهِين سين لَنگِهہ؛
تہ سُپيرِيان جي سَنگِ، مُنڌَ! ميڙائو ٿو ٿِئَي.

8

ڪَرِڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُنڌَ پَنپورَ مِ؛
چَڙهي ڏاڍِين ڏُونگَرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ؛
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَوَنڌُءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

داستان نائون

1

ويہُ مَ وِساري، پُڇا ڪَرِ مَ پَنڌَ جِي؛

نِرمَلُ نِها ري، هلَندِنِ تان هٿِ ڪيو.

2

اَوَجهڙ اَسُونهَن، ڏيهُ گهٽو ئِي ڏورِيو؛
سَڳَر رءَ سُونهَن، پهِتِي ڪانهِ پَنڌُ ڪَري.

3

واءَ! وِجاءِ مَ سو، پُنيءَ جنهن پَنڌُ ڪريان؛
چَنّا! چِپَرِ پرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لِڳي، متان لِٽّين!

4

ڏُورِ مَ تون ڏوريج، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَڻُ چَڏِ پيرن سين، وِهڻُ وِسا ريج؛
سُڪَنِ جا، سَيَّدُ چئي، لاڳا پا لاهيج؛
هنئين ساڻُ هليج، پَنڌُ پاسي پِرَ نِبري.

5

کُهِي جا ڪَنيائين، وِڪَ تَنهين ويجهي ڪَئِي؛
چِڪيءَ چِنائين، پَنڌُ مِڙوئِي پَبَ جو.

6

سَؤ ڪوهَ ڪري سَپَڪا، تُون، کُهِي! ڪَنِجِ وِڪَ؛
تاڻِج مَنجهان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پِرَ نِبري.

7

هيڪِليائِي هيلَ، پورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي؛
آڏا ڏُونگَرَ لَڪِيون، سُورِيُون سُجَنِ سيلَ؛
تہ ڪَرَ بيلِي آهنِ بيلَ، جي سُور پِريان جا ساڻُ مُون.

8

دوسِتُ ڏِنائِين دِلِ سين، وِرچِي تان نہ وِهي؛
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پَهڻَ مَنجهِ پِهي؛

سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئِي.

داستان ڏهون

1

آءُ اوراهُون، سُپِرين! پَري وَجُ ۾ پِيَّ!
موٽُ، مَرَندِيَسِ چِپَرين، تُون جِيارو جِيَّ؛
هوتَ! مَ ڇَڏِج هِيَّ، پُنهون! پِيادِي پَندَ ۾.

2

آءُ اوراهُون، سُپِرين! ڏُکِيءَ ڏيج مَ ڏاگهه؛
وَٽِ ڇَڏي مُون واگهه، آرِي! وِئِين عِشقَ جو.

3

هَٿان هَڏِ نہ ڇَڏِيان، صَبرُ شُڪرانو؛
ذَوقَ زَمانو، مُون، وَرَ! وِيو وِسرِي.

4

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُجاڻا هانِ؛
اَللهَ! سيئِي آنِ، جن ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

5

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُجاڻا هتِ؛
پُنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

داستان يارهون

1

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِينِ ڪُچيو، ڪُچُ مَ، ٿا ڪُچَنِ؛
اِشارَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُجَنِ؛
وَٽان ويهِي تَنِ، سُڻُ نہ سوزُ پرائِيِن.

2

سُڻُ تہ سوزُ پرائِيين، ”آءُ“ چيائُون اَجُ؛
بولِي ٻِي نہ سِکِيا، ”پاٽا“ چوندءِ ”پَجُ“؛
واجي وَٽِ مَ وَڃُ، ٻُڌُ تہ ٻِيائِي لَهي.

3

ڪَٺا روءِ ڪوسُ، اَڱڻِ آرِيءَ ڄامَ جي؛
ڏِيَتَ آهي دوسُ، ما رَڳَ مِ مُڻِ جي.

5

اَڪِيُون آرِيءَ ڄامَ جون، اَنڌِيءَ سين آهِنِ؛
هُو جي وَڻَ وِنڌُرَ جا، سي مُون سُونهائِنِ؛
ڏِسِيو ڏيکارِنِ، پيشانِي پُنهونءَ جِي.

6

سَڌَ مَ ڪَرِ سَڌَنِ ري، هلَڻَ رِءَ مَ هلُ؛
جَلَڻُ رِءَ مَ جَلُ، رُئَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.

ابيات متفرقہ

1

اُٿِيوءِ اُٿِياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي گيو؟
وِيو جاڳائِي، جيڏِيون، ٻِرهُ، هِيُ ٻيباڪُ؛
چُرِ ڦُرِ ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمها ري ڪِينَ ڪِي!

2

جان ساماٽِئِن، سَسُئِي! تان ويسُ وِڙَنِ جو ڪَرِ؛
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چئِي، ٿِيُ بيگا رِياٽِي ٻَرِ؛
نہ وينڊِي پَوئِي وَرِ، اڳيان هوتَ حُضُورَ ۾.

3

مُنڌَ نہ مَنجهان تن، پَسي لَڪَ لُڏَنِ جي؛

جا پَرِ ڪاھوڙِينِ، سا پَرِ سِڪِي سَسُئِي.

4

مُنڌَ مَ مَنهِن ويهُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾؛
تو سيئِي سيڻَ ڪيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيهُ؛
پا ڙِي پا ڙِي پيهُ، وَٽُ پُڇَندِي پِرِينءَ ڪِي.

5

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي ما رو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وِسا رِئِين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگِهه تُون، سيڻَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، ٿِيندينءَ لَعلَ، لَطِيفُ چئي.

سُر گھاتو

داستان پهريون

1

گَهنگَهرِيا گَهڻَ جاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِين؛
وِيا گَڏجِي وِيرِ ۾، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اَڳيان پويان ٿاڻَ، وِيا ويچا رَنِ وِسري.

2

ما ڪَ پِڇايِنِ مولهِيا، مٿان راتِ پئي؛
اوليون اُجَهڻَ لِڳيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهي، ڪَڏهِن ڪونہ آئيو.

3

ڪو جو ڦَهَرُ ڪلاچ ۾، گِهڙِي سو نئي؛
خَبَرَ ڪونہ ڏِئي، رَچَ ڪُجا ڙِي رَندِيا ؟

4

ڪالهہ ڪَلاچِيءَ ويا، چِتيُون ڪٽِي چُڳَيرَ؛

پائڙَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَڏَنِ ڪِي اَويرَ؛
اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جَهلِي.

5

تَرِيُون پَسان نہ تارِ ۾، جُهڳا جاءِ نہ ڪَنِ؛
مادَرِ! ملاحَنِ، ماڳِ نہ ڊِويا مَڪُڙا.

6

ڏِهاڙِي ڏِنَمِ ڪيتِرا، جنِين ما رِيو موڪَ؛
گهَرَ ۾ گهاتُوئڙَنِ جا، ٿا مارِيِنمِ ٿوڪَ؛
لَڏِي وِچان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِرِي.

7

اُپِي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گهاتُو گهَرِ نہ آئِيا، وَڏِي لِڳَيِنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙِي چَڙِهيا مَڪُڙا.

8

جِتي گهورِيو گهاتوئين، تِتي وارِيءَ ٻُٽَّ؛
سَهسين ساٿي مُٺَّ، سَرُ سُڪو، سُونِگِي گيا.

9

مُون اُڏارِيا مَچَڙا، اللهَ! گهاتُو آڻِ،
مِيانَ! مُدارَنِ سين، مونکي، قادرَ! وِجُهہ مَ ڪاڻِ؛
هَٿَ مُنهِنجي هاڻِ، قَدُرُ لِڌو جِنِ ري.

10

اَئِين جا لُڏو لوڏَ، اِيَ پَرِ گهاتُوئڙَنِ جي؛
ڪُنَّ ڪلاچِيءَ ڪوڏَ، سُکِ نہ سُتا ڪَڏهِين.

11

گهورِيندي گهورِپِيا، اگهورِ گهورِيائُون؛
مَيڪَرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهَن سَنَرا.

12

جِئَن جُھڳا پائِيِن جھولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَڇَّ؛
سَڀَرَ ڏارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڱِيُون رَڇَّ؛
هِي چارُون ۽ چَڇَّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

سُر سورٺ

داستان پهريون

1

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَليو هِيائِين؛
چارَڻَ ٻَڌا چَنگَ کي، جُهوڙا ۾ جهائِين؛
ڏولِي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏِٺائِين؛
وَينِتِي واحِدَ دَرِ، تَنهِن وير ڪَيائِين؛
”سَڀاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين.“

2

”ڀَرِديسان پنڌُ ڪَري، هِلِي آيو هُون؛
اُونچو تون عرشَ تي، آن پورو مٿي پُون؛
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سوالِي مَڱڻُو.“

3

”ڀَرِديسان پنڌُ ڪَري، سُڻَي آيُسِ شانُ؛
مَڱڻَ ڪَهڙِي مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ؛
سو ڪو ڏِيا رئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرڪُ ڪَري.“

4

”سَرديءَ سالِمُ نہ رَهان، گَرمِيءَ ٿِيان گُدازُ؛
اَمَنُ ڏيج اَمانَ تون، سائِلُ هَٽِي سازُ؛
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيج خَلِيلَ جو.“

5

”تو دَرِ آيُسِ راڄِيا: ڄاڄِڪُ وِني ڄِيُّ؛
ڪَنان ’نارُ حامِيَه‘، هاڻِ ٻَچائِج هِيُّ؛
والي! ڏِيا ريئِي وِيُّ، جِتِ آهي ’جَنّاتُ عَدْنِ‘.“

6

”ٻِيا دَرَ ڏيئِي ٻَنَ ڪِي، آيُسِ تُنهِنجي دَرِّ؛
سُونهارا سورَٺِ وَرَ! ڪا مُنهِنجي ڪَرِّ؛
پِلا! پيرِي پِرِّ، پالهو پاندُ پِينارَ جو.“

داستان ٻيو

1

ڄاڄِڪُ جُهوناڳَڙهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو؛
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينَرو، ويهِي وَڄايو؛
شَهرُ سَڄو ئِي سُرَ سين، تَندُنِ ٽَپايو؛
دائُون دَرِماندِيُون ٿِيُون، ٻائِنِ ٻاڏايو؛
چارَڻَ ٿي چايو، تہ مارِي آهي مَڱڻُو.

2

نِرتِي تَندُ نِيازَ سين، ٻُرائِي ٻيجَلَّ؛
راجا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلَّ؛
رازُ ڪَيائِين راءَ سين، ڪَنهِن موچارِيءَ مَهَلَّ؛
”اَنَا اَحْمَدُ بِلا مِيمِ“، سَيِنَ هَنئِي سائِلَّ؛
ڪَنهِن ڪَنهِن پِيئِي ڪَلَّ، تہ هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

3

ڪِنِين ڪِنِين ماڙُهين، پيئِي ڪَلَ ڪائِي؛
رَسيا جي رَمْزَ کي، تن پا رسِي پائِي؛
”اَلْاِنْسانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّهٗ“ ورِتي اِيَ وائِي؛
راجا راڳائِي، هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

4

سِرَ جِي هُنَّائِين هَليو، چارَڻُ چِتائِي؛
سو مُوڙا جَهلي نه مالَ جا، ٿو ماڻِڪَ موٽائِي؛
”تو دَرِ آئُسِ تي، جِئَن تو ناهِ نه سِڪيو.“

5

”جي مِيراثِي مَڱَڻا، آءٌ پُڻِ مَنجهان تَنِ؛
ڪِي ڪَهُ مُنهِنجي ڪَنِ، اِرْثَ مَنجها رانِ اُنِ جي.“

6

”ڪا جا ڳالهِ ڳَرِي، بِيجَليا! ٻُڌاءِ مُون؛
پِينين جِئَن ڳِرنارَ ۾، تَندُنِ تانُ ڪَري؛
ڪِ تو پَنڌُ پري، ڪِ مَڱَ جَهلِيندين؟ مَڱڻا!“

7

”مَڱَ نه جَهلِيان مُورَهِين، نه مُون پَنڌُ پَرِي؛
ڳَٺِي آئُسِ ڳالهَڙِي، ڳُجِهي تو ڳَرِي؛
سا سَمِجهج سورَٿِ وَرَ! وِيندُسِ ڪِينَ وَرِي؛
پَرِيان پيرَ پَرِي، تو لَءِ آيو آهِيان.“

8

سِرُ مَڱِي سِرُ گُهري، سِرَ رِءَ ٿِئي نه صلاحَ؛
غَرِيبَنِئُون نه گُذِري، ٿو ماري مِيرَ مَلاحَ؛
نايو نَوابَنِ جا، سورِيو ڪَڍِي ساهَ؛
خالقُ سَنجِهه صُباحَ، ڪونه ڇَڏِيندو ڪِٿَهِين.

داستان ٽيون

1

ڪِي جو بِيجَلَ ٻولِيو، ٻِنِيءَ ويهِي پانَ؛
راجا رَتولَنِ ۾، سيباڻو سُلطانَ؛

"آءُ مٺا هُون مَگَٽا! مُقابِلِ مَيدانَ،
گھوڙِيان لکَ، لَطِيفُ چئي، تُنهنجي قَدمَنِ تان قُربانَ،
مَٿو هِيءُ مِزمانَ! هَلِي آءُ ته هِتِ ڏِيَنءِ."

2

"آءُ مٺا هُون مَگَٽا! چڙهي مِ چَوَڏولَ،
توکي گھوٽَ گُھرائيو، راڄا مَنجھ رَتولَ،
ٻيجَلَ! توسين ٻولَ، وِھاڻيءَ وَڏَڻَ جي."

3

مَحَلين آيو مَگَٽو، کَٽِي سازُ سِرِي،
لَڳِي تَندُ تُنيرَ جي، پِيا ڪوٽَ ڪِرِي،
هَندين ماڳين هُوءِ ٿِي، تُنهنجِي ٻيجَلَ! دانهن ٻُري،
سِسِي تَنهن سُلطانَ کان، اچِي گھوٽَ گُھرِي،
جُھونا ڳِڙهُ جُھرِي، پُوندي جهانءِ جَھروڪَ مِ.

4

ڏاتارَءِ مَگَٽِي، ڪونهِ وسِيلو وِچ،
سائي تالَ تَندُنِ جي، سائي چارَڻَ چِتِ،
جي هِتِي جي هُتِ، ته ڳالهِ مِڙِيائي هيڪڙِي.

5

"جاڄِڪَ! تو جُھارُ، ڏَهَ پيرا ڏِياڄُ چئي،
جَنهن مِ مالُ نه مِريءَ جيترو، تَنهن تون طَمَعدارُ،
جي اچيئي ڪَمِ ڪَپارُ، ته وِيهَ پيرا وِڏي ڏِيَنءِ."

6

"ٻيلي! ٻَئِي پارَ، جانِ مُون نيڻَ هَٽِي نِهارِيا،
چوري رَکِيم چِتَ مِ، ڏِسِڻِ جا ڏاتارَ،
هِيُ سِرُ توهان ڏارَ، ٻيجي ڪَنهن نه ٻولِيو."

7

”سو جِيُ، مَگٽِها رَ! مَ هوءِ، جَنهِن تو مَٿي سِرَ سَٿو ڪَيو؛
جو مُون مُل مُورِ نہ سَپَجِي، تان جي سو گهُرِيوءِ؛
تان جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتا رَنِ ڪي.“

8

”مَٿو مَٿائِين گهورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ؛
هَڏو هِيُ هَٿِ ڪَري، جاجِڪَ! وَهِلو جاءِ؛
تُون سين اَنِبراءِ، جِمَ واچا ۾ وِلَهو وَهِين.“

9

”مَٿو مُورِ نہ پا ڙِيان، تُنهنجي تَندُ تَنوارَ؛
سِرَ ۾ سَجَڻَ ناهِ ڪِي، موٽُ مَ، مَگٽِها رَ!
ڪِينهي منجِھ ڪَپارَ، لَڄيندو ٿو لاهِيان.“

10

”سؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَر تورِيان؛
اُتَلَ اوڏانهِين ٿِئي، جيڏانهن بيجَل بُرائي؛
سَڪِڻو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي.“

11

”مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙِين هُوَنِ ڪَپارَ؛
تہ وارِيو وارِيو وَڍِيان، سِسِيءَ ڪي سَوَ وارَ؛
تہ پِڻُ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مَٿائُون، مَگٽا!“

12

”جو تو ڏِنَڻُ، ڏِياچَ! لاهِيواِي سِرُ سَپِڪو ڏي؛
ڪِي ناهِ جَهِڙو ڏي، جو سَنَدَ ٿِئي سُوالِين.“

13

پَسِي پاٽُ پُرِ ٿِيو، سندو جادِمَ جُودُ؛
مَڱَ وِهاڻِيءَ مگٽا! مَٿو هيرَ مَوجُودُ؛
بَلَڪِ آهي بُودُ، ناڪَسِيءَ، نابُودُ ۾.

14

چارَڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُرِي پاتا؛
صَدا جي سَيَّدُ چئي، وائي ڪَيائين واتا؛
تَنهِن تي راءُ راضِي ٿيو، دِلِ وڏِيءَ داتا؛
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏياچَ جي.

داستان چوٿون

1

رِءَ مَصلِحَتَ مَڱڻا، قَصرِ ڪِينَ اَچَنِّ؛
نُورُ تَجَلَّو نُورَ سين، نميو نيڻَ پَسَنِّ؛
خِيمي ۾ ڪَنگهارَ جي، چاندُوڻا چِمِڪَنِّ؛
لَذائين لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻَ ڏِسِيَنِّ؛
تيلان مُلڪَ ڏَٽِنِّ، مَچِيو مَڱڻهارَ ڪِي.

2

”مَرُ نه آئين، مَڱڻا! مامَ پَرُوڙِي مُون؛
جيڪا ڳاهَ ڳالهائيين، سا سَڀِ سَمجِهي سُون؛
تَنهِن ۾ تُسِجِ تُون، جيڪِي پَوَيئي پَٽَ ۾.“

3

”چارَڻَ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهِ اِيُّ؛
هَٽِي آيو هَٿَ سين، جِئَرو رکِيو جِيُّ؛
راتِ مُنهنجو رِيُّ، ڪاٽِيو تو ڪُماچَ سين.“

4

”تانُ نه آهي تَندُ جو، رُون رُون ڪري رازُ؛
هَٽَندَڙَ سَندا هَٿَڙا، سَڀِڪو چئي سازُ؛
سَٽَ ڏِيئي شَهِبازُ، ٿِيُ، نه ٿوڪُ پِرائيين.“

5

”تَندُ تُماريءَ تانُ، ڪَهِيو سو قَبُولُ پِيو؛
سِرُ نه آهي سَٽَ ۾، پَرَ ٻِيو ڪِي مَڱَڻ دانُ؛
خاڪِ، مِٽِي ڪا بانُ، ڪاٽِيا پوءِ ڪُجھ نَهِين.“

6

”چارَڻَ! ٻولِ ڪِي ٻِيو، گُهرِيُءِ سو گهورِيان؛
گهَرُ، سورَٿِ نه پَڙي، جان تَندُنِ بَرابَرِ تورِيان؛
ڳُجھي آهِمِ ڳالِهڙِي، آءُ اوري، تان اورِيان؛
ڪِ ڪُلَهَنئُون ڪورِيان؟ ڪِ، جاجِڪَ! جُسي سين ڏِيَنءِ؟“

7

ٿِيئُي پَرِچِيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَٽارو، ڪنڌُ؛
”تَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، جو تو، چارَڻَ! ڪِيو پَندُ؛
اِيُ شُڪُرُ اَلحَمدُ، جِئَن مَٿو گُهرِيوءِ مَڱَڻا!“

8

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينَرو، واڄو وِلاتِي؛
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾، تَنهِن پارِسَ پيراتِي؛
ڏِسَنديئِي ڏِياچَ کِي، ظاهِرُ ٿِيو ذاتِي؛
ڪَڍِي تَنهِن ڪاتِي، وِڌو ڪَرَٽُ ڪَپارَ ۾.

9

گُلُ چِنو گِرنارَ جو، پَٽَڻِ ٿِيُون پِٽِينِ؛
سَهسين سورَٺِ جَهڙِيُون، اُپِيُون اوسارِينِ؛
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگاريو ڏِينِ؛
نارِيُون ناڏَ ڪَرِينِ: ”راڄا راتِ رَمَگيو!“

10

سورَٺِ مُئِي، سُکُ ٿِيو، خِيما هَنيا کَنگهارَ؛
ٿِيو راڳُ، رُوپُ سو، لَڳِي تَندُ تَنوارَ؛
سو ڏِٺِين پَٽِين پارَ، پسو! راڄا راضِي ٿِيو.

سُر ڪيڏارو

داستان پهريون

1

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿيو؛
چاٽي هيڪُ اَللهُ، پاڻَ وَڃَڻ ڏِيُون جو ڪَري.

2

مُحَرَّمَ موٽي آئيو، آئيا تان نہ اِمامَ؛
مَدِيني جا ڄامَ مؤلا، مُون کي ميڙِئين!

3

مِيرَ مَدِينئان نِڪِري آئيا نہ موٽِي؛
ڪارا رَڱِج ڪَپِڙا، اَدا نِيروٽي!
آن تِنِين لَءِ لوٽِي، جي مِيرَ مُسافِرَ رانئِيا.

4

سَخِتي شَهادَتَ جِي، مِڙوئِي مَلا رُ؛
ذَرو ناهِ يَزِيدکي، اِي عِشَقَ جَوآٿا رُ؛
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلُ اِمامَنِ سين.

5

سَخِتِي شَهادَتَ جِي، نِسورو ئِي نازُ؛
رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

داستان ٻيو

1

چَندَ وِهاڻِيءَ چَڙِهيا، مَلّهِ مَدِينئان مِيرَ؛
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبُرُون، ڪُندَ، ڪَٽارا، ڪِيرَ؛
عَليءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

2

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خِيما کوڙِياءُون؛
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙِياءُون؛
مُنهُن نہ موڙِياءُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

3

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، اَهلِ بَيّتَ آئِيا؛
ماري مِصرِيُنِ سين، تن ڪافِرَ ڪَنبايا؛
سَچُ ڪِہ بِيِيءَ جايا، هَهڙا سُورِہَ سُپِرِين.

4

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوان؛
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرٿِليا آسمانَ؛
ڪَرِہ هُئِي ڪَان، هو نَظارو نِينهَن جو.

5

دوسِتَ ڪُهائي دادُلا، مُحِبَ مارائي؛
خاصَن خَلِيلَنِ کي، سَخِتيُون سَهائي؛
اَللهُ اَلصَّمَدُ بي نيازُ، سا ڪَري، جا چاهي؛
اِنَهِين مَنجِهہ آهي، ڪا اُونهي ڳالهِہ اِسرارَ جي.

داستان ٻيون

1

ڏِنو ڪالَهہ ڪَنهِين، جُهونجهارِ ڪو جهڳِڙو؛
هاٿِيُنِ هَڏَ مُچائِيا، ريلو رَتَ نَئِين؛
پانئَنِ سا سَنئِين، جِئان جِيءُ جوکو ٿِئي.

2

آيا، اُجارِين؛ تَنڪ، تَرارِيُون تِئُرا؛
سانگِيُون سائُنَ هَٿَ ۾، ڪُلَهنُون نہ لاهِين؛

اُپا ئُي آهِينِ، مُهائُي مَرَڻَ تي.

3

هٽَڙَ، هَڪلِڙُ، ٻيلِي سارَڻُ؛ مانجِهيان اِيُ مَرڪُ؛
وِجَهنِ تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

4

ٻَهادُرَ گَڏِيا ٻَهادُرين، ڪَڙڳَ کِلوِلِ ڪَنِّ؛
وِجَهنِ ڏَڙَ ڏَڙَنِ تي، هاڪارِينِ هٽَنِّ؛
ڪِرَن، ڪَندَ نَچَنِّ، رِڻُ گَجِيو، راڙو ٿِيو.

5

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٽَنِّ؛
سُرِنائُون ۽ سُندِ ڙا، ٻِنِين پارِ ٻُرَنِّ؛
گهوٽِنِ ۽ گهوڙَنِّ، رِڻَ ۾ لاٺُون لَڏِيُون.

6

گهوڙَنِ ۽ گهوٽِنِ، جِئَڻَ ٿورا ڏِينهَڙا؛
ڪَڏَهِن مَنجِهه ڪوٽِنِ، ڪَڏَهِن واهي رِڻَ جا.

7

جِهمَندِيُون اَچَنِ، جهولِيُون جُهونجها رَنِ جُونِ؛
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا، اُنِ جُونِ وَهُونِ واڪا ڪَنِ؛
پِٽِينِ پارَ ڪَڏَنِ؛ رِڻُ گَجِيو، راڙو ٿِيو.

8

”ڪانڌَ! ڪَلارِين ڪَپڙِين، وَرَ! وِناهِيو آءُ؛
جِتِ سانگِيُنِ جِي سَٽِ وَهي، اُتِ وِکَ وَڌندِي پاءِ؛
نان تان پِوَمَ پاءِ، جان جان نُوڏِين نہ چَڙهِين.“

9

’پَکو‘ آئُون نہ چَوان؛ ’مارِيو‘، تہ وِسَهان؛
ڪانڌَ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪِيندي سُونهان؛

تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنِسِ پُٽِ ۾.

10

مُنهَن مَٿاهان جن جا، سي پِٽيو ڪَڍَنِ پاَرَ؛
”جيڏِيُون! هِنَ جُهنجهارَ، اُجاري سَڀِ اَڇا ڪَيا.“

11

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موٽِي آءُ مَ، ڪانڌَ!
ڪَڇَنِ وَڏا پاندَ، جِنءَ ٿورا ڏِينهَڙا.

داستان چوٿون

1

ڪا جا ڏُرِي ڏُنگرِي، ڪو جو وَرِيو واءُ؛
عَلِيءَ شير وِياءُ، رِڻَ ۾ پِيَن راتِڙِي.

2

جهيڙو لاهِ، يَزِيدَ! عَلِيءَ جي اولادَ سين؛
سا نہ پَسَندين عِيدَ، جا هُوندِي مِيرَ حُسينَ سين.

3

ڪُوفِيُنِ قَهرُ ڪَيو، ٿِيا جَماتِي يَزِيدَ سين؛
پَلِيتَنِ ڪي پِڙَ ۾، وَرِنَهُ وَرِ پيو؛
سَڌَرِ هونِ سِهو، شيرُ شَهادَتَ رَسِيو.

4

ڪُوفِيُنِ ڪاغَذُ لِکيو، وِچ وِجهي اَللهُ؛
”اَسِين تابِعَ تُنهنجا، تُون اَسانجو شاهُ؛
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَخَتُ تابِيني تُنهنجي.“

5

ڪُوفِي ڪَربَلا ۾، پاڻِي نہ پِيارِينِ؛
اُتي عَليءَ شاهَ کي، شَهزادا سارِينِ؛

نِڪِرِيو، نِهارِينِ؛ چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!

6

پِرهَ پَڪِي آئِيو، ڪَربَلا مان ڪَهِي؛
روضي پاسِ رَسُولَ جي، تَنهِن هِلِي هاڪَ هَنئِي؛
”ڏِنِيَمِ رُڪَ رُئِي، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!“

داستان پنجون

1

حَسَنُ ناه حُسينَ وَٽِ، بِيلِي نہ ٻاهُون؛
سا ڙِيه شَهزادَنِ جو، آهي اڳاهُون؛
يَزِيدَ! جُلاهُون، تيلان ڪَرِئِين تَڪِڙِيُون؟

2

ڪِلي وِيرَ ڪَنَڪَ ۾، هَيءِ! جي حَسَنُ هو؛
پيڙو پيڙو پَنهنجي پاءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو؛
آهي ڪيرُ ٻِيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسينَ تان؟

3

ڪِلي وِيرَ ڪَنَڪَ ۾، سائُو سَپِ نہ هُوَنِ؛
پِڙَ تي سيئِي پُوَنِ، مونڻُ جِنِين مِيهِڻو.

4

ڪِلي وِيرَ ڪَنَڪَ ۾، پاڪَر جو پائِي؛
اَجا اُنَ ڪِي جِئَڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائِي، جو رُڳوئِي رِڻِ ڪِهڙِي.

5

سُورِهَا! مَرِين سوپَ ڪِي، تہ دِلِ جا وَهمَ وِسارِ؛
هَڻُ پالا، وِڙهُ پاڪُرِين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ؛
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئِين.

6

حُرُّ هَلِي آئيو، مانجهي مَرِدانو؛
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَتَنگُ، پَرِوانو؛
مانَ راضِي ٿِئي، رَسُولُ رَبَّ جو، نَبِي تو نانو؛
هِيُ سِرُ سَمانو، گهوٽَ! مَٿان ئي گهورِيان.“

7

هُئي هِدايَتَ حُرَّ کي، اَزَلَ ۾ اَصْلا؛
چَڙهِي آئيو جَنگِ تي، هلِي هُنَ پا را؛
اِيندي چَيائين اِمامَ کي: ”گهورِيُسِ آن مَٿاءِ“؛
”لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا“، جيڪا پُڄندِيمِ سا؛
گهوٽَ ۾ لڳا گهاءَ، سر پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

8

پاوَنگُ اُپو پِڙَ ۾، هَٽِي هَزارِي هولُ؛
جَوَهَرَ ۾ جَڙاءَ سين، ڪامِلَ سِرَ ڪَنگولُ؛
رَتو رَتَ رَتولُ، مولهيو مِيرَ حُسينَ جو.

9

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ ته ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن؛
چوڏهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پا ڳَڙِياس؛
ميڙِي ۾ مُحَمَّدَ جي، مَرُ مَرڪي ماسِ؛
تَنهِن سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرِزا ٿِئي.

10

ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادرِ ٿي ميڙِياسِ؛
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ ٿي اُگهياسِ؛
مِڙئي معافُ ڪَياسِ، خالقَ بَدِلي خُونَ جي.

داستان ڇهون

1

ڪَؤنر، ڪَلِي جا ڪوڏِيا! جانڪِي تائِين جِي؛
مَٿان اَڙِنِ اُسِري، رُڪَ پِيالو پِيُ؛
ڳاهُ ڳِجُهنِ جو ٿِيُ، وِيئي جن وَرِهَ ٿِيا.

2

چِپَرِ جِئَن پُهون، تِئَن رِڻُ ڳِجُهنِ رانئيو؛
وِنڪا وَنڪَنِ گَڏِيا، ڊوڙِيو ڏِيَنِ ڊَهُون؛
مُهايِنِ وَهُون، نِيرُ مَهانگو ڪَندِيُون.

3

ڪُوپا ڪَلِي ڪوڏِيا، راوَتَ ڪِينَ رَهَنِّ؛
سائُنِ سِرَ فِدا ڪَيا، اِڳِيان اِمامَنِّ؛
”يُجَاهِدُونَ فِى سَبِيْلِ اللّٰهِ“، ڪَمُّ اِهو ئِي ڪَنِّ؛
حُورُون هارَ ٻِڌَنِّ، سِهرا شَهِيدَنِ کِي.

4

جَنَّتَ سَندِيَنِ جُوءِ، فائِقَ هَليا فِردَوسَ ڏِي؛
فانِي ٿِيا ’فِى اَللّٰهَ‘ ۾، هُوءِ سِين ٿِيا هُوءِ؛
رَبَّ! ڏيکا رِئِين رُوءِ، اُنِين جي اِحَسانَ سِين!

5

حسَنَ، مِيرَ حُسينَ کِي، رُنو ٿِنِ ٿولَنِ؛
گهرِ ما ڙُهين، جَهنگِ مِرُوئِين، اُپَنِ ۾ مَلَڪَنِ؛
پَکِيُنِ پاڻُ پَچا ڙِيو، تہ لَڏِيو هوتَ وَجَنِ؛
اَلا! شَهزادَنِ، سوپُون ڏِئِين، سَچا ڏَڻِي!

6

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنئَڙِي جارُ؛
خالِقُ، رَبُّ جَبّارَ، ڪِينَ مَرهِيندو تن کِي.

سُر سارنگ

داستان پهريون

1

آگَمِيو آهي، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
وُٺو مِينهُن وَڏُ ڦُڙو، ڪَڍو ڏَڻَ ڪاهي؛
چَنَ چَڏي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آگَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
پَلَرَ جي پالُوٺَ سين، پَٽَنِ جَهلِيا پاهَ؛
واحِد وَڏائي ڪَيا، مَٿي گَسَن گاهَ؛
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُٺُنِ آبُ آگُوندِ رو.

3

آگَمَ اِيَ نه اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيڻَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نه رُچَنِ رَنگَ؛
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ ۾.

4

جانِي آيو جُوءِ ۾، ٿِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِرواُرُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

5

اَجُ پِڻِ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَجُ پِڻِ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

6

اَجُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِجُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لبيسَ؛
پِرِين جي پَرديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙيا.

7

اَج پڻ اُميدُون، آگَمَ سَندِيُون اُپَ مِ؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَجَڻُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائِتِي آهِيان، مانَ پِجائي پُون؛
گهرِ نہ گهرجِين تُون، مُندَ مڙئِي مِينهَن جِي؛

8

اُتران تي آئِيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ؛
پَري تَلَ تَرائِيون، جوڙي هَلِيُون جُوءِ؛
پَسو جا پَٽَنِ مِ، ڪَٿوريءَ خوشبُوءِ؛
اَچي رُوبرُوءِ، اُنِيُون روضي تان رَسُولَ جي.

9

پِيَّ پَسايو پانهِنجو، نِظارو ناگاهَ؛
لَٿو ڪَٿُ قُلُوبَ تان، ٿِي وِرُوهَڻَ واهَ؛
اُميدُون اَرواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.

10

وَسَڻُ اَڪَڙِيُنِ جِنَّ، جي هُوند سِڪَئِين، مِينهَن!
نہ هُوندَ راتو ڏِينهَن، بسِ بُوندَ بَنَڻُون نہ ڪَرِين.

11

گامَ گُندِيءَ گَنجَ، اَبَرَ مِ اُهاءُ ٿِيو؛
پَسِي پَرِ پِرِيُنَ جِي، ڏُورَ ٿِيا سَڀِ ڏَنجَ؛
شالَ وَسندَو سَنجَ، عاشِقَ تي اوهِيڙا ڪَري.

12

اَگَڙِ تازِي، ڀَرِ ڪُندِيُون، پَکا پَٽِ سُنهَنِ؛

سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرِين، مَرُ پيا مينهَن وَسَن؛
اَسان ۽ پِرِيَنِ، شالَ هُوَنِ بَرابَر ڏِينهَڙا.

13

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺِيُون ترائُون؛
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وائُون؛
مَکَڙَ پَرِين هَنِّڙا، سَنگها رِيُون سائُون؛
ساري ڏُهن سامُهِيُون، ٻولائُون، رائيُون؛
ٻانِهيون ۽ ٻائُون، پَکي سُنهَنِ پانهنجي.

14

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺوجيسَرُميرَ؛
آگم ڪَري آئيُون، پائُرِ پَرِي پيرَ؛
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، وانڍِيُنِ مَٿان ويرَ؛
سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرَهيُون سَنگها رِيُون ٿيُون.

15

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وٺا، وَٺي ڪَڇَ ڪِنارَ؛
پونيا ڙِيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ؛
سَڀاجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيهَ تان.

16

سارَنگَ! سارَ لَهيج، اَللهَ لِڳِ اُڃِيَنِ جي؛
پاڻِي پُوجَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريج؛
وَطَنُ وَسائِيج، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

17

سارَنگَ کي سارِينِ، ماڙهُو، مِرگهہ، مينهِيُون؛
آڙِيُون اَبرَ آسِري، تاڙا تَنوارِين؛
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نَئِين سِجَ نِهارِين؛
پَلَرُ پيارِين، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

وائي

مُنهِنجي سَيّدُ سارَ لَهندو، موُن کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجِدي پئي سُپرينءَ، زارِيُون زورِ ڪَرِيندو،
اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمَدُ اُتِ، پَرِمَلُ پاڪُ پِنَندو،
صُورَ ڏَڪاءُ ٿِيندو، اِڪِيُون سَڀِ سِجُ ڪَڍندو،
ميڙُو ٿِيندو مومِنِين، اُتِ مُحَمَّدُ مِيرَ مَلهَندو،
نفسَاً نِفسِي سڀڪو ڪَرِي، داتا دَرِ ڊوڙَندو،
مُهُتُ ڏِيندُسِ مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخِشائِيندو.

داستان ٻيو

1

سارَنگَ سائي سِٽَ، جَهڙِي لالِي لاڪَ جِي،
اِئَن سي اُڀِنِ اَنگِيا، جِئَن سي چُنيءَ چِٽَ،
بَرِسيو پاسي پِٽَ، پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

2

پِرِي پِٽَ تي آئِيو، سارَنگُ سُهجَ مَنجهان،
ڪِڙِيُون ڪَنَڌَ هارَ جِئَن، وِڄُون اُتَرَ واءِ،
سُرَها سَبِزا ٿِيا، ڍامَڻَ ڍِڪَ ڪَيا،
پَهِرِي پَٽَنِئان، پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

3

پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا، وُٺو وارِياسو،
ڪُٽيِيءَ کِنوَڻِ ڪَيو، چَڪُو چِؤماسو،
ماڪاڙِيءَ تان موٽِيو، ڏِيئِي پَبَ پاسو،
خالِقَ ڪَيو خاصو، چِيهو چُڪِيءَ ڪَنڌِيِن.

4

چِيهو چُڪِيءَ ڪُنڊِين، ڪَيائِين ڳڙنگ تي ڳَلَ؛
هَڏا ڪُٺيان هَليو، پَري تَرائُون تَلَ؛
آنڊائِين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغَ بَهارَ ٿِي.

5

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڳَڙِيا بُرجَنِ سين؛
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائي بَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سارَنگَ، پِلِٽيُون راتِ پَڏامَ تي.

6

مِينهان ءِ نِينهان، ٻَئي اڪَرَ هيڪِڙِي؛
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيهان؛
بادَلُ ٿي بِيهان، جي آگَمَ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

7

ڪُڙڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ؛
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَکا سي مَ پُسَنِ؛
اُتَرُ ڏاهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن کي ڪارُون ڪَنِ؛
وارِثُ وَري تَنِ، اَچي شالَ اولو ڪَري.

8

ڪُڙڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جُهڙڪَنِ؛
سُٽِيو رَڙِ رَعِدَ جي، ڪَلِيُون ٿِيُون ڪَنبُنِ؛
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَنِ ري.

داستان ٽيون

1

ڳَنيرَ ڳَتِ سِڪَنِ، چَلَڻَ جي چاهَ پَئي؛
هِندوا حَيرَتَ ۾ پِيا، لاڙِلِي ڪِي لَبَنِ؛
چِمڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِجِڙِيُون وَهِسَنِ؛

لوچَنِ ٿا ، لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لءِ پِرِيَنِ؛
ڪَيسَرَ قِرِبَنِ، سَنباهي ساڻُ ڪَنيا.

2

مندَ ٿِي مَندَلَ مَندِيا ، ڪي اوهِيڙَنِ اوڪَ؛
چاچَرِ ٿِي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَهِيون ٿِيُون سَنگها رِيُون، پُويو پائُنِ طَوقَ؛
ميها ، چِيڙَ، ڦنگِيُون، جِتِ ٿِيَنِ سَپيئي ٿوڪَ؛
لاهِئِين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

3

مُندَ ٿي مَندَلَ مَندِيا ، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
ها رِيُنِ هَرَ سَنباهِيا ، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

4

مُحِبَّ مُنهِنجا سُپِرِين! آڻيئي اَللهُ؛
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَندِيو آهُون ڪَري.

5

آڳَمَ ڪَيو اَچَنِ، سَڄَڻَ ساوَڻَ مِينهَن جِئَن؛
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀُ ڄماندَرُ سِڪِيا.

6

اُوچِڻَ گُهرِجي آجِڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ؛
سُٺائِج سُوَڙَ ڪي، حالُ مُنهِنجو هِيُ؛
اَگَڻَ آيو ٿِيُ، نہ ڍولِيا! ڪَنهن ڍَنگِ ٿِيان.

7

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنَ ۾، پيئي ٿارَ ٿَران؛
تارِيءَ تو ٿَران، جِئَن وَرُ وِهاڻِيءَ وارِئِين.

8

ڪانڌَ ! تُنهنجي پانڌَ ري، سيءَ مَران سَڀ راتِ؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ ۾، جَهپَ نہ اچي جهاتِ؛
اَچين جي پِرڀاتِ، تہ آئُون سِيُّ نہ ساريان.

داستان چوٿون

1

سَجَڻَ سانوڻَ مِينهَن جِئَن، جُهڙَڪِنِ پاسي جهوڪَ؛
ڏِيندا پاهُ پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَن موڪَ؛
لَسَ پِيا رِڃِ لوڪَ، آڳَمَ ڪَيو اڪِيُنِ سين.

2

واهُندان وِجُون ٿِيُون، کِڙِيُون ڏَنهن کَنيات؛
ڪُنڊِيُون ڪاهي گَسِ ڪَريو، وَچُون ڪَريو واٽَ؛
سَنگها رَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿي اُجُ اُساٽَ؛
جُهڙُ ڦُڙُ ڏِئِي جهاتَ، پُسائيندِيُون پَٽِيُون.

3

سَجو صافُ نہ اُپري، سَرِلي وِڇان سِڄُ؛
مُنهُن چَڙهيو ماڙهن کي، ڏِئِي وِڏائُون وِڄُ؛
هِنئَڙا! کَپُ مَ کِڄُ، سِگها مِلَندءِ سُپرين.

4

ڏِٺِ ڏِرِي پَٽِ پيئِيُون، ٿِيا وَلها رَنِ وِيَ؛
سِڄُ، چَندُ نہ پاڙِيان، سيڻَن جي شَبِيهَ؛
جي جانِي اَندَرِ جِيءَ، سي پِرين پيهي گَهرِ آئِيا .

5

ڏِٺِ ڏِري پَٽِ پيئِيُون، وِڄُنِ ڪَيا ڌَرَمَ؛
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا ، ڪُنڊِنِ ساڻُ ڪَرَمَ؛

سَنگھا رَنِ شَرمَ، رَکُ مُنهنجا سُپرين!

6

موتِي ماندائِ جي، واري ڪَيائين وارَ؛
وِچُون وَسَڻ آئِيُون، چَؤڏِس ۽ چوڌارِ،
ڪي اُتِي وِيئُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مَغرَبَ پارَ؛
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمرقَندِئُن سارَ؛
ڪي رَمِي وِيئُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندارَ؛
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهِين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏِنا بيڪانِيرِ بَڪارَ؛
ڪَنهِين پُڄُ پِڇائِيو، ڪَنهِين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهِين اَچي اَمرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سائِيَمِ! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِنا دِلدارَ، عالمُ سَڀ آبادِ ڪَرِين.

7

موتِي ماندائِ جي، جُڙِي ڪَيائِين جوڙَ؛
وِچُون وَسَڻ آئِيُون، ٻَهِ ٻَهِ ٻَڌائُون ٻوڙَ؛
اَنِ جا عالَمَ مِ، لَکِين ٿِيا کوڙَ؛
سارَنگَ لاتي سوڙَهه، ساندَهِ سُهائو ٿِيو.

8

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساٺَ ڪَجَنِ؛
وِچُون وَسَڻ آئِيُون، ٿَهَ ٿَهَ مِينهَن ٿِمَنِ؛
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙِيو، سي ٿا هَٿَ هَڻَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِ رهَن ٿِيا، اِئَن ٿا وَرِقَ وَرَنِ؛
ڌُڪارِيا ڏيهَ مِنا، شالَ مُوذي سَڀُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏي وَسَ جُونِ، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳوارَنِ؛
سَيِّدُ چوي سَيِنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.

9

اَندَرِ جُهڙُ جُهورِ وَهي، ٻَهَرِ ڪَڪَرُ نه ڪوءِ؛
وَسائيندي وِڄُڙي، حُبَّ جنِين کي هوءِ؛
لالَنُ جنِين لوءِ، تن او ڪاٽِين نه اکيُون.

10

آ گَمِجي آئيُون، اُتَران ڪَري اُورِ؛
جي پِرين هُئَڙا ڏُورِ، سي مُون کي مِينهَن ميڙيا.

وائي

آئِي مُندَ مَلارَ، آئون کِهنبا ڪَندِيَسِ ڪَپِڙا؛
وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا، اَجُ مُنهنجي يارَ؛
لارَ لائيندي وَڄُڙا، پِنڙَسِ پَنِيا وارَ؛
پَکي آءُ پِرِين تُون، لَهُ مُنهنِجي سَيّدُ! سارَ.

سُر آسا

داستان پهريون

1

لوچان ٿِي لاحَدَ ۾، هادِيءَ لَهان نَه حَدُّ؛
سُپِيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نَه مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرِينءَ پَرِوا ناهِ ڪو.

2

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڏِهن تان ڪونَه پِيو؛
”اِنَّ اللهَ وِترٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ“، نيئِي ٻِيائِي بارِ؛
هيڪِڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

3

ٻَنِ! ٻِيائِي، سُپِرِين! پاٽان مُون کي پَلِ؛

”آئُون“ اورِيان جَهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏِٺي.

4

هُو پڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَہ هُنَهان ڌارَ؛
”اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّہٗ“، پَرُوڙِج پچارَ؛
ڪَندا وِيا ٿَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ؛
سَڀِ وِڃائِي سازَ، ٿِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِڃائِي وُجُودُ، ٿِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

7

نابُودِيءَ نِيئِي، عَبْدَ کي اَعلىٰ ڪَيو؛
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پڻُ سِيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪِيهِي؟ ڳالِهہ پِرِيان جي ڳُجَهہ جِي.

8

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللّٰہ“ ۾؛
نہ تِنِ قِيامُ نَہ قُعُودُ ۾، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

داستان ٻيو

1

اُپِرَنْدِي ئِي سِڄِ، پِرِين جي نہ پَسَندِيُون؛
ڪَڏِي ٻِيئِي ڏِڄِ، اکَڙِيُون ڪانگَنِ کي.

2

نيرانا ئِي نيڻَ، نيئِي آڇِ پِرِيُنِ کي؛

سَتَرِ ڪاڏا ڪيڻَ، جه ڏِنو مُنهُن مَحبُوبَ جو.

3

تِن نيڻَن ڪِي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانپيِڙيا؛
جِيءَ، جُسي ۾ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُّ ڪَيو.

4

اکِيُون عَلَي الصَّباح، دوستُ ديکَڻَ آئِيُون؛
اُپيندِيُون اَرِداسَ ۾، ٻِي نه ڪَندِيُون ڪاءِ؛
رَچَندِيُون رِءَ پاهَ، پَرِچَندِيُون پِرِينءَ سين.

5

وَسَنِ ۾ وَهسَنِ، ڏيها ڙِي ڏِسَڻَ لَءِ؛
ڏِسي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ؛
ڍِاپيو نه ڍِاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينءَ جي.

6

اکَڙِيُون اکَڙِيُنِ تي، ڏَمَرَ ڏوسَ ڪَرِينِ؛
جيلانهَ سِڪَڻُ سِکِيُون، تيلانهَ دَعوىٰ مَنجِه دَڙِينِ؛
کِلَنِ ۾ کَرِينِ، رُسَنِ پَرْچَنِ پاڻَ ۾.

7

اکِيُنِ کي آئُون، جانِ ڪِي جُهلُون پائِيانِ؛
لوڪُ لَتا ڙِي ننِدَ ۾، ساجَنُ سوناُئُون؛
مُون کي ماريائُون، پاڻَ پَرِچِي آئِيُون.

8

اکِيُنِ پَنهَنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاڙِهين ڪَئِي؛
اُتي وَڃِي لِڳِيُون، جِتي جانِ ڪَپَتِ؛
نَه ڪا ڳالِهه نه ٻُتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نه جُڙِي.

9

اکَڙِيُنِ آرو، مُونهان پُڇِي نه ڪَيو؛

اُتي وَڃِي اَڙِيُون، جِتي چَوَڻَ نه چارو؛
هِينئَڙو ويچارو، واٽُون جَهلِيو وِڄُهلي.

10

اکِ اُلِتي ڏارِ، وَنءُ اُلِٽو عامَ سين؛
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوپارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرِينءَ ڏي.

11

تان جي ٿِيَنِ سامُهان، پُنِيرا سُونهَنِ؛
سَنئُون وَرائي سُپِرِين، مُنهُن جي ماڻڊي ڪَنِ؛
رَڳُون سَڀِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازائي ٿِئي.

12

اکِيُون سي ئي ڏارِ، جِنِ سان پَسِين پِرِينءَ کي؛
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهڻو رِيسارا سُپِرِين.

داستان ٻيون

1

ديکُ مَ تُون سين تَنِ، هِي جي مَجازِياٽِيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ نه سُجاتو سُپِرِين، نِهاري نيٽَنِ؛
پِرِين سي پَسَنِ، ٻَئِي جَنِين ٻُوٽِيُون.

2

مَجازِي مَ مَٽِ ڪَرِ، پَنِپِيُون اِئَن نه پيرِ؛
پُڇِي ٿِئين نه پيرِ، هارِي! حَقِيقِيءَ جي.

3

سَنئِين سُونهائي سَيَڪا، ڪا مُون مُنجهائي؛
طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ، اورِيان ئي آهي؛
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نه ناهِ ڪا.

4

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪِيءَ جو خِيالُ؛
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَڻان ئُي پَري ٿِيو.

5

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِيئَن، سوئيرِيان ئُي سَنهِڙو؛
پِرِين پائِيندا ڪِيئَن، توکي اکَڙِيُن ۾؟

6

اکِيُن ۾ ٿِي ويھُ، تہ آئُون واري ڏِڪِيان؛
توکي ڏِسي نہ ڏيھُ، آئُون نہ پَسان ڪِي بِيو.

7

کَر کي کَپُرُ کاءِ، نانگُ مَٽِيا رو نِڪرِي؛
اُپو جو اوناءِ، سُرِ پُرِ سَندِي سَڄَڻِن.

8

سَڄَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليکي وِنگِيُون؛
سَندِي سُپِرِيَنِ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاکڙو.

9

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ؛
جو حُسْنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!

10

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃِي ٿِيو وِيڇُون؛
مُحَبَتَ جُون ميڇُون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي.

11

مُئي هاٿِيءَ تي ماِرو، اَچِي ڪَيو اَنڌَنِ؛
مَنا ڙِيِنِ هَٿَنِ سين، اکِئين ڪِينَ پَسَنِ؛
”فِي الحَقِيقَتَ“ فِيل کي، سَڄا سُڃاڻَنِ؛
سَندِي سَرْدارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

وائي 1

مُنهَن مَنجِهه خَلِيلُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.
سَدَ مَ ڪَر صِحَّتَ جِي، اَچا تُون عَلِيلُ؛
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَلِيلُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ تُون، قَلبُ تان قَلِيلُ؛
والِيءَ جي وِصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ؛
اَلا! عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، سَچو رَڪائِجُ سِيلُ.

وائي 2

مَؤتَ مُندَ نه آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا.
”عَجِّلُوٓا بِالتَّوبَةِ قَبلَ المَوتِ،“ ويهُ تُون ويرَ لائي؛
پِريان ڪا رَڻ پاڻَ کي، سِڪهو ويهُ سَنباهي؛
اَجَلُ اَسا رَنِ کي، ڪامَ وَنِي ٿو ڪاهي؛
وِڏائِين وَڏَنَ لَءِ، گَنُ کُها ڙِيءَ پاهي؛
عِما رَتُون اَندَنِ جُون، ڏاهِيو ٿو ڏاهي؛
نِبا گهوٽَ گهَرَنِ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي؛
اُتي، عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

داستان چوٿون

1

مَحرُومَ ٿِي مَري وِيا، ماهِرَ ٿِي نه مُئا؛
چِڙِيءَ جيئَن چُهنجَ هَڻي، لَڏِياڻُون لُڻا؛
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِيءَ واديءَ وِچَ ۾.

2

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پُڻ سيئي؛
”لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ“، وَنءُ اوڏانهِين پيهي؛

ته‌ان مَنجهيئي، پا رِڪَ! پَرِکج حَقَ کي.

3

ڏِسَڻُ ڏِسِڻ جي، نه هَمه کي حَقُّ چَئِن؛
شا رِڪَ! شَڪُ مَ ني، اَندا! اِنهِيءَ ڳالهِ مِ.

4

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛
هُئي جنهن مِ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جِهو ناهِ ڪو.

5

اِنَ پَرِ نه اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوٺائين؛
دَغا تُنهنجي دِلِ مِ، شِرڪ ۽ شَيطانُ؛
مُنهَن مِ مُسَلمانُ، اَندرِ آذَرُ آهِئين.

6

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ؛
هِندُو هَڏِ نه آهِئين، جَڻيو تو نه جُڳاءِ؛
تِلڪُ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

7

مُنهُن نه آهيرِيان ئي اَجرو، قَلبَ مِ ڪارو؛
ٻَهران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ مِ هَچارو؛
اِنَ پَرِ وِيچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

8

تُون ڪا ڪاڻي پاءِ، وَنِ مِ وِصالَ جي؛
دُوبِينائي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن مِ، رُخنو ڪونَ رِهاءِ؛
اَکِ اَشَهَد چاءِ، نه مُسَلمانِي ماٺِئين.

9

سُرمُون سِياهيءَ جو، رَنِ کي رِهاءِ؛

ڪانِي ڪا رائيءَ جي، مُڙسُ ٿي مَ پاءِ؛
اکِيُنِ ۾ اَتِڪاءِ، لالائي لالَنَ جي.

10

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن؛
تَڏهن ڏِنِي تن، رَوْنَقَ ريشي جهِڙي.

11

سُرْمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن؛
تَڏهن ڏِني تن، اَچائي عالَمَ ۾.

12

مُون تان لِڪائي گهڻو، روئَڻَ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَنِ کي، مَنجهان زَردِيءَ ظَنُ؛
ويِري مُون وَرَنُ، ڳالِهه ڪَيائين ڳُجهه جِي.

13

لڳين سَئين مَهراڻَ، آئي سَپِ اُڏَمِيا؛
سَڙان مَنجهِين مانَ، ٻَهِرِ ٻاڦَ نه نِڪري.

14

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، سُڻِي ڪَرِ سَنڀالَ؛
وِڇان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ هِنَ جو.

15

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، طالِبَ! سُڄِ تُون؛
نَڪا هان نه هُون، پَردا سَپِ پاسي ٿِيا.

16

”مُون“ مُونهِين ۾ سَپَجي، مُون کي ”مُون“ جُڳاءِ؛
مُونهين جي ساجاءِ، مُونهين مَنجهان ”مُون“ ٿِئي؛
اُنهِين اِئن جُڳاءِ، آن کي اِئن نه چَوَڻُ.

17

گَندِي نِينهُن نہ سَپَجي، تُهَ نہ پَچي ماهُ؛
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، ٿِئي سَماجوڳُ سَڄَڻين؟

18

نَظَرُ نِزدِيڪونِ، سَهِي نہ سَگهان ساعَتَ سِيئَن؛
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي ڳِيڙهي ٻَجُهران.

19

مُون کي مُون پِرِيَنِ، بَڌِي وِڌو بارِ مِ؛
اُپا اِيئَن چوَنِ، مَڃُڻ پاندُ پُسائيين.

20

پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَڻَ کان پالِهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پُهُ اِنهِين پاندَ جو.

21

ڪَرِ طَرِيقَت تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُڃاڻُ؛
هِنئُون حَقِيقَتَ هيرِ تُون، ماڳُ مَعرفَتَ ڄاڻُ؛
هوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسٽان پالِهو رَهِين.

22

ڪُوڙِي ڪِج مَ ڪَڏَهِين، ڦِڪِي پائِج ڦانگَ؛
ساري سَناسِيُنِ جِئَن، لائُقَ! رَکِج لانگَ؛
تہ چارِئي چُنِيءَ پاندَ، اوسا ڳِنهِي اُڪِرِين.

23

سُتوئِي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏِئِين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيٹانِ، مَتان نُونڊين نہ چَڙهِين.

24

صُلِحُ جِنِ سَجَڻَ سِين، سيجَ ماڻِيندا سي؛
”اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ“، اِنَ پَر اُپا جي؛
نيئِي نُونڊين تي، ڏِکي چِٽي چاڙِهيا.

25

جي ٿيا حَلُّ حَبِيبَ سين، سُمهڻُ تن ثَوابُ؛
نيڻَ هيرائي ننڊَ سين، خوش ڪياڻُون خَوابُ؛
اوسِيڙو عَذابُ، دِليان تنين دُورِ ٿيو.

26

تَنُ تَسبيحَ، مَنُ مَڻِيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ؛
تَندُون جي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سِرِ وَڄَنِ؛
"وَحدَهٗ لَا شَرِيكَ لَهٗ"، اِهو راڳُ رَڳُنِ؛
سي سُتائي جاڳَنِ، ننڊَ عِبادَتَ اُنِ جي.

وائي

ڪي اُنهين مَنجِهه آهي، هُو جي جُهونا پَسجَنِ جُهوپڙا.

اِنَ دَرِ سيئِي اَڳِهيا، جن کي ڪونَ چِتائي؛
ڌارِيان پاڻَنِ ڌارِيو، پاڻُ پِرِيان سين ڪائي؛
"اِنَّ اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ"، پَنهنجا پاڻَ پِهرائي؛
"لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ"، پَرَ ڪي ڪِينَ پَسائي؛
پَنهنجِي چِڏِي پَٽَ ۾، رِڙُهُ اُنِين جي رائي؛
خِدمَتَ ڪَرِ خُلْقَ سين، پاندُ پُڇِيءَ ۾ پائي؛
اَدِيُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چَئي، اِتاهِين ڪِي آهي.

سُر سارنگ

داستان پهريون

1

آ ڳَميو آهي، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چَئي؛
وُنو مِينهُن وَڏَ ڦُڙو، ڪَڏو ڏَڻَ ڪاهي؛
چَنَ چِڏِي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛

وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آڳَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
ٻَلَرَ جي پالُوٽَ سين، ٻَنِ جَهِليا پاهَ؛
واحِد وَڏائي ڪَيا، مَٿي ڳَسَن گاهَ؛
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُنِ آبُ آڳُوندِ رو.

3

آڳَمَ اِيَ نہ اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيڻَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نہ رُچَنِ رَنگَ؛
سَهَسين ٿِيا سا رَنگَ، جانِي آيو جُوءِ ۾.

4

جانِي آيو جُوءِ ۾، ٿِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانِهنجو.

5

اَجُ پِڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تا ڙي ڪِي تَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَجُ پِڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

6

اَجُ پِڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِجُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ؛
پِرِين جي پَرِديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

7

اَجِ پِڻ اُميدُون، آڳَمَ سَندِيُون اُپَ ۾؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَجَڻُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائِتي آهِيان، مانَ پِجائي پُون؛

گهرِ نہ گهرجِين ٿوُن، مُندَ مڙيئي مِينهَن جِي؛

8

اُتران ٿي آئيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ؛
پَري تَلَ تَرائيون، جوڙي هَلِيُون جُوءِ؛
پَسو جا پَٽَنِ ۾، ڪَٿورِيءَ خوشِبُوءِ؛
اَچي رُوبرُوءِ، اُنِيُون روضي تان رَسُولَ جي.

9

پِيَّ پَسايو پانهِنجو، نِظارو نا گاهَ؛
لَٿو ڪَٿُ قَلُوبَ تان، ٿِي وِرُوهَڻَ واهَ؛
اُميدُون اَرِواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.

10

وَسَڻُ اَکَڙيُنِ جِئَن، جي هُوند سِکَئِن، مِينهَن!
نہ هُوندَ راتو ڏِينهَن، بسِ بُوندَيَئُون نہ ڪَرِين.

11

گامَ گُنديءَ گَنجَ، اَبَرَ ۾ اُهاءُ ٿِيو؛
پَسِي پَرِ پِرِيُن جِي، ڏُور ٿِيا سَڀِ ڏَنجَ؛
شالَ وَسندَو سَنجَ، عاشقَ تي اوهِيڙا ڪَري.

12

اَگَڙِ تا زِي، بَهَرِ ڪُندِيُون، پَکا پَٽِ سُنهَنِ؛
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرِين، مَرُ پِيا مِينهَن وَسَنِ؛
اَسان ۾ پِرِيَنِ، شالَ هُوَنِ بَرابَر ڏِينهَڙا.

13

بَرَ وَٺا، تَرَ وَٺا، وَٺِيُون تَرايُون؛
پِرِهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون؛
مَکَڻَ پَرِين هَٿَڙا، سَنگها رِيُون سايُون؛
ساري ڏُهن سامُهِيُون، بولايُون، رانيُون؛

باھِيون ۾ ٻاٻُون، پَکي سُنھَنِ پانھنجي.

14

ٻَرَ وَٽا، ٿَرَ وَٽا، وَٺوجيسَرُميرَ؛
آڳَمَ ڪَري آئُيون، پاڻُرِ پَري پيرَ؛
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، واندِيُنِ مَٿان ويرَ؛
سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرَهيُون سَنگھارِيُون ٿِيُون.

15

ٻَرَ وَٽا، ٿَرَ وٽا، وَٺي ڪَڇَ ڪِنارَ؛
پونيا ڙِيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! ناياڻُون نارَ؛
سَپاجھي سَتارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيھَ تان.

16

سارَنگَ! سارَ لَھيج، اَللهَ لِڳَ اُڃِيَنِ جي؛
پاڻِي پُوڄَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريج؛
وَطَنُ وَسائيج، تہ سَنگھارَنِ سُکُ ٿِئي.

17

سارَنگَ کي سارِينِ، ماڙھُو، مِرگھہ، مينھِيُون؛
آڙِيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِينِ؛
سِپُون جي سَمُونڊَ ۾، نَئِين سِجَ نِھارِينِ؛
پَلَرُ پِيارِينِ، تہ سَنگھارَنِ سُکُ ٿِئي.

وائي

مُنھِنجي سَيّدُ سارَ لَھندو؛ مُون کي آھِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجِدي پَئي سُپِرينءَ، زارِيُون زورِ ڪَرِيندو؛
اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمَدُ اُتِ، پَرِمَلُ پاڪُ پِنَندو؛
صُورَ ڏَڪاءُ ٿِيندو، اِڪيُون سَڀ سِجُ ڪَڍندو؛
ميڙُو ٿِيندو مومِنِين، اُتِ مُحَمَّدُ مِيرَ مَلَھندو؛

نفسَاً نِفسِي سيَڪو ڪَري، داتا دَرِ ڊوڙَندو؛
مُهُتُ ڏِيندُسِ مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخِشائِيندو.

داستان ٻيو

1

سا رَنگَ سائي سِٽَ، جَهڙِي لالِي لاکَ جي؛
اِئَن سي اُڀِنِ اَنڱِيا، جِئَن سي چُنيءَ چِٽَ؛
بَرِسيو پاسي پِٽَ، پِرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

2

پِرِي پِٽَ تي آئِيو، سا رَنگُ سُهجَ مَنجهان؛
ڪِڙِيُون کَٿَڙَ هارَ جِئَن، وِڄُون اُتَرَ واءِ؛
سُرَها سَبِزا ٿِيا، ڍامَڙَ ڊِٻَ ڪَيا؛
پَهرِي پَٽَنِئان، پِرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

3

پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا، وُنو وارِياسو؛
ڪُٽِيتيءَ ڪِنوَڙِ ڪَيو، چَڱو چَؤماسو؛
ماڪاڙِيءَ تان موٽِيو، ڏِيئِي پَٻَ پاسو؛
خالِقَ ڪَيو خاصو، چِيهو چُڪِيءَ ڪَنڌِيِن.

4

چِيهو چُڪِيءَ ڪُنڌِيِن، ڪَيائِين گَڙَنگَ تي گُلَ؛
هَڏاڪُٽيان هَليو، پَرِي تَرائُون تَلَ؛
آنڌائِين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغَ بَهارَ ٿِي.

5

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا ٻُرجَنِ سِين؛
سازَ، سا رَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائِي بَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سا رَنگَ، پَلِٽِيُون راتِ پَڌامَ تي.

6

مِينهان ۽ نِينهان، ٻَئي اکَرَ هيڪِڙي؛
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيهان؛
بادَلُ ٿي ٻِيهان، جي آگَمَ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

7

ڪُڻِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ؛
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ؛
اُتَرُ ڏاهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن کي ڪارُون ڪَنِ؛
وارِثُ وَري تَنِ، اَچي شالَ اولو ڪَري.

8

ڪُڻِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جُهڻِڪَنِ؛
سُڻِيو رَڙِ رَعِدَ جي، ڪَلِيُون ٿِيُون ڪَنبُنِ؛
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچا رِيُون وَرَنِ ري.

داستان ٿيون

1

گَنيرَ گَتِ سِڪَنِ، چَلَڻَ جي چاهَ پَئي؛
هِندوا حَيرَتَ ۾ پِيا، لالِي ڪِي لَبَنِ؛
چِمڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِڄِڙِيُون وَهِسَنِ؛
لوچَنِ ٿا، لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لءِ پِرِيَنِ؛
ڪَيسَرَ قِرِيَنِ، سَنباهي ساڻُ ڪَنيا.

2

مندَ ٿِي مَندَلَ مَندِيا، ڪي اوهِيڙَنِ اوڪَ؛
چاچَرِ ٿِي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَهِيون ٿِيُون سَنگها رِيُون، پُويو پائِنِ طَوقَ؛
ميها، چِيڙَ، ڦنگِيُون، جِتِ ٿِيَنِ سَپيئي ٿوڪَ؛

لاهِئِين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

3

مُندَ ٿي مَندَلَ مَندِيا، تا ڙِي ڪِي تَنوارَ؛
ها رِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وَسَڻَ جا وِيسَ ڪَيا.

4

مُحبَّ مُنهِنجا سُپرِين! آڻيئي اَللهُ؛
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَندِيو آهُون ڪَري.

5

آڳَمَ ڪَيو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن؛
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَپُ ڄماندَرُ سِڪِيا.

6

اُوچڻَ گُهرِجي آجِڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ؛
سُڻائج سُوَڙَ کي، حالُ مُنهِنجو هِيُ؛
اَگڻَ آيو ٿِيُ، نہ ڍولِيا! ڪَنهن ڏَنگ ٿِيان.

7

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنَ مِ، پيئي ٿارَ ٿَران؛
تا رِيءَ تو تَران، جِئَن وَرُ وِهاڻِيءَ وارِئين.

8

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سيءَ مَران سَپِ راتِ؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ مِ، جَهپَ نہ اچي جهاتِ؛
اَچِين جي پِرِياتِ، نہ آئُون سِيُّ نہ سارِيان.

داستان چوٿون

1

سَجَڻَ سانوڻَ مِينهَن جِئَن، جُهِڪَنِ پاسي جهوڪَ؛
ڏِيندا پاهُ پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَن موڪَ؛
لَسَ پِيا رِينِ لوڪَ، آڳَمَ ڪَيو اڪِنُ سين.

2

واهُندان وِڄُون ٿِيُون، ڪِڙِيُون ڏَنهن ڪنپاتَ؛
ڪُنڍِيُون ڪاهي ڳَسِ ڪَرِيو، وَڄُون ڪَرِيو واٽَ؛
سَنگهارَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿِي اُڄَ اُساٽَ؛
جُهڙُ ڦُڙُ ڏِيئي جهاتَ، پُسائِينديُون پَٽِيُون.

3

سَڄو صافُ نہ اُپِري، سَرِلي وِڇان سِڄُ؛
مُنهُن چَڙِهيو ماڙهن کي، ڏِئي وڏائيُون وِڄُ؛
هِنئَڙا! ڪَپُ مَ ڪِڄُ، سِگها مِلَندءِ سُپِرين.

4

ڏَٿِ ڏَرِي پَٿِ پِيئُون، ٿِيا وَلها رَنِ وِيَ؛
سِڄُ، چَندُ نہ پا ڙِيان، سيٽَنِ جي شَبِيهَ؛
جي جانِي اَندَرِ جِيءَ، سي پِرِين پيهي گهرِ آئِيا.

5

ڏَٿِ ڏري پَٿِ پيئُون، وِڄُنِ ڪَيا ڏَرَمَ؛
واحِدَ وَڏائي ڪَيا، ڪُنڍِنِ ساڻُ ڪَرَمَ؛
سَنگهارَنِ شَرمَ، رَکُ مُنهنجا سُپِرين!

6

مونِي ماندانِ جي، واري ڪَيائِين وارَ؛
وِڄُون وَسڻ آئِيُون، چَوڏِس ۽ چوڌارِ،
ڪي اُٿِي وِيئُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مَغرَبَ پارَ؛
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَندِيُن سارَ؛
ڪي رَمِي ويئُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندارَ؛

ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گَڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهِين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏنا بيڪانِير بَڪارَ؛
ڪَنهِين ڀُڄُ ڀِڄائيو، ڪَنهِين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهِين اَچي اَمرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سائِيمِ! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِندُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِٺا دِلدارَ، عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرِين.

7

موٽِي ماندانِ جِي، جُڙِي ڪَيائِين جوڙَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٻَهِ ٻَهِ ٻَڌائُون ٻوڙَ؛
اَنَ جا عالَمَ ۾، لَکين ٿِيا ڪوڙَ؛
سارَنگَ لاتي سوڙَهه، ساندَهِ سُهائو ٿِيو.

8

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساٿَ ڪَجَنِ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٿَہَ ٿَہَ مِينهَن ٿِمَنِ؛
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي ٿا هَٿَ هَڻَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِ رهَن ٿِيا، اِئَن ٿا وَرِقَ وَرَنِ؛
ڏُڪارِيا ڏيهَ مِنا، شالَ مُوذِي سَڀُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏِي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳنوارَنِ؛
سَيّدُ چوي سَڀِنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.

9

اَندَرِ جُهڙُ جُهورِ وَهي، ٻَهَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ؛
وَسائيندي وِڄُڙِي، حُبَّ جنِين کي هوءِ؛
لالَنُ جنِين لوءِ، تن اوڪاڻِين نہ اکيُون.

10

آگَمِجي آئِيُون، اُترَان ڪَري اُورِ؛
جي پرِين هُئَڙا ڏُورِ، سي مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

وائي

آئُي مُندَ مَلارَ، آئون کُھنبا ڪَندِيَسِ ڪَپڙا؛
وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا، اَڄُ مُنهنجي يارَ؛
لارَ لائيندي وَڃُڙا، پِنڙَسِ پَنيا وارَ؛
پَکي آءُ پِرِين تُون، لهُ مُنهنجي سَيِّدُ! سارَ.

سُر آسا

داستان پهريون

1

لوچان ٿِي لاحَدَ ۾، هادِيءَ لَهان نَہ حَدُّ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نَہ مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرينءَ پَروا ناهِ ڪو.

2

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڏِهن تان ڪونہَ پيو؛
”اِنَّ اللهَ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ“، نيئي پِيائي پارِ؛
هيڪِڙائيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

3

بَنِ! بِيائي، سُپِرِين! پاٽان مُون کي پَلِ؛
”آئُون“ اوريان جَهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٽي.

4

هُو پڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَہ هُنَهان ڌارَ؛
”اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّہٗ“، پَرُوڙِج پَچارَ؛
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نَمازَ؛

سَڀِ وِڃائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِڃائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

7

نابُودِيءَ نيئِي، عَبۡدَ کي اَعليٰ ڪَيو؛
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پِڻُ سيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالِهہ پِرِيان جي ڳُجَهہ جِي.

8

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللهَ“ ۾؛
نہ تِنِ قِيامُ نَہ قُعُودُ ۾، نہ ڪوڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

داستان ٻيو

1

اُپِرَنۡدي ئِي سِجِ، پِرِين جي نہ پَسَندِيُون؛
ڪَڍِي ٻيئِي ڏِجِ، اکَڙِيُون ڪانگَنِ کي.

2

نيرانا ئِي نيڻَ، نيئِي آڇِ پِرِيُنِ کي؛
سَتَرِ ڪاڏا کيڻَ، جہ ڏِنو مُنهُن مَحۡبُوبَ جو.

3

تِنِ نيڻَنِ ڪِي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانپيِڙيا؛
جِيءَ، جُسي ۾ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُّ ڪَيو.

4

اکِيُون عَلَي الصَّباحِ، دوستُ ديکَڻَ آئيُون؛
اُپيندِيُون اَرِداسَ ۾، ٻِي نہ ڪَندِيُون ڪاءِ؛

رَچَندِيُون رِءَ پاهَ، پَرِچَندِيُون پِرِينءَ سين.

5

وَسَنِ ۽ وَهسَنِ، ڏيها ڙِي ڏِسَڻَ لَءِ؛
ڏِسي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ؛
ڍاپِيو نہ ڍاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينءَ جي.

6

اکَڙِيُون اکَڙِيُنِ تي، ڏَمَرَ ڏوسَ ڪَرِينِ؛
جيلانہَ سِڪَڻُ سِکِيُون، تيلانہَ دَعوىٰ مَنجِهه دَڙِينِ؛
کِلَنِ ۽ کَرِينِ، رُسَنِ پَرِڇَنِ پاڻَ ۾.

7

اکِيُنِ کي آئُون، جان ڪِي جُهلُون پائِيان؛
لوڪُ لَتا ڙِي نِندَ ۾، ساڃَنُ سوناُئُون؛
مُون کي ما رِيائُون، پاڻَ پَرِچِي آئِيُون.

8

اکِيُنِ پَنهَنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاڙِهين ڪَئِي؛
اُتي وَڃِي لِڳِيُون، جِتي جانِ کَپَتِ؛
نَہ ڪا ڳالِهه نہ ڳَتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نہ جُڙِي.

9

اکَڙِيُنِ آرو، مُونهان پُڇِي نہ ڪَيو؛
اُتي وَڃِي اَڙِيُون، جِتي چَوَڻَ نہ چارو؛
هِينئَڙو وِيچارو، واٽُون جَهلِيو وِجُهلي.

10

اکِ اُلِتي ڏارِ، وَنءُ اُلِتو عامَ سين؛
جي لِهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوپارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرِينءَ ڏي.

11

تان جي ٿِيَنِ سامُهان، پُنِيرا سُونهَنِ؛
سَنئُون وَرائي سُپِرِين، مُنهُن جي مانڊي ڪَنِ؛
رَڳُون سَڀِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازائي ٿئي.

12

اِڪِيُون سي ٿِي ڏارِ، جِنِ سان پَسِين پِرِينءَ کي؛
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهڻو رِسارا سُپِرِين.

داستان ٽيون

1

ديکُ مَ تُون سين تَنِ، هِي جي مَجازِياڻِيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ نہ سُجاتو سُپِرِين، نِهاري نيڻَنِ؛
پِرِين سي پَسَنِ، ٻَئِي جِنِين ٻُوٽِيُون.

2

مَجازِي مَ مَٽِ ڪَرِ، پَنِپِيُون اِئَن نہ پيرِ؛
پُڇي ٿِئين نہ پيرِ، هارِي! حَقِيقِيءَ جي.

3

سَنئِين سُونهائي سَپَڪا، ڪا مُون مُنجهائي؛
طَلَبَ ۾ تَحصِيلَ، اورِيان ٿِي آهي؛
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

4

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪِيءَ جو خِيالُ؛
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَڻان ٿِي پَري ٿِيو.

5

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِيئَن، سوئِرِيان ٿِي سَنِهڙو؛
پِرِين پائِيندا ڪِيئَن، توکي اکَڙِيُنِ ۾؟

6

اَکِيُنِ ۾ ٿِي ويھُ، نہ آئُون واري ڏِڪِيان؛
توکي ڏِسي نہ ڏيھُ، آئُون نہ پَسان ڪِي ٻيو.

7

ڪَرَ ڪي ڪَپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽِيا رو نِڪِرِي؛
اُپو جو اوناءِ، سُرِ پُرِ سَندِي سَڄَڻِين.

8

سَڄَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليڪي وِنگِيُون؛
سَندِي سُپِرِيَنِ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاکڙو.

9

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ؛
جو حُسُنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!

10

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃِي ٿِيو ويڇُون؛
مُحَبَتَ جُون ميڇُون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي.

11

مُئي هاٿِيءَ تي مامِرو، اَچِي ڪَيو اَنڌَنِ؛
مَنا ڙِيِنِ هَٿَنِ سين، اَڪِئِين ڪِينَ پَسَنِ؛
”فِي الحَقِيقَتَ“ فِيل کي، سَڄا سُڃاڻَنِ؛
سَندِي سَرۡدا رَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

وائي 1

مُنهَن مَنجِهه خَلِيلُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئِين.
سَڌَ مَ ڪَر صِحَّتَ جِي، اَڃا تُون عَلِيلُ؛
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَلِيلُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ تُون، قَلۡبُ تان قَلِيلُ؛
والِيءَ جي وِصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ؛

اَلا! عَبْدُاللّطِيفُ چَئي، سَچو رَكائِجُ سِيلُ.

وائي 2

مَؤتَ مُندَ نہ آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا.

”عَجِّلُوْا بِالتَّوْبَةِ قَبْلَ الْمَوْتِ،“ ويهُ تُون ويرَمَ لائي؛

پِريان ڪارَڻِ پاڻَ کي، سِگهو ويهُ سَنباهي؛

اَجَلُ اَسا رَنِ کي، ڪامَ وَٺي ٿو ڪاهي؛

وِڏائِيَن وَڏَڻَ لَءِ، گَڻُ ڪُها ڙِيءَ پاهي؛

عِما رَتُون اَنڌَنِ جُون، ڊاهِيو ٿو ڊاهي؛

نِبا گهوٽَ گهَرَنِ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي؛

اُتي، عَبْدُاللّطِيفُ چَئي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

داستان چوٿون

1

مَحرُومَ ٿِي مَرِي وِيا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا؛

چِڙِيءَ جِيئَن چُهنجَ هَڻِي، لَڏِيائُون لُئا؛

حُبابَ ٿِي هُئا، اِنهِيءَ واديءَ وِچَ ۾.

2

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پُڻِ سيئِي؛

”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ“، وَنءُ اوڏانهِين پيهِي؛

تِهان مَنجهيئِي، پارِڪَ! پَرِکِج حَقَ کي.

3

ڏِسَڻُ ڏِسِين جي، تہ هَمہَ کي حَقُّ چَئِين؛

شارِڪَ! شَڪُ مَ ني، اَندا! اِنهِيءَ ڳالهِ ۾.

4

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛

هُئي جنهن ۾ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جِهو ناهِ ڪو.

5

اِنَ پَرِ نہ اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوٺائِين؛
دَغا تُنهِنجي دِلِ ۾، شِرڪ ۽ شَيطانُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئِين.

6

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافِرُ مَ ڪوٺاءِ؛
هِندُو هَڏِ نہ آهِئِين، جَڙِيو تو نہ جُڳاءِ؛
تِلڪُ تِنِين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

7

مُنهُن تہ آهيرِيان ئِي اَجِرو، قَلبَ ۾ ڪارو؛
ٻَهران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو؛
اِنَ پَر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

8

تُون ڪا ڪانِي پاءِ، وَنِ ۾ وِصالَ جِي؛
دُوبِينائِي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ؛
سُپيرِيان جِي سُونهَن ۾، رُخنو ڪونَ رِهاءِ؛
اَکِ اَشَهَد چاءِ، تہ مُسَلِمانِي ماڻِئِين.

9

سُرمُون سِياهِيءَ جو، رَنِ کي رِهاءِ؛
ڪانِي ڪارائِيءَ جي، مُڙسُ ٿي مَ پاءِ؛
اَکِيُنِ ۾ اَٽڪاءِ، لالائِي لالَنَ جي.

10

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن؛
تَڏهن ڏِنِي تن، رَونَقَ ريٽي جَهِڙي.

11

سُرمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن؛

تَڏهن ڏِٺي تن، اَچائي عالَمَ ۾.

12

مُون تان لِڪائي گهَڻو، روئَڻَ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَنِ کي، مَنجهان زَردِيءَ ظَنُ؛
ويرِي مُون وَرَنُ، ڳالهِ ڪَيائين ڳُجهه جِي.

13

لَکين سَئِين مَهراڻَ، آڻي سَڀِ اُڌَمِيا؛
سَڙان مَنجهِين مانَ، ٻهَرِ ٻاڦَ نه نِڪري.

14

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، سُڻِي ڪَرِ سَنڀالَ؛
وِڇان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ هِنَ جو.

15

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، طالِبَ! سُڻج تُون؛
نَڪا هان نه هُون، پَردا سَڀِ پاسي ٿِيا.

16

”مُون“ مُونهِين ۾ سَپَجي، مُون کي ”مُون“ جُڳاءِ؛
مُونهين جي ساڃاءِ، مُونهين مَنجهان ”مُون“ ٿِئي؛
اُنهِين اِئن جُڳاءِ، آن کي اِئن نه چوَڻو.

17

گُندِي نِينهُن نه سَپَجي، ٿُهَ نه پَچي ماهُ؛
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، ٿِئي سَماجوڳُ سَجَڻين؟

18

نَظَرُ نِزدِيڪونِ، سَهِي نه سَگهان ساعَتَ سِيئَن؛
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي ڳِيڙِي ٻَجُهران.

19

مُون کي مُون پِرِيَنِ، ٻَڌِي وِڌو ٻارِ ۾؛

اُپا اِئَن چَوَنِ، مَچُڻ پاندُ پُسائِين.

20

پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَڻَ ڪان پالِهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَهُ اِنهِين پاندَ جو.

21

ڪَرِ طَرِيقَت تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُجاڻُ؛
هِنئُون حَقِيقَتَ هيرِ تُون، ماڳُ مَعرفَتَ جاڻُ؛
هوءِ ٿابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسڻان پالِهو رَهين.

22

ڪُوڙِي ڪِج مَ ڪَڏَهِين، ڦِڪِي پائِج ڦانگَ؛
ساري سَناسِيُنِ جِئَن، لائِقَ! رَکِج لانگَ؛
تہ چارَئِي چُنِيءَ پاندَ، اوسا ڳِنهِي اُڪِرِين.

23

سُتوئِي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏِئِين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيڻانِ، مَتان نُونڌين نہ چَڙهِين.

24

صُلِحُ جِن سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻِيندا سي؛
”اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ“، اِنَ پَر اُپا جي؛
نيئِي نُونڌين تي، ڏِکِي چِتِي چاڙِهيا.

25

جي ٿِيا حَلُّ حَبِيبَ سين، سُمهڻُ تن ثَوابُ؛
نيڻَ هيرائِي ننڊَ سين، خوش ڪَيائُون خَوابُ؛
اوسِيڙو عَذابُ، دِليان تَنِين دُورِ ٿِيو.

26

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَڻِيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ؛
تَندُون جي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سِرِ وَجَنِ؛

”وَحۡدَہٗ لَا شَرِيۡڪَ لَہٗ“، اِهو راڳُ رَڳَنِ؛
سي سُتائي جاڳَنِ، نِندَ عِبادَتَ اُنِ جِي.

وائي

ڪِي اُنهين مَنجهه آهي، هُو جي جُهونا پَسجَنِ جُهوپِڙا.
اِنَ دَرِ سيئِي اَگهيا، جن کي ڪونَ چِتائي؛
ڏارِيان پائَنِ ڏارِيو، پاڻُ پِرِيان سين ڪائي؛
”اِنَّ اَوۡلِيَائِيۡ تَحۡتَ قَبَائِيۡ“، پَنهنجا پاڻَ پَهرائي؛
”لَا يَعۡرِفُهُمۡ غَيۡرِيۡ“، پَرَ ڪي ڪِينَ پَسائي؛
پَنهنجِي چَڏِي پَٽَ ۾، رِڙُهُ اُنِين جي رائي؛
خِدمَتَ ڪَرِ خُلۡقَ سين، پاندُ ڳِچِيءَ ۾ پائي؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللّٰطِيفُ چَئي، اِتاهِين ڪِي آهي.

سُر رِپ

داستان پهريون

1

ڳُوندَرَ ڪيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهنجو چِندُ ڙو؛
ڏُکوئِنِ مَرِڪُ، مَٿي سَڳِرَ پَنڌ ڙو.

2

ڳُوندَرَ ڳَڏِياسِ، صِحَتَ نِيڙيمِ سَڄَڻين؛
مادَرِ! ما رِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

3

ڳُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، وِرِهُ مَنجهين وَهَٽو؛
ڪُڙهِ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سيرَ؛
مُون جِنَّ ڳهاري ڪيرَ، هيڪِلي رِءِ سَڄَڻين؟

4

اُتي جِئَن مورَنِ، اوپَرَ وَلَها رَنِ ۾؛
سا پَرِ گُوندَرَ ڪَنِ، جُہ ڦوڙائو سَڄَڻين.

5

ڳَرَنِ ۾ ڳَرهيج، روئي ڪَج مَ پَڌِرا؛
تان سُوراٽي سَهيجِ، جان لا هِيندَ ڙُ ڪو لَهين.

6

ڳُر ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌَر وِجُهه مَ پَرِينءَ ري؛
سُورَنِ سُپَرُ هوءُ، هِنئَڙا! ڪُمَ ڪَنَنِ جِئَن.

7

جاءِ نہ سَڄو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوتي وَڳَ جِئَن؛
مُون پِريان سين نِينهُن، چِنَڻَ ڪا رَنِڻ نہ ڪَيو.

8

پَلَ پَلَ ۾ پَليانسِ، پَلُ نہ رَهي پِرِينءَ ري؛
جِئَن جهوريءَ ڪان جَهِليانسِ، جِهڄِيو تِئَن جهوريءَ پَوي.

9

ڪَڪَرَ مَنجِهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيٺَنئُون نہ لَهي؛
اَڄُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُتا پِرِين اَپارَ؛
آءُ سَڄِڻ! لَهُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.

10

مُون مَنجهيئي مِينهُن ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَڪَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

11

جُہ سي سَنپِرِ جَنِ، سَہَ تنين سين اورِيان؛
لُنؤُ لُنؤُ هيٺِ وَڄَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

12

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٺِين واڳيو نہ رَهي؛

رَئيءَ لَتِجي نِتُ، هِنئَڙو واٽَ وِرکَ جئَن.

13

چوري چوري چِتُ، جان نَئِنءَ وِهاڻيءَ نِڪران؛
نِينهُن گُهرائي نِتُ، پِريان سَندي پيرَ ۾.

14

چيتا رِيان چُڻڪَنِ، وِسا رِيان نہ وِسري؛
ويرو تا رَ ڏُکَنِ، سَجَڻَ پَڳي هَڏَ جِئَن.

15

چيتا ري چوندِياسِ، ڳالهِيُون سَپوئي سَجَڻَين؛
جُہ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀ وَجَنِ وِسري.

داستان ٻيو

1

سَجَڻَ سان نہ پيٽَ، ڳُجُھ ڳُرهِيان ڪِنِ سين؛
ڳالهِيُون اِنهيءَ ريٽَ، سَلا ٻَڌي موريُون.

2

ڳالهِيُون پيٽَ وَرَنِ ۾، وَڏي وَڻَ ٿِيُون؛
پَرَ سين مُون نہ ڪَيُون، گوشي پِرِين نہ ڳَڏِيا.

3

گَونِي ۽ گُونِي، پِرِين پَٽائين گَجَ جِئَن؛
جي مَنَ مجُوني، سي ڪِئَن وَجَنِ وِسرِي؟

4

اَندَرِ اَندَرِيُون، جِئَن سي وانجهيءَ لَٽِ ۾؛
مُون تَنَ تيتِرِيُون، تہ "ڪِئَن مِلبو سَجَڻين؟"

5

جِئَن سي کُوهِيءَ نارَ، وَهَنِ واريءَ ڳاڏُئان؛

هِنئَڙو پِرِيان ڏارَ، نِيبِرِيانسِ نہ نِبري.

6

سَبَرُ سِيُّ پيو، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گَبَرو؛
نہ مُون ڪانڌُ، نہ قُوتُ ڪي، جوپَنُ وَهِي وِيو؛
تِنين حالُ ڪِهو، نِڌَرَ جنِين نِجُهرا ؟

7

اُتَرُ اوتُون ڏي، نہ مُون سَوَڙِ نہ گَبَرو؛
سِيُّ سا رِينديُون سي، جنِين نِڌَرَ نِجُهرا ؟

8

اُتَرُ ڏِني اوتَ، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گَبَرو؛
چارَئي چِنُيءَ پوتَ، مُون ريڙهِيندي راتِ گَئي.

9

نِينهُن نِهائِينءَ جان، ڏَڪِيو ڪوهُ نہ ڏِڪِئين ؟
جَرَ جيري چِڏي، تہ ڪِئن پَچَندا ٿانءَ ؟
سَندي ڪُنبا ران، ڪَنِ ڪَريجا ڳالهَڙِي.

10

نِينهُن نِهائِينءَ جِئَن، ڏَڪِيو ڪوهُ نہ ڏَڪَئين ؟
جَرَ جيري چِڏي، تہ رَڃَ پَچَندا ڪِئَن ؟
تُون پڻ ڪَرِيجَ تِئَن، جِئَن ڪنيا رَڪَرِن ڪَمَ سين.

11

نِهائِينءَ ڪان نِينهُن، سِڪُ مُنهِنجا سُپِرِين!
سَڙي سا رو ڏِينهُن، ٻَهَرِ ٻاڦَ نہ نِڪري.

12

نيڻَ نِهائِين جان، سُتي لوڪَ ڏَڪِيان؛
اُجهامِيو ٻَران، توکي سا رِيو سُپِرِين!

13

ڪي جو ڪُنپا رَنِ، مِٺيءَ پائي مَنِيو؛
تَنهن مان تِرَ جيترِي، جي پِئي خَبَرَ ڪرَنِ؛
هِي تان هُوندَ مَرَنِ، هنِ اَگِڙِ اوراتو ٿِئي!

سُر ڪاهوڙي

داستان پهريون

1

ڪاهوڙِيُنِ خَفِّيءَ سين، سوجهي لَڌو سُبُحانُ؛
عاشِقَ اَهڙي اَڪرين، لَنگهِيا لا مَڪانُ؛
هُوءِ مِ گَڏِجي هُوءِ ٿِيا، بابُو جي بِريانُ؛
سَپوئِي سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنَنِ جي.

2

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنِين ڏِٺو پرينءَ کي؛
رَهِي اَچِجي راتِڙِي، تن جُنگَنِ سَندِيءَ جاءِ؛
تِنِين جِي ساجاءِ، تُرهو ٿِئي تار مِ.

3

وِيئُون پَبِ پِئِي، ڪيرُون ڪاهوڙِيُنِ جُون؛
آئُون تن ڏوٿِيُنِ جو، پُڇان پيرُ پِهي!
رُجُنِ راتِ رَهِي، ڏُونگَر جَنِين ڏورِيا.

4

تُون هَڏِ ڪُجا ڙِيا، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرِين؟
سَوارا سَندَ ڪَٽِي، ڪاهوڙِي وِيا؛
آڻيندين ڪِيا، ڏُٺُ ڏوراٽي ڏيهَ جو؟

5

ڏوٿِي سا ڏورِين، جا جُوءِ سُئِي، نہ ٻُڌِي؛
پاسا مَٿي پاھَڻين، ڪاھوڙِي ڪوڙِين؛
وِڃا اُتِ ووڙِين، جِتِ نِهايَتَ ناھِ ڪا.

6

پَڪُلِيا پُوڻَن، ڏَڙَ ڪِي گَڏِيو ڏُوڙِ ۾؛
ڳالِهيُون، ڳَهِلي لوڪَ سين، پَڌرِ پَئِي نہ ڪَنِ؛
ڪا مُلِ آھي تَن، مُون پِريان جي ڳالِهڙِي.

7

تان وَنئُن ويهِي آءُ، اَگَڻِ ڪاھوڙِيُنِ جي؛
جوشَ ڏِنائُون جِيءَ کي، لِڪائي لوڪاءُ؛
ڏوٿِيُنِ ڪنهن ڏُکاءُ، سُمهِي سُک نہ ماڻِيو.

8

ڏُٿُ نہ کُٿو ڏوٿِيِن، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ؛
اُهَڃاڻِيُون عالَمَ جُون، اوريائِين آڻِينِ؛
ٿِهان پوءِ ڏَسِينِ، پِريان سَندِي ڳالِهڙِي.

9

جي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگَرَ ڏورَڻُ ڏاکِڙو؛
چِپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوکِڙِيُون سُتَنِ کي!

10

مُون ڪاھوڙِي لَکِيا، گَهرِين نہ گَها رِينِ؛
واحِدَ لَڳِ وِلُهنِ ۾، رويو جَرُ ها رِينِ؛
گُوندَرِ گُذارِينِ، جہ ڏوٿِي ڏُٿَ گَڏُ ٿِيا.

11

ڪاھوڙِيُنِ کَٽِي، ساجُهرُ ٻَڌا سَندِ را؛
ڏورِيندي ۾ ڏُونگَرِين، ڪَيائُون پاڻُ پُٽِي؛
ڏَکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، چِيهُ لَڏائُون چِپَرِين.

12

ڪَنِ نہ ڪَيڪانَ، پَنڌَ پَراهين هَلِيا؛
ڏوٿِيَرا ڪَنهن ڏُٺَ ڪِي، جُنبِيا ڏَنُهن جابانَ؛
ڪاهوڙِيُنِ اُهجاڻَ، اَنگ نہ سَڃِي اِڳِڙِي.

13

سُڪا مُنهَن سَندِنِ، پيرين پُراٽا ڪيٺِڙا؛
سا جُوءِ ڏوري آئِيا، سُونهان جِتِ مُنجَهن؛
ڳُجها ڳُجهيُون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَنڌَ جُون.

14

سُڪا سَندَ ڪَچُنِ ۾، ڪَرِڪَٽا پيرين؛
ٿِمَندي نيڻين، آن ڪي ڪاهوڙِي گَڏِيا ؟

داستان ٻيو

1

پِيوجن پَرو، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جو؛
چَڏِي ڪيٺُ ڪَرو، لوچي لاهوتِي ٿِيا .

2

پيئي جن پَرڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي؛
واري سَپُ وَرقَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا .

3

پيئي جنِين باسَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي؛
چَڏِي سَپِ لِباسَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا .

4

ڪَهڙو اَٿيئي ڪامُ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ ۾ ؟
پَسِي تنهن پاهڻَ ڪِي، اَچي نہ آرامُ؛

مَتان ڏُونگرَ ڏورِئين، اُجهين ڪُهُ عَوامُ؟
هَرا ڪَري حَرام، ڪامُ ته ڪاهوڙِي ٿِئين.

5

ڏيهُه ڏيهائِي ناهِ، جِتي پيرُ نہ پَکِيان؛
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئِي وَڙَ چُوندِيا.

6

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تِتِ تِمڪي باهِڙِي؛
بِيو بارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪِيءَ ڪيرَ ري؟

داستان ٿيون

1

اَچِي پِيا آٿ مِ، واٺَ وِجائِي جَنِ؛
اُوءِ بَصِيرَ بَرَّنِ مِ، اَندا ٿِيو اُپَنِ؛
ڪَنَن آڏِيُون تا ڙِيُون، گُنگَن جِئَن گُهمَنِ؛
فِراقِيءَ فرمان جو، آهي بَرُ بوڙَنِ؛
لَنگها ٿِيا لاهُوتَ کي، سُتا پِيا سِڪَنِ؛
ڪَپَتِ ڪاهوڙِيَنِ، آهَ اُٿِئي پِئي نہ لَهي.

2

ڏِسِي ڏوري ڏُونگَرِين، واٺَ وِجائِي جَنِ؛
ڪُرَندان ڪِي پَرُوڙِيو، رَندُ سي نہ رِڙهَنِ؛
بِيئِي دارَ دَيُون ڪَيو، پِيرَتِ تان نہ پُڇَنِ؛
ڏُوڙِپِرِيان لَءِ ڏارِ ڪَيو، وِيچارا وِجهَنِ؛
خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪَ لاهُوت جي.

3

ڪُپيرِيءَ مِ پيرُ، ڪَنهِين پاتو پيرِيِن؛
جِيان مُنجهَڙَ ما ڙُهِئين، سَجَڙَ تِيان ئِي سيرُ؛

اُنَ پُون سَندو پيرُ، ڪوڙِنِ مَنجهان ڪولَهي.

4

سُونهَپَ ۾ سَپَ گهٽا، مُنجَهڻُ ماڪِي هوءِ؛
پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُجِهي پوءِ اُنِ تان.

5

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءِ! ڪاهوڙِي آئِيا؛
مَيَنِ پيرين ڪيهَ، ڪُهُ جاڻان ڪَنهن پارَ جِي.

6

جَهنگَلِ هَلِيا، سي نہ پُلِيا، راهَ هَلِيا ڦُرِجَنِ؛
اَوَجَهڙِ سي نہ پَوَنِ، بيئِي جنِين چَڏِيُون.

7

جَهنگَلُ آهيڙِيُنِ ڪِي، پَنَڌُ ڪَيو رُوندو؛
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙِڪُون، چَڙهِيو اُپو چُوندو؛
هَڏهِين نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

8

وَرُ سا سُجِي ويڙهه، جنهن ۾ سَجَڻُ هيڪڙو؛
سو ماڳُ ئِي ڦِيرِ، جِتِي ڪوڙِ ڪُما ڙُهئِين.

9

ڪارِي راتِ، اَچو ڏِينهُن، اِيُّ صِفَتان نُورَ؛
جِتِي پِرِينءَ حضُورُ، تِتِي رَنگُ نہ رُوپُ ڪر.

10

ڏُونگَرين ڏسِجَنِ، اَجُ پِڻُ رُيُون اُنِ جُون؛
ڏوڻِيَڙا ڏُڻَ ڪِي، آرا ڙان اَچَنِ؛
خِيما ڪاهوڙِيَنِ، اَجُ نہ اُنهِين پيڻِين.

11

کاھوڙِي ڪَرا، سُوڌِي خَبَرَ پَڪِيا؛
سوجهي جن ڪَيا مَٿي اَگڻِ آھِرا.

سُر بروو سنڌي

داستان پهريون

1

چا ڪي وَڃيو چو، ٻيلِي ٿِئين ٻِنِ جو؟
وَٽُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو؛
سَؤِڪو هُوندو سو، جنهن جو عِشْقُ اَللهَ سِين.

2

جِئَن ڪا ڪانِي ڪانهَن، لُسَندي لاتِيون ڪَري؛
اَچِي پَئِي اوچِتِي، دَرِدَ پِريان جِي دانهَن؛
وِيَجَ! ڏِنِيئِين ڪُهُ ٻانهَن؟ سُورَهِنئِين ڪي سامُهان.

3

ڏَرَتِي ڏُونهَ جِئَن، سِرَ پِرِ سُپِيرِيُنِ ڏِي؛
لَڳو آھِ، لَطِيفُ چئِي، تَنُ پِريان ڏِي تِئَن؛
حاصُلُ ٿِئي هِئَن، قَرِينو قَرِيبَ جو.

4

لَڳِيءَ جو، لَطِيفُ چَئِي، نڪو قال نہ قِيلُ؛
لِڪَئِي لامُون ڪوڙِيُون، نيڻِين وَهي نِيرُ؛
هِنئَڙا! ٿِيُ سُڌِيرُ، ڪاله قَرِيبَنِ لَڌِيو.

5

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ بہ اوڏا سُپِرِين؛
ڪي سَنپِرجَن نہ ڪَڏهِين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ؛

جِئَن مينهِن ڪُنڊِيءَ پُورِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

6

ڪوني ڪُنائُون، اَڄُ پڻ اڪَڙيُن سين؛
ماسُ وِراهي هَلِيا، ڪَرنگُ چَڏِيائُون؛
”وَتَوَاصَوۡ ابِالۡحَقِّ وَتَوَاصَوۡابِالصَّبۡرِ“ اِئين اُتائُون؛
مُئي ما رِيائُون، ڪِلِي گهائيو سَجَڻين.

7

ما ڙهُو گُهرِنِ مالُ، آئُون سَڀ ڏِينهَن گُهران سُپِرِين؛
دُنيا تَنهن دوسِتَ تان، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻُ تان پَري ٿِيو.

8

ڪَڏَهِن طاقِيُون ڏِينِ، ڪَڏَهِن کُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا؛
ڪَڏَهِن اَچان، اَچَڻُ نه لَهان، ڪَڏَهِن ڪوٺِيو نِينِ؛
ڪَڏَهِن سِڪان سَڏَ کي، ڪَڏَهِن گُجهاندَرَ گَرَهِين؛
اَهڙائِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپِرِين.

9

صُورَتَ گهڻو سُهڻا، ٿاٽا سَندَنِ ٿُوهَ؛
ريلو ڏِئي رُوحَ، جو ڪائي، سو ڪامِي مَري.

داستان ٻيو

1

جانِبَ! تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعُورَ سين؛
مُون تي ڪَرِ، مُنهنجا پِرِين! توهُ تُسِي تيڏو؛
اِيُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو؟ جِئَن نَوازِينم نِگاهَ سين.

2

جانِبَ مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجي طَمَعَ پوءِ؛

وَتُ ڪاتِي، وَڍِ اَنگَڙا، اَدَبُ ڪَرِ مَ ڪوءِ؛
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساڄَنَ! سَنئون نِهارِئِن.

3

جانِبَ! اِئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن مارِيو، موٽِيو نہ پُڇِين؛
رَتِيءَ رَتُ نہ سِنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ؛
اَسان توئِي لاءِ، پَرِ مِ پُوڄائُون ڪَيُون.

4

جَڏهِن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُنِ جي؛
فَرِيادُون فَرِيادِ، ناگَهَ وَڃَنِ نِڪِيو.

5

ڪَڙو مَنجِهه ڪَڙي، جِيئَن لُهارَ لَپيٽِيو؛
مُنهِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪَيو.

6

نازَ مَنجها رانِ نِڪِرِي، جَڏهِن پِرِين ڪَري ٿو پَندُ؛
پُون پِڻ ”بِسمِ اَللهُ“ چئِي، راهَ چُمي ٿِي رَندُ؛
اُپِيُون گهَٽِي اَدَبَ سين، حُورُون حَيرَتَ هَندُ؛
سائِنءَ جو سَوگَندُ، ساڄَنُ سَپَنِئان سُهڻو.

7

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو؛
لَٿي لوڙهُ لَٽِنِ سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏَرِ ءِ ڪانِي، آهي سِرِ سَپَڪَنهِين.

8

اَڄُ پِڻ اَنگِيمِ اَنگَ، هٿان حَبيبَنِ جي؛
جا پِرِ سَوَنِيءَ سَنگَ، سا پِرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

9

اَڄُ پِڻ جُڙِيمِ جوڙَ، دوسِتُ پيهي دَرِ آئِيو؛

سُکَنِ اَچِي ڏُکَنِ کِي، مُحۡڪَمُ ڏِنِي موڙَ؛
جا پَرِ ڪَٿِيءَ ڪوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئِي.

داستان ٽيون

1

عِشۡقُ اَهِڙِي ذات، جو مانجِهي مُنجهائي مَيَنِ کِي؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏونگَرِين، روئَڻُ سَڄِيائِي راتِ؛
اُٿِي وِيٺي تاتِ، مِيان! مَحۡبُوبَنِ جِي.

2

يا رُ سَڏائي سَپُڪو، جانِي زِبانِي؛
آهي آسانِي، ڪَمَ پِئي ٿِي ڪَلَ پَوي.

3

آدِمِيُنِ اِخلاصُ، مَٺائي ما نو ڪَيو؛
هانِ ڪائي سَپُڪو، سَندو ما ڙُهُوءَ ماسُ؛
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
ٻِئي سَپُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِلِ هُوندو هيڪِڙو.

4

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سِپِرِين! جِئَرِي، جانِي يا رَ!
وِيٺي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قَرارَ؛
ڏَٽِيَمِ! ڪَرِ مَ ڌارِ، پا ڙو تِن پِرِيُنِ کان.

5

ڪوڙِي، ڪَڻُ مَ سُپِرِين! ڪَنِيَئِي تان ڪوڙِ؛
عادَتَ جا اَڪِيُنِ جِي، سا نيئِي نِباهِج توڙِ؛
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُجاڻِج، سُپِرِين!

6

ڪِئان سِڪِئين سُپِرِين، ڪاسائِڪِي ڪارِ؟

تِڪي ڪاتي هَٿِ ڪَري، مُنيءَ سين مَ مارِ؛
چوري چاڪَ نِهارِ؛ سورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

سُر رامڪلي

داستان پهريون

1

نُوري ۽ نارِي، جوڳِيَڙا جَهانَ ۾؛
ٻَري جن ٻارِي، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

2

جوڳِيَڙا جَهانَ ۾، هُئا مَنجهِ حَمامَ؛
آرامان اَرَڳُ ٿِيا، اوڏا نه آرامَ؛
ڪَيائون قِيامَ، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

3

وارو! ويراڳِيُنِ کي، وِيلَ مَ وِساريجِ؛
قَدَمُ ڪاپِڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهِيجِ؛
پِيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَجَهِ کي وِجيجِ؛
راتو ڏِينهَن رِڙهيجِ، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

4

واجَٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٿُ؛
سونُ سَپوئِي سِڱِيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٿُ؛
ويساهي وِيلَ ڪَنهِين، پُورَبِ ويندو پَٿُ؛
هَلُ! ڪَنيائُون هَٿُ، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

5

واجَٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ؛
مَقالان مَهَندِ ٿِيا، ڪونهي وَٽِنِ قالُ؛

حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

6

جان ڪِي مُون کي ني، پَڳه پائي پاڻَ ڏي؛
پَهَ پَرُوڙيمِ پَٿَ جا، مَنجهان ڪِينرَ ڪِي؛
هاڻي جي هِنئي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

7

سَترُ سِڱِڙيُنِ سين، لَحظي لاٿائُون؛
ڪِينرَ ڪُنِي آهِيان، اُنِهن جي آئُون؛
مُون کي ما رِيائُون، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

8

ميڙِيو پاڻُ پَرِيون ڪَيو، جوڳِي جَلائِنِ؛
سامِي سِڱِڙيُنِ سين، خودِيءَ کي کائِنِ؛
هُو جي تا رِ تَپائِنِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

9

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اُدُوها اَڇَنِ؛
ڪِينرَ ڪاپَڙيُنِ جا، صُبُحَ تان نہ سُڄَنِ؛
جي رائي منجِهه رَهَنِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

10

آسَڻَ وَٽِ آهُون ڪَرِيان، وَسِ نہ مُنهِنجي واٽُ؛
لَڳُمِ لاهُوتِيُنِ جو، ڪِينرَ مَنجهان ڪاٽُ؛
هَلڻَ کي هَيهاتُ! آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

11

وَٽِنِ وينِي آهِيان، ڏِسِيو ڪِينَ ڏِسان؛
جَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سُونهَن سَندِيانِ؛
پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

12

ٻاٻُو ٻِيڪارِي ٿِيا ، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ؛
کودِي ڪانئِي هَلِيا ، پيرُ نہ لائي پَٽِ؛
”هَيءِ! هَيءِ!“ جنِين هَٽِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

13

ٻاٻُو ٻِيڪارِي ٿِيا ، پَچِي چَڏِيائُون پاڻُ؛
نِسورِوئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڌاڻُ؛
سِرِڪَندُ جَنِين ساڻُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

14

نانگا نانِيءَ هَلِيا ، هِنگِلاجان هَلِي،
ديکِي تن دُوارِڪا ، مَهيسِيُنِ مَلهِي؛
آگَہُ جن عَلِي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

15

پاڻِهِين وِڻا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَرِياڻِنِ؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا ، آسَڻُ اُجهائِنِ؛
رُخِصَتَ رُئا رِينِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

16

جُزو وِڃايو جوڳِئِين، ڪُلَّ سين آهِنِ ڪَمُ؛
آسَڻُ جِنِ عَدَمُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

وائي

سَندَ ڙِيانِ سِگَڙِيي، ڳالِهہ ڳُجهَڙِيي، مُون ما رِيندي ڪَڏَهِين.
جا وَڃائِنِ جَتَڙا ، نہ تَنهِن نَڙَ جَهڙِيي؛
مُرلِيءَ کي جَنهِن ماتِ ڪَيو، نہ تَنهِن تُلِ تُنبَڙِيي؛
تا رِيو جَنهِن توڏِيءَ کي، نہ سو گِهندُ نہ گِهندَ ڙِيي؛
ڏا رِيو جَنهِن ڏِباچَ کي، تَندُئان تَنهِن تِڪَڙِيي؛
نہ سِري، نہ سِندُ ڪا ، نڪا هِندُ هَهڙِيي؛

مِنائِيان مِنِي گھَٹو، چَوندا جن چَڪَڙِيءَ؛
وَنُئُن اونائي اُنَ کي، ويهُ مَ، ڪَڻُ وِڪڙِيءَ؛
بيخودِ بابُو سي ٿِيا، ٻُرَندِي جن ٻُڌَ ڙِيءَ؛
جا سا راهيلَ سُبحانُ جِي، تَنِهن واڪاڻُ ڪَهِڙِيءَ؟
سَهَسين سُرودَنِ کي، پاٽان پوءِ وِجَهندَ ڙِيءَ؛
گھاندارَ مِرُون موهِيا، هِيءَ ما ڙُهو مُهَندَ ڙِيءَ؛
اَديون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، هِيءَ مُئا جِيا رِيندَ ڙِيءَ.

داستان ٻيو

1

ڪَيَمِ ڪاپَڙِيُنِ جي، پَهرِين ڏِينهن پَرُوڙَ؛
سَگها ساعَتَ نہ هڪڙي، چا رئي پَهرَ چُورَ؛
سدائِين سيَّدُ چئي، هونِ سناسي مِ سُورَ؛
جوڳِي سانڍَ ضَرُورَ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ مِ.

2

ويهي ويراڳِيُنِ جو ٻِئي ڏِينهن ٻُڌُمِ حالَ؛
اُنِ جا ڏاڳا ڏُورِ پَڪُلِيا، جاڳوتا زَوالَ؛
تن جاٽِي جَٽائُون چَڏِيُون، چوٽا چَڪِڳيءَ چالِ؛
ويچارا وُجودَ جِي، ڪَنهِن سان ڪَنِ نہ ڳالِ؛
نانگا ٿِيا نِهالُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ مِ.

3

ٽِئِين ڏينهن ٽِمڪائِنِ، دُونهِيُون دائِرَنِ مِ؛
ميڙِيو ڪَرِجَ ڪاٿِيُون، جوڳِي جَلائِنِ؛
سَندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون، آديسِيُن آهِنِ،
ڳُجُهہ نہ ڳالهائِنِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ مِ.

4

چوٿين ڏِينهن چوگانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَه پِيا؛
وَهَمَ پِريان جي وَڏِيا، تن ۾ ڪُوڙَ ڪِها؟
اندَرِ آديسِيُنِ ڪي، اَچَنِ جوشَ جِها؛
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

5

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَچائِيا، پَنجين ڏِينهن پَئِي؛
اَندَرِ آديسِيُنِ ڪي، سُورَنِ شاخَ ڪَئِي؛
مُحَبَتَ جي ميدان ۾، لاشَڪُ پِيا لَهِي؛
تن ڪي ساري راتِ، سيَّدُ چئِي، گُوندَرَ سانُ گَئِي؛
ڪَريو سينُ سهي، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

6

پِيا ڪَنهِن پَريانَ ۾، ڇهِين ڏِينهن ڇَٽِي؛
اَندَرِ آديسِيُنِ ڪي، ڏُريان ئِي ڏِٽِي؛
بَرِي باجهارا ڪَيا، ڪانئِي خاڪَ ڪِٽِي؛
پِنيو پَنجَ ڪَٽِي، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

7

سَتين ڏِينهن، سَيَّدُ چئِي، ڏاچا ڏوتائُون؛
اُپِي اَلَڪَ سامهُون، بانهُون بَڌائون؛
وَڏِيءَ ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهُجَ آندائُون؛
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون؛
ڪَٽيو ڪِدائُون، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

8

اَنين ڏِينهن، اُپِي وِيا، جوڳِي جاءِ بَجاءِ؛
سا پَرِ سامِي سڪيا، جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ؛
ويروتارَ وُجودَ ۾، اُنِ ڪي رامُ رَهيوئِي آهِ؛
ڪَنهن جَنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

9

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳي اُجا رِيا؛
سَباجهي ٻاجھ ڪَئي، سُجاڳي سيٽانِ؛
جتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتا رانِ؛
اِهي اُهُجاڻانِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

10

ڏَهين ڏِينهن ڏِکَ ٿِيا، پِرِينءَ ٻا ٻوهِيا، پَسُ؛
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري ڪيائُون وَسُ؛
لَذائُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُروءَ گَسُ؛
جوڳِيُنِ ڪَٿِيو جَسُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

11

وَريو ويراڳِيُنِ جو، ڪا رِهين ڏِينهن ڪَرَمُ؛
جوڳِيُنِ جاٿائُون پُنِيُون، هَلِي وِيا حَرَمُ؛
دائم جَهلِيو دَمُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

12

مَنَ مُرادون پُنِيُون، ٻا رِهين ڏِينهن ٻَئي؛
جوڳِي اِنَ جاٿا ڪي، ٿي سِڪِيا سَپِيئي؛
سَمانا سيئي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.

داستان ٿيون

1

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مٿي راهَ؛
پُرَنِ پُورَبَ پَنڌَ ڏي، مَنجِهہ موالِي ماهَ؛
جنِ اَلَکَ سين آگاهَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِنِ جا.

2

نِڪرُ ناهِ ڪُلهي ڪَري، هو مَ هُوندَنِ جِيئَن؛

لاهُوتِي، لَطِيفُ چئِي، هُونِ نہ آديسِي اِئَن؛
سي ڪاپِڙِي ڪِيئَن، جي ڏارِين تَعلُقُ تِرَ جيترو؟

3

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپِڙِي، ڪَنوتِيا ڪَنَ چِيرَ؛
سَدا وِهَنِ سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ؛
تَسا ڏيئِي تَنَ کي، سا ڙِيائُون سَرِيرَ؛
جي فَنا ٿِيا فقِيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِنِ جا.

4

سامِي ڪامِي پِرِينءَ لَءِ، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ؛
جَهِڙو ڏِسَن ڏوهَ کي، تَهِڙو تِنِ ثَوابُ؛
اوتِين اَرِتي گاڏُئون، مَنجهان اکِيُنِ آبُ؛
سَندو ذاتِ جَوابُ، تُون ڪِئَن پُڇِين تِن کي؟

5

سامِيُنِ سِڱُ ڪُلهَنِ تي، سَنگُ مِڙوئِي سُورُ؛
ڪَهَندا وِيا ڪابُلَ ڏي، ڪو جو پيڙُنِ پُورُ؛
مَڙهِيءَ جو مَذِڪُورُ، ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپِڙِي.

6

سامِي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهِين مون سيلَهہ ٿِي؛
سا تان ڪُھُ اَڏِياءِ، جان نانگا وَچِين نِڪِرِي؟

داستان چوٿون

1

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سَپيئِي چِنُ؛
وڃِي دَرِ دوسَتَنِ جي، نانگا! ڪِيمَ نِنُ؛
پَٽِ تِنِين جي پِنُ، جِنِ ٻُجهي نہ ٻُجهيو.

2

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڳَ سَپِيئِي ٽوڙِ؛
جي ڄاوا نہ ڄاپَندا، جِيُّ تِنِين سي جوڙِ؛
تہ تُون پَهُچِين توڙِ، مُحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

3

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ مَنُ پُوري، منجِهہ مارِ؛
دائِمُ دُونهِين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها وارِ؛
سَہُ سَيَڪا آرِ، آڳي جي اَدَبَ سين.

4

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ ڪِين پيالو پِيُّ؛
ناهِ نِهاري هَٿِ ڪَري، "آءٌ" سين اُتِ نہ پِيُّ؛
تہ سَندو وَحْدَتَ وِيُّ، طالِبَ! توڙان ماڻئِين.

5

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ مُنهَن ۾ مُندا پاءِ؛
ڪَنين ڪِينَ وِجائِيو، جِنِ ۾ ڪوڙين ڪَڪَرَ وِڌاءِ؛
ڇَڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چَمڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ؛
تہ سامِيَڙا! سَندِياءِ، گُرَ وَٽِ ڳِلا نہ ٿِئي.

6

جوڳِيُنِ جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پِڻُ سُونهي جوڳِيين؛
جوڳِيُنِ سَندِي جانِ ۾، ڳُجُهہ ڳُجهاندَرُ آهِ؛
هاءِ! مُونهِين کي واءِ! جا آءٌ جوڳُ نہ سِکي.

7

جوڳَ نہ جوڳو تُون، ڪَرِين پَچارُون جوڳَ جُون؛
هِڪِڙو پَنڌُ پِرِيُنِ جو، ٻِي تُنهنجِي پُون؛
سامِي سيٽِنِ ڏُون، رُئَندا ئي رَتُ وِيا.

8

جوڳِي هُونِ نہ جِئَرا، پائِي جوڳُ مَ جِيُّ؛

ها رِيا! هِنِ ڪَنَنِ سين، سُڻُ سَنِيهو اِيُّ:
”وِڃائي وُجُودَ کي، پا ٿان پاسي ٿِيُّ“؛
هَڏَهِين ڪونهي هِيُّ، اَسا را! ”آءُ“ چَوِين!

9

جان ڪي جوڳِي ٿِيُّ، نا تہ نِرجا! وَنُڃُ نِڪِري؛
ڪوهُ ٿو ڪَنَ ڪَپائِين، جان نہ سَهِين سِيُّ؟
پَڃُ! پَراهُون ٿِيُّ، مَتان پِيا لَڄائِيين.

10

جوڳِي ٿِيَنِ نہ يارَ، ڪَنهِين سين قَرِيبُ ٿِي؛
مان مُلاقِي اُنِ سين، جَنِ پُورَبَ جي پَچارَ؛
اَنَئِي پَهَرَ اُنِ جي، آهِ نانِيءَ ڏانهَن نِهارَ؛
لائي وِيا لَطِيفُ چئي، اَندَرَ مَنجَهہ اَپارَ؛
سامِيُنِ ساڻُ، سَتارَ! لاهُوتِي لالُ ٿِيان.

11

ڳولا جي ڳِراهَ جا، جُوتا سي جوڳِي؛
ڦِٽَلَ سي ڦوڳِي، جِنِ شِڪَمَ سانڍِيا.

12

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپِڙِي، جِندا! ٿِيُّ مَ جوءِ؛
سِرَ سِپاهِيُنِ وِڪِيا، سو ڪِ نہ، سامِي! سوءِ؛
جيڪِي پُڇِين، پُڄُ سو، ڳُنگا ٿِيَنِ نہ ڳوءِ؛
وَڃُ لاهُوتِي لوءِ، عِجِزَ کي آجو ڪَري.

13

نِسوروئِي نِينهَن جو دِلِ ۾ دُودُ دُکاءِ؛
آٽي آڳِ عِشقَ جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ؛
جِندا! اِيئَن جُڳاءِ، جِئَن آتَشان آبُ ٿِئي.

14

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سُوڌو سو نہ سُڻِنِ؛
اَندَرِ جي آهِنِ، سُرُ سَنِيهو اُنِ سين.

داستان پنجون

1

مُونا طُور سِينا، سَندا سَنياسِيُنِ؛
پُورَبِ ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بيراڳِيُنِ؛
رِدا آهي رازَ جِي، اَوچَڻُ آديسِيُنِ؛
قُربُ ڪاپڙِيُنِ، نَهَن چوٽِيءَ سِيئَن ڏِڪِيو.

2

مُونا جن مِحرابُ، جُسو جامِعَ تِنِ جو؛
قِبلي نُماءُ قَلبُ ڪري، تَنَ کي ڪَيائُون طَوافُ؛
تَحقِيقَ جِي تَڪِبيرَ چئِي، جِسمان ڪَيائون جوابُ؛
تِنِ ڪَهِڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئَڙي هادِي حَلُ ٿِيو.

3

مُنهُن مِحرابُ پِرِينءَ جو، جامِعَ سَڀَ جَهانُ؛
فَرَهِيءَ تان فُرقان جِي، ڪاڙِهيائون قُرآنُ؛
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَقُلُ ۽ عِرفانُ؛
سَپوئِي سُبحانُ، ڪاڏي وڃِي نِيَتِيان.

4

مَنجِهه مُحَبَتَ مَچُ، بَهَر ڏُوڏا ڏُوڙِ سين؛
چَڏِيائُون چُرَ لِهِي، ڪُوڙُ، ڪُلڪَڻُ، ڪَچُ؛
اَوَڳُڻَ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻُ ڪَيائُون ڳُچُ؛
جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَچُ، جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَنَرا.

5

ڪيهي ڪامَ ڪاپڙِي، ٿا اَهڙِي رَوَش رَوَنِ؟

نڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نڪي ٻِهشتُ گھَرِنِ،
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلماني مَنِ،
اُيا اِيئَن چوَنِ، تہ پرين ڪَجو پاڻهنجو.

6

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڻُ آديسِيَنِ،
سَدا سُکِ وَسَنِ، طالبَ اوءِ تَقدِير جا.

7

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڻُ آديسِيُنِ،
ڪَڏَهِين تا زِيءَ پُٺِ تي، ڪَڏَهِين هيٺ هَلَنِ،
سامِيَڙا سَمُوندَ ۾، تنبي جِئَن تَرَنِ،
جي واڳوءَ واتِ وِجَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُڇَنِ ڪِينَ ڪِي.

8

لالَ ڪي لالُ ٿِيا، لالُ لَنگهيو جَنِ،
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، ڪَيا آسَڻَ آڏوتِيَنِ،
گَردانيو گُنگَنِ، گِردابَ کي گِيانَ سين.

9

وِلهُون، ويلا، واوَ، جوڳِيُنِ جَهِليا جانِ ۾،
اَجھو رِءَ اَللهُ، ڪونهي ڪاپِڙِيُنِ جو.

10

نا مُرادِي نِجُهرو، عَدَمُ اوتا رونِ،
رَضا راجُ سَندونِ، مُورُ نہ مَگَنِ ڪِي ٻيو.

داستان چهون

1

ڪَنهِن جنهِن ڪُنا ڪات، جِئَن سامِي مُورُ نہ سَنرا،
ڏِينهان ڏَڪِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَجائي راتِ،

سَندي جوڳِيان ذاتِ، جِيجان! هوءِ جَڏائِڙي.

2

رُوح ۾ رَهِيُنِ رامُ، ٻَهرِ ٻولِنِ ڪِي ٻيو؛
پِيالو پُرُ ڪري، جوپَ پِيتائُون جامُ؛
تِهان پوءِ تَمامُ، تنِ تَڪيا تاڪي ڇَڏيا.

3

مَٺا مُوءِ ٿِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپَڙِي؛
ڪوني ڪَنهِن نہ پُڇيا، ڪي اَندَرِ اَندوهِيانِ؛
جيڪا ڄَمارانِ، سا مَنجِھ گُوندَرَ گُذرِي.

4

ويٺي جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٺي سين ميري؛
اِڪيون جَنهِن جُون اَلَڪَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري؛
ڪا راٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڄَراٿِيا ڄيري؛
لُڙِڪَ لال لَطِيفُ چئي، ڪنبي ۽ ڪيري؛
نِينهُن نہ نِبيري، سُورَ چَرندي سَنَرو.

5

نانگَنِ ڪِينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نِينهَن؛
مَڙهِنِ اُنا مِينهَن، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ ڪي.

6

نَڪِي نَمَنِ ناٿَ ڪي، ناٿُ نہ نَمائِينِ؛
جاٿا ڪَنِ نہ جوڳَ ڪي، جوڳُ نہ جُهارِينِ؛
آديسِي آئِينِ، اُهجاٽِيُون اَلماسَ جُون.

7

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ، ڏُوَنِ ڏِهاڙِي ڏوتِيا؛
جن نہ مارِي ميسَ، ناٿُ نہ نَمي تن ڪي.

8

گھندِنِ پاسي ڳِھندَ، ڳَڎُ ڳَڎا رِينِ گودَڙِيا ؛
پَليتِيءَ ڪان پانھِنجا، پاڪُ رَکِيائون پِندَ ؛
نانگا ڪَنِ نہ نِندَ، وَڃَنِ رُوندا رامَ ڏي.

9

تَھِڙا ڪَڙجَ ڪَڪِرا، جَھِڙا جائُنِ ڦُلَ؛
تِنِ سامِيُنِ جي سدَ مَران، جِن جي گودَڙِيُنِ ۾ ڳُلَ؛
اندَرِ مُلان مُلَ، ٻَھَرِ ڪوجھا ڪاپَڙِي.

10

يادِ ڳُرُو ڪَنِ گودَڙِيا، پَرِ بازارِ بِينا ؛
پَڙهَنِ سُورَ سُبحانَ جِي، پِيَنِ تَنھِن پِينا ؛
جيلانِ مُنھَن مِينا، تيلان نَشا چاڙِھيائُون نِينھَن جا .

داستان ستون

1

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙِي، طعامَ نہ طاماعُوَ؛
سَنِ هَنيائُون سُجَ ۾، پَھرَ نہ پينائُوَ؛
اَوسَرَ آسائُوَ، اُٿِي گُوندَرَ ڳَڎِيا.

2

پِنَنِ ڪِينَ پَٽُ ڪَٽِي، ڳُھرَنِ ڪِينَ گھران؛
مَھيسِي مخلُوقَ جي، اُپِيَنِ دُورِ دَران؛
پُڇَنِ ڪوهُ شَرعان، جُہ اَندَرِ عَدالَتَ اُنِ جي ؟

3

پِنَنِ جو پَٽُ ڪَٽِي، سو جي سُڃاڻِنِ؛
نہ بَرَ ۾ بِيکَ لَھَنِ، پَھرَ نہ پِنَنِ ڪاپَڙِي.

4

اَسُڪُ جِن اَويرَ، سي سانجِھيءَ رَهَنِ سُمھِي؛

لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، آڏِي ڏِيَنِ اُليرَ؛
سُتو لوڪُ پَسي پِيا، سامي مٿي سَيرَ؛
ڪيڏانهُن ڪندا پيرَ؟ مِڙوئي مٿو ٿيو.

5

وِچِينءَ وِيئا رَهَنِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
ٻُڪَ مَرندي ٻِڪيا، ڪَنهِن ڪان ڪِينَ گُهرَنِ؛
پيٽَ نه هيرِيائُون پانهِنجا، چوري سانُ چَسَنِ؛
ڦَڪِي فَقِيرَنِ، ماڳيان پِني ماٽِ جِي.

6

ڪَشي سانُ ڪَشَنِ، ڏِيلَ ڪَيائون ڏُٻرا؛
پيٽَ نه هيرِيائُون پانهِنجا، چوري سانُ چَسَنِ؛
اهِڙِيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپِڙِي ڪابُولَ کي.

7

آديسِي آديسُ، هِتان ڪَري هَلِيا؛
ڪاپَڙِيُن قَلبَ ۾، ڪَيو ڏُوراڻو ڏيسُ؛
ويراڳِي نئون ويسُ، راوَلَ ڍِڪي رَميا.

8

آديسِيُن اَدَبُ، آهي اکِڙِيُن ۾؛
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪي، نه اَما نه اَبُ؛
سامِيُنِ کي سَپين پرين، رُوحَ ۾ رَهيو ربُ؛
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇِي ڪَنِ نه پانُ سين.

9

لُنگُ ڪَڍيائون لانگَ، موٽِي ڪَنِ نه مَسَحُو؛
جا اِسلامان اڳي هُئِي، سا سُئائُون بانگَ؛
سامِي چَڏي سانگَ، گَڏِيا گورَکناٿَ کي.

10

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ کي، ڪوءِ راوَلَ! ٻِنِ رُڄاتُ؛
لِباسان لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳي! واتُ؛
مَنُ ماري ڪرِ ماتُ، تہ تِيرٿَ پَسِين تَڪِيو.

11

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ کي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ؛
خَلِقَ خادِمُ جِئَن ڪَرِين، اِيُ راوَلَ! وڏو روڳُ؛
پَڳَنِ ڪونهي پوڳُ، نانگا وَڃَنِ نِڳِيا.

داستان اٺون

1

رَهِيا اَٺَئِي راتِ، صُبُحَ وِيندَءِ صابِري؛
لُنءَ لُنءَ منجِهہ، لَطِيفُ چئي، ڪَرِ تنِين جِي تاتِ؛
سَندِي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻِئي پيري مَسَ مِڙي.

2

تان ڪِي ساٽَنِ اورِ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
ڏَہ ڏَہ پيرا ڏِينهَن ۾، پاڻُ مَٿانئُن گهورِ؛
وِيا جي هِنگلورِ، تہ ڪَرَمِ مِلَندَءِ ڪاپَڙِي.

3

تان ڪِي وَٽِنِ ويہُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُورِ چِتائي ڏيہُ؛
چَڏِي سُکُ سا ڙيہُ، مٿي گَنگا گَجِيا.

4

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳَرُ جوڳِيڙَنِ جو؛
ساري سَناسِيُنِ کي، رُئَندين تان رو؛
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتِي لَڏي وِيا.

5

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ؛
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ؛
جي جِيَّ کي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

6

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، سندي جوڳِيُنِ جوڙَ؛
سارِي سَناسِيُنِ کي، کامِي ٿِيَس کوڙَ؛
مَنَ جنِينِ سين موڙَ، سي لاهُوتِي لڏي وِيا.

7

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرَگَل ڪِينَ رُوئَنِ؛
نہ اُهي آديسِي اَسُکا، جن سين مَڙهِيُون سُونهَنِ؛
مَڙُهُ پُورِيائُون ماٿِ تي، واجَٿَ ڪِينَ وَجَنِ؛
وِيا نانگا سي نِڪِرِي، پَهرَ نہ پُورِيَنِ؛
سارِيو سَناسِيُنِ کي، اولاڪا اَچِنِ؛
لاجُئُون لاهُوتِيَنِ، جوڙي ڏِنيُون جِيَّ کي.

8

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِين، ڏُنڌُ، نہ لاٿَ؛
وِيا ويراڳِي، نِڪِرِي، چِتَ چَکائي چاٿَ؛
آءُ ما رِيَسِ تَنهِين ماٿَ، جِيجان! جوڳِيَڙَنِ جي.

9

جِياسُون جوڙَ ٿِي، جوڳِيءَ لاٿو جارُ؛
سندو پُورَبَ پارُ، آچِيائِين اَنڌَن کي.

10

هيءَ! جي هُئا هِتِ، تہ مَٿِن هُوندَ حَقُّ ٿِيو؛
مَڙِهُون، مُورَتَ، مَتِ، مانَ وِسرِيُون ڪِي لَهان.

داستان نائون

1

بُکَ وِڏائُون ٻُکَرِيِن، جوڳِي ڪندا جُڄَ؛
طَلَبَ نہ رَکَنِ طَعامَ جِي، اوتِيو پِيَنِ اُڄَ؛
لاهُوتِيُنِ، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪيو مُڄَ؛
سامِي جهاڳِي سُڄَ، وَسَنئُن ڪي ويجها ٿِيا.

2

نہ گِندا نہ گَبَرِي، نہ لانگوٽِي لِکَ؛
جيڏَنهِن پَرِيِنِ وِکَ، تيڏَنهِن صاحِبُ سامهُون.

3

ڪِچِي ڪاچوٽِي، نانگَنِ ٻَڌِي نينهَن جِي؛
جَهِڙا آيا جَڳَ ۾، تَهِڙا وِيا موٽِي؛
اُنِين جِي چوٽِي، پُورَبِ ٿِيندِي پَڌِرِي.

4

جِنَئَن ٿا پُڇَنِ اَنّ کي، تِنَئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ؛
نہ رِڙهِي لَڏائُون رَنڌُ، لَٿِيَنِ لُکَ لَطِيفُ چئي.

5

جا ٻَرادَ ٻُتَنِ جِي، سا اُڄَ ٻُکَ آديسِيَنِ؛
روزا رِندَ رَکَنِ، عيدَ نہ اوڏا ڪاپَڙِي.

6

جَنهِن سَناسِيءَ سانڍِيو، گَندي ۽ گِراهُ؛
اُنهِيءَ کان اللهُ، اَجا اَڳاهُون ٿِيو.

7

وينو پُڇِين پَرُ، ڪَرَ ڪا هِنئارَ هَلَڻَ جِي؛
اَڄُ، آديسِي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَپُڪو.

8

پِرِينديئي پير ٿِيا، چِڏي گَنجو گامُ؛

گَروءَ سنديءَ گَسَ مِ، جِن ڪَيا تَنَ تَمامُ؛
ويهِي ڪَيو نہ وِچَ مِ، تِنِ آديسِيُنِ آرامُ؛
رَهَ مِ گَڏِيُنِ رامُ، پَنڌان چُٽا ڪاپَڙِي.

9

اڪِيُون، آلو ماهُ، سدا سَناسِيُنِ جُون؛
واري نيڻَ نِنڊ ماهُ، جاڳِي جهَلِيا جوڳِيُن.

10

اجا سي آهِينِ، جي سَزاوارَ سِڱِيُنِ جا ؛
وينا وَڃائِينِ، جي سَناسِي! سُٽِئِين.

11

مَرَڻُ مُسَلَّمُ جِنِ، واحِدُ تِنِ نہ وسري؛
مٿي سَيڱَرُ ڪاپَڙِي، ڪا نانگا نِنڊَ نہ ڪَنِ؛
نيڻَ سدائِين تِنِ، اوجاڳِنِ اُجارِيا.

12

ڏورَڻُ ڳَهِٺُو ڏاڪِڙو، ڏورِجِ مَ رِءَ ڏِئِي؛
تان تان هوءِ ڄِ حُجِري، جان سين يارُ جِئِي؛
جڏَهِن پاسي پاڻَ ٿِئِي، تَڏهِن چَڏِجِ تَڪِيو.

13

ڏورِ مَ ڏِئان ڏارَ، ڏورَڻُ ڳَهِٺُو ڏاڪِڙو؛
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اُونداهِيءَ اَنڌا ڪَيا.

14

تو جو ڏِٺو پانئِيو، سا سُورَجَ سُهائِي؛
اَنڌَنِ اُونداهِي، جي راتِ وِهامِي ڏينهُن ٿِيو.

15

ناٿُ جَنهِين نِنڊِ، تِتِ نہ نها رِيو جوڳِئِين؛
ڪي ڪُوِساهِيا ڪاپَڙِي، پُرِيا پَراهين پَنڌِ؛

هُو هِنَهِين هَندِ ، ٿي هُنهَئِين وِيا هِنگِلاجَ ڏي.

16

ناٿُ جَنهِين نِندِ ، تِتِ پِرٖ نُها ريو جوڳِئين؛
سي سُوِيساهِيا ڪاپَڙِي، پُرِيا پَراهين پَندِ ،
هُو هُئو هِنَ هَندِ ، هُنِ هِنگِلاجان هَٿِ ڪيو.

17

گُذَرَ گَئي گُذِرانُ، ڪِينَ قَبُولِ ڪاپَڙِي؛
عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سَناسِيُنِ کي.

18

هُو جي ٿِيا هَرِڪيسَ، تِنِ لِڳِي ڪِينَ لِباسَ سين؛
وَتَنِ وِلَهِي ويسَ، لاهُوتِي لَطِيفُ چئي.

19

ٻُکَ اُنِين جِي ٻِکِيا ، ڏُوڙِ اُنِين جو ڏُوپُ؛
ڪَيائُون سوئِي رُوپُ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿئي.

20

سِڱِيُون، سيلِيُون، گَبَرِيُون! ٿيئي ٿولَ ٿِڳو؛
پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پيري تِنِ پِڳو؛
لاهُوتُ جِنِ لَڳو، سي مَڙهِيان مُورُ نه نِڱِيا.

21

ڪوءِ گودَڙَا! ٻَنِ گَبَرِيُون! نيئي ڪِدائُون ڪانءِ؛
جيڏانهِين جوڳُ وِيو، نيڻَ تيڏانهِين نانءِ؛
پُٺوِ اِيئَن پانءِ، ته سِڱِيون شُومَتَ هَٿَ جُون.

22

جا گُرَ ڏِني گودِڙِي، سا مُون کي ٿِي مَرڪُ؛
چيلا! ما ري چِرَخُ، اوڍي ويهُ اَدَبَ سين.

23

جا گَرَ ڏِني گوڊِڙِي، سا ٿِئي لاهِيندي لَڄَ؛
سندا تنهن سُهَجَ، چيلو چوندو ڪيتِرا ؟

24

جا گُرَ ڏني گوڊِڙِي، سا مُون گهِٽي سُهاءِ؛
نيئِي رَساٽي ماءِ، اوڍِئين جي اَدَبَ سين.

25

اَندَرِ رِلا رِليُون، ٻَهَرِ پَٽولا؛
اِنَ پَرِ ڪاپِڙِي، گَڏَهَ جا گولا.

26

ٻَهَرِ رِلا رِليُون، اندَرِ پَٽولا؛
اِنَ پَرِ ڪاپِڙِي، خدا جا گولا.

27

گُلَ گُلَ پَسِي گوڊِڙِيا، گهٽا مَ پائيِجِ؛
سوئِي سُجاڻِجِ، هِيُّ هُو آهي هيڪِڙو.

28

پَٽَ چَڏِيائون پَٽَ ۾، ڏَندَ چَڏِيائُون ڏِسُ!
آلائشان اَڳِي ٿِيا، موٽِي ٿِيَنِ نه مِسُ؛
هِيُّ چَڏِيائُون حِسُ، وَڃِي ڪالهَ ڪُلُ ٿِيا.

سُر ڪاپائِتي

داستان پهريون

1

توڙي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪِلِي پيرِئين؛
ڏِنِي ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنهَين سُٽَ ۾.

2

جان ڪَتين تان ڪِتُ، هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي؛

ڪاپائِتي سَپَڪا، ڪِتي سيباٽِي؛
ڄاتو جِن ڄاتِي، تِنِ هَٿان پَهِي نہ ڇَڏِي.

3

هيءَ هَڏِ وِهاٽِي، جان ڪَتِين تان ڪِتُ؛
ڪو پنهِنجي عِيدَ کي، پيري ڪَڄ پَرَتُ؛
مَتان روئِين رَتُ، صُباحَ وِچَ سَرِتِيين.

4

ڪَتَڻَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ؛
صُباحَ ايندءِ اوچِتو، عيدَ اَڳهارُنِ گڏُ؛
جتِ سَرِتِيون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ کي.

5

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ کي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
پوري! توسِين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا؟

6

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ کي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
مونا اُنجِي اَڳِڙيا، اَرٽَ ڏِرڪِي مالَ؛
هَيءِ! تِنِين جي حالَ، جن ڪاپي منجهان ڪِينَ ڪَيو.

7

سي تو ويهي وِڃائِيا، جي ڪَتَڻَ سندا ڏينهَن؛
اَرِٽَ اوڏِي نہ ٿِئِين، پورِي! پوري سِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَٽندِينءَ ڪِيئَن، اَڳِڙِ عِجِيَنِ جي؟

8

سونَ سارِيڪا هَٿَڙا، ڪوهُ نہ ڪَتِين رَڏِ؟
ويهي ڪُندَ، ڪاپو ڪَرِ، ڳُڻُون گوهِيُون ڇَڏِ؛
نہ صَرافاٽِي سَڏِ، مَرڪِيو هُوندَ مَٿائِيين.

9

ڀَڳو ئي ڀيرِ، جانسين رَتو راسِ ٿِئي؛
ٻُرِيءَ ٻيڪارِيءَ سين، هارِي! ڀاڻُ مَ هيرِ؛
ڪِٿُ ڪَتِينديُون ڪيرِ، نَئِن سين نه ڇاڙِجي؟

10

پيرِئِين ۾ ڀانئِين، اِئَن وِڏُوڙو ڪانڌُ؛
ويٺِي اورِ اَرَٿَ سين، ڳِچِيءَ پايو پانڌُ؛
نه تُنهِنجو ئي وِڙانڌُ، ڪِتو وِتو نه ٿِئي.

11

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪَتيو جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، ڏُڪو داخِلِ نه ڪَيو.

12

مُحَبَتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙِيا جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ تورِيو ئي اگهائِيو.

13

ڪو جو وَهُ ڪاپائِيَنِ، ڪنبَنِ ۾ ڪَتَنِ؛
ڪارَڻِ سُودَ سَوارِيُون، آٽَڻَ مَنجهه اَچَنِ؛
اُنِ جِيءَ سُونهَنَ، سَيَّدُ چئي، صَراف ئي سِڪَنِ؛
اِگهيا سُٽَ سَندَنِ، پائي ترازِيءَ نه تورِيا.

14

سُٽُ اُنِينِ جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پِچائِيَنِ؛
آوازُ اَرَٽَ جو، ساهَ نه سُڻائِيَنِ؛
لِڪايو، لَطِيفُ چئي، ڪَنِبيو ڪَتائِيَنِ؛
جي ماڻِڪَ موٽائِيَنِ، توءِ مُلهه مَهانگو اُنِ جو.

15

ڪي اوٻِنِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجِهه ڪِتَنِ؛
سُٽُ اُنِ جو سَڦَرو، مَٿِيو ماڻِڪَنِ؛

قادرَ ڪِيمَ ڪَڍَنِ، ٿيلهي ٿُلهي وارِيُون.

16

پيرِئِين، ۽ پانئِيين، پانڻُ پَچي چَڏِ؛
ڪِتو وِتو پورِهيو، هوڏَ وِڃهنديءَ هَڏِ؛
هِتي ڏيدو مَنِجِ ڏَڏِ! جتي ڏَڪَنِ ڏهَسئي وارِيُون.

17

اولياٽِيانِ اَرَٿَ، ڪيڏانهن ڪَتَڻَ واريون؟
پَهيُون مٿي پَٽَ، لُڙجَنِ لاڪِيڙَنِ جُون.

18

ڪَتي ڪَتي ڪالَهه، اَجُ نہ آتَڻِ آئِيُون؛
اَرَٿُ اَڪلي مالَهه، پُوري ويئِيون ٻَجُهرا.

19

نہ سي وَوُڻَ وَٽَنِ ۾، نہ سي ڪاتا رِيُون؛
پَسِيو بازا رِيُون، هِنئَڙو مون لُونُڻُ ٿِئي.

20

تاڇِي توريائُون، عَيبَ نِڪتا اَڳِيان؛
ڪوٺي ڪاپائِيُنِ ڪي، پَرِ ۾ پُڇِيائُون؛
اَڳَڙِي آءٌ، مُون ڪان پِڙا پيگا نہ ٿِيا.

وائي

ڪا هِنئَين سين لاءِ پوري! ڪا هِنئَين سين لاءِ.
تُنبائي تاڪِيدَ سين، جِنِ پچايو پاءُ؛
لَسي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تِنِ هَٿاءُ؛
پَهيُون تُنهِنجُون جِهرِڪَنِ جهورِيُون، پيُون اُڏائُون واءَ؛
اَرَٿَ پاسي اوجِهرِين، توکي سُمَهَڻَ آيو ساءُ؛
آڏيءَ، عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، رِوئِي رِبجهائِج راءُ.

سُر پورب

داستان پهريون

1

ڪري، ڪانگَ! ڪُرنشُون، پيرين پرِينءَ پَئيجِ؛
آءُ جو ڏِينئَي سَنِيهو، وِچ مَ وِساريجِ؛
اَللهَ لَگِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالهائيجِ؛
چُئان تِئَن چئيجِ، تہ كِنيا تا! خوشِ ھُئَين.

2

آءُ اُڏامِي، ڪانگڙا! پا رانپانِ پَچارِ؛
ويهِي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو ترُ تَنوارِ؛
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ پرِين.

3

پا رانپانِ پَچارِ، مٿي لامَ لَطِيفُ چئي؛
ڦِيرِ مَ فَضِيلَتَ تُون، جا ڪُرَ اَوان جِي ڪارِ؛
جي ڏِني ۾ ڏينارِ، سي اُڏامِي آڻِ پرِين.

4

وَهِلو وَرُ، وَرِيا پرِين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ؛
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پرِين.

5

ڪانگَل! سي ئِي ڪوٺِ، پرِين جي پَرڏيهِ وِيا؛
جنِين رِءَ جَهانَ ۾، اَکَڙيُن اَروٺِ؛
اللهَ لَگِ، لَطِيفُ چئي، ڪَجِ ڳا راچو ڳوٺِ؛
جي ڏَمِريا ڪَنهِن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پرِين.

6

پرِين جي پَرديسَ ۾، تِنِ جي ڪانگا! ڪَجِ خَبَرَ؛

تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پکِي! تُنهِنجا پَرَ؛
گهُمِي مَٽان گهرَ، ڏِڄ پارانپا پِرِينءَ کي.

7

ڪڏِي، ڪانگا! تو ڏِيان، هِنئُون سانڍُ هَٿَنِ؛
وَڃي ڪاءُ وِلاتَ ۾، اِڳيان عَجِيبَنِ؛
پِرين مانَ چَوَنِ، تہ هِئَن قُرِبانُ ڪيرُ ٿِئي!

8

ڪانگَلَ قَرِيبَنِ جا! اِچي وائِيءَ وَڻُ؛
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جِي، مُشڪَ ڪَٿُورِيءَ مَڻُ؛
اِچي عَجِيبَنِ جو، اورانگهِج اَڱڻُ؛
تو ڪِي پَسِي تَڻُ، سُورَنِئان صافُ ٿِئي.

9

آندِيُون ڪانگَ قَرِيبَ جُون، اَڄُ واڌائِيُون واهَ؛
مَنَ مُرادُون پُنِيُون، ٿِيون سَرَهائِيُون ساهَ؛
آندا پِرِين اللهَ، سَڌَ مُنهِنجا سابِ پِيا.

10

ڪانگَلَ! تُنهِنجي چانگَ، جَڏو جِيُ جِيا ريو؛
مَٿان لامُنِ لَتَ ڏِيو، ٻولِئين سِرِ ٻيلانگَ؛
اُڏِرُ مَٿان ڦانگَ، تہ گهرِ آوَنِ سُپرِين.

11

ڪانگَلَ! نيئِي ڪانگِ، مُنهِنجي ڏِي مَحبُوبَ کي؛
”لالَنَ! لايئِي ڏِينهَڙا، ڪَنهِن سِٽاٽي سانگِ؛
اَوان رِءَ اَڙانگِ، ويٺِي وِرِهَ وَسائِيان.“

12

رِءَ پِرِيان پَرديسَ ۾، وِرِهَ وَڌِي ڪِي وَسَ؛
اَکِيُون پارِ پِرِيُنِ جي، ٿِيُون گامَ نِهارِينِ گَسَ؛

ڏِيندا پانڌِي ڏَسَ، ڪِيڻ جُون آڻي خَبَرُون.

13

زاغَ! تُنهِنجِي ذاتِ جو، ٿورو مَٿي مُون؛
اُڏامِجِ، عَبدُاللَّطِيفُ چئي، صُبحَ سيڻَنِ ڏُون؛
ڪَجِ وينَتِيُون وِتَرِيُون، ٻاجهائِج ٻُون؛
تہ ”لالَن! ڪونَ لهُون، جِهو تو جَهانَ ۾.“

14

قَرِيبَن جو ڪانگڙو، مٿي ٿا رَ ٿِلي؛
ڪَٿِيو ڪِنيا تو خَبَرُون، ڪِيرُون ڏِيو ڪِلي؛
لائِي جَنهِن لالَنَ سان، مُنهِنجي باتِ ٻِلي؛
سو وَرُ چَشِمَنِ سان چَلي، جو دَرِبارِي دوسَ جو.

داستان ٻيو

1

تَن اکِيُنِ اُتان سُکَ، کِلندي کَٿَنِ جي؛
پِرِيُنِ پا ٻوهَڻَ سان، ڏُورِ ڪَيا سَڀِ ڏُکَ؛
ما ڙُهنِ ليکي ٻُکَ، سامِي سُورَ سَنَا ڪَيا.

2

سامي چائِين، سُکُ طَلِبِئِين، سِکِئِين نہ، سامِي!
اَچا اوِرئِين پَنڌَ ۾، وِيئِين وِسامِي؛
گُرَ کِي تُون نہ گَڌِئِين، چائِين اِنعامِي؛
دائِمُ مُدامِي، پورو رَهِجِ پِرِينءَ سين.

3

پُورَبِيا پُوري وِيا، آسَڻَ آڏِيءَ راتِ؛
سُيَمِ نہ سَنياسِيُنِ جُون، پَچا رُون پِرِياتِ؛
ڪا جا جوڳِيءَ ذاتِ، مِٺَ نہ معذُورَنِ جا.

4

مٿي راهَ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون؛
هي گَهرُ گهورِيائُون، آڳانڊِيائُون اڳِيان.

5

پُورَب پُورَب تَبِ ڪَرُون، جَب هِنئَڙي آوَنِ پُورَ؛
سِڪَندي ڪي سَڄَڻين، نِڪُون لائُون نُورَ؛
ما رِيَسِ تَنهِن سُورَ، جِئَن ساجَنُ سُجي، نہ مِلي.

سُر ڪارايل

داستان پهريون

1

”وَحْدَہ“ وائي، چَڙهندي چَيائين؛
سو لُڙُ لَنگِهيائين، جِتي پا رَکَ پَکِيان.

2

ٻَگهِن سين ٻانُ هَڻِي، اُڏاڻو آڪاسِ؛
جِتي پِرِين سَنداسِ، سو سُر مَٿي هَنجَڙو.

3

اڪَڙيُون اوڙاهَ ۾، اُپو تَڪي تارِ؛
پِٿُون جي پاتارِ، هَنجُ تِنِين جو هيرَئُون.

4

وَڃِين نہ پيهِي، پِٽُ لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ تُنهِنجي هَنجَڙا.

5

ٿِيو حُضُورِي هاڻِ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي؛
ڪَنڌي لَڌِي ڪاڻِ، پَکِيَڙي پاتارَ ۾.

6

اچو پاڙِي لُڙُ ٿِيو، ڪالُورِيو ڪَنگَنِ؛
اِيندي لَجَ مَرَنِ، تَنهِن سَرَ مٿي هَنجَڙا.

7

هَنجَن سين هيڪار، جي ڳَڻَ ڪري نِها رِئين؛
ٻَگهِنِ ساڻ ٻِيهار، ٻيلَهِ نه ٻَڌِين ڪَڌهِين.

8

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا! سَرَ ۾ سا رِينئي؛
مَتان ما رِينئي، پا ڙِهيري پهُ ڪَري.

9

ڪَوُنرَ پا ڙُون پاتارَ ۾، پوَنر پِري آڪاسِ؛
ٻِنِين سَندي ڳالهِڙِي، رازِقَ آندِي راسِ؛
تَنهِن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِن مُحَبَتِي ميڙِيا.

10

ڪَوُنر پا ڙُون پاتارَ ۾، پوَنرُ پِري ۾ سُجَ؛
ٻِنِين سَندِي ڳالهِڙِي، عِشق اِيُّ اُهجَ؛
توءِ نه لَهِينِ اُجَ، جي پِيو پِينِ پاڻَ ۾.

11

جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪري، اوهيرَ اُڏامَنِ؛
پِڻُون جي پاتارَ جا، چيتا رِيو چُڻَنِ؛
ڪوهُ ڪَندا کي تَنِ، پا ڙِهيڙِي پهُ ڪَري؟

12

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نه رَهِيو هيڪِڙو؛
وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪُوڙَنِ ڪانِيَرَنِ جو.

داستان ٻيو

1

سو پَکِي سو پِچرو، سو سَرُ سوئِي هَنجُ؛
پيهي جان پَرُوڙِيو، مون پانهِنجو مَنجُھ؛
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏَنجُھ، سو مارِي ٿو مَنجِھ ڦِري.

2

سَنها پانءِ مَ سَپَ، وياءَ واسِينگَنِ جا؛
جَنِين جي جَهڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ئِي نہ چُري.

3

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، اُوءِ ڪَچَرَ وِهَ ڪَرِي؛
تِن جا مُنهَن مَلَڪَنِ جَهِڙا، ٽِڪو نان نہ ٿَرِي؛
جي اُنهِين سانڍُ اَڙِي، تہ ڪانهي جاءِ جَرِيءَ جي.

4

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِهُ جو وَرَنُ پِيو؛
تن جو ڪَندو ئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَشِ پيرُ پِيو؛
پُرِيَنِئان آهي پَڌِرو، تن نانگَنِ جو نِهو؛
ڪِلي وِيلَ ڪِهو، جو سامُهون ٿِئي سَپَنِ ڪي؟

5

ڪَنهِن ڪَنهِن ڪاريءَ ذاتِ کي، مورَ بہ مَٿائِينِ؛
جي چَٽُرا چَڪِيا ڪَري، تہ وَگَ وَرائِي ڏِينِ؛
ساٿَ سَمُورا نِينِ، جي مَنِين پائِي موٽِيا.

6

پَهرِين ڪاري نانگَ جِي، ڪو چِرڪِيَلُ چِيڙَ ڪَري؛
هي هَٽِي ڏَنگَ ڏَسائِيو، تہ وِيجهو تان نہ وَرِي؛
جيڪي ٽِپ مَري، جيڪي سِڪي صِحَتَ ڪي.

7

ڪَپُرَ! گارُوڙِيُنِ سِين، وڏو وِڏُءِ وِيرُ؛

نانگَ! نہ ويندين نِڪِري، تو ڏَرِ مَٿي پيرُ؛
هِيُّ تِنِين جو ڏيرُ، جن جُهوناڳَڙُهہ جَلائِيو.

سُر پرڀاتي

داستان پهريون

1

اِيُّ نہ پانَ پيرُ، جِئَن ڪينرُ ڪِيرِيءَ ٿَنِگيو؛
سُونها ري صُبُوحَ سين، وِڄهي وِيٺين ويرُ؛
توکي چَوَندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَڱٽو؟

2

سُتو ڪِئَن نِنڊُون ڪَرِين، رو وِهاڻِيءَ روءِ؛
سُپان سازُ سندوءِ، پِيو هُوندو پَٽَ ۾.

3

سيراندِيءَ سازُ ڪيو، سُمهِين سارِي راتِ؛
جاجِڪاڻي ذاتِ، اِيَ هوءِ اڳهِين؟

4

جنِين سُڪُ ناهِ ڪو، چارَڻَ سي چَئُجَنِ؛
رُجُنِ راهَ پُڇَنِ، مٿي ڪُلَهِن ڪِينرا.

5

مُوڙهو پُٽِين مَڱَٽا! ڪيڏانهن هُئِين ڪالَ؟
لَنگها! چَڏِ، لَطِيفُ چئي، اُجَهڻَ جا اَفعالَ؛
سَپَڙَ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قيمَتَ آئِين.

6

چارَڻُ لَڳو، پَنڌُ ڳهڻو، ڪِي چوٺاڻِيءَ چَئِيج؛
هِتِ ڪِي هلائِيج، اُتي آءٌ نہ اچڻو.

7

جيڪِي ڏَڏَنِ ڏي، ڳِجهيان ئي ڳَجَهہ ۾؛
سي جي سُٽَنِ ڪَڏَهِين، ڪِرِتِ وارا ڪي؛
نہ سا زَ مِڙوئِي سي، هُوندَ پِٺون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.

8

اُتِ ڪِرِتِ وارا ڪيتِرا، ڪِرِتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪري، سو مِڙوئِي ڏوهُ؛
تون پا رِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين تہ سونُ ٿِيان.

9

اُٿِيو اَبوجهاءُ، سَپَڙَ جو سَڏُ ٿِيو؛
جِنَ اَئِين ڪِيرَتَ ڪَٿُ نہ سِڪِيا، تِنَ پاٽا رِيڏو راءُ؛
مگو مون مُلاءُ، آءٌ اَوهان جو آهِيان.

10

ڏاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي؛
آريُون اَبوجَهن جون، سَپَڙُ جامُ سَهي؛
جو راءَ وَٿِ راتِ رهي، تَنِهن جُڪِي تان نہ ٿئي.

11

ڏَڏُ ٿِي ڏانُ گُهرِيج تُون، چَڏِ وِڃا وِڃائِي؛
سَپَڙَ راتِ سَنباهِيا، تا زِي تو لائِي؛
جو ڄاٽي نہ ڳائِي، تَنِهن سين بيلي ڏَٽِيءَ ٻاجَهہ ڪِي.

12

پِيو لِيئِين لُٿَ، سَچِيُون راتِيُون سُمهِين؛
اُٿِي آڏِيءَ نہ ڪَرِئِين، سَپَڙَ سانُ سَهَٿَ؛
رُونجهي راتِ اُپِتيا، پِيتِنِيئُون پاٽيٿَ؛
ميڙِي تِئان مَٿَ، چُوندي پِرِيا چا رٽِين.

13

ڏاتا رَ ڏُڪَ ڪَيا، پاٽا مَٿي مَگَّٽِين؛

”مُون دَرُ چَڏِيو، مَگَڻا! مَگِڻ ڪوهُ ٻِيا؟
تَڏِهن تو پِيا، وِچان وِلَها ڏِينهَڙا.“

14

مَگُ تَنهِين کان، مَگَڻا! جو ڏِيها ڙي ٿو ڏِئي،
ڪُوڙا دَرَ دُنِيا جا، جاچِڪَ! مَگِڻ جي؛
سُپان توهِين کي، موٽي ڏِيندا مُنهَن مِ.

15

ڪَڙَهَ اِڱيان ڪَپُ، ڏِهاڙي ڏاتا رَ جي؛
لَنگها! لاهِ مَ لِڪَ سِيئَن، مَٿان چانئُٺِ چَپُ؛
مَگَڻها رَنِ مَپُ، ڪونهي ٻِيو ڪِيرَتَ ري.

16

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاچِڪ! جِمَ وِسا رِئِين؛
ريهي رُپي سَندِيُون، تَندُون تُنبي کي پاءِ؛
لَنگها! تون لِيلاءِ، اِڱيان وچِي اُنَ جي.

17

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آءٌ سَگُ؛
پُڇِي تُنهِنجو پَگُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.

18

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاتا رُ، آءٌ ڏوهُ؛
تُون پا رِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين تہ سونُ ٿِيان.

19

اُپِرِيو تا رو، اُٿِي وَرَ وِهاگُ ڏي؛
سَپَڙُ رِيسا رو، چِتِ پَرِکي چا رَڻِين.

سُر ڏهر

داستان پهريون

1

ڪَرِ ڪي ڳالهَڙِيُون، ڪَندا! ڍورَ ڏَٽِيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

2

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَندا! ڍور ڏَٽِيُنِ جو؛
مٿي لامُنِ ٻُورُ، مورِيءَ مَجَرَ نہ ڪَرِئين.

3

ڪَندا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڍورُ وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گَڏِيو پَهيَڙو؟

4

سَچُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪنڏِيءَ اَڪَ ڦُلارِيا؛
جُنگِنِ چَڏِيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گيا.

5

سُڪِي ڍورُ ڍَيُون ٿِيو، ڪنڏِيءَ ڏِنو ڪائو؛
سو پاٽي پَٿِهَلَ ۾، اِڳيون نہ آيو؛
ما ڙُهنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٽئين.

6

ڍورُ نہ اڳِينءَ ڍارَ، مهَندِ مَلاحَنِ لَڪِيو؛
موڙي چوڙِيا مَڪُڙا، پَسِي پاٽيءَ پارَ؛
جَسودَنِ جيها يارَ، پيَڙا وِيرَ وِماسَ ۾.

7

جان واهُڙَ ۾ وَهُ، تان تون، مَڇَ! نہ موٽئين؛
ڪائي ۾ ڪوه ڪَرِئين، پوءِ موٽَڻَ جو پَهُ؟
سِرَ مَٿي تُون سَهُ، مَهِميزُون مَلاحَنِ جُون.

8

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موٽئين؛
پَوَندِيَءِ اَجَ ڪِ ڪالَ، سانپيُون سانگِنِ جُون.

9

جان جَرُ هُئَڙو سِيرَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موٽئين؛
آڏا اَڏي ڪِيرَ، گهَٽَ بہ جَهِلِيَءِ گهاٽُئين.

10

مَتو آهِين مَڇَ! ٿُلهو ٿو ٿُونا هَٽِين؛
جا تو ڏِني اَڄَ، تَنهِن پاٽِيءَ پُنا ڏِينهَنڙا.

11

ڪُنڊِي ڪَلِئُن وِچَ ۾، جَڏهِن هَنيائُون؛
موتِ نہ ماريائُون، ڏورِ ڏئي وِيا ڏُکَ جِي.

وائي

لايِءِ جا وَرُنَ کي، سا ڪانڌَ! مُنهِنجي ڪورا.
ماءُ! ما رِيندَمِ ڪَڏهِين، هِنَ پِرِينءَ جي هورا؛
اَڇَنِ پِرِين پِيَڪِيا، ڪَرَ با بِيهو جِئَن مورا؛
سيٽِين سِرڪَندُ سَيَجي، بِيو عَطُرَ پِرِين اَتورا؛
چَپَرُ ڪَٿُورِي ٿِيو، بِي تا زِي ڦُلَنِ ڦورا؛
اَلا! عَبۡدُاللَطِيفُ کي، سانوَل ميڙِ سَنپُوڙا.

داستان ٻيو

1

مَدِيني جا مِيرَ! سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا؛
سَرَڻِ تُنهِنجي سِيرَ، تُون پارِ لَنگهائِين پيَڙا.

2

ڏَڙِي! سو وارِئِين واءُ، جو ميڙائو سَڄَڻِين؛

وَهِيءَ واٿَ مَٿاءُ، هِنئَڙي آسَرَ مَ لَهي.

3

نيڻَ جي ڳِها رِينِ، سي اَڄُ نه اوٺي آئِيا؛
هَنجُون نه ها رِينِ، پاڙِي پُنهُونءَ جامَ ري.

4

نيڻَ ڳِها ري مُنهِنجا، روئِي ٿِيا رَتُ؛
پُنهُونءَ هوءِ پَهَتُ، ته پا رِي نِيَنِ پاڻَ سين.

5

اَڄُ اَڳُڻُ ڪيٽانِ، آسَرَ لِڳي سورِيانِ؛
ڏُونگَرِ ڏِينهَن لَڳانِ، مانَ وَرِڪَنِ سُپِرِين.

6

اَللّٰهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسِرو؛
خالِقَ! تُنهِنجي ڪانڌِ جو، پَرو پاندُ نه ڪوءِ؛
نالو، ربَّ! سَندوءِ، رَهِيو آهِ رُوحَ ۾.

7

صاحِبَ! تُنهِنجي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِٺي سُون؛
پَنَ بورِڙين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تا رِين تُون؛
جيڪَرَ اچِين مُون، ته ميرِيائِي مانُ لَهان.

8

جيڏو تُنهِنجو نانءُ، پاجَهه به اوڏِيائي مَڳانءِ؛
رِءَ ٿَنيِين، رِءَ ٿُوڻِيِين، تُون چِپَرُ، تُون چانءَ؛
ڪُجا ڙو ڪَهانءِ؟ توکي مَعلُومُ سَپَڪا.

9

سَتّرُ ڪِرِ سَتّارَ! آءٌ اُگها ڙِي آهِيان؛
ڍَڪِئين ڍَڪَڻهارَ! ڏيئي پاندُ پَناهَ جو.

وائي

مُون کي ننڊَ نه نيڻين نيڻين، ڪالهُون پوءِ لَڪَن مِ.
موٽُ تُون آيَل! مُنهِنجي ماءُ! تان تو ڏُکُ نه ڪيڻين ڪيڻين؛
هُوءِ نه نينمِ پاڻَ سين، جا ويند ڙِي سيڻين سيڻين؛
ڪالهُوٽيان اَڄُ گهَٽِي، جهورَ ڙِي جهيڻين جهيڻين.
ٻِيُون سَڀُ واڳيون وَرَنِ سين، آءٌ جا واڳڙِي ويڻين ويڻين.
هِنئَڙو ڏا ڙهُونءَ گُلَ جِئَن، روئي رَنڙو نيڻين نيڻين.
اَلا! عَبۡدَاللَطِيفُ چئي، مُحِبَّ اسان تُون ميڙين ميڙين.

داستان ٿيون

1

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! مُون ٽماڻِيءَ جي ٻُجهري؛
پِرِين! تُنهِنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪِي آهيان.

2

جِئَن تون قائمُ، ڪانڌ! تِئَن آءٌ وَرَ! وِلهي نه ٿِيان؛
پَکي چِنان پاندَ، ڳَنڍُ نه ڇاڙي ڪو ٻِيو.

3

ڪانڌَ ٻِئِنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وڏِي ڪاندِ؛
پاڻا ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهُ اڪِئِنِ سين.

4

وَرَ سين وِڄهيو ڪاڻِ، ڪَرَ سين کِلَڻ پائيين؛
پورِي! مُنڌَ اَجاڻِ، ڪَڙَ چَڏِيو ٿُهَ ميڙِئين.

5

سُتا! اُٿِي جاڳُ، ننڊَ نه ڪَجي ايتِرِي؛
سُلطانِي سُهاڳُ، ننڊُنِ ڪندي نه ٿِئي.

6

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايترِي؛
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساڻيهُ پانئيو.

7

جاڳُڻ مَنجهان جَسُ، آهي اَدا! جن کي؛
لاهي جو، لَطِيفُ چئي، مَٿان قَلْبَ ڪَسُ؛
وَرنہَ! ڪَجان وَسُ، صُبُحَ ساڻ، سَيَّدَ چئي.

8

هِي تان ٿورَ ڙِيُون، جي تُون، پورا! پَسِي پُليَن؛
راتِيُون ڀِيُون گهڻيُون، جي توِ ايندِيُون هيڪلِي.

9

سُمَهڻان سا ڙو، جيڏِيُون! جيڏو ئي ٿيو؛
پِرِين سين پا ڙو، مُنهِنجو ننڊَ نِبيرِيو.

10

پرہَ ڦُٽي، راتِ گَئي، جهيڙا ٿيا نَکٽَ؛
ها رِي! وِيءَ وَٽَ، گهڻا هٽندِينءَ هَٽڙا.

11

پيئي جا پِرِياتِ، سا ماڪَ مَ پَسو ماڙُهئا!
روئي چُڙِي راتِ، ڏسي ڏُکوين کي.

12

ڍولُ مَ کٽي ٻانهَنڙِي، پرہَ مَ کٽي پاندُ؛
آءُ پَنهِنجو ڪاندُ، لوڪان لِڪي رائيان.

13

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، کَرِيَن کِيرُ نہ چَکِيو؛
دُنِيا ڪارَڻِ دِينُ، وِجائي وِلَها ٿِيا.

داستان چوٿون

1

روهِ راماڻا ڪَنِ، اَڄُ پڻ هَلَڻَ ها رِيُون؛
ڪَرڪُلُ ڪُونجڙِيَن، رائي ۾ راتِ ڪَيو.

2

وَڳُرُ اُڪِيري سَرُ سا رِيو، سُورَ چَري؛
جُهري جِهڄندي ڏِئي، سَنِيها ڪي سَڄَڻِين.

3

وَڳُرُ وِسا ري، ويٺِيءَ ڪِئن ماٺِ ڪَري؟
ڪِ تو نہ ما ري، رُنُڻَ جُهڻُ سَندِي سَڄَڻِين؟

4

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالَهہ تُنهِنجا ڪُونجڙِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ رهِي، سَر ۾ سُپيرِيُنِ ري؟

5

وَڳَرَ ڪَيو وَتَنِ، پِرِتِ نہ چِنَنَ پاڻَ ۾؛
پَسو پَکِيَڙَنِ، ما ڙُهنِئان ميٺ گهَڻو.

6

مَ لنئُنِ ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئِين چاڪَ؛
ڦَنِيُون جي فِراقَ، سي گَهرِ گَها رِينديُون ڪيترو؟

7

ڪُونجڙِيءَ ڪالَهہ لَنئِي، سَڄڻَ وِڌَمِ چِتِ؛
آءٌ جنِين رِءَ هِتِ، گهنگهَرَ گها رِيان ڏِينهَڙا.

8

اُتَرَ ڏي آلاپَ، ڪالُهونڪَرَ ڪُونجَ ڪَري؛
پِرِين پَسِي مَنجِهہ خوابَ، وِهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

9

ڪُونجُون ٽِيُون ڪُڪِڪنا، جيڪُسِ هَلَڻَ ها رِيُون؛

ٻَچا پوءِ اَٺَنِ، وَڃَنِ واندا ڪَنڌِيُون.

10

آيُون ڍورَ ڍِرِي، اصُلَ سَندي آسِري؛
ڪَنيَڙَ پُونءِ ڪَرِي، پاڌان پَير ڏُکويا پَکَڙِين.

11

ڪُونجَ نہ لَڳيو باڻُ، مارِيءَ سَندي مَنَ ۾؛
اوچِتي پَرِياڻَ، وَڳَرَ هَٽِي ويچُون ڪَيا.

12

ڪُونجَ! نہ پَسِين ڪَکَ، ڍَٻُ جَنهِن سين ڍَٻيو؛
مارِيءَ ماري لَکَ، وَڳَرَ هَٽِي ويچُون ڪَيا.

13

مارِي! مَرِين شالَ! ڍَٻَ وَڃَنئِي ڍِٻيُون؛
جِئَن تو اَچِي ڪالَ، وِڌو وِڇُ وِرهَنِ کي.

14

ڪَيرَ ڪَرِيندِي رِيسَ، آيِلِ! سَنگهارَنِ سين؛
جنِين جي خَمِيسَ، وارِيُون واري چَڏِيُون.

15

جِيَنِ سي سَنگهارَ، اَجهي جنِين گهارِيان؛
مانَ لَهَنئُون سارَ، وِچِ وِلَهين ڏِينهَڙِين.

16

جي پائِين وَسَ چَران، تہ سَنگهارَنِ سين لَڏِ؛
تہ هاجي سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٽِين ڪَڏهِين.

17

مَنڌِيُون مَٿِ گُڙَنِ، جهوڪَ بہ سُونهَنِ پَهيَڙا؛
سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِئاري جَڏَڙين.

18

جاڳو، جاڙيجا! سما سُک مَ سُمهو؛
پَسو، آن پا ريا، لاکو ٿو لوڙيُون ڪَري.

19

تا ٿُونڪِين پَلاڻَ، سَدا هَٽَنِ ڪَرَڪِرا؛
لاکي لوڙائنُ جا، اَهِڙا ئي اُهڃاڻَ؛
ڏيئِي تَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪا رِيندا ڪَچَڙي.

20

ريبا رَڻِ! رِيجهاءِ، لاکو لُولائِنُ سين؛
سائُو مانَ سَندِياءِ، ٿَٿُ مَٿائي ٿا ڪُرُو.

21

لاکا لَکَ سُجَنِ، ڦُلاڻِيءَ پيرُ ٻيو؛
جَنهن پِرِ راڻا، راڄِيا، ڪوٽَنِ مَنجهه ڪُنبَنِ؛
جَنهِن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو نه لَهي.

22

لاکو لِکِيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکي هيٺِ؛
سونهرايُون سِرِ ڪَيو، پِيڙهي ٻَڌي بيٺِ؛
ڪَندو ڏُمَرَ ڏيٺِ، صُباحَ ساڻُ سَپَڪَنهِين.

سُر بلاول

داستان پهريون

1

وِسَهُه اِنَهِين وِيڙَ ڪي، جِئَن دَعوَتَ ڪِي داتا؛
مَضۡمَضَه واتا، وِجُهه نه ڏيئِي واتَ ۾.

2

پيُ مَ ٺَهُورا، وانءُ اورانگهي اورِيانِ؛

وِچان جي وِصالَ کي، سي سَڀِ اُجورا؛
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَڀِ ٿِئي.

3

سَما! تو سِرَ ڇَٽُ، ناتَ پاڳا را پُرسَ ٻيا؛
ڳَهَڻَا! تُنهِنجي ڳَجَڙي، اچي جالَ جَڳَٽُ؛
جِنِ جيها ئي پَٽُ، تِنِ تيها ئي ٻِڪِيا.

4

سمو تِنِ سَڌَ ڪري، جِنِ تي وڏو ويرُ؛
اُٺي تہ آجِي ٿِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ؛
تو رِءَ ٻيو ڪيرُ، سَرَڻِنِ جا سوٺا سَهي.

5

سَرَڻِنِ جا سوٺا سَهي، وَسِيلو وِلَهَنِ؛
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اَڳيان لالُ لَڳَنِ؛
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پا ٻوهي پَڌِ رو.

6

تَڙِ تَڙِ ڪِيمَ تَرَسُ، سَرُ نِها رِڄ سَپَرو؛
ڏِينڌُءِ لَڪَ، لَطِيفُ چَئي، راڄَ راهُوءَ جي رَسُ؛
وِلَهَا جنهن وَنِهيا ڪَيا، پاڳَ تَنهِنجِي پَسُ؛
ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٺُ ڪٽي.

7

علاؤالدِّينُ آئيو، ڪَٽِي ڇَلِ ڇُڳيرُ؛
ڪَنهِين ڪِينَ هِمَٿيو، ڪانَ جَهلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرِنِ سامَ ڪَنئي، اَبڙي ڪَيو اُٺَ پيرُ؛
هو مُهائِين مِيرُ، پر مَسِتُوراتِنِ ما رِيو.

8

سَرَڻِنِ جي سُڪَ لَءِ، سامَ ڪَنئي سَردارَ؛

جي آيُون اَبڙي جي آڏارَ، سي سُونگ نہ ڏِينديُون سُومِرِيُون.

9

ٻِيَنِ مِڙَنِي ڏِنيُون، ڏِئي نہ ڏُونگرَ راءُ؛
اَڻَ ڏِنِيَنِ آڏو ڦِري، ڏِنيُون ڏِئي ڪِئاءُ؛
لورِيُون لَکَ مَڻاءُ، اُنَ مَڻيري موٽائِيُون.

10

اَبڙو اَڳاهَنِ ۾، ڀَرَ جَهلو پارِي؛
سَمي سُوالِيُنِ کي، ويلهَ وسارِي؛
مَنهَن مُنِي جَکرو، طامائُنِ تارِي؛
پُڇي سي پارِي، جي عاجِزَ اَجورَنِ ۾.

11

ابڙو اَڳاهَنِ ۾، سَپَرُ جِئَن ٻيلي؛
سي پَٽَ ڪَنهِن نہ پُورِيا، جي ٿو پَڙُ پيلي؛
سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَنءَ جِئَن، رُجُون ٿو ريلي؛
اَچَنِ جي ويلي، تِن بورَ بَخِشي پَٽَ ڏِٽي.

12

اَبڙو وَڏَ وَڙو، سُوَڙو، سَمو، سُونهن سَپَنِ؛
تَنهِن دَرِ سَپ اَچَنِ، ڪَنڌُ نہ ڪَدي ڪَچَ ڏِٽي.

داستان ٻيو

1

جَکِرو جوڙي، پاڻَ ڏَٽِيءَ پيدا ڪَيو؛
ڪيهَرَ جِئَن ڪَرُ ڪٽي، مُڇُون مَلهُ موڙي؛
سَمُوندَ جِئَن سِيرَ ڪَيو، ٿو بارِ جِئَن ٻوڙي؛
گهوٽُ چَڙهِيو گهوڙي، پيچِيُنِ لائي پيچِرا.

2

جَڪِرو جَسَ ڪَرو، ٻِيا سَڀِ اَنِيرا؛
جِيائِين جُڙيو جَڪِرو، تِيائِين نہ ٻِيا؛
مِٽِي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئِي اِيتِرِي.

3

ڏِٺي جادَمَ جَڪِري، چِتِ نہ ٻِيا چَڙهَنِ؛
تہ ڪي ڪُوهَ ڪَڄَنِ، جَہُ سَرُ لَپِي سَپَرو؟

4

هَٿان جادَمَ جَڪِري، وِٺِي وِڄِ مَ پوءِ؛
پِي پِي سو پُرِ ٿِيو، جو حاتِمَ پاسي هوءِ؛
ڪَيف ڏا ران ڪوءِ، جِئِي ڪو مَ جَهانَ ۾.

5

هَٿان جادَمَ جَڪِري، وِٺِي پوءِ مَ وِڄُ؛
"اچو! آيا ٻِڄُ!" سَمي وائِي واتَ ۾.

6

جَڪِري جِهو جُوانُ، ڏِسان ڪونَ ڏيهَ ۾؛
مُهَڙُ مِڙَني مُرْسَلِين، سَرسُ سَندِسِ شانُ؛
"فَڪَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنَیٰ"، اِيُ مُيسَرُ ٿِيُسِ مَڪانُ؛
اِيُ آگي جو اِحْسانُ، جَنهِن هادِي مِيڙِيُمِ هَهڙو.

داستان ٽيون

1

ڪوهُ نہ جُهارِئِين جَڪِرو، جنهن ڏيهَ ڍِيا ڏِئِي؟
جي لُڏِيا ٿِي لِينگُهن ۾، شالُن ۾ سِيئِي؛
سَمي سَپِيئِي، طاماعُو تارِ ڪيا.

2

اَلا! جُنگَ جِيَنِ، جنِين اَجهي گهارِيانِ؛

شالَ مَ سُکي ويئَرِي، جِئان پِيَّ پِيَنِ؛
مَرکَڻَ! اکَڙِيَنِ، تو ڏِٺي مُون سُکُ ٿِئي.

3

اِيندي لَٿي اُڄَ، پيرَ پَيرِيندي ٿَرِيا؛
مَنجِهه ويئَرِيءَ سُڄَ، ڪَرَ لَڌِي رِڻُ اُڪارِيِن.

4

تُون اوڍَرُ، تُون اوڍَڪو، تُون اڄهو، تُون اڃُ؛
هِتِ پِڻُ تُنهِنجو تَڪِيو، مَهَندِ پِڻُ تُونهِين ماڳُ؛
سي لورِيُون ڏِيَنِ نہ لاڳُ، جي اَڄهي آيُون اِبڙي.

5

پَسَنديئِي پُرِ ٿِيا، جَڪِرو ئي جاڄِڪَ؛
ٿِئان ڏِٺي مَڱَڻي، ظَهُورا جِي تِڪَ؛
سَمي پَڳَيِنِ سِڪَ، واصِلُ ٿِيا وِصالَ ۾.

6

جي اُڏَمِيو اَڄُ، تہ وَسندو سونَ سَنگُ؛
جالَ ڏِئِيندو جُنگُ، جَڳُ ڏِئِيندو جَڪِرو.

داستان چوٿون

1

وَڳَندُ وَرِي آئِيو، وَسَنِ ڪِينَ وِڏوسِ؛
گَندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پِيرَ ٿِيوسِ.

2

وَڳَندُ وري آئِيو، پينا رَنئُون پوءِ؛
مُحڪَمَ لَڳَسِ موچِڙا، ذَرو نہ ڏِنُسِ جوءِ؛
وينواِئِين چوءِ، تہ پِيران پاسي نہ ٿِيان.

3

اَسُورَ سَندي آسِري، ويٺو آهِ وڳَندُ؛
هَڏِ نہ ڇَڏِيندو هَندُ، آيَسِ بُوءِ بَھارَ جي.

4

اَسُورَ سَندو آسِرو، وَڳَندَ کي وَڏو؛
جُسي مِ جَڏو، پر ڪِيَڻَ تي ڪُڙا ڪٽي.

5

وَڳَندُ ورِي آئيو، بَدُو سين بَدِبُوءِ؛
خاوَندَ! ڏي خُوشبُوءِ، تہ سُرهو ٿيان سُپِرين!

6

وَڳَندُ ورِي آئيو، ڪِنو ٿي ڪوجهو؛
ڇَڏي نہ موزو، لَڳُسِ آرُ عَطارَ سين.

7

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳَندُ ويٺو پَسُ!
تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.

8

وَڳَندُ ورِي آئيو، نِسورو ئي نَرَڳُ؛
گَندا گُلابِي ڪَري، سَيِّدَ جو سَرَڳُ؛
عَطُرَ سين اورَڳُ، تہ هُئين سَدائين سُرَهو.

9

وَڳَندُ ورِي آئيو، بَدُو بي نِمازُ؛
جِنَ تِترَ مٿي بازُ، وَڳَندُ تِنَ سُرهاڻِ تي.

10

وَڳَندُ ورِي آئيو، ڪوئِڙيان ڪُلاٺُ؛
سَندو ڪِرِڙَ ڪاٺُ، هَڻُ نَرڳِيءَ کي نِڪَٽين.

http://www.bhurgri.com/bhurgri/sd_shah.php